واحد بخش شيخ

سنڌي ٻوليءَ جو
صَرف ۽ نَحوَ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو حيدرآباد سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو

سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو

مصنف: -
واحد بخش شيخ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد
١٩٨٦ع

ڇاپو پهريون		۱۹۸۶ع		تعداد ۲۰۰۰

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

Rs 50.00

قيمت:

[redacted]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ، بڪ اسٽال
ڄامشورو ۽ حيدرآباد سنڌ
پوسٽ باڪس نمبر ۱۲، حيدرآباد سنڌ.

هن ڪتاب جا شروعاتي ۴۲ صفحا الحسين پرنٽرز حيدرآباد ۾ ۽ ۱۴۰ صفحا حيدري پرنٽنگ پريس حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيا ۽ باقي سمورو مواد ميان الله بچائي يوسف زئي، مئنيجر سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇاپيو ۽ محمد حسين ترڪ، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

فهرست

- تمهيد ۱–۵
- سنڌي ٻوليءَ جي "الف ب" جا حرف ۶–۴۵
- ڳالهائڻ جا لفظ

۱– اسم ۴۸–۱۴۵

اسم جي جنس ۱۴۶–۱۶۸

اسم جو عدد ۱۶۹–۱۹۲

اسم جي حالت ۱۹۳–۲۲۷

۲– صفت ۲۲۸–۲۷۶

صفت جا درجا ۲۷۷–۲۸۴

۳– ضمير ۲۸۵–۳۳۲

۴– فعل ۳۳۳–۳۹۵

سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو

(1)

تمهيد

سنڌي زبان جي وسعت ۽ ڪشادگي انهيءَ مان ظاهر آهي، جو منجهس ٻاونجاهه حرف يا اکر آهن، ۽ ايترا ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ورلي هوندا؛ تنهنڪري ڪنهن به زبان مان اقتباس ڪرڻ ۽ اُن تي پنهنجي تصرف چمائڻ جي جا منجهس گنجائش آهي، سا ٻيءَ ڪنهن زبان ۾ ٿوري هوندي. اهوئي سبب آهي جو سنڌي زبان ۾ ٻين ڌارين ٻولين، جهڙوڪ هندي، عربي، فارسي، ۽ انگريزي جا خاص طرح، ۽ پاڙيسري ٻولين جهڙوڪ پنجابي ۽ گجراتي وغيره جا عام طرح متعدد لفظ ۽ محاورا آزاديءَ سان استعمال ٿين ٿا؛ حالانڪ سنڌيءَ جي ٻاونجاهه حرفن ۾ سورهن حرف عربيءَ ۽ فارسيءَ جا آهن، جن جو وجود اهڙو ته اٽل ٿي چڪو آهي، جو انهن کي ڌار ڪرڻ گويا سنڌي زبان جو خون ڪرڻو آهي ۽ نه وري انهن جو بدل ڪو آسانيءَ سان جاصل ڪري سگهبو. سنڌي زبان جا پنهنجا اکر ڪل چار آهن ۽ باقي سنسڪرت جا آهن، جي به سنڌيءَ جا پنهنجائي ڪوٺبا ڇاڪاڻ ته سنڌي پيدائي سنسڪرت مان ٿي آهي.

نج سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي انهيءَ فني امتزاج سبب سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جا اصول ۽ سندس ترڪيبون به انهن جي اثر کان خالي نه آهن، مثلاً، شخصي ضميرن جو استعمال فعلن جون علحديون صورتون ۽ انهن جي ترڪيب، صفت جا درجا، تذڪير ۽ تانيث جو امتياز وغيره— انهن مڙني ۾ عربي ٻوليءَ جو اثر چڱيءَ طرح نمايان آهي. ازمنه ثلاثه (ٽن زمانن) جو تخيل ته عربيءَ جوئي آهي، باقي نحوي نالا، مجرّد توڙي

مرڪّب، تہ سنڌون سڌو عربيءَ مان ورتل آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ آواز اهي ئي آهن، جي سنسڪرت جا آهن، يعني اَ- آ- اِ- اي، اُ- اُو^- او^- آو^، اي^- آي^ حقيقت ۾ هنديءَ يا سنسڪرت ۾ حرڪتن جو استعمال ظاهري طرح آهي ئي ڪونہ پر سنڌي ٻوليءَ ۾، جي آوازن جون ظاهري نشانيون، يعني زبر (َ)، زير (ِ)، پيش (ُ)، سڪون (^)، شدّ (ّ) ۽ مدّ (~) وغيره استعمال ٿين ٿيون، سي عربيءَ کان اڌاريون ورتل آهن، ۽ اهي هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي، ڪنهن حد تائين، امتيازي خصوصيت بڻجي چڪيون آهن.

جملن جي ساخت ۾ سنڌيءَ جي اصليت بهرحال قائم ٿي رکي وئي آهي. اگرچہ لفظن جي شڪل ۽ تحريري صورت گهڻي قدر مٽجي چڪي آهي، پر لفظن جي وضع اصلوڪي، ۽ پراڻي طرز تي رکي وئي آهي، يعني جملي ۾ فاعل کي گهڻو ڪري اول مقام حاصل آهي، صفت جي جاءِ موصوف جي اڳيان هوندي آهي، ۽ فعل پڇاڙيءَ ۾ واقع ٿيندو آهي، مگر عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ ائين ڪونهي، مثلاً، عربيءَ ۾ فعل جملي جي ابتدا ڪندو آهي، فاعل فعل کان پوءِ ايندو آهي ۽ صفت موصوف جي پٺيان ايندي آهي. فارسي زبان ۾ بہ صفت جو مقام عربيءَ وانگر موصوف کان پوءِ هوندو آهي، پر ٻين وصفن ۾ اها سنڌيءَ جي هم جنس آهي.

لفظن جي صحيح تلفّظ ڪي جا اهميّت عربي زبان ۾ آهي، سا ٻيءَ ڪنهن بہ زبان ۾ ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ عربي زبان ئي آهي، جنهن ۾ حرڪات ۽ سڪنات جو استعمال ڪنهن قاعدي تي ٻڌل آهي. سنڌي زبان ۾ بہ توڙي ڪئي عربي ٻوليءَ جون حرڪتون استعمال ٿين ٿيون، پر اهڙي قانوني پابنديءَ سان نہ، جهڙي عربيءَ ۾، تاهم سنڌي ٻوليءَ جا جيڪي بہ حرف آهن تن مان هرهڪ کي پنهنجو پنهنجو اچار يا آواز آهي ۽ سنڌس "الف، ب" جو فهم بہ صحيح آوازن سان ئي دريافت ڪري

سکڻ جي ڏوهه

سنڌي ٻوليءَ ۾ فعلن جي استعمال ۽ زمانن جي تصريف ۾ ضمير، عدد ۽ جنس جي موافقت اهڙي ته پوري ۽ موزون آهي، جو ان جو مثال عربي زبان کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ مشڪل ملي سگهندو؛ مثلاً، جيڪڏهن فاعل واحد ۾ آهي، ته فعل به واحد ۾ هوندو ۽ جي فاعل جمع ۾ آهي، ته فعل جو عدد به جمع هوندو. ساڳيءَ طرح، جي فاعل جي جنس مذڪر هوندي ته فعل جو صيغو به مذڪر هوندو؛ پر جي فاعل مؤنث آهي، ته فعل جو صيغو به مؤنث ٿي رهندو. فعل جي ساڳي موافقت شخصي ضميرن ۾ به نظر ايندي، يعني فعل جي صورت متڪلم حاضر ۽ غائب ۾، عدد ۽ جنس مطابق، هر حالت ۾ موافق نظر ايندي؛ جا حالت عام طرح ٻين ٻولين سان لاڳو ڪانه آهي.

سنڌيءَ جو رسم الخط خالص عربي نموني جو آهي، جو اٽڪل هجري ٻهرين صديءَ جي آخر ۾ سنڌ تي عربن جي تسلّط جي ڪري اختيار ڪيو ويو، جو هن وقت سنڌي تحرير جو واحد طريقو ٿي چڪو آهي. حالانڪ سنڌي اڄ به ٻين نمونن ۾ لکي وڃي ٿي، جهڙوڪ گرمکي ۽ تجارتي يا هٽڪي وغيره پر عربي رسم الخط سڀ کان وڌيڪ عام ۽ مقبول ٿي چڪو آهي. هن رسم الخط جي مقبوليت جو سبب فقط حرڪتن جو استعمال چئي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته ٻين مذڪور نمونن ۾ حرڪتن جو لحاظ ڪونه ٿو رکيو وڃي.

سنڌي ٻولي، اگرچ سنسڪرت مان پيدا ٿي آهي، تاهم ٻنهي ۾ حرفي مشابهت کان سواءِ ٻي ظاهري هڪجهڙائي خير ڪا نظر ايندي؛ پر انهيءَ جي برعڪس عربي، فارسي ۽ اردو ٻولين سان سندس تعلق ۽ تشبّهه گهڻو نظر ايندو. تحريري طرز انهن چئن ٻولين، يعني عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌيءَ جي هڪجهڙي آهي، يعني اهي چارئي ٻوليون ساڄي طرف کان کاٻي ۽ ڳڏيل

حرفن ۾ لکڻ ۾ ايندڙيون آهن. ڪن مغربي ٻولين ۾ لکڻ جون ٻه صورتون آهن: هڪڙو حرفن کي جدا جدا ڪري لکڻ ۽ ٻيو ڳنڍي لکڻ؛ ٻر ٻيون جيڪي ٻه ٻوليون آهن، سي اڪثر ڪري جدا جدا حرفن ۾ لکيون وينديون آهن، ازانسواءِ، مٿين چئن ٻولين کان سواءِ ٻيون سڀيئي ٻوليون گهڻو ڪري کاٻي کان ساڄي لکڻ ۾ ايندڙيون آهن.

جهڙيءَ طرح عربي ۽ فارسي ٻولين جو بنياد شعر تي ٻڌل آهي، يا ائين ڪٿي چئجي ته عربي ۽ فارسي ٻولين جي صحت ۽ موزونيت جي ڪسوٽي سندن شعر ليکيو ويندو آهي، تهڙي طرح سنڌي زبان کي ٻه اهو ساڳيو ئي شرف حاصل آهي، يعني سندس ڪلام جي صحت ۽ موزونيت يا ترڪيبي خصوصيتون سندس شعر مان ئي پرکي سگهجن ٿيون.

دنيا ۾ وڏيون ۽ ممتاز ٻوليون عموماً اهي ليکجن ۾ اچن ٿيون، جي دنيا جي گهڻي ڀاڱي ۾ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿيون، مثلاً انگريزي، فرينچ، عربي ۽ اردو، وغيره. نسبتاً سنڌي ٻولي هڪ ننڍي صوبي جي زبان آهي، ٻر جا وسعت هن ٻوليءَ ۾ آهي، سا ٻين ٻولين ۾ ورلي هوندي؛ ڇا ادب ۾، ڇا سائنس ۽ تاريخ ۾ ۽ ڇا سياست ۾. مطلب ته هر پهلوءَ تي روشني وجهڻ لاءِ سنڌي زبان ۾ ڪافي مواد ملي سگهي ٿو. قديم سنڌ جون حدون ته ڪڇ، گجرات، مارواڙ، جيسلمير، ڪشمير، افغانستان ۽ بلوچستان تائين وڌيل هيون، ۽ اڃا تائين ڪڇ، گجرات، ملتان ۽ بلوچستان ۾ ڪيترا ماڻهو سنڌي ڳالهائين ٿا.

هن وقت سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ٽن نمونن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي: لاڙي، سرولي ۽ ٿريلي يا ٿري. انهن ٽنهي قسمن جي بناوت هڪ جهڙي آهي، مگر اچارن ۽ ٿورن لفظن ۾ ڪجهه تفاوت اٿن. لاڙي سنڌ جي هيٺين ڀاڱي ۾، جنهن کي لاڙ چئجي ٿو، ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي؛ سرولي سنڌ جي اترئين حصي ۾، جنهن کي سرو چئجي ٿو؛ ۽ ٿريلي يا ٿري ٿر ۾. ٿري ٻوليءَ ۾ ڪڇي

۽ مارواڙي لفظن جو اشتمال نظر ايندو، ڇاڪاڻ ته ٿر ملڪ ڪڇ ۽ مارواڙ کي بلڪل ويجهو آهي. مذڪور ٽن قسمن کان سواءِ، سرائڪي ٻولي به سنڌ جي ڪجهه ڀاڱي ۾ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، جا پڻ مشابهت ۾ سنڌيءَ سان تمام گهڻو ملي ٿي. سنڌ جي ڪن صوفي شاعرن، جهڙوڪ سچل سرمست، حمل فقير، ۽ ٻين، سرائڪي ٻوليءَ ۾ شعر چيا آهن.

(2)

سنڌي ٻوليءَ جي "الف ب" جا حرف

سنڌي ٻوليءَ جي تحرير مختلف نمونن ۾ پئي ٿي آهي. مسلمانن جو رسم الخط عموماً عربي پئي رهيو آهي، ۽ هندن وري ڪيس ديوناگري، گرمکي ۽ "هندڪو" لباس پئي ڏنو آهي. سنڌي ٻولي سڌيءَ طرح سنسڪرت ۽ پراڪرت جي پيدائش آهي ۽ سندس "الف، ب" جا حرف گهڻو ڪري سنسڪرت مان ورتل آهن، جئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي؛ پر رفته رفته مسلمانن، مذهب ۽ دينيات جي بنا تي، وچ مشرقي ٻولين، جهڙوڪ عربيءَ ۽ فارسيءَ کان پڻ ڪن حرفن جو اقتباس ڪيو آهي. "هند ڪو" رسم الخط ادبي نقطہ نگاهہ کان گهڻو ڪارگر ڪونہ ٿيو آهي، ڇو جو ان ۾ علت جي حرفن يا آوازن جو ڪوبہ لحاظ ڪونہ رکيو ويو آهي، بلڪ آزموديءَ کي اصول تي ترجيح ڏني وئي آهي؛ ايتريقدر جو "هندڪن" اکرن ۾ لکيل چٺي ڪجهہ عرصي گذرڻ بعد مشڪل سان پڙهي ۽ سمجهي سگهبي آهي.

سنڌي ٻولي اگرچہ سنسڪرت جي پيدائش آهي، پر هلندڙ زماني ۾ عربيءَ ۽ فارسيءَ جو مٿس ايڏو تہ گهرو اثر پئجي ويو آهي، جو ڪيس سنسڪرت جي ڌيءَ سڏڻ بدران عربي ۽ فارسيءَ جي ڀيڻ ڪوٺڻ ڪنهن حد تائين زيادہ جائز ٿيندو. سندس نحوي ترڪيب ۾ پڻ انهن ٻن ٻولين جو گهڻو اثر ڏسجي ٿو. نحوي ترڪيب لاءِ جي لفظ ۽ اصطلاح ڪم آندل آهن، سي پڻ سمورا عربيءَ ۽ فارسيءَ مان ورتل آهن.

سنڌ تي ۽ سنڌي ٻوليءَ تي اهو سڀ اثر مسلمانن جي تسلّط جي ڪري ٿيو.

سنڌي ٻوليءَ ۾، ٻين ڪيترين ٻولين جي برخلاف، ٻاونجاهه حرف آهن، جن کي "حروفِ الهجاء" (اچارڻ جا حرف) چئبو آهي. انهن ۾ ڪي نج عربي ۽ فارسي آهن، ڪي نج سنڌي آهن، ۽ باقي سنسڪرت جا آهن. حرفن جي تفريق هيٺ ڏجي ٿي:-

نج عربي حرف: ث – ح – خ – ذ – ز – ص – ض – ط – ظ – ع – غ – ف ۽ ق.

نج فارسي حرف: پ – چ ۽ گ.

نج سنڌي حرف: ٻ – ڄ – ڳ ۽ ڏ.

سنسڪرت جا حرف: ا – ب – ڀ – ت – ٿ – ٽ – ٺ – ج – جهه – ڃ – ڇ – د – ڌ – ڊ – ڍ – ر – ڙ – س – ش – ڦ – گهه – ڱ – ک – ڪ – ل – م – ن – ڻ – و – هه – ي ۽ ء.

مٿي ڄاڻايل چار سنڌي حرف سنڌي ٻوليءَ جا پنهنجا حرف آهن، جن جو استعمال مثال طور هيٺين لفظن ۾ ڏيکاريل آهي:-

(ٻ)

ٻڏي	–	ٻاڻي	–	ٻُڪ	–	ٻلي
ٻڪري	–	ٻپ	–	ٻُهر	–	ڏٻ
ٻنيڊ	–	ٻيج	–	ٻُوچ	–	داٻُ
ٻڌُ	–	ٻينڊُ	–	ٻُوهو	–	ڪُٻُ
ٻارُ	–	ٻيڙڪ	–	ٻوڏ	–	هُٻ
ٻارر	–	ٻيڙي	–	ٻوڏ	–	سٻر
ٻاڪ	–	ٻيهر	–	ٻول	–	چٻو
ٻالڪُ	–	ٻُڌُ	–	ٻوڙ	–	ڪٻو
ٻانيڻ	–	ٻُڌ	–	ٻيڙي	–	ڪوڙٻ
ٻاهر	–	ٻُجو	–	ٻيڪ	–	ڪاٻارُ

(ڇ)

ڇَپُ — ڇنگهه — ڪڇَ
ڇڄ — ڇائو — رِڇ
ڇِر — ڇاهو — رُوڇا
ڇَڙُ — ڇوَر — آڇاڻ
ڇَٽُ — آڇُ — سَڇوُ
ڇارُ — پيڇ — سَڇَرُ
ڇاڻ — ڇيڇ — ويڇ
ڇارو — رَڇُ

(ڳ)

ڳَپُ — ڳارر — ڳُڙُ — آڳُ — آڳ
ڳَچُ — ڳاهه — ڳُڻُ — پڳُ — پاڳُ
ڳَرُ — ڳارو — ڳُنڍڻ — جڳُ — ڊاڳُ
ڳَلُ — ڳاموس — ڳوٺُ — ڏَڳُ — راڳُ
ڳَمُ — ڳانو — ڳوتَ — سَڳُ — ساڳُ
ڳَنُ — ڳِنهه — ڳُوڻِ — لَڳُ — لاڳُ
ڳئون — ڳهڻ — ڳوهه — وَڳُ — ماڳُ
ڳاٽُ — ڳيت — ڳولا — رَڳُ — واڳُ

ڏڳو — ڏاڳو — روڳ
ڪڳو — ساڳو — سڳر
سڳو — پوڳُ — وَڳَرُ
وڳو — دوڳ — سڳند

(ڏ)

ڏَتُ — ڏاڪو — سَڏُ
ڏَرُ — ڏِٽ — ڳَڏُ
ڏَسُ — ڏِکَ — لَڏُ

ڏَنُ	—	ڏِڙُ	—	مَنڍُ
ڏَنبُ	—	ڏِيلُ	—	تَيڏِ
ڏنيرو	—	ڏينهن	—	گيڏِ
ڏهَمُ	—	ڏُتُ	—	پِنڏر
ڏاتِ	—	ڏُڏُ	—	جَنڏو
ڏارُ	—	ڏوڙر	—	گاڏرُ
ڏارِ	—	ڏُون	—	گَنڏو
ڏاسَ	—	ڏونگرُ	—	مَنڏو
ڏاڪ	—	ڏوٽيي	—	ڏيڏرُ
ڏاڻُ	—	ڏولُ	—	
ڏاگهو	—	ڏيٺِ	—	

(الف) "الف، ب" جي حرفن جون جدا جدا صورتون:

جدا ٽيل	ابتدائي صورت	متوسط صورت	انتهائي صورت	نالو
ا	ا	ـا	ـا	الف
ب	بـ	ـبـ	ـب	بي
ٻ	ٻـ	ـٻـ	ـٻ	ٻي
ڀ	ڀـ	ـڀـ	ـڀ	ڀي
ت	تـ	ـتـ	ـت	تي
ٿ	ٿـ	ـٿـ	ـٿ	ٿي
ٽ	ٽـ	ـٽـ	ـٽ	ٽي
ٺ	ٺـ	ـٺـ	ـٺ	ٺي
ث	ثـ	ـثـ	ـث	ثي
پ	پـ	ـپـ	ـپ	پي
ڦ	ڦـ	ـڦـ	ـڦ	ڦي
ج	جـ	ـجـ	ـج	جيم
ڄ	ڄـ	ـڄـ	ـڄ	ڄي
جه	جهـ	ـجهـ	ـجه	جهي

جدا ٿيل	ابتدائي صورت	متوسط صورت	انتهائي صورت	نالو
ڄ	ڄـ	ـڄـ	ـڄ	ڄي
ج	جـ	ـجـ	ـج	جي
ڃ	ڃـ	ـڃـ	ـڃ	ڃي
ح	حـ	ـحـ	ـح	حي
خ	خـ	ـخـ	ـخ	خي
د	د	ـد	ـد	دال
ڌ	ڌ	ـڌ	ـڌ	ڌال
ڏ	ڏ	ـڏ	ـڏ	ڏال
ڊ	ڊ	ـڊ	ـڊ	ڊال
ڍ	ڍ	ـڍ	ـڍ	ڍال
ذ	ذ	ـذ	ـذ	ذال
ر	ر	ـر	ـر	ري
ڙ	ڙ	ـڙ	ـڙ	ڙي
ز	ز	ـز	ـز	زي
س	سـ	ـسـ	ـس	سين
ش	شـ	ـشـ	ـش	شين
ص	صـ	ـصـ	ـص	صواد
ض	ضـ	ـضـ	ـض	ضواد
ط	طـ	ـطـ	ـط	طوي
ظ	ظـ	ـظـ	ـظ	ظوي
ع	عـ	ـعـ	ـع	عين
غ	غـ	ـغـ	ـغ	غين
ف	فـ	ـفـ	ـف	في
ق	قـ	ـقـ	ـق	قاف
ڪ	ڪـ	ـڪـ	ـڪ	ڪاف
ک	کـ	ـکـ	ـک	کي
گ	گـ	ـگـ	ـگ	گاف

جدا ٿيل	ابتدائي صورت	متوسط صورت	انتهائي صورت	نالو
ڳ	ڳـ	ـڳـ	ـڳ	ڳي
گهہ	گهـ	ـگهـ	ـگهہ	گهي
ڱ	ڱـ	ـڱـ	ـڱ	ڱي
ل	لـ	ـلـ	ـل	لام
م	مـ	ـمـ	ـم	ميم
ن	نـ	ـنـ	ـن	نون
ڻ	ڻـ	ـڻـ	ـڻ	ڻون
و	و	ـو	ـو	واو
ه ھ	هـ	ـهـ	ـه ـھ	هي
ء	ئـ	ـئـ	ء	الف همزه
ي	يـ	ـيـ	ـي	يي

سنڌي ٻولي، عربيءَ ۽ فارسيءَ جيان ساڄي کان کاٻي طرف لکڻ ۾ ايندي آهي. عربي تحرير ۾ ڪڏهن ڪڏهن حرفن کي هڪ ٻئي مٿان چاڙهيو ويندو آهي، جنهن جا ٻه سبب آهن، هڪڙو نزاڪت ۽ ٻيو جاءِ جي تنگي. اهڙو طريقو سنڌيءَ ۾ ٻن ڇپائيءَ اختيار ڪيو ويندو آهي، مثلاً:

لحاظ۔ حجة۔ ممکن لمحة صحيح

مٿين لفظن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو ته هڪ اکر ٻئي جي مٿان چڙهيل آهي؛ يا وري لفظن ۾ جدا جدا حرفن واريون صورتون ڪم آئينديون آهن، مثلاً:

حجة ۔ مسجد ۔ لمحة

("الف، ب" جي حرفن جا اچار يا آواز)

هر هڪ حرف جي صحيح آواز يا اچار جو لحاظ رکڻ فقط عربي زبان جي ئي خصوصيت آهي؛ باقي ٻيون ٻوليون انهيءَ ڳالهه ڏانهن ڪو خاص ڌيان ڪونه ڏينديون آهن. حالانڪ اهڙي چاڻ رکڻ اهم ۽ لازمي آهي، خاص طرح ننڍڙن ٻارن جي حالت

۾، جن کي فقط آوازن جي وسيلي ٿي "الف-ب" سيکاري ويندي آهي. "الف-ب" ۾ اهڙا ٻه ڪي حرف آهن، جن جو آواز ذري گهٽ ساڳيو آهي، جن کي جيڪڏهن استاد صحيح نموني ۾ نه اچاريندو ته ممڪن آهي ته ٻار اهي حرف غلط لکي ويهن. اهڙا هم آواز حرف هيٺ ڏجن ٿا:

ا-ع، ت-ط، ث-س-ص، ذ-ز-ض-ظ، ڪ-ق، ح-ه.

جهڙيءَ طرح هرهڪ حرف جي صورت پنهنجي آهي، تهڙيءَ طرح هرهڪ حرف جو آواز يا اچار به نرالو آهي. آوازن جي بنا تي حرفن جي تفريق هيٺ ڏجي ٿي:

اچارڻ جو هنڌ	سنڌي حرف	عربي حرف	فارسي حرف
شفوي حروف (چپن مان نڪرندڙ حرف)	ٻ-ب-ڀ ، ڦ-م-و	ف	پ
شجري حروف (ڪليل ڳول چپن مان نڪرندڙ حرف)	ج-جھ-ڄ-ش	ص-ض	ژ
لثوي حروف (ڏندن ۽ زبان ملائڻ سان نڪرندڙ حرف)	ث-ذ	—	—
نطعي حروف (زبان کي مٿين ڏندن پٺيان ڏيائڻ سان نڪرندڙ حرف)	ٿ-ٽ-ڊ-ڏ	ط	—
اسلي حروف (زبان جي چوٽيءَ مان نڪرندڙ حرف)	س	ز-ظ	
ذلقي حروف (زبان جي ڇيڙي مان نڪرندڙ حرف)	ڃ	—	—

اچارڻ جو هنڌ	سنڌي حرف	عربي حرف	فارسي حرف
لهوي حروف (تارونءَ مان ۽ تارونءَ سان زبان لڳائڻ سان نڪرندڙ حرف)	ٽ-ٺ-ڄ-ڀ-ڍ-ڏ، ر-ڙ-ڱ-ک-ڪ، ل-ن-ڻ-ھ-ي	—	گ
حلقي حروف (حلق يا نڙيءَ مان نڪرندڙ حرف)	گھ-ڳ	ح-خ-ع-غ-ق	—

(ب) شمسي ۽ قمري حرف

سنڌي ٻوليءَ جا حرف، عربيءَ وانگر ٻن قسمن جا نہ ٿيندا آهن، مگر جيئن تہ سنڌيءَ ۾ عربي الفاظ ۽ ڪلمات جو ڪثرت سان استعمال ٿئي ٿو تنهنڪري انهن لفظن مان ڪن جي صحيح تلفظ سمجهڻ لاءِ شمسي ۽ قمري حرفن جي ڄاڻ ضروري آهي. مثال لاءِ "صدرالدين" جو بيت پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ هو عربي ڪلمو ڪم آڻي ٿو:

"عصيان سڀ ڪالعدم ٿين، جئن قنا ٿيا اصحاب فيل"

عربي حرف ٻن قسمن جا آهن:-

پهريون شمسي: ت-ث-د-ذ-ر-ز-س-ش-ص-ض-ط-ظ-ل-ن، ۽

ٻيو قمري: ا-ب-ج-ح-خ-ع-غ-ف-ق-ڪ-م-و-ه-ي.

پهرئين قسم وارا حرف "شمسي" انهيءَ ڪري ٿا سڏجن، جو جيڪڏهن انهن مان ڪنهن بہ حرف اڳيان "لام التعريف" يعني "ال" آڻبو تہ لام جو اچار متجي مابعد حرف جو ٿي پوندو، مثلاً:

اَلشَّمسُ = اَشْشَمْسُ

اَلنَّارُ = اَنْنَارُ

ٻيو تہ "شمس" جو پهريون حرف "ش" خود انهن حرفن مان هڪڙو آهي ۽ ٻيون سبب تہ "شمس" جي معنيٰ آهي

سج - سج وانگر اهي حرف اهڙا ته روشن ۽ اظهر آهن، جو لام (ل) کي حذف ڪريو ڇڏين.

ٻئي قسم وارا حرف "قَمَري" انهيءَ ڪري ٿا سڏجن جو "قَمَر" جي معني آهي چنڊ ۽ اهي حرف چنڊ وانگر ٿڌا ۽ نرم آهن ۽ انهن حرفن مان ڪنهن به هڪ جي اڳيان "لام التعريف" لڳائبو، يعني انهيءَ حرف کي معرّف ڪبو، ته "ل" جو اُچار ظاهر ٿي پوندو، مثلاً:

اَلْقَلَم - اَلْمُسلِم - اَلْعَزِيزُ، وغيره.

ٻيو ته "قمر" لفظ جو پهريون حرف "ق" خود انهن حرفن مان هڪڙو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾، هونءَ ته ڪنهن به لفظ جي اڳيان "لام التعريف" نه ايندو آهي، مگر جڏهن ڪنهن جملي ۾ ڪو عربي ڪلمو بجنسي استعمال ڪبو آهي، تڏهن "لام التعريف" به شامل ڪبو آهي، مثلاً: ضعيف البدن - صحيح المعني - مريض القلب - نحيف الجسم، وغيره. مسلمانن جا نالا به عموماً عربي نوع جا هوندا آهن، جهڙوڪ: شَمسُ الدّين - نورالدين - عَبدالله - عبدالڪريم، وغيره.

معرّف جي اڳيان، جڏهن ڪو عربي لفظ ايندو آهي، ته الف جو اُچار ڪاٽجي ويندو آهي، مثلاً:

نُورُ الشَّمس = نُو رُش شَمْس،

ضِيَاءُ الْقَمَر = ضِيَا ءُ ل قَمَر.

جڏهن ته مٿي ذڪر ڪيل خاص حالتن هيٺ "لام التعريف" جو استعمال سنڌيءَ ۾ به ٿئي ٿو، تنهنڪري شمسي ۽ قمري حرفن جي ڄاڻ ۽ سڃاڻپ ضروري آهي.

عربي حروف، خاص طرح، تعداد ظاهر ڪرڻ لاءِ به استعمال ڪيا ويندا آهن، ڇاڪاڻ جو عربيءَ جي هرهڪ حرف جو "ملهه" مقرر ڪيل آهي. تاريخي واقعات يا ولادت ۽ وفات جا سنّ گهڻو ڪري عربي "الف، ب" جي حرفن ۾ لکيا ويندا

آهن، جنهن کي "ابجد" جو حساب چئبو آهي، عام طرح ڏسبو
تہ عبارت يا خط و ڪتابت جي شروع ۾ "۷۸۶" لکبو آهي
۽ اهو انگ "بسم الله الرحمان الرحيم" جي بدران ڪم آڻبو
آهي، ڇو جو هرهڪ حرف جو جداجدا ملهہ وٺي جوڙ ڪبو
تہ مٿيون انگ ملندو.

عربي حرفن جو جدا جدا ملهہ هيٺ ڄاڻائجي ٿو:-

اَبَجَد	ا	۱	هَوَزَ	ه	۵
	ب	۲		و	۶
	ج	۳		ز	۷
	د	۴			
حُطي	ح	۸	ڪَلَمَن	ڪ	۲۰
	ط	۹		ل	۳۰
	ي	۱۰		م	۴۰
				ن	۵۰
سَعفَص	س	۶۰	قَرَشَت	ق	۱۰۰
	ع	۷۰		ر	۲۰۰
	ف	۸۰		ش	۳۰۰
	ص	۹۰		ت	۴۰۰
ثَخَذ	ث	۵۰۰	ضَظَغ	ض	۸۰۰
	خ	۶۰۰		ظ	۹۰۰
	ذ	۷۰۰		غ	۱۰۰۰

عددي اعتبار کان "ابجد" جي حرفن جو استعمال عربي ۽ فارسي زبان ۾ ڪثرت سان ٿيندو آهي. سنڌي شاعرن پڻ نہ فقط عربيءَ ۽ فارسيءَ جي تقليد ڪئي آهي، پر تاريخن جو بيان گهڻو ڪري فارسي زبان ۾ ڪرڻ پسند ڪيو آهي. البت ڪي ٿورا مثال مِلندا جن ۾ تاريخن جو اظهار سنڌي زبان ۾ ڪيو ويو آهي. نموني طور چند مثال هيٺ درج ڪجن ٿا:-

فقير "بيدل" پنهنجي منظور النظر قاضي پيرمحمد جي وفات ۽ وصال جي تاريخ - ١٢٨٥هه هيٺين فارسي مصراعن ۾ بيان ڪئي آهي:-

(١) دل ز سال وصل اوداده خبر
گفت "بُد پروانهٔ شمعِ خدا"

١٢٨٥هه

(٢) هاتف از سال وصالش بار گفت
"درجهان جان گرفت آرام گاه"

١٢٨٥هه

سيد فاضل شاه پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن بزرگن جي وفات جا سَنَ حرفي صورت ۾ پيش ڪيا آهن، جن جو جيڪڏهن ابجد جي حساب مطابق شمار ڪبو تہ اصل تاريخون نڪري اينديون. مثال لاءِ ڪي اهڙا بيت هيٺ ڏجن ٿا:-

ابتدا ادراڪ جتي شان انتهاي عقل سان،
٣٠ ١
سال "فاضل شاه" چيو "مرحوم محسن شاه ست".

١٢٥٨هه

مٿئين بيت ۾ مرحوم پيرسيدمحسن شاه مجذوب جي وفات جي تاريخ ١٢٨٩هجري بيان ڪئي ويئي آهي.

خليفي مرحوم حافظ عبدالمجيد جي وفات جي تاريخ "فاضل شاه" پنهنجي هيٺين بيت ۾ ظاهر ڪري ٿو:-

"صفا" سان "فاضل" چيس سال هي،
١٧١
ت، "مرحوم آخوند عبدالمجيد"۔
١١٢٠
١٢٩١ھ = ١٧١ × ١١٢٠

هيٺين بيت ۾ وري سيد بچل شاهه جي ولادت جي تاريخ بيان ڪيل آهي:-

چيو فڪر "فاضل" سنڌي سان "فقيهه"
١٩٥
"بچل شاهه جي عمر دهري دراز"۔
١٠٩٥
١٠٩٥ + ١٩٥ = ١٢٩٠ھ

(ت) علت جا حرف ۽ صحيح حرف

انسان جي گفتگوءَ جي هرهڪ جزي کي لفظ يا ڪلمو سڏجي ٿو. هرهڪ لفظ وري مختلف آوازن يا حرفن جو مرڪب آهي، مثلاً: "ڪتاب" هڪ لفظ آهي ۽ "ڪ"، "تا" ۽ "ب" انهيءَ لفظ جا مختلف آواز آهن. هرڪنهن ٻوليءَ ۾ حرف ٻن قسمن جا هوندا آهن:

(١) علت جا حرف
(٢) صحيح حرف

علت جا حرف ٽي آهن: ا- و- ي. 'علت' جي معني آهي بيماري، ضعف يا ڪمزوري، ڇاڪاڻ ته مذڪور ٽي حرف ڪمزور آهن، جو عربي زبان ۾ انهن جي صورت ڦري مٽبي سٽبي آهي، تنهنڪري انهن کي علت جا حرف سڏبو آهي.

ڪنهن ٻـ حرف کـي پنهنجي سر ڪـو اچـار يا آواز ڪـونهي، جيستائين ڪ انهن تي حرڪت نہ ڏبي يا وڌاءَ لاءِ ٻويان حرف علت ڪم نہ آڻبو.

علت جي حرفن جا مختلف آواز يا سُر هيٺ ڏيکارجن ٿا:

اَ- آ- اِ- اِي- اُ- اُو- او- آو- اي- آيَ.

"ن" غنہ وارا علت جا حرف هي آهن:

اَن- آن- اِن- اِين- اُن- اُون- اون- آون- اين- آين.

عربيءَ ۾ الف "ا" جيڪڏهن ڪنهن لفظ جي منڍ ۾ ايندو آهي، تہ ان الف تي همزه (ء) ايندو آهي، مثلاً:

أخ (ڀاءُ)- ابـل (اُٺ)- أم (ماءُ).

عربيءَ ۾ ڪن حالتن ۾ لفظ جي پڇاڙيءَ واري "ي" بنا نقطن جي ايندي آهي ۽ ان جي ماقبل حرف تي زبر(َ) آلف سان (الف) "ا" جو اچار نڪرندو آهي، مثلاً:

عيسیٰ- موسیٰ- تمنیٰ.

(ٿ) حرڪتون ۽ اُچار

سنڌي ٻوليءَ ۾ حرڪتن ڏيڻ جو عام رواج ڪونہ آهي.

١- حرف علت تي جڏهن ڪا حرڪت ايندي آهي، تہ اهو حرف صحيح ٿي پوندو آهي، يا وري حرف علت مان ڪوبہ حرف ڪنهن لفظ جي شروعات ڪندو، تہ اهو حرف صحيح ٿي پوندو، مثلاً:

اَندر- وَنو- يَقين.

مذڪور لفظن جا پهريان حرف، جي هوندي حرف علت آهن، حرف صحيح ليکيا ويندا.

حرف "علت" اهي حرف آهن جي ٻئي متحرڪ حرف جي ٻويان اچي ان جو آواز وڌائيندا آهن.

حرڪتون فقط عربي زبان جي خصوصيت آهي؛ مگر جيئن ته عربيءَ جو سنڌي زبان سان ڇڳو تعلق آهي، تنهنڪري ڪڏهن سنڌيءَ ۾ به حرڪتن جو استعمال ٿيندو آهي.

حرڪتون، جي عام طرح استعمال ۾ اچن ٿيون، سي هيٺ ڏجن ٿيون:-

زبر (َ)، زير (ِ)، پيش (ُ)، مد (ٓ)، تشديد (ّ) تنوين (ً، ٍ، ٌ)، سڪون (ْ) وقف (.)، همزه (ء) ۽ همزة الوصل (ص).

زبر (َ)- هيءَ نشاني يا حرڪت هميشه حرف جي مٿان ايندي آهي، مثلاً: اَ- دَ- ڪَ. زبر کي عربيءَ ۾ 'فتحة' چئبو آهي ۽ زبر ڏنل حرف کي 'مفتوح' چئبو آهي. مفتوح حرف جو اچار جهڪي الف جهڙو ٿيندو آهي.

زير (ِ)- هيءَ حرڪت هميشه حرف جي هيٺان ايندي آهي، مثلاً: اِ- دِ- ڪِ. زير کي عربيءَ ۾ 'ڪسرة' چئبو آهي ۽ زير ڏنل حرف کي 'مڪسور' چئبو آهي. مڪسور حرف جو اچار جهڪي 'ي' جهڙو ٿيندو آهي.

پيش (ُ)- هيءَ نشاني به حرف جي مٿان ايندي آهي، مثلاً: اُ- دُ- ڪُ. پيش کي عربيءَ ۾ 'ضمّة' چئبو آهي ۽ پيش ڏنل حرف کي 'مضموم' چئبو آهي. مضموم حرف جو اچار جهڪي واو جهڙو ٿيندو آهي.

مدّ (ٓ)- مدّ جو مطلب آهي ڊيگهه يا وڌاءُ. مدّ صرف الف جي مٿان ايندي آهي ۽ الف کي ڊگهو ڪري پڙهڻ لاءِ ڪم آڻبي آهي. مدّ ڏنل حرف کي 'ممدود' چئبو آهي. مدّ جي نشاني ٻن نمونن ۾ ڏبي آهي: 'آ' يا 'اا' يعني الف جي مٿان ٻيو الف آڻبو آهي. سنڌيءَ ۾ 'مدّ' هميشه منڍ واري الف تي ايندي آهي، مثلاً: آدم- آثر- آرام وغيره، پر جيڪڏهن الف جو ماقبل حرف ساڪن هوندو، ته الف ممدود ٿيندو، مثلاً: 'قرْآن' پر اهو اصول فقط عربيءَ ۾ قائم ٿي سگهي ٿو.

تشديد (ّ)- ڪنهن حرف کي ٻئو ڪري پڙهڻ يا لکڻ لاءِ مٿس تشديد جي نشاني ڏيبي آهي. تشديد ڏنل حرف کي مشدّد چئبو آهي. مشدّد حرفن ۾ ساڳين ٻن حرفن جو زور سمايل هوندو آهي، مثلاً: حقّ سچّ نڪّ وغيره. مذڪور لفظن جي اچارڻ واري صورت آهي: حَقْ قْ - سِچْ چْ - نَڪْ ڪْ، ليهذا ساڳئي حرف جي تڪرار کي ترڪ ڪرڻ لاءِ هڪ حرف کي حذف ڪري ٻئي تي تشديد ڏني ويئي آهي. اهي، شمسي حرف، جن سان 'لام التّعريف' متصل هوندو آهي، سي لازمي طرح مشدّد صورت ۾ هوندا آهن.

تنوين (ً ٍ ٌ)- ساڳي حرڪت کي ٻئو ڪري لکجي، تنهن کي تنوين چئبو آهي. تنوين هميشه عربي لفظ جي پوئين حرف تي ايندي آهي ۽ انهيءَ لفظ کي 'نڪره' يا 'عام' جي معنيٰ ڏيندي آهي.

ٽيئي حرڪتون يعني زبر، زير ۽ پيش تنوين جي صورت اختيار ڪري سگهن ٿيون، جيئن مٿي ڏيکاريل آهي. فاعلي حالت ۾ اسم جي مٿان پيش واري تنوين (ٌ) هوندي آهي، مفعولي حالت ۾ زبر واري تنوين (ً) استعمال ٿيندي آهي ۽ اضافي يا جري حالت ۾ زير واري تنوين (ٍ) عمل ۾ ايندي آهي. تنوين ڏنل حرف کي 'منوّن' چئبو آهي، يعني اهو حرف جنهن سان 'ن' جو اچار يا آواز لڳل هجي. پيش واري تنوين مان 'اُن'، زبر واري تنوين مان 'اَن' ۽ زير واري تنوين مان 'اِن' جو اچار نڪرندو آهي، جيئن هيٺ ڏيکاريل آهي:

فاعلٌ = فاعِلُنْ

مثلاً = مثلَنْ

وقتٍ = وقتِنْ

زير واري تنوين جو اچار اِنْ پڻ نڪرندو آهي، جيئن:

تائبٍ = تائبِنْ

چماءِ = چمائين

ساڳيءَ طرح پيش واري تنوين جو اچار "اُونْ" پڻ ٿيندو آهي.

جيئن: آءٌ = آوُنْ،
چماءٌ = چماؤن.

مٿين ٽن قسمن جي تنوينن کان سواءِ حرف جي هيٺيان ٻن اپين ليکن واري تنوين (ٍٍ) پڻ سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندي آهي، جا اڪثر ڪري ميم (۾) ۽ همزه (ۓ) جي هيٺيان ايندي آهي. جنهن جو اچار گهڻو ڪري 'اين' جهڙو هوندو.

جيئن: ۾ = مين،
ۓ = آئين يا آئين.

'۾'، 'ۓ' کان سواءِ ٻيا منوّن حرف سنڌيءَ ۾ ٿورا استعمال ٿيندا آهن. تنوين عربي ٻوليءَ جي ئي خصوصيت آهي. خاص طرح جي منوّن صورتون سنڌيءَ ۾ ڪم اچن ٿيون، ٽن جا ڪي مثال هت ڏجن ٿا: خصوصاً، عموماً، حقيقتاً، اتفاقاً، يقيناً، وقتاً فوقتاً، صريحاً، قطعاً، عادتاً، نسبتاً وغيره.

مولوي غلام محمد خانزئي پنهنجي شعر ۾ تنوين اجهو هيئن استعمال ڪري ٿو:

"وٺي بوند بهار جي، چوڏس چوڌاري،
سڪا وڻ ساوا ٿيا، ڪئي گلن گلزاري،
هلي هيڪاري، صريحاً سرهاڻ جي."

سُڪون (ْ). سڪون ڏنل حرف کي ساڪن چئبو آهي. ساڪن حرف ٻن متحرّڪ حرفن جي وچ ۾ ايندو آهي، جنهن تي تلفظ پيدا ڪرڻ واري ڪابه حرڪت يا علامت نه هوندي آهي. ساڪن حرف کي 'غير متحرّڪ حرف' به چئبو آهي. پڙهڻ

۾ ساڪن حرف کي سندس اڳئين متحرّڪ حرف سان ملائبو آهي، مثلاً:

عَقُلُ = عَقْ لُ
عِلِمُ = عِلْ مُ
لُطُفُ = لُطْ فُ

وَقف- ساڪن حرف جي پٺيان جو ٻيو ساڪن يا غيرمتحرڪ حرف اچي، تنهن ٻئي حرف تي وقف جي نشاني سمجهبي، جيئن:

پيار- يار وغيره، هنن لفظن ۾ 'ي' جي پٺيان حرف 'ا' ساڪن آهي ۽ 'ا' جي پٺيان جو حرف آهي يعني 'ر' ان تي وقف سمجهڻ گهرجي. وقف ڏنل حرف کي موقوف چئبو آهي. عموماً جملي جي پوئين لفظ جو آخرين حرف موقوف هوندو آهي، جيئن هيٺئين بيت ۾ ظاهر آهي:

"هردم حَق جي تند تَوار،
چرخو چوري ڪت ڪاتار."
(حافظ پنهو)

همزة (ء)- هيءَ نشاني لفظ جي وچين يا آخرين حرف تي استعمال ٿيندي آهي، پر منڍ ۾ ڪڏهن به نه. منڍ ۾ همزه فقط الف 'ا' جي مٿان يا هيٺان اچي سگهي ٿو جو عربي ٻوليءَ جو دستور آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

قائِم- جِيءُ- اُخلاق- اِنعام

ڪنهن لفظ جو پويون حرف جي ڪڏهن الف 'ا' هوندو ۽ ان جو اچار جهڪو هوندو ته ان جي پويان همزه آڻبو آهي، مثلاً:

ڪانءَ- ڀاءَ- گهاءَ- راءَ- ڳالهاءِ وغيره.

سهسين سورت جهڙيون پنهو ڪين پار،
اهڙو راءَ ڪنگهار ڪڏهن ٿيندو ڪونه ٻيو."
(شاهه ڀٽائي- س: سورٺ)

”ڳوڙهن ڳنواريون پنهونءَ ڳچاڻاءِ،
مروڙن موت قبوليو، اپر افسوساءِ،
برپٽ ڪن بَڪاءِ، اڪند يا آريءَ لئي گهڻو.“
(شاهه ڀٽائي- س: سسئي)

جيڪڏهن ڪنهن لفظ جو ڇيڙيون حرف ’و‘ يا ’ي‘ هجي ۽ اهو فاعلي، مفعولي يا جري حالت ۾ بيٺل هجي ته اُن ’و‘ يا ’ي‘ جي پٺيان همزه مفتوح حالت ۾ (ءَ) ايندو آهي، مثلاً:

ماڻهو ـ ماڻهوءَ
گاڏي ـ گاڏيءَ

همزه خود حرف يا اکر ٿي به ڪم ايندو آهي، جيئن:
ءُ ـ آءٌ

همزة الوصل (ص)- هيءَ نشاني فقط عربيءَ ۾ اضافي ترڪيب ۾ استعمال ٿيندي آهي، مثلاً:

عَبْدُ الْمَلِكِ - يَوْمُ الْقِيَامَةِ - اِبْنُ الْوَقْتِ

(ج) علت جي حرفن جا اچار

’ا‘ ’و‘ ۽ ’ي‘ علت جا حرف آهن، جن کي مختلف نمونن ۾ اچاري سگهجي ٿو. اچار جي لحاظ کان ’ا‘ ٻن قسمن جو هوندو آهي:

الف ممدوده ۽ الف مقصوره

الف ممدوده- جنهن الف کي ڊگهو ڪري اچارجي، تنهن کي الف ممدوده چئبو آهي. الف جي مٿان مدّ يا ننڍڙو الف ڏبو ته الف ممدوده ٿي پوندو، مثلاً:
آدمي (اادمي) ـ آءٌ

الف مقصوره- لفظن جي پڇاڙي ۾ بي نقطه 'ي' تي ڏنل الف کي الف مقصوره (يعني ننڍو الف) چئبو آهي، مثلاً:

سلمىٰ- صغرىٰ- عيسىٰ- عظمىٰ- موسىٰ- مصطفىٰ

اچار جي لحاظ کان واو (و) ٽن قسمن جو ٿيندو آهي:

(١) واو معروف،
(٢) واو مجهول،
(٣) واو معدوله.

(١) واو معروف- واو 'معروف' اهو 'واو' آهي، جو لفظ جي آخر ۾[١] 'اُو' جي اچار سان ڪم اچي، مثلاً:

ٻالڪُو- رولُو- ڪمارُو وغيره.

(٢) واو مجهول- 'مجهول' انهيءَ 'واو' کي چئبو آهي، جو لفظ جي آخر[٢] ۾ 'او' جي اچار سان اچي، مثلاً:

ڇولو- سولو- گهوڙو وغيره.

واو معدوله- اهو 'واو' جو لکڻ ۾ اچي پر پڙهڻ ۾ نه، تنهن کي واو 'معدوله' چئبو آهي، مثلاً:

خواب- خواهش- خود- خوش وغيره.

'ي' جا پڻ ٻه قسم آهن:

(١) ياي معروف
(٢) ياي مجهول

ياي معروف- ياي 'معروف' انهيءَ 'ي' کي چئبو

[١]-[٢] واو 'معروف' توڙي 'مجهول' جي ڏوسٺي ڪري سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ ته اهڙا 'واو' لفظن جي وچ ۾ به واقع ٿين ٿا، مثلاً:

واو معروف: ڏُور- نُور- ڇوُرڻ وغيره.

واو مجهول: روز- زور- لوهه- هوش وغيره.

آهي، جا لفظ جي آخر (١) ۾ 'اِيَ' جي اچار سان اچي. مثلاً:
ٻَڌِيَ – ٻيلِيَ – تَرِيَ – ڦَرِيَ وغيره.

يا ى مجهول - يا ي 'مجهول' اها 'ي' آهي، جا لفظ جي آخر (٢) ۾ 'اَيَ' جي اچار سان اچي. مثلاً:
پري – سڙي – ڪري – مٽي وغيره.

علت جي حرفن کان سواءِ ٻيا ٻه ڪي حرف آهن، جن کي ٻن مختلف نمونن ۾ اچاري سگهجي ٿو ۽ اهي آهن:
'ه' ۽ 'ن'. 'ه' جا ٽي قسم آهن:

(١) هاي ملفوظ
(٢) هاي غير ملفوظ يا مختفي
(٣) هاي مخلوط

هاى ملفوظ - اها 'ه' جا چٽيءَ طرح اچارجي، تنهن کي هاي 'ملفوظ' چئبو آهي، مثلاً:
آه – واه – راه – ڪاه – ساراه.

هاى غير ملفوظ يا مختفي - اها 'ه' جنهن جو تلفظ ظاهر نه ٿئي، تنهن کي هاي غير ملفوظ چئبو آهي، مثلاً:
بيگانه - پرده - پروانه - سايه - مايه.

هاى مخلوط - اها 'ه' جنهن کي ٻئي ڪنهن حرف سان گڏي اچارجي، تنهن کي هاي مخلوط چئبو آهي، مثلاً:
اوهان - سنهو - ڳنهه.

---

(١) – (٢) ياي 'معروف' توڙي 'مجهول' جي توسيع ڪري سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ ته اهي لفظن جي وچ ۾ به واقع ٿين ٿيون، مثلاً: ياي معروف: پريِت – ٻِرُ – ڏِيَل - رِيت – ڪِيرُ وغيره
ياي مجهول: ٻير–پير–ٻير–ڪير–وير–ويڙهه وغيره.

مٿين لفظن ۾ 'ه' جو اچار سنڌس اڳين حرف سان ملايو ويو آهي.

نون- (ن) کي ٻه ٻن نمونن ۾ اچاري سگهجي ٿو: چٽو (متحرّڪ) ۽ اڻ لکو (ساڪن). هيٺين لفظن ۾ 'ن' متحرّڪ آهي:

نَڪ - ڪَن - نِعمت - ذِهن - فَن

ساڪن يا اڻ لکو 'ن' وري ٻن قسمن جو هوندو آهي: غنّو ۽ ساڪن.

اهو 'ن' جو ڪنهن علّت جي حرف پٺيان اچي يا جنهن کي سنڌس اڳين حرف سان گڏي اچارجي تنهن کي نون غنّو چئبو آهي، مثلاً:

ماں - ٻَنْڌُ - پَنْڌُ - رِنْڊ - سِنْڌُ - مَنْڊُ

اهو 'ن' جو ڪنهن به لفظ جو جمع جو صيغو ناهي، سو (١) ساڪن هوندو آهي، مثلاً:

آنَن - آهِين - ڏاڍَن - ماڻهن - هُنَن وغيره.

مٿيان لفظ جمع ۾ آهن ۽ هرهڪ لفظ جو پويون 'ن' جمع جي نشاني آهي، جو ساڪن آهي.

مثال طور ڪي بيت، جن ۾ نون غنّو ۽ نون ساڪن استعمال ٿيل آهن، هيٺ ڏجن ٿا:

"چنڊ لکيئي منڊ، سنجهيئي سيخ ٿئين،
ڪر اونداهي انڌ، ته ملان محبوبن کي."
(شاهه: ڪنڀات)

---

(١)- ڪي ماڻهو ان کي زير ڏئي پڙهندا آهن، مثلاً:
آنَنِ - آهين - ڏاڍَنِ - ماڻهنِ - هُنَنِ.

"تن طبيب نه تون، جو سُڏ نه لهين سور جي،
ساند ٻنهنجا ٻيڙا، ڪَڏ ڪٽي ۾ پون،
ڪان گهرجي مون، حياتي هوتن ري."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

متين بيتن ۾ 'محبوبن' ۽ 'هوتن' ۾ 'ن' ساڪن آهي، پر باقي لفظن ۾ 'ن' غنو استعمال ٿيل آهي.

(ح) نقطي وارا ۽ بنا نقطي حرف

'الف-ب' جا سڀ حرف ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا اهي، جن کي نقطا آهن، مثلاً: ب-ت-ج ۽ ذ وغيره.

انهن نقطه دار حرفن کي مُعْجَم يا منقوط چئبو آهي. معجم حرف ڪل چوٽيهه آهن. ٻيا حرف بنا نقطي هوندا آهن، مثلاً: ح-د-ر ۽ ص وغيره. جن کي مُهْمَل يا غير منقوط حرف سڏبو آهي. ۽ اهي تعداد ۾ ارڙهن آهن.

(خ) سنڌيءَ ۾ لفظن جڙڻ جون صورتون

عام طرح ڪنهن به ٻوليءَ ۾ لفظن جڙڻ جا ڪي خاص قاعدا ڪونه هوندا آهن، پر ڇاڪاڻ ته سنڌي شعر ۾، خاص طرح، لفظن ۾ تقصير ۽ تزييد نظر ايندي آهي، تنهن ڪري اهڙن لفظن جي نين صورتن کي سمجهڻ لاءِ ڪي مثال ۽ نمونا هيٺ ڏجن ٿا، جيئن پڙهندڙ لفظن جي پيچ گهڙ کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهن.

حذف- حذف انهيءَ حالت کي چئبو آهي، جنهن ۾ لفظ جي ڪنهن حرف يا عبارت جي ڪنهن لفظ کي ڪيرائي

ڇڏجي. مثال طور ڪي مصراعون يا بيت هيٺ ڏجن ٿا، جن ۾ ڪي لفظ محذوف صورت ۾ ڪم آندل آهن:

"پتنگ چاڏهن پاڻ کي ٻسي مچ ۾ موت."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"چگن ساڻ چڱايون، انهن سيڪو هوءِ،
تو جيئن ڪري نه ڪوهه، ٻچن ساڻ ڀلائيون."
(شاهه: سراڳ)

"اڄ مروت ۽ وفا منجهه آدمن آهي الپ،
پڻ صداقت ۽ صفا منجهه آدمن آهي الپ."
(خليفو گل محمد)

'چاڏهن'، 'ٻچن' ۽ 'آدمن' اهي لفظ محذوف صورت ۾ آهن، جن جي اصل صورت آهي: 'چواڻهن'، 'ٻچڙن' ۽ 'آدمين'.

ترخيم- ترخيم اها حالت آهي جنهن ۾ لفظ جي پوئين حرف کي ڪيرائي ڇڏجي. 'رخم' جي معنيٰ آهي ننڍو ڪرڻ. هيءَ تبديل گهڻو ڪري شعر ۾ نظر ايندي آهي. مثال لاءِ ڪي بيت درج ڪجن ٿا:

"محبتي مري، درسن ڪارڻ دوس جي،
جيئن مڇلي نيرُ کان پاڪ نه ٿئي پري."
(سامي)

"ڪينڪي مون کان ٿيو، هيءَ عمر تان ويئي اجاءِ"
(سچل سرمست)

مٿين بيتن ۾ 'دوس' ۽ 'اجاءِ' مرخم صورت ۾ استعمال ٿيل آهن ۽ انهن جي اصلي صورت آهي: 'دوست' ۽ 'اجائي'.

تحريڪ ۽ تسڪين- جن حالتن ۾ ساڪن حرف کي متحرڪ بڻائجي يا متحرڪ حرف کي ساڪن ڪجي، انهن کي جدا جدا تحريڪ ۽ تسڪين ڪوٺجي ٿو.

تحريڪ جو مثال:

”اڻ هوندو پوم، سورڪ منيو مت ري،
نه ڪنهن زور ظلم ڪيو نه ڪنهن لڄ شوم،
نت ڪلا ڪائي مر تي رکي نه من موم،
جي ڪرتا ڪري ڪوم، ته ’سامي‘ ڪا سڌ پوي.“
(سامي)

”هٿي ڪل انهيءَ شرم ڪيو شرمندو،
وهائي اکين مان تو پسائي گرم.“
(خليفو گل محمد)

مٿين بيتن ۾ ’شرم‘ ۽ ’گرم‘ لفظن جو وچون حرف متحرڪ ڪيو ويو آهي، جو اصل ۾ ساڪن آهن. مذڪور لفظن جي اصلي صورت آهي: ’شَرْمْ‘ ۽ ’گَرْمْ‘.

تسڪين جو مثال:

ڪي لفظ اهڙا آهن، جن جا ڪي حرف متحرڪ آهن، پر اسان انهن کي محاوري ۾ ساڪن ڪري ڪم آڻيندا آهيون. مثلاً:
حَرْڪَتَ - بَرْڪَتَ - حَيْوان وغيره.

مذڪور لفظن ۾ ٻيو حرف متحرڪ آهي، يعني اِنهن جو صحيح تلفظ آهي: حَرَڪَت- بَرَڪَت ۽ حَيَوان.

تزييد- تزييد اها حالت آهي جنهن ۾ ڪنهن لفظ ۾ ڪنهن علّت جي حرف جو اضافو ڪجي. اهڙا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

”نهن منهنجا رون، راتو ڏينهان ان ڪي.“
(شاه: حسيني)

”آريءَ جي آڪاهه، رِلايس روهن ۾.“
(شاه: حسيني)

”لوهو پارس سان لــڳــي، ســامي سون ٿيو،
ٻاٽيءَ منجهه ٻوو وڃي ڪينهوڙو ڪنڌ جو.“
(سامي)

”اڪيون اپٽي جي ڏسهن، تا هادي آهر جاهه.“
(سچل)

مٿين بيتن ۾ جن لفظن ۾ علّت حي حرفن جو اضافو ڪيل آهي، سي آهن: ’راتو ڏينهان،‘ ’آڪاهه‘، ’لوهو‘ ۽ ’اپٽي.‘ مذڪور لفظن جي عام صورت آهيَ: ’رات ڏينهن‘، ’آڪهه‘، ’لوهه‘ ۽ ’پٽي.‘

تصرف- ڪنهن ڌاري ٻوليءَ مان ڪو لفظ وٺي ان ۾ ڦير ڦار آڻي، پنهنجو ڪري استعمال ڪجي، تنهن کي تصرف چئبو آهي. ڌارين ٻولين جا متعدد لفظ سنڌيءَ ۾ استعمال ٿين ٿا، جن مان ڪي لفظ مثال طورَ هيٺ ڏجن ٿا:

آنو، ايرينگ، بال، بسڪوٽ، بڪل، بوتل، پوسو، روپيو، سائيڪل، ڪافور، ڪلاس، گدام، ماچيس ۽ واسڪوٽ وغيره انگريزي ٻوليءَ مان ورتل آهن.

ابو، استاد، امي، بندوق، جوراب، حاطو، دلو، رَئسُ، سلوار، سنداڻ، صابڻ، فلاڻو، ڦوهارو، ڪيسو، قبو، قلف ۽ لگام وغيره عربي ٻوليءَ مان ورتل آهن.

آچار، بازار، باغيو، بدڪ، بانگ، چڪو، دائي، درزي، شاباس، گلملو، گنبذ ۽ ڪلو وغيره فارسي ٻوليءَ مان ورتل آهن.

تذڪير- مؤنث لفظ کي مذڪر ڪري ڪم آڻڻ کي تذڪر چئبو آهي، مثلاً: شاهه ڀٽائي پنهنجي شعر ۾ ڪن مؤنث لفظن کي مذڪر جي صورت ۾ ڪم آندو آهي، جن جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

"سـامونڊي سـاري، ماءُ منهنجو **جنڊڙو**."
(شاهه: سامونڊي)

"ڪُنهه **يارائُو** جتن جو، ڪُنهه ٻانهي، ڪُنهه ٻروچ."
(شاهه: ديسي)

مٿين مصراعن ۾ 'جنڊڙو' ۽ 'يارائو' لفظن جي اصلي صورت مؤنث واري آهي، يعني 'جنڊڙي' ۽ 'يارائي'، پر هتي انهن کي مذڪر بڻايو ويو آهي.

اِشباع – اشباع انهيءَ حالت کي چئبو آهي، جنهن ۾ لفظ جي ڪنهن حرف کي ايترو ڊگهو ڪجي جو پيش (ُ) مان واو 'و'، زبر (َ) مان الف 'ا' ۽ زير (ِ) مان 'ي' جو اچار نڪري. 'اِشباع' جي معنيٰ آهي وڌاءُ. اهڙيون صورتون هيٺين مثالن مان ملنديون:

"ٻروان سنڌي ٻـار جـي مڙيئي مـڻـائـي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي **چيت** ڪري."
(شاهه: ڪلياڻ)

"قسمت قيد قوي، **ناتم** ڪير اچي هن ڪوٽ ۾."
(شاهه: مارئي)

"ٻـنـان عفو ۽ عـافيت در ڏئـي ڪـان،
ڪـنـتـاهن اندر عمر **وييم** اجـائـي."

مٿين بيتن ۾ 'چيت'، 'ناتم' ۽ 'وييم' لفظن جي اصلي صورت 'چِت'، 'نه تَہ' ۽ 'وِيم' آهي، پر انهن جي پهرين حرفن تي جي حرڪتون آهن، انهن کي زور ڏيئي يا ڊگهو ڪري پڙهڻ سان مٿيان اچار نڪتا آهن. اشباع جي صورت فقط شعر ۾ نظر ايندي آهي.

اِبدال- ابدال جي حالت ۾ ڪنهن لفظ يا لفظ جي ڪنهن حرف جي اصلي صورت مٽيل هوندي آهي. ابدال جي معني آهي تبديل يا مٽا. لفظن جي اها صورت هيٺين مثالن ۾ نظر ايندي:

"مزمانن مهري آئي جهوڪيا جهوڪ ۾."
(شاهه: ديسي)

"م ڪر ڀول ڀلو نانو نمائيءَ سان،
ڪِبونهي ڪميڻيءَ جو بگر تو ٻلو."
(شاهه، ليلان چنيسر)

"جنهن ڪي عشق مولي جو نا آهي،
سو چئي جهنگ جناور آهي."
(سچل)

"توبي ساٿي سچ جي سهلي سرت رکن،
ڏوئي لائي ڏرم جي ڪميا ڪفني ڪن."
(سامي)

"جي هجي ناڻو تہ وڃ بازار ۾،
ڏي اول ملهه، پوءِ وٺني جيڪي سو ڳڙهه."
(خليفو گل محمد)

مٿين بيتن ۾ 'مزمانن' 'بگر'، 'جناور'، 'ڪفني' ۽ 'ڳڙهه' لفظ مٽيل صورت ۾ پيش ڪيل آهن، جن جي اصلي صورت آهي: 'مهمانن'، 'بغير'، 'جانور'، 'ڪفني' ۽ 'ڳنهه'.

اِشتقاق- اِشتقاق اها حالت آهي، جنهن ۾ ڪو لفظ پنهنجي بنيادي لفظ مان مشتق ٿيل يا جڙيل هجي. هيٺيان لفظ مثال طور ڏجن ٿا:

گهوڙيل، ماڻهپو، گهربلو ۽ ڏيٺ وغيره.
مذڪور لفظن جا بنياد آهن: گهوڙو، ماڻهو، گهر ۽ ڏسڻ.

ادغام - ٻن همجنس يا هم مخرج حرفن کي ملائي پڙهڻ يا انهن مان هڪ کي خذف ڪرڻ کي 'ادغام' چئبو آهي. ادغام جي معني آهي پتو ڪرڻ. يا هڪ (حرف) کي ٻئي (حرف) ۾ شامل ڪرڻ. هيٺيان لفظ ادغام جي صورت ۾ آهن:

يادا‌شت - شاباش

مذڪوره لفظن جي اصلي صورت 'ياد داشت' ۽ 'شادباش' آهي، پر محاوري ۾ ٻنهي لفظ جي هڪڙي 'د' کي حذف ڪيو ويو آهي ۽ ٻئي لفظ ۾ ٻه هم مخرج حرف 'د' ۽ 'ب'، جي هڪ ٻئي جي پٺيان آيل آهن، انهن مان 'د' کي ڪيرايو ويو آهي. عام طرح سي مشدّد حرف ادغام جي صورت ۾ هوندا آهن. مٿيان ٻئي لفظ فارسي ٻوليءَ جا آهن، مگر سنڌيءَ ۾ به چڱي قدر استعمال ٿيندا آهن.

٣- سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جون پڇاڙيون:

سنڌيءَ ۾ ڪيترن لفظن، جهڙوڪ: اسم، صفت، ضمير ۽ مصدر وغيره جا پويان حرف متحرڪ هوندا آهن، جا وصف ٻين ڪيترين ٻولين ۾ نه هوندي آهي. اهڙين متحرڪ پڇاڙين جي ڪري سنڌي ٻولي ڳهلي پاڳي ملايم ۽ سُريلي ليکجڻ ۾ اچي ٿي.

اسمن جون متحرڪ پڇاڙيون هيٺين آوازن تي هونديون آهن:

اَ، آ، اِ، اي، اُ، اُو، او، آو ۽ آي.

'اي' آواز تي اسم جي پڇاڙي عام صورت ۾ نه هوندي آهي، پر فاعلي حالت ۾ نه هوندي آهي؛ البت ماضيءَ جي متعدي صيغي ۾ استعمال ٿيندي آهي، مثلاً: 'گهوڙي ڏالو ڪاڙو

آهي'. هن مثالي جملي ۾ 'ڪاڙو آهي' ماضي قريب جو صيغو آهي ۽ 'گهوڙي' اسم جي پڇاڙي 'اي' آواز تي آهي.

'اَ' پڇاڙيءَ وارا مؤنث اسم گهڻو ڪري مؤنث جي صيغي ۾ هوندا آهن، مثلاً:

چيچ	ٻاچ	جيڀ	اُس
دز	ڏاک	رڍ	ٻرچ
رڳ	زال	ڪِپ	مَنڊ
نَهن	لاک	ڪِچهه	روجهه

مشتق اسم:

آڏ	ٻاڦ	ٻهڪ	ڪُوڪ
رڪ	جاٽ	ليڪ	ٽور
لَڏ	چِڪ	ٿُڪ	ٻوڪ
وَنڊ	سِٽ	ڊُڪ	ٻهٽ
باس	سيڙ	ڦوڪ	هُر

'آ' پڇاڙيءَ وارا ڪي ٿورا اسم مذڪر جي صيغي ۾ هوندا آهن، نه ته اڪثر مؤنث هوندا آهن، مثلاً:

مذڪر اسم:

آتما
داتا
دريا
ديوتا
راجا

مؤنث اسم:

ڪَلا	اِڇا
هَوا	کِلا
ڇايا	جَوا
مايا	مُکا

مشتق اسم:

ٻَلا	رِتا	پِڇا
دَوا	سِتا	دُعا
ڪِتا	نِندا	پُوڇا
سَزا	وِڇا	کولا

'اِ' پڇاڙيءَ وارا اسم گهڻو ڪري مؤنث جي صيغي ۾ هوندا آهن؛ البت ڪي مذڪر به هوندا آهن، پر ورلي، مثلاً:
مذڪر اسم:

سيٺِ

مؤنث اسم:

لَٺِ	راتِ	ڇيتِ
مَکِ	نارِ	دِلِ
وَڄِ	پيتِ	رُتِ
باهِ	تِڏِ	ڪُکِ

مشق اسم:

ڏَرِ	تِٽِ	ٻوڏِ
رَڙِ	ڏِنِ	لوڇِ
گالهِ	ٻِڏِ	ڏيٺِ
لاتِ	ڦَرِ	ويڙهِ

'اي' پڇاڙيءَ وارا اسم مذڪر توڙي مؤنث ٻنهي صيغن ۾ هوندا آهن، مثلاً:
مذڪر اسم:

ڏَتِي	چاڪِي
پاڻِي	مالهِي
پيرين	هاٿِي

مشتق اسم:

اوٺي	سانگي	واسي
پانڌي	ڪانڌي	والي
جوڳي	ماري	ويري
چاچي	منشي	هاري

مؤنث اسم:

ٻتي	چٽي	جنتي
ٻڪري	مٽي	سٽي
ڇاتي	تيلي	چولي
ڪاتي	سيٽي	ٻهڙي

مشتق اسم:

ٻري	چڪي	ٻولي
ڦڪي	ورتي	ڏولي
ڦاسي	چمي	ڏيري
ڇاڻي	ڪٽي	وڙهي

سنڌي ٻوليءَ ۾ اڪثر اسمن جون پڇاڙيون ’اُ‘ آواز، تي هونديون آهن ۽ اهڙا اسم گهڻو ڪري مذڪر جي صيغي ۾ هوندا آهن؛ البت ڪي مؤنث به هوندا آهن، مثلاً:

’اُ‘ پڇاڙيءَ وارا مذڪر اسم:

ڪڪُ	ٻرُ	ڪپرُ	ڏوهُ
وڻُ	آنُو	آٽُ	ڏورُ
باغُ	رڇُ	پٽُ	کوٽُ
گاهُ	سچُ	ڪڻُ	تيلُ
ماسُ	تيرُ	پوٽُ	پيرُ

مشتق اسم:

ڦٽُ	ڊرڄُ	ٻورُ
چمرُ	ليڪُ	نورُ
ووٽُ	چيرُ	ٻولُ
چاهُ	سيلُ	جوڙُ
ناچُ	ڏڪُ	ليڪُ

'أ' پڇاڙيءَ وارا مؤنث اسم:

پيڻُ	چرُ	ڪنڌُ	ميڪ
ٿنڌُ	ڏيءُ	ڪَس	نڻهن
ٿَرُ	سٽُ	ماڻ	وٽ
ٿڃ	ڳَرُ	مَرُ	وڃ
جِنڊُ	ڪڙُ	مَس	وهُ

'آو' پڇاڙيءَ وارا اسم ڪن ٿورن مثالن کان سواءِ مذڪر جي صيغي ۾ هوندا آهن، جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

باڻو	ڏارو	لاٿون
تارون	ڏاتو	لڏون
تيڙو	ڏاڙهون	ماٺو
ٻهرو	ڏينيو	ميرون
چاڪو	ڪڇون	واڪو
ڇٽون	ڪُڏو	وڇون

مشتق اسم:

تارؤ	ساڏؤ
ڦوڙو	گهاٽو
چيڪو	لاڏو
خاطو	ناچو

مؤنث اسم:

پٽون

'او' پڇاڙيءَ وارا اسم فقط مذڪر صورت ۾ هوندا آهن. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

آرو   آڳوٺو   هولو   ٻيلو

آرڻو	آلو	ٻڙو	ٻوٽو
آکيرو	ٻوتو	ٻيڙو	ٻيلو
ڀالو	ڄهنبو	ڇيڻو	ڪاڪڙو
ڀارو	چانگو	ڊوڊو	ڪرنگهو
توڏو	چولو	ڏاتو	ڪوٺلو
پاڏو	ڇيتو	ڏاگهو	ڳابو
جارو	ڇيلو	ڏاڪو	گهوڙو
جاسو	ڇنلو	ڏنبو	ميچالو

مشتق اسم:

آکرو	ڦوڙائو	سڪائدو	مرثيو	نتيجو
پٽڪيو	ڇهڇو	ڪامورو	معاملو	نظارو
ٽيڪندو	دشالو	ڪٿرڪو	مفاصلو	واڍو
پيمانو	روٽبو	ليکو	مڙو	ولجارو

”او“ پڇاڙيءَ وارا اسم مذڪر جي صيغي ۾ هوندا آهن،
مثلاً:

تتو
رتو
لتو

”اي“ پڇاڙي وارا اسم مؤنث جي صيغي ۾ هوندا آهن،
مثلاً:

پتي	ڪتي
شتي	لتي
ڦتي	متي

صفت جي لفظن جون متحرڪ پڇاڙيون:

(آ) ٻچاڙيءَ واريون صفتون عام طرح مؤنث جي صيغي ۾ هونديون آهن، مثلاً:

آجهل	ٻچڙ	ٻرٿيل	ڏکهه
آلڙ	ٻيڊ	جهڪ	ساماڻل
سٻر	سپڪ	سڌر	نيڌر
سيتل	ستچر	ڪومل	وڏور

(آ) ٻچاڙيءَ واريون صفتون مؤنث جي صيغي ۾ هونديون آهن، پر ڪي مذڪر توڙي مؤنث ٻنهي قسمن جي لفظن سان لڳنديون آهن. مثلاً:

مؤنث لفظ:

آپلا
شَمَا

مذڪر ۽ مؤنث لفظن سان لڳندڙ صفتون:-

آدنا
ستوا

(اِ) ٻچاڙيءَ واريون صفتون مؤنث جي صيغي ۾ هونديون آهن. مثلاً:

آپرِ	سنيڙِ
جوانِ	ڪجرِ
جيجلِ	گهايلِ
ڏائڻِ	معذورِ
سگهڙِ	نيڌرِ

'اِي'، پڇاڙيءَ وارين صفتون عام طرح مؤنث جي صيغي ۾ هونديون آهن، البت ڪي مشتق صفتون مذڪر توڙي مؤنث ٻنهي صيغن ۾ استعمال ٿينديون آهن. مثلاً:

مؤنث صفتون:

آيائي	ٻڌي	تيڏي	پوٺين
ٻڪي	ٻنهي	ٻراٽي	ڦلانيتي
ڦندي	سوني	ڪنواري	لوڻي
جڏي	سلڇڻي	ڪري	ٻڌي
چريٽي	شرميلي	ڪوٺي	مڏي
ڏاري	ڪانگهاري	ڪنجهي	نٺين
سڪي	ڪانياري	ڳورهاري ۽	وانيري
ستي	ڪاٺي	لڇاري	وڳي
سنهي	ڪراڙي	لنبري	هلڪي

مذڪر ۽ مؤنث ٻنهي صيغن سان لاڳو ٿيندڙ صفتن جا مثال:

آسماني	دنياوي	فولادي	مربي
ايڪاسي	ديسي	ڪاغذي	مشڪي
باغي	ذاتي	ڪاڻي	ملڪي
بحري	رضائي	فاني	موبي
بري	ريشمي	قدرتي	نشئي
پرديسي	سرڪاري	قيمتي	نفساني
خالي	غيبي	گلابي	نوري
خوني	ضدي	مجازي	ولايتي

'اُ' پڇاڙيءَ وارين صفتن جو صيغو عام طرح مذڪر هوندو آهي، پر ڪي مشتق صفتون مذڪر توڙي مؤنث ٻنهي صيغن ۾ استعمال ٿينديون آهن، مثلاً:

مذڪر صفتون:

چٽُ	سگهڙُ
ڏکيرُ	لُچُ
سچرُ	ماهرُ
مٺرُ	نيرملُ
نرُ	وڏواندُ

مذڪر ۽ مؤنث ٻنهي صيغن ۾ استعمال ٿيندڙ صفتن جا مثال:

آداسُ	ثابتُ	سبزُ	گنجُ
آرجمندُ	پاڪُ	سڳنڌُ	مجبورُ
آترُ	ٺرتُ	سختُ	محبوبُ
آمنُّهه	جاندارُ	سرسُ	محفوظُ
بيمارُ	حاسدُ	سليسُ	نيچُ
پهلوانُ	خالصُ	عجيبُ	نرمُ
پاڳوانُ	خسيسُ	قابلُ	نراسُ
تيزُ	سالمُ	گولُ	واحد

'اُو' پڇاڙيءَ وارين صفتن جو صيغو ٻنهي مذڪر توڙي مؤنث ۾ هوندو آهي، مثلاً:

ٻُڌوُ	خرچائوُ
تاروُ	سائُوُ
نروُ	گهورارُوُ

ڀاڇوُ	لاڏائُوُ
ڦورُوُ	لڙاڪُوُ
جابلُوُ	مٺُوُ
ڇڪُوُ	ويڪُوُ

’او‘ پڇاڙيءَ واريون صفتون مذڪر جي صيغي ۾ هونديون آهن، مثلاً:

آجو	آوڪو	ٻڇڙو	ٻاڙو
انڌو	اوڳو	ٻاتو	ٻوڙو
پيلو	ٽيڏو	جهڪو	ڪَرو
پيلو	پڪو	جهيڻو	ڪوڙو
تَڪڙو	پيلو	ڇڱو	ڪَهرو
ٿڌو	ڦِڪو	ڏِنگو	ڳونگو
تورو	جوڙو	ڪُوڙو	ڳجهو
توڻو	جيڻرو	ڪارو	هلڪو

صفت جي لفظن جون پڇاڙيون ’آو‘ ۽ ’آي‘ آوازن تي نه هونديون آهن، ’اي‘ پڇاڙيءَ وارا لفظ پنهنجي موصوف جي حالت سان متفق رهندا آهن، مثلاً:

ٻيڙي ماڻهوءَ جي سنگت هاڃيڪار آهي.

سياڻو ماڻهو **چڱي مٺي ۽ ننڍي وڏي** جي تميز رکندو آهي.

ضمير جي لفظن جون متحرڪ پڇاڙيون:

’آ‘ پڇاڙيءَ وارا ضمير جا لفظ:

مؤنث جي صيغي ۾:

اِيءَ

ڪير

هُوءَ

هيءَ

مذڪر ۽ مؤنث جي صيغن ۾:

آنَ	اِنهيءَ
اِنَ	پاڻَ
آنهيءَ	هينَ
	هُنَ

'آ' پڇاڙيءَ وارا ضمير جا لفظ، ڪن ٿورن مثالن کانسواءِ، مؤنث جي صيغي ۾ استعمال ٿيندا آهن، مثلاً:-

آها	ساڪا
اِها	سِيڪا
جا	ڪا
جيڪا	ڪاڪا
سا	هرڪا

ڪن 'آ' پڇاڙيءَ وارن ضميرن جو استعمال مذڪر توڙي مؤنث ٻنهي صيغن ۾ ٿيندو آهي، جهڙوڪ:

آن	توهان
اسان	ڇا
اوهان	مان
تان	

'اِ' پڇاڙيءَ وارا ضمير مذڪر توڙي مؤنث ٻنهي صيغن ۾ استعمال ٿيندا آهن، مثلاً:

آنِ	تنهين	جنِ	سيِن
آنهنِ	تنهين	جنيهنِ	سِر
اِنهنِ	پنهنِ	خودِ	ڪير
تنِ	پندِ	ڌرِ	ڪنِ

ڪنهنِ
ميڙنِ
هننِ
هيننِ

ضميري پڇاڙين جا مثال:

ـِس،	مثلاً:	سنڌِس
ـِم،	مثلاً:	سنڌِم
ـِن،	مثلاً:	سنڌِن
ـه،	مثلاً:	سنڌه

'اِي' پڇاڙيءَ وارن ضميرن جو اطلاق ته مذڪر توڙي مؤنث ٻنهي صيغن ۾ ٿيندو آهي، البت بعض حالتن ۾ صرف مؤنث جو ضمير ظاهر ڪندا آهن، مثلاً:

مذڪر ۽ مؤنث جا صيغا:

اِيءَ	جنين	ڪوئي
آسين	جيڪي	ڪي
آوهين	سڀني	ميڙئي
تنين	ڪنين	هي
توهين	ڪنهين	

مؤنث جا صيغا:

ڪهڙي
ڪيهي

'اَ' پڇاڙيءَ وارن ضميرن جا لفظ مذڪر جي صيغي ۾ هوندا آهن، مثلاً:

آءٌ
ايءَ
ڪيرُ
ڪنهه
هيءَ

'اُو' پڇاڙيءَ وارا ڪي ضمير جي صيغي ۾ هوندا آهن ۽ ڪي مذڪر توڙي مؤنث ٻنهي صيغن ۾ استعمال ٿيندا آهن، مثلاً:

مذڪر جي صيغي وارا ضمير:

آءُ
هُوءُ

مذڪر ۽ مؤنث جي صيغن وارا ضمير:

تُون
مُون

'او' پڇاڙيءَ وارا ضمير عام طرح مذڪر جي صيغي ۾ هوندا آهن پر ڪي مذڪر توڙي مؤنث ٻنهي صيغن ۾ استعمال ٿيندا آهن، مثلاً:

مذڪر جي صيغي وارا ضمير:

آهو	سوڪو
اهو	ڪو

جو	ڪوڪو
جھڪو	ڪھڙو
سو	ڪيھو

مذڪر ۽ مؤنث جي صيغن وارا ضمير:

تو
ڪھڙو

'اي' پڇاڙيءَ وارن ضميرن سان مذڪر ۽ مؤنث ٻئي صيغا استعمال ٿيندا آهن، مثلاً:

اي	سي
آهي	ٿي ڪي
اهي	ڪي
جي	ڪي ڪي
جي ڪي	هي

ضمير جون پڇاڙيون 'آو' ۽ 'آي' آوازن تي نه ھونديون آهن.

مصدر جون پڇاڙيون:

مصدر جي پڇاڙي هميشه 'اڻ' آواز تي هوندي آهي، مثلاً:

آچڻ	پڇڻ	ڦرڻ
ٻڌڻ	ٻرڪڻ	چمڻ
ٻرڻ	پڙهڻ	چڙهڻ
ترڻ	پوکڻ	ڌوهڻ
ليڻ	ڦرڻ	رهڻ

سِکڻُ	ڳِرڻُ	مَرڻُ
سُمهڻُ	گهارڻُ	وِڙهڻُ
سَهڻُ	لَڏَڻُ	وَنڊڻُ
ڪرڻُ	لَڏڻُ	وِرهڻُ
ڪَڙهڻُ	لُڇڻُ	هَٽڻُ

ڀاڱو ٻيون

(٤) ڳالهائڻ جا لفظ

جملي ۾ جيڪي لفظ استعمال ٿين ٿا سي ڇهن قسمن ۾ ورهائي سگهجن ٿا ۽ انهن کي جدا جدا نالن سان سڏيو ويندو آهي، اهي آهن:

اسم — صفت — ضمير — فعل — ظرف ۽ حرف

ڪنهن به جملي ۾ استعمال ٿيل لفظن مان هرهڪ کي متي ڄاڻايل ڇهن نالن مان ڪنهن هڪ نالي سان سڏي سگهجي ٿو.

باب (١)

اسم

اسم جي معني آهي نالو. ڪنهن به ماڻهوءَ، جانور، پکيءَ، جيت، ملڪ يا شهر، هنڌ يا مڪان، جنس، شيء، ڌاتوءَ، ڪم، وقت، حالت، خاصيت، رشتي ۽ آواز جي نالي کي اسم چئبو آهي.

وضع يا بناوت جي لحاظ کان اسم ٽن قسمن جو ٿيندو آهي:

جامد، مشتق ۽ مصدر

اسم جامد — اسم جامد انهيءَ اسم کي چئبو آهي جنهن کي ذاتي يا بنيادي وجود هجي، يعني ٻئي ڪنهن لفظ

مان جڙيل نہ هجي. مثلاً: شينهن، ڪتو، وڻ وغيره. 'جامد' جي معنيٰ آهي جميل يا ثابت.

"**وڻن** وڍيا **ڪانگ**، وچون ٿي ويلا ڪري."
(شاهه: سهڻي)
"ساهڙ سون سينگار، **ماڻهن** ليکي مهڻو."
(شاهه: سهڻي)
اُتاهون جبلن تي **برف** پوندي آهي.

مٿين مصراعن ۽ جملن ۾ ڳاڙها لفظ اسم جامد جا مثال آهن.

اسم مشتق- اسم مشتق انهيءَ اسم کي چئبو آهي جو ڪنهن لفظ مان جڙيل هجي، جنهن کي ذاتُو يا بنياد چئبو آهي، مثلاً: حاڪم، حڪيم، خادم، عالم، ڪتاب، مسافر، سردار، زبردست وغيره. پهريان ڇهه لفظ عربي ٻوليءَ جا آهن جن جا بنيادي لفظ آهن: حَڪَمَ، حِڪمَتَ، خَدَمَ، عَلِمَ، ڪَتَبَ، سَافَرَ. سردار ۽ زبردست فارسي لفظ آهن جي مرڪب آهن، يعني هڪ کان وڌيڪ لفظن جا ٺهيل آهن: سر + دار، ۽ زير + دست.

اسم فعلي، اسم فاعل، اسم مفعول، اسم حاليہ، اسم استقبال ۽ اسم حاصل مصدر، جن جو ذڪر اڳتي ايندو، اهي سڀ اسم مشتق جا مثال آهن.

اسم مشتق جا مزيد مثال:

"**عاشق** چؤ م آن کي، مڪي چؤ **معشوق**،
خالق چؤ م خام تون، مڪي چؤ **مخلوق**."
(شاهه: ڪلياڻ)
'**مصيبت** ۾ صبر ڪرڻ مردانگي آهي.'

اسم مصدر — مصدر خود ٻين لفظن جو سرچشمو آهي، پر جملي ۾ جڏهن اسم جي جاءِ وٺندي آهي، تڏهن ان کي اسم مصدر ڪوٺبو آهي. مصدر جي لفظي معنيٰ آهي ’جاري ٿيڻ جو هنڌ‘ يعني جنهن مان ٻيا لفظ نڪرن يا ٺهي سگهن.

مصدر انهيءَ لفظ کي چئبو آهي جنهن جو پڇاڙيءَ وارو حرف ’ڻ‘ هجي، پر انهيءَ ’ڻ‘ کي ڪڍي ڇڏڻ سان امر جو صيغو ٺهي پوي، مثلاً: گهمڻ، چمڻ، وڃڻ وغيره، اهي مصدر جا لفظ آهن.

اسم مصدر جا مثال:

”ڏونگر نہ ڏوري، **سڪڻ** جون سڌون ڪري.“
(شاهہ: سسئي)
”هيڪر **هلڻ** ڇڏ تہ اوڏي ٿئين عجيب کي.“
(شاهہ: سسئي)
”**ٻرڻ** ڇڏ پيرن سمن، **وهڻ** وساريج.“
(شاهہ: سسئي)

ٻارڻ ۾ **وڙهڻ**، هڪ ٻئي جي **گلا ڪرڻ** ۽ خود غرض **ٿيڻ** ناداني آهي.

مٿين مثالن ۾ ٽلها لفظ اسم مصدر آهن.

عربي زبان ۾ مصدر هيٺين وزنن تي هوندي آهي. عربي زبان جي مصدر جون ترڪيبون چاڪاڻ تہ سنڌيءَ ۾ ڪثرت سان استعمال ٿينديون آهن، تنهڪري انهن جو هت ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

فَعْل: فرض، فضل، قتل، قرض، مرض، مڪر وغيره.
فُعْل: جرم، حڪم، شُڪر، ظلم، قرب وغيره.
فِعْل: ذڪر، فعل فڪر، قِسم وغيره.

فَعَل: ثمر، طرف، طلب، عمل وغيره.
فَعْلَة: رحمت، زحمت وغيره.
فِعَل: صغر، ڪبر وغيره.
فَعَلَة: برڪت، حرڪت، شفقت، عظمت وغيره.
فِعْلَة: حرفت، حڪمت، خدمت، رحلت، هجرت وغيره.
فُعْلَة: رخصت، شهرت، فرصت، قدرت، نصرت وغيره.
فَعَال: ثواب، جواب، خيال، شراب، صلاح، فساد، فلاح، طلاق، طواف وغيره.
فِعَال: جهاد، حساب، خطاب، ڪتاب، نڪاح وغيره.
فُعَال: بُڪاءِ، سُوال، مُراد وغيره.
فَعَالَة: امانت، سماعت، شهادت، ضمانت، عداوت وغيره.
فِعَالَة: بشارت، عبادت، عمارت، ڪتابت وغيره.
فُعُوْل: دخول، خروج، طلوع، غروب وغيره.
اِفْعَال: اجلاس، احساس، احسان، اسلام، اطلاع، اقبال، اقرار، انڪار، ايذاء، ايمان وغيره.
تَفْعِيْل: تائيد، تجويز، تحرير، تصنيف، تصوير، تعظيم، تعميل، تقرير، تمهيد، تهذيب وغيره.
اِنْفِعَال: انحصار، انسداد، انقلاب، انڪسار وغيره.
اِفْتِعَال: اتّفاق، اجتماع، اجتناب، احترام، احتشام، احتياج، انتقال وغيره.
تَفَعّل: تسلّط، تشدّد، تصرّف، تصوّر، تصوّف، تعجّب، تقرّر وغيره.
مُفَاعَلَة: مبالغت، مجاهدت، مراجعت، متابعت، موافقت وغيره.
تَفَاعُل: تبارڪ، تجاهل، تغافل، تفاخر، تنازع، تناول، تواضع وغيره.
اِسْتِفْعَال: استدعاء، استعمال، استعفاء، استغفار، استفهام وغيره.

فارسي زبان ۾ مصدر جو پويون حرف 'ن' هوندو آهي، مثلاً: خواندن، گفتن، کردن، گشتن وغيره.

معنيٰ جي لحاظ کان اسم جا قسم

(١) اسم معرفه يا خاص: اسم معرفه يا خاص انهيءَ اسم کي چئبو آهي جو عام محاوري جو لفظ نه هجي، بلڪ ڪنهن خاص شئي، هنڌ يا مڪان، جاندار، وقت يا زمان ۽ ڪيفيت يا حالت جو نالو هجي. مثلاً: قرآن، تاج محل، بغداد براق، طارق، رمضان، قيامت وغيره. ڪنهن ماڻهوءَ جي تخلص يا ڪنيت کي به اسم خاص چئبو آهي، مثلاً: غالب، بيدل، ابوالقاسم، ابن خلدون وغيره.

اسم معرفه جا مثال:

"**عمر** آندي **مارئي** منجهان جهنگ جهٽي."
(شاهه: مارئي)
"**گنگا** ۽ **گوفار** جو تن ساميءَ ڇڏيو سنگ."
(شاهه: رامڪلي)
'**ڪوهنور** هڪ قيمتي هيرو آهي.'
'**رمضان** مسلمانن جي لاءِ مقدس مهينو آهي.'
'**يرقان** جي بيماريءَ ۾ ماڻهو ضعيف ۽ بي طاقت ٿي پوندو آهي.'

مٿين مثالن ۾ ڳاڙها لفظ اسم معرفه آهن.

(٢) اسم نڪره يا عام: اسم عام مان مراد آهي اهو اسم يا نالو، جو ساڳي جنس جي ڪنهن به فرد تي رکي سگهجي، مثلاً: انسان، پکي، شينهن ۽ ڍينهن وغيره کي اسم عام سڏجي ٿو، ڇاڪاڻ ته هرهڪ ڳالهائيندڙ ۽ ذي عقل جاندار کي انسان جي نالي سان سڏي سگهجي ٿو، هرهڪ پکيءَ يا شينهن جي شڪل واري جهو کي پکي يا شينهن چئي سگهجي ٿو ۽ سال

جي ٿي سؤ ست ڏينهن مان هرهڪ کي ڏينهن سڏي سگهجي ٿو.

اسم نڪره يا عام جا مثال:

"اڱڻ ستي اوپرا جنڌهن ڏٺءَ آءٌ،
ڏايءُ نہ ڏاگهن کي اوکي ساڻ اگهڻ."
(شاهہ: ديسي)

"چنگهہ چرکي وات ۾ سسي کي سيسار،
ڇوڙا پيڙا چڪ ۾ لڙ ۾ لڙهيس وار."
(شاهہ: سهڻي)

"جبل ڏوريان جال، ڪارڻ ڏيهر پنهونءَ جي."
(شاهہ: سسئيءَ)

'هرڪنهن ماڻهوءَ تي فرض آهي تہ پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏياري.'

'انسان تہ ڇڏيو، پر پکي ۽ مرون بہ پنهنجي خالق کي ياد ڪن ٿا.'

مٿين جملن ۾ ٽليل لفظ اسم نڪره يا عام جا مثال آهن.

عربي زبان وانگر سنڌيءَ ۾ اسم کي معرفه يا معين ۽ نڪره يا غير معين بنائڻ لاءِ ڪي خاص نشانيون استعمال ڪونہ ٿينديون آهن. مثلاً، عربيءَ ۾ اسم نڪره لاءِ تنوين ڪم آڻبي آهي ۽ معرفه بنائڻ لاءِ اسم جي اڳيان 'آل' آڻبي آهي: مگر سنڌيءَ ۾ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ضميري صفتون استعمال ڪيون آهن، مثلاً: هيءَ ماڻهو، اهو گهوڙو وغيره.

(٣) **اسم ذات:** اسم ذات انهيءَ ذاتي وصف جي اِلي کي چئبو آهي، جا موصوف ۾ هميشہ موجود هجي، مثلاً: ي، روشني، ڪشش، سُرُ، نيڪي، بدي، حسن، مٺاڄ، ر - -، ڪوڙ ۽ سچ وغيره، انهن کي اسم ذات چئبو آهي، ڇاڪ ، تہ انهن مان هرهڪ وصف پنهنجي موصوف ۾ مستقـ ح

موجود هوندي آهي، جيئن ڪو حادثو يا اتفاق انهيءَ جي
متعلق يا منجهس جو سبب نه بڻجي.

اسم ذات جا مثال:

”سونهن وجهايم سومرا، سهرو منهن ٿيوم،
وڃي تت پيوم، جت هلڻ نام حسن ريءَ.“
(شاهه : مارئي)
”لکين لنءَ لطيف چئي، فنا ڪيا فراق.“
(شاهه : ڪلياڻ)

’ڳائيندڙ جي سر ۾ جيڪڏهن هيڻائپ نه هوندي، ته
ٻڌندڙن کي مزو نه ايندو.‘

اسم ذات ٺاهڻ جا مختلف طريقا هيٺ ڏجن ٿا:

(الف) صفت کي ’ي‘ ملائڻ سان، مثلاً:

آزاد	آزادي
بزرگ	بزرگي
بهادر	بهادري
جوان	جواني
خوش	خوشي
روشن	روشني
گرم	گرمي
مهربان	مهرباني
نرم	نرمي
نيڪ	نيڪي

(ب) صفت جي پوئين علت جي حرف کي ڪڍي اُن جي جاءِ تي 'آئي' آڻڻ سان، مثلاً:

پلو	پلائي
ڏکھو	ڏکھائي
سچو	سچائي
صفا	صفائي
ڪچو	ڪچائي
کھٽو	کھٽائي
وڏو	وڏائي
ويڪرو	ويڪرائي

(ت) صفت جي پوئين علت جي حرف کي ڪڍي ان جي جاءِ تي 'آڻ' وجھڻ سان، مثلاً:

اچو	اچاڻ
ٿڌو	ٿڌاڻ
ڪتو	ڪتاڻ
ڪارو	ڪاراڻ
مٺو	مٺاڻ
ميرو	ميراڻ

(ث) صفت جي پوئين علت جي حرف کي ڪڍي ان جي جاءِ تي 'پڻ' يا 'پائي' آڻڻ سان، مثلاً:

مکيو	مکپڻ يا مکپائي
ننڍو	ننڍپڻ يا ننڍپائي

(ج) صفت جي پوئين علت جي حرف کي حذف ڪرڻ سان، مثلاً:

اڇو	اڇ
اونداهو	اونداهہ
ٿڌو	ٿڌ
ڏِنگو	ڏِنگ
سِڌو	سِڌ
ميرو	مير
ورچون	ورچ
ويڪرو	ويڪر

(ح) اسم کي 'آئي' ڳنڍڻ سان، مثلاً:

سچ	سچائي
ڪم	ڪمائي

(خ) اسم جي پٺيان 'پ' يا 'پو' ملائڻ سان، مثلاً:

ڪانڌ	ڪانڌپ يا ڪانڌپو
ماڻهو	ماڻهپ يا ماڻهپو
واهہ	واهپ يا واهپو
هاري	هارپ يا هارپو

(د) اسم کي پٺيان 'ڪار' ڳنڍڻ سان، مثلاً:

ٿڌ	ٿڌڪار
ڦٽ	ڦٽڪار
وس	وسڪار
وٺ	وٺڪار
هب	هبڪار

فارسيءَ ۾ اسم ذات يا اسم معنيٰ هيٺ ڄاڻايل طريقن
تي ٺهندو آهي.

(ذ) اسم يا صفت کي پنهان 'يَ' لڳائڻ سان، مثلاً:

دشمن	دشمني
دو	دوئي
دوست	دوستي
روشن	روشني
سخت	سختي

(ر) اسم يا صفت کي 'ت' يا 'يت' گڏڻ سان، مثلاً:

آدم	آدميت
انسان	انسانيت
جاهل	جاهليت
شجاع	شجاعت
قابل	قابليت
محب	محبت

(ز) امر کي 'ش' گڏڻ سان، مثلاً:

بخش	بخشش
دان	دانش
رنج	رنجش
ڪوش	ڪوشش
گرد	گردش

(س) ماضيءَ جي پڇاڙيءَ 'ار' گڏڻ سان، مثلاً:

ديد	ديدار

رفت	رفتار
گفت	گفتار

(ش) اهڙا اسم يا صفتون، جن جي پڇاڙيءَ وارو حرف هاي 'غير ملفوظ' هجي، انهن جي انهيءَ پڇاڙيءَ واري حرف 'ه' کي ڪڍي، ان جي جاءِ تي 'گ' وجهي پٺيان 'ي' ڳنڍڻ سان اسم ذات ٺهندو آهي، مثلاً:

آسوده	آسودگي
بنده	بندگي
پاڪيزه	پاڪيزگي
تشنه	تشنگي
زنده	زندگي

(۴) اسم جنس: هرڪا مادّي يا معدني شئي، جنهن کي حواس جي ذريعي معلوم يا محسوس ڪري سگهجي، ان کي اسم جنس چئبو آهي، مثلاً: هوا، باهه، پاڻي، لوهه، لوڻ، هيرو ۽ پٿر وغيره کي اسم جنس چئبو آهي.

اسم جنس جا مزيد مثال:

”ڪڇيءَ ڪانا لوهه جا، زيرون ۽ زنجير.“
(شاهه: مارئي)
”سون برابر سگڙا، لوڻ برابر لڪ،
رهو جنهن رڪيو ڪوڙ تنهن کي ڪک،
مون ماروءَ جو مڪ، ڏيهه نه لائيان تنهنجو.“
(شاهه: مارئي)

'ٽامو، قلعيءَ کان ۽ ٽڻو، ڪوئلي کان وڌيڪ سخت آهي.'

'کير ۾ کنڊ هوندي، ته وڌيڪ لذيذ ٿيندو.'

مٿيان ڏلها لفظ اسم جنس جا مثال آهن.

(٥) **اسم آلہ:** اها شئي يا اوزار جنهن مان ڪو ڪم ڪري سگهجي، ان جي نالي کي اسم آلہ چئبو آهي. آلہ جي معنيٰ آهي اوزار.

ڪهڙيال، مطرقو، چاقو، ڪهاڙو وغيره کي اسم آلہ چئبو آهي.

اسم آلہ جا مزيد مثال:

"چــو اوڪــي چــڏيئي ارٽ الــوڙي."
(شاهه: ڪاپائتي)
"مٿي هٿ ۾ مڪڙي، جــام ٻهٽ ۾ چار."
(شاهه: ڪاموڏ)
"مس منهنجي هٿ ۾ ڪاغذ کي آڻيــن،
لڙڪ نہ لکڻ ڏين، ڪريو پــون قلم تي."
(شاهه: مارئي)
"سڙهہ سجائيو چــوءِ، سامونــڊي آئيــا،
مان ٻنهنجو هـــوءِ، جاني هـــن جهاز ۾."
(شاهه: سامونڊي)

رڪ مان ڪپ، قيدچون، ڪاتيون ۽ ٻيو ويڍ ڪٽ جو سامان ٺهندو آهي.

مٿيان ٽيئي لفظ اسم آلہ جا مثال آهن.

(٦) **اسم ظرف** ـ اهو لفظ جو ڪنهن هنڌ يا مقام، وقت يا زمان، ريت يا تميز جو نالو ڏئي ڪم اچي، تنهن کي (١) اسم ظرف چئبو آهي، مثلاً:

گهر، مڪتب، بازار، پلڪ، سال، سحر، شام، آهستگي ۽ تيزي وغيره.

(٢) عربيءَ ۾ اسم ظرف عام طرح مَفْعَل جي وزن تي ٿيندو آهي، مثلاً: مجلس، مسجد، مشرق، مغرب، مڪتب، منزل، منظر وغيره.

اسم ظرف جو استعمال:

"**شهر** ڏسي سرهو ٿئين، ڏٺيءَ نہ **بازار**."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)
تن ڪڏهن مَنَ **حجرو** ڪم چالهيا رک."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)
"سا **مجلس** ٿي مٽ، جي حاصل هوءِ هزار جو."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)
"تن ري **سال** ٻيار، جن ري **ساعت** نہ سهان."
(شاهہ: سهڻي)
"هن **ملڪ** مارو سنرا، **ساڻيهہ** منجهہ سڌير."
(شاهہ: مارئي)
"انسان **قبر** کي پنهنجي آخرين **منزل** نہ سمجهي."

---

(١) سنڌيءَ ۾ اسم ظرف کي اسم عام ڪري سڏبو ويندو آهي. اسم ظرف اگرچہ عربي ٻوليءَ جي ترڪيب آهي، پر ان جو استعمال سنڌيءَ ۾ بہ ڪري سگهجي ٿو.

(٢) عربيءَ ۾ اسم ظرف جا لفظ عام طرح مشتق هوندا آهن.

'ڪنهن وقت ۾ مشرق کان مغرب تائين مسلمانن جي حڪومت هوندي هئي.'

(٧) **اسم صوت:** اهو لفظ، جو ڪنهن انسان، جانور يا ٻي ڪنهن شيءِ جو آواز ظاهر ڪري، تنهن کي (١) 'اسم صوت' چئبو آهي. صوت جي معنيٰ آهي آواز. **پونڪ**، ميائوميائو، ٺهٺهه، ٽيون ٽيون، چيڪٽ، ڪان ڪان ۽ ڪوڪ وغيره اسم صوت جا مثال آهن.

اسم صوت جو استعمال:

"ڪڇان تان ڪُوڪَ ٿئي صبر آءٌ نہ سهان."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"وڄون وسڻ آئيون ٺهہ ٺهہ مينهن ٿئن."
(شاهہ: سارنگ)

"لاٿم گوندر گوڙ، مون کي ڪينوئين خوش ڪيو."
(شاهہ: سارنگ)

"عمر جي انصاف جو ٻيس ڪن ڍڙاءُ."
(شاهہ: مارئي)

"گهڙ گهڙ ڪنڊريءَ گهنگهرو،
ڇم ڇم ٻون ڇيريون."
(سچل: ڪلياڻ)

"درياهہ توتي دانهن ڏيندس ڏينهن قيام جي."
(شاهہ: سهڻي)

'مظلوم جي رڙين جو لنگهندڙن تي ڪو اثر نہ پيو.'

---

(١) سنڌيءَ ۾ اسم صوت کي عام طرح اسم عام ڪري ليکيو ويندو آهي.

'چور جڏهن سيٽيءَ تي پيا چور ٻه اچي وارد ٿيا.'

'بندوق جي ٺڪاءُ تي شهر جا ماڻهو ٻاهر نڪري آيا.'

مٿيان ٽليل لفظ اسم صوت جا مثال آهن.

(٨) اسم عدد: اهو لفظ، جنهن مان ڪنهن شيءِ جو مقرر عدد معلوم ٿئي، تنهن کي اسم عدد چئبو آهي. مثلاً:
سؤ، هزار، لک، چوڪ، ٻزن، ڪوڙي، اڌ، ٽهائي، پيهه، ڏهوڻ وغيره.

اسم عدد جو استعمال:

"**ڪوڙيين** تنهن جون ڪاسٽيون،
تون **ڪوڙين** سند و ڪانڌ."
(شاهه: ليلان چنيسر)
"هم منصور **هزار**، ڪهي ڪهندين ڪٺرا."
(شاهه)
"مرليءَ مستانا ڪيا؛ جنهن جي **لک هزار**."
(سچل: ڪاريهر)

"**ڪک** منيسان **لک** پيو آهي."

'چڱن جي پيڙهه تي چا گڏجي جو جواب ڏهه اچي.'

'هن پنهنجي ملڪيت جو **اڌ** خيرات ڪيو.'

(٩) اسم ڪيفيت: اهو لفظ، جو ڪا ڪيفيت يا حالت ظاهر ڪري، تنهن کي اسم ڪيفيت چئبو آهي. اڃ، بک، بيماري، ٿڪ، ڏکر، خمار، صبر، عشق، قرار، نشو وغيره، اهي اسم ڪيفيت جا مثال آهن.

اسم ڪيفيت جو استعمال:

"اُلاجي **عشق** جا، سي تان تون نه سهين."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
"هيءَ **تلب** نه جاڻان، ڪڏهن هٿنديئي ڪَنَ ۾."
(شاهه: سراڳ)
"آءٌ نه گـڏي پرينءَ کي متان آيو **موت**."
(شاهه: معذوري)

'**جوش** ۽ **هوش** پورو نـه رهندو آهـي.'

'**نشي** ۾ انسان ڇا مان ڇا ڪري وهندو آهي.'

(١٠) **اسم منسوب:** اهو اسم جو ڪا نسبت ظاهر ڪري يا ڪنهن هنڌ يا موقع سان تعلق ڏيکاري، تنهن کي اسم منسوب چئبو آهي. منسوب جي معنيٰ آهي 'نسبت ڪيل' عيسائي، حبشي، هندي، بدوي ۽ جهنگلي وغيره کي اسم منسوب چئبو آهي.

اسم منسوب جو استعمال:

"**ساموندين** سائين، واءُ سڻائـو وارئـون."
(شاهه: ساموندي)
"ڪميڻي **ڪيڇين** لـئـي پـورج پـراهين."
(شاهه: معذوري)
"هتان **لاهوتي** لڏي ته ڪَرسين ڳڌجين **ڪاپڙي**."
(شاهه: رامڪلي)
"مـري تان مَ **مهار** وڃان ولـهو مَ ٿئي،
وڃن جـي **وڇار** جـو ونـگو تـئـي مَ وارُ."
(شاهه: سهڻي)

"اڀاڻن جـي آسري ڪـتي ڪا نـہ ڪيام."
(شاهہ: مارئي)

'ڀٽائيءَ ۽ روميءَ جي ڪلام ۾ گهڻي مشابهت آهي.'

'چيني قد جا ننڍا ٿيندا آهن.'

افغاني، ايراني، ترڪي ۽ مصري مسلمان قومون آهن.

اسم منسوب جيڪڏهن ٻئي ڪنهن اسم سان گڏ جملي ۾ واقع ٿيندو تہ ان حالت ۾ صفت ٿي پوندو، جيئن هيٺين مثالن مان ظاهر آهي:

'مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنوي مشهور آهي.'

'فردوسي طوسي محمود جي دربار جو هڪ خاص شاعر هو.'

'شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي شاعرن جو سرتاج ليکجي ۾ اچي ٿو.'

"ٻاروچاڻا ٻار، تـوڙان تـرس نـہ سکيا."
(شاهہ: حسيني)

اسم منسوب مختلف نمونن ۾ ٺهندو آهي:

(١) اسم جي پڇاڙيءَ 'ي' آڻڻ سان، مثلاً:

ايراني
باوچي
پنجابي
روسي
سنڌي
لاڙي
مڪراني
ولايتي

(ب) اسم ۾ 'ا' ۽ 'ڙ' جو اضافو ڪرڻ سان، مثلاً:

ٺڪر ٺاڪُرُو
جبل جابلُو
سڪر ساڪُرُو

(ت) اسم کي پنيان 'ائون' گڏڻ سان، مثلاً:

ڪک ڪکائون
هڏ هڏائون
هيڊ هيڊائون

(ث) اسم کي 'ايرو' يا 'ايلو' ملائڻ سان، مثلاً:

پٿ پٿيلو
ٿر ٿريلو
چم چميلو
ڪانڊ ڪانڊيرو
هٺ هٺيلو

(ج)اسم جي پنيان 'آر' آڻڻ سان، مثلاً:

ٻڪر ٻڪرار
ڏڻ ڏڻار يا ڏنار
ريڍ ريڍار
ڳئون ڳئوار
مينهن ميهار

مٿين لفظن ۾ 'آر' جي اضافي ڪرڻ سان گڏ ٻيون ڦير ڦاريون به ڪيون ويئون آهن، جهڙوڪ: 'مينهن' مان 'ن' حذف ڪيو ويو آهي، 'ريڍ' ۾ 'ي' جو اضافو ڪيو ويو آهي ۽ 'ڏڻ' جي 'ڻ' حرف کي 'ن' ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.

(ح) اسم ۾ 'ڙ' جي اضافي ڪرڻ سان، مثلاً:

پيٽ پيٽڙ
مڇ مڇڙ

(خ) اسم ۾ 'وُ' کي ڪڍي 'ت' آڻڻ سان، مثلاً:

پورهيو پورهيت

(د) اسم کي 'تو' يا 'ايتو' مذڪر ۾ ۽ 'ايتي' مؤنث ملائڻ سان، مثلاً:

اَبو	ابيتو	ابيتي
پيءُ	پيئيتو	پيئيتي
ڀاءُ	ڀائيتو	ڀائيتي
جوءِ	جوئيتو	—
ماءُ	مائيتو	مائيتي
وَرُ	—	وَريتي

"وريتيون ورو، آءٌ نه ورنديس ور ريءَ."
(شاهه: سسئي)

"ٻڙي ڀانهن نه لوڏ، هاري ابيتين سين."
(ڪروڙي)

'فلاڻو منهنجو مائيتو ڀاءُ آهي.'

(۱۱) اسم ڪنايه: ڪنهن وقت يا موقع تي ڪنهن ماڻهوءَ يا شيءِ جو اصلي نالو ظاهر ڪرڻ بدران ٻيو ڪو ڪجهه لفظ استعمال ڪجي، تنهن کي اسم ڪنايه چئبو آهي. ڪنايه جي معنيٰ آهي اشارو. ڪنايت ڪنهن ڳالهه کي مبهم رکڻ کي به چئبو آهي.

اسم ڪنايہ جا مثال:

'حوالدار پڪاريو تہ "فلاڻو پٽ فلاڻي جو حاضر ٿئي."'
'هو ڦيرهيلر ڪري جند ڇڏائي ويو.'

(١٢) اسم تصغير: اهو اسم، جنهن مان خبر پوي تہ ڪنهن شئي کي سندس اصلي حيثيت کان گهٽائي ننڍو ڪري بيان ڪيو ويو آهي، تنهن کي اسم تصغير يا مصغّر چئبو آهي، مثلاً:

ٻارڙو
راتڙي
ڪاڻا

اسم تصغير جو استعمال حقارت يا الفت ظاهر ڪرڻ لاءِ ٿيندو آهي، مثلاً:

(١) تون اڃا **ٻارڙو** آهين.

(٢) منهنجو **پٽڙو** ٻن ڏينهن کان مون کان جدا ٿي ويو آهي.

پهرين جملي ۾ 'ٻارو' لفظ تحقير واري معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي؛ ٻئي جملي ۾ 'پٽڙو' لفظ ۾ محبت جو اظهار ڪيو ويو آهي.

اسم تصغير هيٺين نمونن ۾ ٺهندو آهي:

سنڌي زبان ۾ اسم تصغير جي ترڪيب، بنسبت ٻين ٻولين جي، بالڪل آسان آهي، جو ڪهڙي بہ ڪنهن لفظ، صفت يا فعلي اسمن مان اسم تصغير ٺاهي سگهجي ٿو.

(ا) ڪن حالتن ۾ مؤنث لفظ خود اسم تصغير ڏي ڪم ايندو آهي، مثلاً:

چُرو چري
ڏڙو ڏڙي
ڪات ڪاتي
ڪُرڙو ڪُرڙي

(ب) مذڪر لفظ کي پٺيان 'ڙو' ۽ مؤنث لفظ کي پٺيان 'ڙي' لڳائڻ سان، اسم تصغير ٺهندو آهي، مثلاً:

ٻاهه ٻاهڙي
جند جندڙي
دل دلڙي
هينئون هينئڙو

(ت) اسم جي پٺيان 'آٽ' يا 'اوٽ' آڻڻ سان، اسم تصغير ٺهندو آهي، مثلاً:

چام چاموٽ
ڇوڪر ڇوڪراٽ
لانگ لانگوٽ

(ث) صفت جو پويون حرف علت ڪڍي، ان کي 'يرو' يا 'يرڙو' ملائڻ سان، اسم تصغير ٺهندو آهي، مثلاً:

ٿلهو ٿلهيرو، ٿلهيرڙو
ٿورو ٿوريرو
چڱو چڱيرو، چڱيرڙو
گهٽو گهٽيرو
وڏو وڏيرو، وڏيرڙو

سنڌي زبان ۾ فارسي ۽ عربيءَ جا ڪي مصغّر لفظ به استعمال ٿيندا آهن، جن جي ترڪيب هيٺ ڏجي ٿي:

فارسيءَ ۾ اسم جي پٺيان 'چه'، 'يچه' يا 'ڪ' لڳائڻ سان اسم تصغير ٺهندو آهي، مثلاً:

باغ	باغيچه
ڪُو	ڪُوچه
مرد	مردڪ

عربيءَ ۾ تصغير عام طرح فُعَيۡلٌ جي وزن تي ٺهندو آهي، مثلاً:

بَحۡرٌ	بُحَيۡرٌ، بُحَيۡرَةٌ	(ننڍو بحر: ڍنڍ)
زُبۡدَةٌ	زُبَيۡدَةٌ	(ٿوري مکڻ ڏڙي)
عَبۡدٌ	عُبَيۡدٌ	(ننڍو ٻانهو)

اسم تصغير جو استعمال:

"مون ڪي ٿي ماري، انهيءَ سنڌي ڳالهڙي."
(شاهه: سامونڊي)
"ڪِريو جهليو روهه، مٿي مُهري هٿڙا."
(شاهه: سامونڊي)
"لاهين مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا."
(شاهه: سارنگ)
"ڪنهِ سا ڪاٽي راتڙي، جا پرينءَ ري پيئي."
(شاهه: مومل راڻو)
"ڪيچان آيو قافلو، ٻاهر ٻانڌيان."
(شاهه: حسيني)
"تن لالڳوڙن لڙيون، ٿي مهرون لعلون لاڌيون."
(سچل: ڪليان)

(١٣) اسم تصغير: اهو اسم، جنهن مان خبر پوي، ته ڪنهن شيءِ کي سندس اصلي حيثيت کان وڌائي وڏو ڪري بيان ڪيو ويو آهي، تنهن کي اسم تڪبير يا مڪبر چئبو آهي. اسم تڪبير هيٺين نمونن ۾ ٺهندو آهي:

(١) ڪن حالتن ۾ مذڪر جو صيغو خود اسم تڪبير تي ڪم ايندو آهي، مثلاً:

مائيي	مائو
ماڪوڙي	ماڪوڙو
مڪ	مکو

(ب) اسم جي پڇاڙي 'اوڙو' آڻڻ سان، اسم تڪبير ٺهندو آهي، مثلاً:

کپ	کپوڙو
ڳالهه	ڳالهوڙو
لپ	لپوڙو

اسم تڪبير جو استعمال سنڌي زبان ۾ ورلي ٿيندو آهي. سنڌيءَ ۾ فارسيءَ ۽ عربيءَ جا اسم تڪبير جا صيغا بعضي استعمال ٿيندا آهن. فارسيءَ ۾ اسم جي اڳيان يا ڪن حالتن ۾ پڇاڙي 'شاهه' آڻڻ سان اسم تڪبير جڙندو آهي، مثلاً:

شهنشاهه - شاهراهه - شاهباز وغيره

عربيءَ ۾ اسم تڪبير فعّال ۽ فعلان جي وزن تي جڙندو آهي، مثلاً:

ڪذّاب - ظلاّم - رحمان - هيجان وغيره

(١٤) اسم جمع: اهو اسم جو فعل واحد جو قبول ڪري مگر معنيٰ جمع جي ڏئي، ان کي 'اسم جمع' چئبو آهي، مثلاً:

آنُ - انبوھ - بازار - ٻولڊ - ٻيلو - ٽولو - جماعت - ڏَلُ - ڍيرُ - رعيت - فرقو - فوج - قافلو - قطار - ڪٽنب - ڪوڙ - گلو - لشڪر - لوڪ - ميڙ - ناٺو - وَڳر - وَلَرُ - ويڙھو وغيره

اسم جمع جو استعمال:

"تَڪا ٻوءِ **بازار** ۾ تڪا چِـــــرچِـتَ."
(شاھ: گهاتو)
"اندر **جهڙ** جهُوَر وھي، ٻھر برسي **ٻولڊ** ٻھار."
(شاھ: سارنگ)
"**ڏَرَ** ڏارڻ، ڏار رھن، اِيءَ نِـحنگهارن سيتَ."
(شاھ: ڏاھر)
"لنگهيي ڪالھ **قطار**، تون نورِئي اڄ نِـهارئين."
(شاھ: ديسي)
"ٻسيي ڪِڪيءَ **ڪوڙ** متان ماڳـر مٽئين."
(شاھ: ڪاموڏ)
"سو مرڪ مارئڙن، جئان **لوڪ** لڄ ٽـئي."
(شاھ: مارئي)
"**وِڳر** ڪيو وتن ٻـــرت نــه چـِـنن پاڻ ــــ ۾."
(شاھ: ڏاھر)

(١٥) **اسم مرڪب**: اھو اسم جو ھڪ کان وڌيڪ لفظن جو ٺھيل ھجي يا جنھن جي اصل لفظ ۾ ڪنھن حرف يا ڪن وڌيڪ حرفن جو اضافو ٿيل ھجي، تنھن کي اسم مرڪب چئبو آھي. اسم مرڪب ڪن حالتن ۾ صفت به ٿي ڪم ايندو آھي.

اسم مرڪب ٺھن جون مختلف صورتون آھن جي ھيٺ ڏجن ٿيون:

(الف) ڪن لفظن کي تنڪري اکيارين، جهڙوڪ: 'آ'، 'اڻ'، 'ڏ'، 'م'، 'نه'، 'نِه'، 'نا' ۽ 'نِر' لڳائڻ سان اسم مرڪب ٺهندو آهي، مثلاً:

آڇاڻ	اڻواقف	نسهو	نا فرماني
آڇوت	اڻهوند	نِهاڪ	نا ڪامي
آلڪ	اڻهيريو	نِپٽو	نامراد
آورچ	ڏهڪار	نِڌڙڪو	نِرپوُ
آڻبٽت	ڏجر	نِراسائي	نِرجل
اڻتوريو	ڏڪار	نِهٺائي	نِرجيءَ
اڻتيٺو	مجڏو	ناچاقي	نِرلوڀ
اڻلڀ	مڏيڻو	ناداري	نِرويز

(ب) اسم يا اسم مفعول جي اڳيان سنسڪرت جون اڳيارِيون، جهڙوڪ: 'اَو'، 'دُر'، 'سَ'، 'سُ'، 'سُو' ۽ 'ڪُ' اچڻ سان اسم مرڪب جڙندو آهي، مثلاً:

اوتڙ	سَقلو	سُوراج
اوڳڻ	سُپتو	ڪُپت
دُرمت	سُپرين	ڪُچاڻو
دُرلڀ	سُجاڳ	ڪُذات
سَپاجهو	سُچيت	ڪُريت
سَپاڳو	سُلڇڻو	ڪُماڻهو
سَپٽو	سُوديش	ڪُنياء

(ت) اسم يا اسم مفعول جي اڳيان سنسڪرت جي 'ري'، فارسيءَ جي 'بي' يا عربيءَ جي 'لا' اڳياڙي اچڻ سان اسم مرڪب ٺهندو آهي، مثلاً:

ري ٽنپ	بي خبر	بي عقل	لا زوال
ري ڇيو	بي درد	بي علم	لا شريڪ
ري سڌيو	بي دين	بي گناهه	لا علاج
ري ڳڻيو	بي رحم	لا پرواهه	لا غرض
بي ايمان	بي شرم	لا جواب	لا وارث

(ث) ساڳئي صيغي وارا ٻه لفظ ملائڻ سان اسم مرڪب ٺهندو آهي، مثلاً:

آٽ ويهه	جهڙ ڦڙ	ٻوڙ ٻڪ	لاهه پاهه
آچ وچ	چُر پر	ريڙهه پيڙهه	مارڪٽ
آڻ ڦڻ	چيڪ ناڻ	سٽ ڪٽ	متا ستا
پيچ کهڙ	چنبڊ ڦوڪ	مس پس	واهه سواءِ
جُٽ ڦٽ	ڏي وٺ	ڪٽ پٽ	هل چل
جوڙ جڪ	ڏيک ويک	ليک پڙهه	هڻ ڪٽ

(ج) اسم جي اڳيان صفت يا صفت جو مرخم (اڳيورو) لفظ آڻڻ سان اسم مرڪب ٺهندو آهي، مثلاً: وڏ ڦڙو، هتي صفت جي لفظ 'وڏو' جي هڪڙي حرف 'و' کي ڪڍيو ويو آهي ۽ 'وڏ' صفت جي لفظ جي مرخم صورت آهي. ٻيا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

پرپنڌ	پرسنگ	ڪارزبانو
پرڀوڏ	پرلوڪ	مهاراجا
پرتاب	پرمار	مهاراڻي
پرديس	پرمتڙيو	مهاساگر
پرڏيهه	جلاوطن	ننڍ وڏائي

(ح) ٻن اسمن کي گڏڻ سان اسم مرڪب ٺهندو آهي، مثلاً:

آبِ حيات	پَٽ ڪنئون	سَرتاج	ڳچي ڏرني
آس ترڪو	ڀَريو مڙس	سَروقد	ڳچي سمنڊ
آهو چشم	ڦَلواڙي	سُورج منڊل	گهر ڏڻي
بزدل	جَرثقل	شِفاخانو	لوڪ رنگ
پِتر پائي	چَهبچو	شِڪارگاهه	سَلاڪڙو
پنرچ	خَرگوش	عَجائب گهر	مومدل
پلنامو	دَستخط	عُمر قيد	نَروار
پونچال	ريگستان	قطب تارو	وڻ ويڙهي

(خ) اسم يا ضمير جي پٺيان اسمِ فاعل، اسمِ مفعول يا اسمِ استقبال اچڻ سان اسم مرڪب ٺهندو آهي، مثلاً:

(١) اسمِ فاعل واري مرڪب اسم جا مثال:

آن ڪائڻ	کير پياڪ
تيج ڏائڪ	وِياج کائو
خَبر ڏيندڙ	وير وٺو

(٢) اسمِ مفعول واري مرڪب اسم جا مثال:

آڪ ڪاڏي	پيٽ سڙيو	گهر آيو
آنگرڪو	ڌوڙ ڌوهيو	گهوڙن هنيو
ٻيڙيءَ ٻُڏو	رَبّ رکيو	مَن گهريو
پاڳيڙو	ڪاتيءَ ٻيو	مُنهن چڙهيو
تولڪيو	ڪُتيءَ ڪنيو	نانگ ڪاڏو
پيٽ ڄائو	ڳُڻن ڀريو	نانءَ چڙهيو

(٣) اسم استقبال واري مرڪب اسم جا مثال:

جوءِ وهڻو
مغز کائڻو
مکڻ مارڻو

(د) اسم جي اڳيان عدد يا عدد سان گڏ پنهان حرف علت گڏڻ سان اسم مرڪب ٺهندو آهي، مثلاً:

ٻہ اکيو	چوپايو	چوڪنڊو	سماهي
ٻيهري	چوديوار	چو ماسو	سيپارو
ٻهروپو	چوڏول	چوواٽو	ششماهي
ٽڪنڊو	ٻچورس	چہ آڱريو	هفت زبانو
چوٻول	چوسول	ستپڙو	هڪ ٽنگو

(ذ) اسم فاعل خود ڪن حالتن ۾ اسم مرڪب جي صورت ۾ هوندو آهي، جنهن جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

باغبان	رضاڪار	ڪمامار
بن واسي	رکپال	ڪنڊيچوڙ
چترڪار	ساروان	گھورارو
خدمتگار	سربند	مڱڻهار
خزانچي	سنگتراش	نقصانڪار
ڏٿار	سود خور	هٽ ڦاڙ

(ر) فارسيءَ وانگر سنڌيءَ ۾ بہ ڪن حالتن ۾ ٻہ اسم 'و' حرف سان معطوف ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن 'و' جي بدران 'ا' (الف) بہ عطف جو ڪم ڏيندو آهي ۽ اهڙن اسمن کي اسم مرڪب چئبو آهي. اهڙي حالت ۾ فعل جو اتفاق پوئين اسم سان ٿيندو آهي. ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

رات و ڏينهن
رات و رات
مکاميلو

(س) فارسيءَ واريون اسم مرڪب جون ترڪيبون به سنڌيءَ ۾ استعمال ٿينديون آهن، تنهنڪري انهن کي هتي ڄاڻائڻ ضروري آهي ۽ انهن جا ڪي نمونا ۽ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

فارسيءَ ۾ اسم مرڪب ٺهڻ جا طريقا:

(١) ٻن اسمن ملائڻ سان:

آبرو	شترمرغ
سيلاب	شيردل
شبنم	گلستان

(٢) اسم جي اڳيان صفت آڻڻ سان:

بداخلاق	تنگ نظر
بد بخت	تيز گام
بد بوءِ	خوش خلق
بدڪار	نيڪ مرد

(٣) اسم کي پٺيان امر گڏڻ سان:

آبدوز	رومال	سردار
پيغمبر	رهبر	عملدار
دستگير	رهزن	فرمانبردار
دلبر	رهنما	قطب نما
دلدار	ريگمال	ڪمربند

(٤) ٻن مصدرن جي ماضيءَ جي صيغي استعمال ڪرڻ سان:

آمد و رفت
خريد فروخت
خورد برد
گفت شنيد
نشست برخاست

(٥) ساڳي مصدر جي ماضي ۽ امر جي صيغن ملائڻ سان:

بندوبست
ٻودوباش
جستجو
گفتگو

(٦) ٻن امر جي صيغن کي گڏ استعمال ڪرڻ سان:

تگ ودو
پيچ وخم
ساز باز
سوزوگداز
گيرودار
نازو انداز

اسم مرڪب جو استعمال:

"چاڙهين ته مَ چاڙ، ايءَ در اڀوجهن جو."
(شاهه: ٻرِيات)
"هيءَ پر اڏارن، جيئن ڳرا متن سولها."
(شاهه: سراڳ)
"اديون آءٌ آچاڻ، مون سڱ سڃاڻي نه ڪيو."
(شاهه: سسئي)
"ڪارڻ رَبّ آلڪ، ستان ماڳ متئين."
(شاهه: ڪاموڏ)
"اڻ ڇوندن ڪم ڇئو، ڇوندن ڇيو وسار."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"**آوڳڻ** ڪري اپار، تـــو در آيس. داسـڙا."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"**اوڻت** جو آچار، ڪانڌ ڪنهين سين مَ ڪري."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"**سپاجهو** ســتـــار، **ستڙ** سيئي ڪري."
(شاهه: سراڳ)

"ساهان اوڏو **سپرين** لـوچي تان نـه لهن."
(شاهه: سسئي)

"مٽ انهيءَ جو **سڦرو** ويا ترازيءَ توري."
(شاهه: ڪاپائتي)

"پاڻ مَ ڪـٺـج پاڻهين، **رڃ وسيلي** وڃ."
(شاهه: سهڻي)

"پاڻ نـه پسن پاڻـڪـي، ويچارا **بي باڪ**."
(شاهه: مارئي)

"مين ڪي ماسور، آهي **اٺڙ** اڪيهن پنڌ جي."
(شاهه: ديسي)

"توڏن جون **ٽڙيٽڙ** ۾ تريون ترڪن تان مَ."
(شاهه: ديسي)

"**جهڙقڙ** ڏيئي جهاڙ، پسانـئـيـندو پٽيـون."
(شاهه: سارنگ)

"سمي سڀ معاف ڪئي، سائين تان **سٽڪٽ**."
(سچل: ڪليان)

"پرين جي **پرديس** ۾ تنجي ڪانگا ڪج خبر."
(شاهه: پورب)

"وٺو مينهن **وڏ ڦڙو**، ڪيو ڏڻ ڪاهي."
(شاهه: سارنگ)

”ڪي اٿو ههڙو، ساموَنڊين سڙهه سنباهيا.“
(شاهه: سامونڊي)

”اڪي آس نڙڪو نہ سهين، اچ ساروڻين سئوءِ.“
(شاهه: پورب)

”ڏنيس ڏيهه ڏٺين، معافيءَ جي مهر هٿي.“
(شاهه: ڪاموڏ)

”جهڙا گـــل گلاب جـا، تهڙا مٺين وس.“
(شاهه: مومل راڻو)

”اڪين ملڪ ڏناس، توه مِن ڪاڻو مهار ڏي.“
(شاهه: سهڻي)

”عاشق زهرپياڪ، وهه ڏسي وهسن کهنو.“
(شاهه: ڪلياڻ)

”تن ڳڻ پيرين جون ڳالهڙيون، ٿيون سچل ساهه سڄهن.“
(سچل: جوڳ)

”گهوڙن هنئي سيڪا، اُنن هنئي آن.“
(شاهه: حسيني)

”ورسي وطن چائيون، صحرا ستر جـــن.“
(شاهه: مارئي)

”اکيون منهن ملير ڏي، جنهين رات و ڏينهن.“
(شاهه: مارئي)

”رهن وهن سر پانــڌئين، سيئي بدبوءِ هاڻ.“
(شاهه: ڪاموڏ)

”دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.“
(شاهه: سارنگ)

”پـــلاڻيءَ جو پـــر، رهبر ٿيندم راهه ۾.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

'تنهائيءَ ۾ انسان جي عظمت آهي.'

'لاچار کي آچار نه ٿيندو آهي.'

آزاديءَ جي هلچل ۾ وڏي قرباني ڏيڻي پوندي آهي.'

'سنگ جو پرسنگ لازمي آهي.'

'عجائب گهر قوم جي هڪ اهم ملڪيت آهي.'

'چوديوار گهر جي حفاظت لاءِ هوندي آهي.'

'جنگ يا ڪنهن آفت ۽ مصيبت جي حالت ۾ رضاڪارن جي ضرورت پوندي آهي.'

'شبنم گلن ۽ ٻوٽن کي تازگي بخشيندي آهي.'

'امانت جي ٻيسن ۾ خوردبرد ڪرڻ گناهه آهي.'

'حق جي جستجو ايمان جي نشاني آهي.'

(١٦) اسم فعلي: مصدر جو پڇاڙي 'ڻ' ڪڍي باقي لفظ ۾ حرف علت يا ٻئي حرف يا ڪن حرفن گڏڻ سان جو لفظ ٺهي ۽ اسم ٿي ڪم اچي يا اهو اسم جنهن مان ڪنهن ڪم يا فعل جي معنيٰ نڪري تنهن کي اسم فعلي چئبو آهي. اسم فعليءَ ٺهڻ جا ڪيترا مختلف طريقا آهن جي هيٺ ڏجن ٿا:

(١) مصدر جو پڇاڙي 'ڻ' ڪڍي ان جي جاءِ تي حرف علت آڻڻ سان اسم فعلي ٺهندو آهي، مثلاً:

حرف علت ’ا‘ آڻڻ سان:

پِيڻا رِٿا
پُڇا سِتا
ٻوچا ڳولا
ڦولا مَٿا

حرف علت ’و‘ آڻڻ سان:

آڏيڙو ڦَٽڪو رَڙڪو
ڦُرڪو جهيڙو سَهڪو
ٽِيلهو ڇِنڪو ڪِڇڪو
ڀُڪو چوُنبو ڪَڙڪو
ٿَهڪو ڏَڙڪو لِيپو

حرف علت ’ي‘ آڻڻ سان:

اوسارِي ڦيري ڏَڪڻي
ٻولي چاڙهي رَهڻي
ٽُٻي جُهمي رِڙهي
ڦاسي جَهوٽِي وائي

(٢) مصدر جو پويون ’ڻ‘ ڪڍي اُن جي جاءِ تي ’ت‘، ’پ‘، ’ج‘، ’چ‘، ’ڙ‘ يا ’ڪ‘ حرف آڻڻ سان اسم‌فعلي ٺهندو آهي، مثلاً:

حرف ’ت‘ آڻڻ سان:

آڏتِ رَهتِ ڪَٽتِ
بَچتِ رَکتِ ڳَهڙتِ
ڀَرتُ سَڙتِ ميلتِ
جَڙتِ ڪَبرتِ نِيوڙتَ
چڙهتِ ڪِپتِ هلتِ

حرف 'پ' آڻڻ سان:

سَنجاڻپَ
ڪِنپَ
کهَڙپَ
لهپ

حرف 'ج' يا 'چ' آڻڻ سان:

کهَرجَ
ڇَرچَ

حرف 'ڙ' آڻڻ سان:

ڏَنڙَ
جهَپڙَ
سَتَڙَ
لَتڙَ

حرف 'ڪ' آڻڻ سان:

ٻِيهڪَ
رَنڊڪَ
وَهَڪَ
وِهَڪَ

(٣) ڪن لفظن جي مصدر جو پڇاڙيءَ 'ڻ' ڪيڻ سان اسم فعلي ٺهندو آهي، مثلاً:

آچل	تياڳ	ڦوڪ
ٻيڪ	ٺَڪور	جوٽ
تور	ٻَڪڙ	جهوڪ

چٽڪاس	چمٽ	ڪاهہ
چوُس	چڙڪ	ڪنگهہ
چوُنڊ	سوچ	وَسَ

(٤) مصدر جو پويون 'ڻُ' ڪڍي باقي لفظ جي پٺيان 'آءُ' يا 'آئو' پچاڙي ملائڻ سان اسم فعلي ٺهندو آهي، مثلاً:

ٻڌاءُ	جڙاءُ
پڙاءُ	ڏولائو
پڇتاءُ	ميڙائو
ڀرچاءُ	وڌاءُ
جتاءُ	ورتاءُ

(٥) مصدر جو پويون 'ڻُ' ڪڍي ان جي پهرئين حرف پٺيان حرف علت 'آ' ڏيڻ سان اسم فعلي ٺهندو آهي، مثلاً.

پاچِ	گهاڙِ	سوچِ	ڦيرُ
چالِ	(٢) لاتِ	ڪوسُ	(٣) ڏيٺِ
ڪارِ	ناچُ	لوچِ	ميلُ
(١) گاٺِ	ٻوڏِ	لوڏُ	ويڙهہ

(٦) مصدر جو پويون 'ڻُ' ڪڍي باقي لفظ جي پٺيان 'آئي'، 'آٺي' يا 'آئپ' پچاڙي ملائڻ سان اسم فعلي ٺهندو آهي، مثلاً:

---

(١) (٢) (٣) جي مثالن ۾ ڏنو ويندو ته ڪسڻ، لهڻ ۽ ڏسڻ مصدرن جي وچ وارن حرفن 'س' ۽ 'هہ' جي صورت جدا جدا 'ٺ' ۽ 'ت' ۾ تبديل ڪئي ويئي آهي؛ اهڙي تبديل انهن جي ماضي جي صيغن ۾ پڻ واقع ٿيندي آهي [illegible]

ٻنوائي	ٻڙهائي
ڦرائي يا ڦيرائي	چڙهائي
چارائي	چڙائي
سبائي	رسائي
وڌائي	کوٽائي
ورائي	لڙائي

(٧) مصدر جو پويون 'ڻ' ڪڍي باقي لفظ کي 'اٽ'، 'ار'، 'آن' يا 'يان' ملائڻ سان اسم فعلي ٺهندو آهي، مثلاً:

پٽڪاٽ	چٽڪار
چمڪاٽ	سڏڪار
ڇيڪاٽ	هڏڪار
(١) رڙانياٽ	جهڙڪار
ڪڙڪاٽ	(٢) ڪنگهڪار
ڪوڪاٽ	ٻنڌيان
لڙاٽ	(٣) گذران

(٨) مصدر جو پويون 'ڻ' ڪڍي باقي لفظ کي 'اٽو'، يا 'ايٽو'، 'آئو'، 'ارو'، 'آڪو' يا 'آئو' پڇاڙي ملائڻ سان اسم فعلي ٺهندو آهي، مثلاً:

---

(١) مصدر جي پهرئين حرف پٺيان الف (ا) زائد آندو ويو آهي.
(٢) هن ترڪيب ۾ 'ڪ' جو اضافو ڪيو ويو آهي، جيئن لفظ 'گجڪار' ۾.
(٣) هيءَ فارسيءَ جي ترڪيب آهي.

(١) ڳاٽائو يا ڳاٽيئو	(٣) چاڙهاڪو
جيئاٻو	ڇنڊڪو
سيئڙاٻو	(٤) مڙاڪو
ڦوڪارو	وَراڪو
(٢) مونجهارو	(٥) جهورائو
وَسڪارو	(٦) لاڏائو

(٩) مصدر جو ٻوليون 'ڻ' ڪڍي ان جي جاءِ تي 'ڪو' ٻچاڙي ملائڻ سان اسم فعلي ٺهندو آهي، مثلاً:

ٽپڪو	سٽڪو
ٻيٽڪو	ڪٽڪو
ڇرڪو	ڪِراڪو
ڇنڊڪو	ڪٺوڪو
دَٻڪو	لٽڪو

(١٠) مصدر جو ٻوليون 'ڻ' ڪڍي ان جي جاءِ تي 'و' آڻڻ ۽ مصدر جي ٻهرئين حرف جي پٺيان حرف علت جي اضافي ڪرڻ سان اسم فعلي ٺهندو آهي، مثلاً:

چارو	ڪاٻو
راڙو	لاڙو
راڳو	(٧) واڇو، واڇٽ
رونبو	وارو
ڪاٽو	واسو

---

(١)، (٢)، (٣)، (٤)، (٥) ۽ (٦) جي مثالن ۾ مصدر جي ٻهرئين حرف ڪانپوءِ حرف علت جو اضافو ڪيو ويو آهي.

(٧) هن ترڪيب ۾ 'واڇٽ' ٻه اسم فعلي آهي جنهن ۾ 'و' جي بدران حرف 'ٽ' ڪم آندو ويو آهي.

(١١)، مصدر جو پويون 'ڻ' ڪڍي ان جي جاءِ تي 'ت' ۽ 'ڻ' جي اڳئين حرف 'ء' جي جاءِ تي حرف 'و' آڻڻ سان اسم فعلي ٺهندو آهي، مثلاً: 'آڏائڻ' مصدر مان اسم فعلي ٿيندو 'اڏاوت'. ٻيا ڪي مثال هي آهن:

ٺاهوت
ميلاوت
(١) وِرهاست

(١٢) مصدر جو پويون 'ڻ' ڪڍي ان جي جاءِ تي مختلف حرف جهڙوڪ 'ب'، 'پ'، 'ت'، 'ج' يا 'ڙ' وغيره آڻڻ ۽ وچون حرف، ڪڍي ان جي جاءِ تي حرف علت آڻڻ سان اسم فعلي ٺهندو آهي، مثلاً: 'لُٽڻ' مصدر مان اسم فعلي جڙندو 'لوٽ'. اهڙا ڪي ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

ڏيب (ڏِئڻ يا ڏيڻ مصدر مان)
ٻوٽ (ٻُٽڻ يا ٻوٽڻ مصدر مان)
ڇوٽ (ڇُٽڻ مصدر مان)
روٽ (رُٽڻ مصدر مان)
اوج (اُڃڻ مصدر مان)
روڄ (رُڄڻ مصدر مان)
ڏوڙ (ڏُڙڻ مصدر مان)

(١٣) ڪي اسمي لفظ اهڙا آهن جن کي معنيٰ جي لحاظ کان اسم فعلي چئي سگهجي ٿو، مثلاً:

---

(١) هن لفظ جي مصدر آهي 'وراهڻ يا ورهائڻ'، جنهن جي اسم فعليءَ جي صورت ۾ 'و' جي بدران حرف 'س' آندو ويو آهي.

اپواس	شڪار
پنڌ	ڪم
پورهيو	ننڊ
راڳ	واپار
.راند	وهانءُ

(١٤) مصدر جي عام صورت خود اسم فعليءَ واري هوندي آهي، مثلاً: 'ترڻ'، 'پڙهڻ'، 'ڪرڻ'، 'کيڏڻ'، ڳائڻ'، 'لکڻ'، 'هلڻ' وغيره. اهڙين مصدرن کي اسم طور ڪم اچڻ جي حالت ۾ اسم فعلي چئي سگهجي ٿو.

(١٥) فارسي ۽ عربيءَ جا اسم فعليءَ وارا لفظ ۽ ترڪيبون به سنڌيءَ ۾ عام استعمال ۾ ايندڙيون آهن، جن جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

فارسيءَ جا لفظ ۽ ترڪيبون:

(الف) آواز	آبپاشي	آمد	(١) آمدرفت
تلاش	پاسباني	برداشت	بندوبست
پرواز	پاسداري	پرداخت	بود و باش
جنگ	راي شماري	ديد	جستجو
فرياد	سرڪشي	ساخت	خريدفروخت
ماتم	شادماني	گرفت	گفت شنيد
نماز	نظرداري	گشت	گفتگو
هنگامہ	يادگيري	ڪاشت	نشست‌برخاست

(١) هن فهرست ۾ ڏنل مثال اڳ اسم مرڪب جي بيان ۾ ڄاڻايا ويا آهن؛ هتي انهن کي اسم فعليءَ جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

(ب) انداز	پوشاڪ	بندش	سازش
تاب	خوراڪ	تپش	فرمائش
پوش	ڪردار	پرورش	ڪشش
پيچ	گذر	پيمائش	ڪوشش
جوش	گردان	جنبش	گردش
ديدار	گفتار	خواهش	مالش
رفتار	گريه	ريزش	نمائش

عربيءَ جا لفظ ۽ ترڪيبون:

(الف) بحث	سفر	حفظ	جهد
رقص	عمل	ذڪر	خلق
سور	طلب	عشق	شغل
قتل	نظر	فڪر	ظلم

(ب) صلواة	جهاد	جلوس	جلسه
طواف	خطاب	طلوع	حمله
فساد	دفاع	ظهور	خطبه
ڪلام	فرار	نزول	غلبه

(ت) خدمت	هجرت	تصنيف
رحلت	تجارت	تعليم
قسمت	زيارت	تفسير
محنت	عبادت	تقسيم

(ث) اجراء	اعتراض	مشاعره
اخراج	افتتاح	مظاهره
اطلاع	امتحان	مقابله
اظهار	انتظار	مناظره

اسم فعليءَ جو استعمال:-

”ڪي سمهن ڪيٰ جاڳن، لطف نہ ڪجي اِترين.“
(شاهہ: ڏاهر)

”عشق نہ آهي راند، جيئن ڪي ڪلهن کيڙو.“
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

”جيئن تا ڀڃن اُن ڪي، تئين جي ڀڃن پنڌ.“
(شاهہ: رامڪلي)

”جي وڃون ڪنهن وهاڻ، تہ ٻڌ مٺهون ڪٽيون.“
(شاهہ: مارئي)

”مون ڪر آکي ڪونہ، ڪيو اهڙو ڪو جهو ڪم.“
(شاهہ: مارئي)

”سچو ڏينهن شڪار، ڪينجهر ۾ ڪالهہ هو.“
(شاهہ: ڪاموڏ)

”ٻوڙهيو سندو ٻوڙهيئين، والي ڪيم وڃاهہ.“
(شاهہ: سسئي)

”ڪڏڻ جي ڪاڻ ڪرئين، سٽي ساهيئين هڏ.“
(شاهہ: ڪاپائتي)

”وهڻ وهہ ٿيوم، جاڳيو ٿي جر هاريان:“
(شاهہ: مومل راڻو)

ڪسڻ ڏاران ڪين، ڪري سڻ سڪڻ جي.“
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

”من اندر جا اوچ، مڃڻ هلڻ سان ماٺي ٿئي.“
(شاهہ: حسيني)

”سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو.“
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"نماڻيءَ جي نجهري **روڳن** ۽ راڙو،
ڪنل جي قلب ۾ **قرب** جو **ڪاڙهو**."
(شاهه: سسئي)

"تر ڏئي **اوت**، نه مون سوڙ نه ڪرو."
(شاهه: رپ)

"جي پانئين **وس** چران ته سنگهارن سون گهار."
(شاهه: ڏاهر)

هلو هلو ڪاڪ تڙ، جتي نينهن **اڇل**،
نه ڪا **جهل** نه **پل**، سيڪو پسي پرينءَ کي."
(شاهه: مومل راڻو)

"ڪيچ تنهن کي **ڪوٺ**، ڪين جنهين جي ڪچ ۾."
(شاهه: معذوري)

"ٻولي **ٻجهارت** جوڳيان سندي ذات جي."
(شاهه: رامڪلي)

"ڪيهي ڪام ڪاپڙي ٿا اهڙي **روش** رون."
(شاهه: رامڪلي)

"**وهڪ** مون ويئي، ٻچايو ٻچان ٻهي."
(شاهه: مومل راڻو)

"جي **رهڻي** ءَ رهيو نه سپ پرين **ڪهڻي** ءَ ڪيو ڪوهه."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"چؤ تون الله هيڪرو، **واڱي** ٻي وسار."
(شاهه: ڪلياڻ)

"ڳنڍ جنجي ڳوڏ ۾ پاپوڙا **پوشاڪ**."
(شاهه: ڪاموڏ)

"**واڄٽ** وڄي وجود ۾ رهيو روح رباب."
(شاهه: سهڻي)

”سيئي سهاڳڻيون، سيني منهن **ڇڙاءِ.**“
(شاهه: ليلان چنيسر)
”**طلب** ۽ **تحصيل** اوريان ڏسي آهي.“
(شاهه: آسا)
”ڏسي ڏسي آئيون، تہ وہ **ڦلاشون** ڪن.“
(شاهه: آسا)
”سر نايو **سجدا** ڪرين تن تواضع تو نہ.“
(شاهه: آسا)
”طمع جي **تلوار** متان ڪرين منگڻا.“
(شاهه: پرڀات)
”نہ ڪتا نہ **ڪوڪار**، نہ سي **سڳ** شڪارئين.“
(شاهه: ڪاهوڙي)
”جئين مينهن ڪنڌيءَ پور، تئين دوست **وراڪو** دل سون.“
(شاهه! بروو سنڌي)
”ڏونگر **ڏولاڻو**، ڏينڌا مون ڏير ويا.“
(شاهه: حسيني)
”**هانگاما** ۽ هور، ڪتا ڪرئين ڪن ني؟“
(شاهه: معذوري)
”ڪنارو ۽ **ڪوس**، اڳي آريءَ ڄام جي“
(شاهه: سسئي)
”عاشقن آرام ڪڏهن تان ڪونہ ڪيو.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
”سامونڊين **سعيو** سدائين **سفر** جو“
(شاهه: سامونڊي)
”نہ خبر نہ **خواب**، نڪو اوني آئيو،
هتيجو هت ڪنهين ڏنو ڪونہ **جواب**،
حميرن **حساب**، ڪہ چاڻان ڪيئن ٿيو.“
(شاهه: مارئي)

”اڪـيـن پنهنجي مت پاڻ سين پاڌهي ڪئي،
اتـي وڃي اڙيــون، جتي جـسان ڪپت.“
(شاهہ: آسا)

”ڪانگا ڪڪاٽ، ساري ساڻيج ساهہ سين.“
(سچل: مالڪوس)

”جت ماڻهن ميڙاڪو ٿئي، سا جوڻي جوڳن جاءِ.“
(سچل: جوڳ)

”اڪلاڻ سون ميلاپ جي، آهہ جهالڪين ڪي جوهي.“
(سچل: ڪنڀاٽ)

”ڪڪرن جي ڪڙڪاٽ ڪان وڃا تهي مِال.“
(سچل: سارنگ)

’اوڄ جو ڪم آڏاڻن تي ٿيندو آهي.‘

’پاليءَ جي وڍڪ هميشه هيٺاهينءَ تي هوندي آهي.‘

’زراعت لاءِ آبپاشيءَ جو سرشتو فائدي وارو آهي.‘

’ماڻهن سان اٿ ويهہ ۽ ڏيٺ ويٺ انساني قدرن جي چاڻ وڌائيندي آهي.‘

’واريءَ تي اڏاوت جٽادار نہ ٿيندي آهي.‘

(17) اسم حاصل مصدر: مصدر جي پوئين ’ڻ‘ حذف ڪرڻ سان جو لفظ جڙي ۽ اسم ٿي ڪم اچي تنهن کي اسم حاصل مصدر چئبو آهي. اسم حاصل مصدر جا اهي لفظ جن مان ڪنهن ڪم يا فعل جي معنيٰ نڪرندي هجي تن کي اسم فعلي به چئي سگهجي ٿو.

اسم حاصل مصدر جي لفظن جا مثال:

(الف)

آٿل	ٺوڪ	چيڙ	ڪَپ
آڪ	پَچار	ڏوڙ	ڪُڏ
آپٽار	پيٽ	ڊوڙ	ڪِھل
آڙ	پَرک	روڪ	ڳاڙ
باس	پَڪڙ	سار	کھٽ
ٻوڪ	پَھچ	سيٽ	کھور
ڀُونڪ	ڦُوڪ	سيڪ	لَڏ
ڀِل	جاچ	سنڀال	لوڏ
ڀيٽ	جَڙ	سوچ	لوڙ
ڀيڙ	جوڙ	سيھٽ	مار
ٽانگھ	جَھل	ڪاھ	مُرڪ
ٽيور	چِنگھ	ڪَڏ	ھار
ٽَڪ	چَٽ	ڪوٽ	ھوڏ
ٽاڪور	چِڪ	ڪِل	ھينگ
ٽوڪ	چَنب	کھڏ	ھير

(ب)

آڪڙ	ڳنڍ
ڪنگھ	لَٽ
ڪيسر	واڙ
ڳاٺ	وَٽ

(ت)

آڪلاءُ	ٿاھُ	ڦَڙُ	سَڏُ
آنگُ	ٽَڳُ	ڏَٻُ	ڪَڏُ
ٽَپُ	پَکَھرُ	ڊَڃُ	ڪَپُ
ٽَھڪُ	ڦاڙُ	ڌَڪُ	ڪَڌُرُ
ٿارُ	ڦَٽُ	ساڙُ	ڳاھُ

ڪَنڊُ	لڪُ	سوڙُ	وَنگُ
کهاءُ	لنگهُ	وَٽُ	وَهُ
لَٽُ	مَچُ	وَرُ	ويچارُ

اسم حاصل مصدر جو استعمال:

”تان اُٿل اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن ٻيجل ٻرائي.“
(شاهه: سورٺ)

”آيس مــن اُڇل، ليلاهين تــو ڪري.“
(شاهه: سورٺ)

”لکيو جو نراڙ، سو اڱڪ ڪماڙيءَ نه ٿئي.“
(شاهه: معذوري)

”ٻوائيءَ ڪــي ٻڪ جــن وڏو سي ورسيا.“
(شاهه: ڪلياڻ)

”سچو سان نه ٻهڪ، ڪچهه ڪرهيان ڪن سين.“
(شاهه: رپ)

”آهين نار اڪين جو، وٽان موٽ م وڃ.“
(شاهه: ڪاموڏ)

”آءٌ ڪيئن ڇڏيان سومرا، تن پنوهارن ٻهار،
جڙ جنهين جي جان ۾ لکي ريءَ لُهار.“
(شاهه: مارئي)

”هيس هنــدورن ۾، ٻــم ڪانهه ڇــوڙ.“
(شاهه: ليلان چنيسر)

”اڄ پڻ جڙيم جوڙ دوست ٻيهي در آئيو.“
(شاهه: ٻروو سنڌي)

”جينهين جي جوڙپ، هاڻي هنڊائي نه هڙي.“
(شاهه: ڪارايل)

”ڏورڻ منجهان ڏس، پونده هوت پنهونءَ جو.“
(شاهه: سسئي)

ڏکي ڏک وسار، سوچ ڦٽي ڪر سسئي.“
(شاهه: سسئي)

”ڪونج نه پسين ڪڪ، ٻپ جنهن سين ٻڌيو.“
(شاهه: ڏاهر)

”ٻر ڪي پاڻيون ٽوڪ، جو ٻڪ ڀالهڙن جو.“
(شاهه: مارئي)

سارنگ بسار لهوج، الله لڪب آجين جي.“
(شاهه: سارنگ)

”جنهن ستيءَ سٽ نه ڇڏيو سا مارئي مر جائي،
انهيءَ عمر ڪوٽ ۾ لڄ نه لڄائي.“
(شاهه: مارئي)

”ساسٽ نه سارين، الف جنهنجي اڪر.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”سوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جهڏون؟“
(شاهه: ڪلياڻ)

”جن کي سڪ ساهڙ جي، سي ڪهر نه پڇن گهاٽ.“
(شاهه: سهڻي)

”وڏي سگهه سنڌياه، پاڃهن پرڙو آهين.“
(شاهه: ڏاهر)

”ڪنڌيءَ تان ڪسل، عمر ڪچ مَ اهڙي.“
(شاهه: مارئي)

”پکي چنا پانڌ، ڳلڻ نه جاني ڪو ٻهو.“
(شاهه: ڏاهر)

”ورلڪن جي لوڙ، ڪھوريا سڪ ڀيرن جا.“
(شاھ: حسيني)
”مون جھڙ ڏنبو اپ ۾، ڊوليا لڳ م لاھ.“
(شاھ: سارنگ)
”پتنگ چائين پاڻکي پسي ڏيج م سوڙ.“
(شاھ: يمن ڪلياڻ)
”سو ھڙڪ مارئڙن، جنان لوڪ لڄ ٿئي.“
(شاھ: مارئي)
”وٽ سورھندي ولھا، ويو تيل ٻري.“
(شاھ: مومل راڻو)
”ور ۾ ڪونھي ور، ڏيرن ور وڏو ڪيو.“
(شاھ: ديسي)
”وس بادل وس، تو وسندي وس ٿئي.“
(شاھ: سارنگ)
”جان واھڙ ۾ ھو وھم تان تون سڄ نہ موٽئين.“
(شاھ: ڏاھر)
”ھنئين منھنجي ھوڙ، ڀڏي ٻاروچن سين.“
(شاھ: حسيني)

’آزمودو ھوندو تہ ڪم ۾ اَڏڪ نہ ٿيندي.‘

’ڦرڙيءَ کي چڏي ڏيو تہ نيٺ ڦٽ ٿي پوندو.‘

’ٿرڻي ڪير کي ڦوڪ نہ ڏني آھي.‘

’سماجھہ ۽ سوچ ڀسان ڪم ڪرڻ وارو ماڻھو خطا نہ ڪائيندو.‘

'گيتسر جو نتيجو ڀڄتاءُ ۾ ظاهر ٿيندو آهي.'
'سيني ۾ ٻڙڙو آواز گدم جي هيلنگ آهي.'

(١٨) اسم فاعل: اهو اسم، جو مصدر مان جڙي يا فعل ۽ ٻين حرفن يا لفظن جو مرڪب هجي ۽ جملي ۾ فاعل يا مفعول جي صورت ۾ ڪم اچي، تنهن کي اسم فاعل چئبو آهي.

فاعل ۽ اسم فاعل ۾ فرق آهي. اسم، جامد هجي يا مشتق، پيئي فاعل جي صورت وٺي سگهن ٿا؛ فاعل جملي اندر هميشه فاعل جي صورت ۾ هوندو آهي، مگر اسم فاعل، جو مشتق هوندو آهي، فاعل توڙي مفعول، ٻنهي مان ڪابه صورت وٺي سگهي ٿو. اسم فاعل صفت به ٿي ڪم ايندو آهي.

اسم فاعل جي ٺهڻ جا مختلف طريقا آهن، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

١. اسم کي پڇاڙيءَ حرف 'ي' ساڻ زير يا 'آئي' پڇاڙي ملائڻ سان يا اسم جي پهرئين حرف بعد حرف علت آڻي پڇاڙيءَ ۾ حرف 'ي' ساڻ زير ملائڻ سان اسم فاعل (مذڪر) جڙندو آهي ۽ اسم کي پڇاڙيءَ حرف 'ڻ'، 'يڻي' يا 'يائي' پڇاڙي ملائڻ سان اسم فاعل (مؤنث) جڙندو آهي، مثلاً: 'جوڳ' اسم مان اسم فاعل (مذڪر) ٿيندو 'جوڳي' ۽ اسم فاعل (مؤنث) ٿيندو 'جوڳڻ' يا 'جوڳيائي'.

اسم فاعل جا ٻيا مثال:

اسم فاعل (مذڪر):

آچاري	اولادي	بنواسي	ٽيڪري
اوٺي	آهتي	پيدري	پاٽٺي
اوطاقي	باغائي	تيلي	پانڌري

پساري	ڀاڙي	سوالي	ناٽڪي
ٻري	راهي	شڪاري	ننگي
جوهري	ساٿي	ڪاپڙي	نانوائي
جهانگي	سانگي	ڪارٿي	لاهوتي
حاجي	سراٿي	ڪاسبي	لوڀي
حلوائي	سنگتي	ڪانڌي	واپاري
ڏوٿي	سنواسي	گهاني	وڻري

اسم فاعل (مؤنث)

اولادڻ	ڏوٿياڻي
بنواسڻ	سگهڙيڻي
ڀڪارڻ	سانگهاڻي
ٻوچارڻ	سنياسڻ
حاجياڻي	سوالڻ
جهانگياڻي	شڪارڻ
ڏياڻي	وڻرياڻي

٢. اصل فعل (امر) جي پٺيان يا امر جي ٻهرڻين حرف کانپوءِ حرف علت آڻي پڇاڙيءَ ۾ حرف 'ي' سان زبر آڻڻ سان اسم فاعل (مذڪر) ۽ 'ي' جي جاءِ تي حرف 'ڻ' آڻڻ سان اسم فاعل (مؤنث) ٺهندو آهي، مثلاً:

اسم فاعل (مذڪر)	اسم فاعل (مؤنث)
پڇي	پڇڻ
ٻوچاري	ٻوچارڻ
ڏوٻي	ڏوٻڻ
ڏوڏي	ڏوڏڻ
ماري	مارڻ

مٿين مثالن ۾ 'ڏوبي' ۽ 'ڏوڏي' لفظن جي جدا جدا مصدر آهي 'ڌئڻ' ۽ 'ڌهڻ'، جن جي اسم فاعل جي صيغي ۾ 'ه' جي جاءِ تي حرف 'ب' ۽ 'ه' جي جاءِ تي حرف 'ڏ' آيل آهي. 'ٻوڇاري' اسم فاعل جي صورت نرالي آهي جنهن ۾ امر جي پٺيان 'آري' پڇاڙي ملائي ويئي آهي.

٣. امر يا اسم جي پٺيان يا ان جي ٻهرئين حرف بعد حرف علت آڻي پڇاڙيءَ ۾ حرف 'و' ساڻ پيش گڏڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي؛ مثلاً: 'کائڻ' مصدر جو اصل فعل يا امر آهي 'کاءُ' جنهن کي 'و' ساڻ پيش ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو 'کائوُ' ۽ 'خبر' اسم مان اسم فاعل ٺهندو 'خابروُ'، ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

٤. امر مان ٺهندڙ اسم فاعل جا مثال:

ٻارڪوُ	خاطوُ	لاڏوُ
ٻهنوُ	ڏيکوُ	لاهوُ
چالوُ	ٻيچوُ	ناچوُ
جهالوُ	سمجهوُ	وهوُ
چاڙهوُ	کائوُ	وڙهوُ
ڇيڪوُ	گهومڻوُ	هالوُ

اسم فاعل جي ڪن ترڪيبن ۾ 'ائوُ'، 'آڪوُ' يا 'ڙائوُ' پڇاڙي استعمال ٿيل هوندي آهي، مثلاً:

ٻهنڙائوُ	رهاڪوُ
جٺائوُ	گهومڙائوُ
خرچائوُ	لاڏائوُ
ڪاٽائوُ	لاڙائوُ
ڪاڀائوُ	لوڙهائوُ

٥. اسم مان ٺهندڙ اسم فاعل جا مثال:

ڪِيرُو	(١) واڻهڙُو
گهاٽُو	واهرُو

٦. اسم جي پڇاڙيءَ حرف 'و' يا 'يو' ۽ 'ڙيو' پڇاڙي گڏڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي.

اسم فاعل (مذڪر) جا مثال:

اوڳاهيو	ڏونگريو	ڪپتيو
ٻڪيو	ڊوهو	ڪوڏيو
ٻانگو	ٻوليو	(٢) ڪوڏاريو
پاکيو	راڇيو	گودڙيو
جوٻو	سٽو	لانگوٽيو
چانگهو	سڦلو	مانو
ڏڪاريو	سينڌو	متڙيو

اسم جي پڇاڙيءَ ڪي ٻيون پڇاڙيون به استعمال ۾ اچن ٿيون، جهڙوڪ: 'آڪو' يا 'آڪرو'، 'هتو' ۽ 'هٿو' وغيره.

مثال:

ننڊاڪو يا ننڊاڪرو

پيٽ هتو

خير هٿو

---

(١) اسم فاعل جي هن ترڪيب ۾ ڪن وڌيڪ حرفن جو اضافو ڪيل آهي، يعني 'وات' اسم جي پڇاڙيءَ 'هڙو' پڇاڙي آيل آهي؛ انهيءَ ترڪيب جون ٻيون به صورتون آهن، مثلاً: 'واتاڙو'، 'واتاهڙو'، 'واتاڙو'، 'واتوهڙو' ۽ 'واتهڙو'.

(٢) هن ترڪيب ۾ 'ڪوڏر' اسم ۾ حرف الف (ا) جو اضافو ٿيل آهي.

اسم فاعل (مؤنث) جا مثال:

ٻڪيي	سڌڙي
ٻاڪيي	سينڌڙي
راڄيي	ڪوڏڙي
سٽيي	متڙڙي

٧. اسم جي پهرئين حرف پٺيان حرف علت آڻي پڇاڙيءَ ۾ حرف 'و' ملائڻ سان يا 'ٻو' ۽ 'ڙيو' پڇاڙي ڪـڍڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً:

ٽوٻو	ڳهورڙيو
راڪو	واڍو
رانڌو	ويسرٻو

٨. اسم جي پٺيان مختلف پڇاڙيون جهڙوڪ: 'ور'، 'آر'، 'آرو'، 'ايرو'، 'وارو'، 'يارو'، 'واڍي'، 'آئو'، 'آلو'، 'وال' ۽ والو وغيره ملائڻ سان اسم فاعل (مذڪر) ۽ 'آري'، 'واري' يا 'هاري' وغيره ملائڻ سان فاعل (مؤنث) ٺهندو آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا.

اسم فاعل (مذڪر) جا مثال:

اجارو	پڳوارو يا ٻاڳارو	سوڳارو	ٻاتوارو
اڪڙيارو	ٻورالو	سونارو	متوالو
آنهارو	راڄ وارو	سونهارو	ناليرو
اوٺار	رڪوال	ڪارائو	(١) نامڪنيو
ٻاجهارو	ساڃارو	ڪاٺيارو يا ڪانيارو	ناميارو
ٻوارو	ستواڙي	ڪنڌيارو	وانيرو
ٻٽ وارو	سوڀارو	ڪوهيارو	هاڪارو

(١) اسم فاعل جي هيءَ هڪ نرالي ترڪيب آهي جنهن ۾ اسم 'نام' جي پٺيان 'ڪنيو' پڇاڙي آندي وئي آهي.

اسم فاعل (مؤنث) جا مثال:

اڃاري	ساڃاري
ٻاجهاري	ڪاڻهاري يا ڪانهاري
ٻچن واري	ڳوڙهاري
ٻواري	(١) ڳپوراري
ٻاڻهاري	گهرواري

٩. مصدر جي پڇاڙيءَ 'وارو'، 'هار'، 'هارو' يا 'هارڪو' پڇاڙي ملائڻ سان اسم فاعل (مذڪر) ۽ ان جي پوئين 'و' جي جاءِ تي حرف 'ي'، ساڻ زير آڻڻ سان اسم فاعل (مؤنث) ٺهندو آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اسم فاعل (مذڪر):

اچڻ وارو	رئڻ هارڪو
بخشڻهار	سرجڻهار
پالڻهار	قدر وارو
خلقڻهار	مڱڻهار
ڏسڻهار	وڃڻ وارو
ڏيکڻهار	هلڻ هارو

اسم فاعل (مؤنث):

پڙهڻ واري	رئڻ هارڪي
ڏکڻهاري	سبڻ واري
رڌڻ واري	هلڻ هاري

---

(١) اسم فاعل جي هن ترڪيب ۾ حرف 'ر' جو اضافو ٿيل آهي.

١٠. امر جي پڇاڙيءَ يا امر جي پهرئين حرف کانپوءِ حرف علت آڻي پڇاڙيءَ ۾ 'آر' يا 'آرو' ملائڻ سان اسم فاعل (مذکر) ۽ پڇاڙيءَ واري حرف 'ر' تي زبر ڏيڻ يا 'و' جي جاءِ تي حرف 'ي' ساڻ زير آڻڻ سان اسم فاعل (مؤنث) ٺهندو آهي، مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اسم فاعل (مذکر):

پچارو	سکيارو
پنار يا پنارو	لڄارو
چاڙارو	ليکارو
ڏکارو	وڻجارو

اسم فاعل (مؤنث) جا مثال:

پنار
ڏکارِي
سکيارِي
لڄارِي

١١. مصدر جي پڇاڙي حرف 'و' ڪڍڻ سان اسم فاعل (مذکر) ۽ حرف 'ي' ساڻ زير ڏيڻ سان اسم فاعل (مؤنث) ٺهندو آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اسم فاعل (مذکر):

اوڳاڙڻو	ٻڌڻو
ٻاسڻو	ڪڍڻو
ٻولڻو	ڳائڻو
پڇڻو	مڱڻو
ٺوڪڻو	وڃڻو

اسم فاعل (مؤنث):

اوڏڻي	ڏجڻي
ٽپڻي	رسڻي
پيئڻي	ڪائڻي
ڏسڻي	نچڻي

١٢. امر جو لفظ جيڪڏهن (١) ٻن يا وڌيڪ حرفن وارو آهي ۽ ان جي پوئين حرف تي پيش واري اعراب آهي ته ان جي پڇاڙيءَ 'ندڙ' پڇاڙي ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً: 'اَڏُ'، 'اَڙُ' ۽ 'اَڏامُ' امر جا لفظ آهن جن مان اسم فاعل ٺهندو 'اڏندڙ'، 'اڙندڙ' ۽ 'اڏامندڙ'. پر جي امر جي پوئين حرف تي زير واري اعراب آهي ته 'ان' جي پڇاڙيءَ 'يندڙ' پڇاڙي ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً: 'وَٽِ' ۽ 'وَتاءِ' مان اسم فاعل ٺهندو 'وٽيندڙ' ۽ 'وَتائيندڙ'. مذڪر ۽ مؤنث جي سڃاڻپ لاءِ اسم فاعل جي پوئين حرف تي پيش ۽ زير جو استعمال ٿيندو آهي، مثال هيٺ ڏجن ٿا:

پيش واري امر مان ٺهندڙ اسم فاعل جا مثال:

ٻڏندڙ	اُبرندڙ	ايامندڙ
ٻرندڙ	اهرندڙ	اجهامندڙ
پڙهندڙ	پڪڙندڙ	پرڻجندڙ
گهمندڙ	پيئندڙ	سڄائندڙ
وَهندڙ	چائندڙ	وسامندڙ
هلندڙ	وڪڻندڙ	وڃامندڙ

(١) ڪي امر وارا لفظ اهڙا آهن جن جي پوئين حرف تي پيش واري اعراب هوندي به ان جي پڇاڙيءَ 'يندڙ' پڇاڙي لڳندي آهي، مثلاً: 'آڇ' يا 'آءُ' امر مان اسم فاعل ٺهندو 'ايندڙ'، 'وَڃ' مان اسم فاعل ٿيندو 'ويندڙ' ۽ 'ڪاهُ' مان اسم فاعل ٿيندو 'ڪاهيندڙ' وغيره.

زير واري امر مان ٺهندڙ اسم فاعل جا مثال:

اڏيندڙ	بخشيندڙ	آڻائيندڙ	اوڳاريندڙ
(١) ڏيندڙ	ٻوليندڙ	ٻچائيندڙ	ڀڄائيندڙ
سڏيندڙ	تاريندڙ	پرائيندڙ	چورائيندڙ
ڳنڍيندڙ	ڏاريندڙ	سڌاريندڙ	ساراهيندڙ
لڏيندڙ	ڳائيندڙ	سنڀاليندڙ	شرمائيندڙ
ونڊيندڙ	ماريندڙ	ڪمائيندڙ	وڌائيندڙ

١٣. اسم جي پٺيان حرف 'ر' يا 'ڙ' گڏڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً: 'ڏنڊ' اسم مان اسم فاعل ٿيندو 'ڏنڊر'، ۽ 'چوٽي' مان اسم فاعل ٿيندو 'چوٽير'. ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اٺر	(٢) چولير	گوهير
ٻنير	ڏاتير	ڳاليهر
ٿاهڙ	ڏاڙهير	لاڙير
پاڻير	ڏيهير	لٽير
جهير	ڪاڻير	مالير
چڪير	گاڏير	مڇير

١٤. اسم جي پٺيان مختلف پڇاڙيون جهڙوڪ: 'اڙو' 'تو'، 'آئو'، 'ائو'، 'يچو'، 'يڪو'، 'ولو'، 'يل'، 'يلو'، 'آڻو' يا 'يڻو' وغيره آڻڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي. مذڪر ۽ مؤنث جي تخصيص لاءِ حرف 'و' ۽ 'ي' سان زير استعمال ٿيندا آهن. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

---

(١) اسم فاعل جي هن ترڪيب ۾ 'ڏي' امر جي پوئين حرف 'ي' تي نه پيش آهي نه زير بلڪ اهو حرف ساڪن آهي؛ ان مان اسم فاعل ٺاهڻ لاءِ ان کي زير وارو امر ليکيو وڃي ٿو.

(٢) 'چولي' اسم مان اسم فاعل ٺاهڻ لاءِ سندس حرف 'ي' کي حذف ڪيو ويو آهي.

اسم فاعِل (مذڪر):

ڀاڳيائو	ڀاڙيچو	ٻڙڪيلو	سرٻلو
جاڻو	ماڙيچو	جوشيلو	هٺيلو
لوڀيائو	ويڙهيچو	جهنبولو	ٻرياڻو
ماڻوڙو يا ماڻو	ٽانڊيڪو	ڪاوڙيل	ڳوٺاڻو
ٽريچو	سانٽيڪو	رسيلو	سوُراڻو
ڀاريچو	ڏاڙيل	روهيلو	ماڻيٺو

اسم فاعِل (مؤنث):

ڳوٺاڻي	ماڙيچي	سانٽيڪي
سوُراڻي	ڀاڳيائي	رسيلي
ماڻيٺي	جاڻي	روهيلي
ٽريچي	لوڀياڻي	سَرٻلي
ڀاريچي	ٽانڊيڪي	هٺيلي

١٥. اسم جي ٻليان ٻچاڙيون، جهڙوڪ: 'ت'، 'آتو'، 'اَئتو' يا 'ايتو' ملائڻ سان اسم فاعل (مذڪر) ٺهندو آهي؛ مؤنث جي صيغي لاءِ اسم فاعل جي ٻچاڙيءَ واري ٻيش واري اعراب جي جاءِ تي 'زير' ۽ حرف 'و' جي جاءِ تي 'ي' سان زير استعمال ٿيندي آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اسم فاعل (مذڪر):

(١) ٻورهيتُ	ٻيئيتو	سگهائتو	لڄائتو
اڌرائتو	جوکائتو	سنڌائتو	مانائتو
ٻيڙياتو	جوئيتو	سورائتو	مائيتو
ڀائيتو	ساکائتو	سيلائتو	منڌائتو
ٻوائتو	سانگائتو	ڪمائتو	وڙائتو
(٢) ٽورائتو	سڌائتو	گهريتو	هنڌائتو

(١) ۽ (٢) اسم فاعل جي هنن ترڪيبن ۾ اسم جو ٻوڀون حرف 'و' حذف ڪيو ويو آهي.

اسم فاعل (مؤنث)

پورهيتڻ	پيئيتي	ڪمائيتي	منڊائيتي
اڙائيتي	جسائيتي	گهريتي	مائيتي
پائيتي	سڌائيتي	لڄائيتي	وريتي
ٻوائيتي	سوڙائيتي	مانائيتي	وڙائيتي

١٦. اسم جي پڇاڙيءَ يا ان جي پهرئين حرف پويان حرف علت آڻي آخر ۾ 'آر'، 'ڪار'، 'ڪر' 'ڪُڙ' يا 'اِڪر' پڇاڙين ملائڻ سان اسم فائل ٺهندو آهي. مذڪر ۽ مؤنث جي فرق ظاهر ڪرڻ لاءِ اسم فاعل جي پوئين حرف تي پيش يا زير واري اعراب استعمال ٿيندي آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اوڻار	(٢) پنهوار	نقصانڪار
ٻڪرار	(٣) ڳنوار	(٦) هاڄيڪار
(١) ڏڻار	(٤) ميهار	رانديڪر
ڏاتار	(٥) جهيڙاڪار	(٧) پاڇوڪڙ
ريڊار	چترڪار	(٨) پاڇوڪڙ
ڪرتار	زيانڪار	(٩) رولاڪڙ

(١) هن اسم فاعل جون ٻيون صورتون به آهن، مثلاً: 'ڏڻار' ۽ 'ڏرار' يا 'ڏراڙ' جن ۾ حرف 'ڻ' جي جاءِ تي حرف 'ن' يا 'ر' آندو ويو آهي.

(٢) ۽ (٣) هنن ترڪيبن ۾ اسمي لفظ آهن: 'پَهون' ۽ 'ڳئون'، جن ۾ آخري 'ن' ڪڍيو ويو آهي؛ اهڙي طرح (٤) ترڪيب ۾ پهريون ۽ پويون ٻئي 'ن' حذف ڪيا ويا آهن.

(٥)، (٦) ۽ (٩) هنن ترڪيبن ۾ اسمن جون جدا جدا صورتون آهن: 'جهيڙو'، 'هاڄو' ۽ 'رولُو'، جن ۾ پويون حرف 'و' ڪڍي ان جي جاءِ تي حرف 'ا' ۽ 'ي' آندا ويا آهن.

(٧) ۽ (٨) هنن ترڪيبن ۾ 'پاڇُو' ۽ 'پاڇُو' خود اسم فاعل آهن، پر انهن جي پٺيان 'ڪڙ' پڇاڙي ملائي انهن کي استمراري معنيٰ ڏني وئي آهي.

مٿين ترڪيبن کانسواءِ هڪ ٻي نرالي ترڪيب آهي جنهن ۾ امر جي پڇاڙيءَ حرف علت 'ي' ملائي پڇاڙيءَ 'ڙيات' پڇاڙي گڏڻ سان اسم فاعل جو صيغو ٺهندو آهي، مثلاً: 'سيکڙيات'.

۱۷- اسم جي پڇاڙيءَ پڇاڙيون، جهڙوڪ: 'آڻ'، 'وان'، 'واڻ'، 'ند' يا 'وند' ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندر آهي، مثلاً:

ٻلوان	وچاوان	آسر وند
ڇنيوان	اڳواڻ	ڀاڳوند
ڏنوان	پهلواڻ	صورت وند
سٿياوان	پيلواڻ	لڇوند
سوڀياوان	سرواڻ	مراد وند

۱۸- اسم جي پڇاڙيءَ يا اسم جو پويون حرف ڪڍي ان جي پڇاڙيءَ 'ڪ' يا 'دائڪ' پڇاڙي ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً: 'پرواهه' اسم مان اسم فاعل ٿيندو 'پرواهڪ' ۽ 'بکيا' اسم جو پويون حرف 'ا' ڪڍي باقي لفظ کي 'ڪ' پڇاڙي ملائبي ته اسم فاعل ٿيندو 'ڀڪيڪ'، ٻيا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

پاڻڪ	ڦلدائڪ
سماجڪ	اچڪ
سرجادڪ	رچڪ
دکدائڪ	رڪيڪ

۱۹- اسم جي پڇاڙيءَ پڇاڙيون، جهڙوڪ: 'سر'، 'سي' يا 'سيري' ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً:

پاڙيسري يا پاڙيسي
جوکيسر
(١) ڏاسيري
ڪوريسر

٢٠. اسم جي پڇاڙيءَ ’چي‘ پڇاڙي ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً:

بندوقچي
توبچي، توپچي
دُنبچي يا ذمچي
(٢) پنڊورچي
(٣) خزانچي

٢١. امر جي پهرئين حرف پٺيان حرف ’ي‘ آڻي آخر ۾ ’ڪ‘ پڇاڙي ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً: ’لِک‘ امر مان اسم فاعل ٺهندو ’ليکڪ‘؛ يا امر جي پوئين حرف سان ’ا‘ ملائي پٺيان ’ڪ‘ پڇاڙي ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً: ’رَهُ‘ امر مان اسم فاعل ٺهندو ’رهاڪ‘؛ يا امر جي پهرئين حرف پٺيان حرف ’ي‘ آڻي ۽ پوئين حرف سان ’ا‘ ملائي آخر ۾ ’ڪ‘ پڇاڙي گڏڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً: ’تَر‘ امر مان اسم فاعل ٺهندو ’تيراڪ‘. اهڙا ڪي ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

پڙهاڪ	چوڙاڪ
جٺاڪ	رولاڪ
جوٺياڪ	ويڙهاڪ
جهيڙاڪ	هيراڪ

(١) هن ترڪيب ۾ ’ڏن‘ اسم جي پٺيان حرف ’ا‘ ملايو ويو آهي.
(٢) ۽ (٣) هنن ترڪيبن ۾ اسم جو پويون حرف ’و‘ حذف ڪيو ويو آهي؛ اهي اصل لفظ آهن: ’پنڊورو‘ ۽ ’خزانو‘.

٢٢. امر جي پڇاڙيءَ 'ڪ' پڇاڙي ڳنڍڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً:

اڏامڪ	سڌارڪ
جاچڪ	ڪاٽڪ
ڏاڪ	ڳائڪ

٢٣. ڪي امر جا صيغا اسم فاعل ٿي ڪم ايندا آهن، يا ڪن جي پهرئين حرف پڄاڻان حرف علت جو اضافو ٿيل هوندو آهي، جيئن 'آڏ' امر مان اسم فاعل ٿيندو 'اوڏ'. ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

ٺوڙ
ٺڳ
جوڙ
(١) چور
ڪر يا ڪار

٢٤. ٻن اسمن کي ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً:

پاتشاهه	(٤) گهوڙيسوار
ڪيلمڪ يا ڪيلمڪو (٢)	وات وڪيل
(٣) گهڙامنجي	هڏ ڏوڪي

٢٥. اسم جي پڄاڻان امر جو صيغو ڳنڍڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً:

---

(١) هي لفظ 'چورائڻ' مصدر مان نڪتل آهي، جنهن مان امر جا پويان حرف 'آءِ' ڪڍيا ويا آهن.
(٢) هن ترڪيب ۾ پوئين اسم ۾ حرف 'و' جو اضافو ڪيو ويو آهي.
(٣) ۽ (٤) هنن ترڪيبن ۾ پهرين اسمن 'گهڙو' ۽ 'گهوڙو' جو پويون حرف 'و' ڪڍي ان جي جاءِ تي 'ا' ۽ 'ي' آندا ويا آهن.

ڀنيءَ ٻوڙ	ڳورپٽ
رکپال	ڳنڍچوڙ يا (١) ڳنڍيچوڙ
سرويچ	(٢) مکيچوس
ڪٺامار	ڪنڦاڙ
گردن توڙ	هٿڦاڙ

٢٦. اسم جي پڇاڙيءَ امر جو صيغو ساڻ 'و' يا 'يو' پڇاڙي آڻڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، مثلاً:

ڌوڙڌويو	ياڳيڙيو
ڪانگ ٽڙو	رنگيڙيو
مس چٽو	سونهيڙيو

٢٧. صفت ۽ اسم يا صفت ۽ امر جي مرڪب مان اسم فاعل ٺهندو آهي؛ اهڙي حالت ۾ صفت جو پوئيون حرف 'و' مذڪر جي حالت ۾ ۽ 'ي' مؤنث جي حالت ۾ حذف ٿيندو آهي ۽ ساڳئي وقت گهٽو ڪري پوئين لفظ جي آخر ۾ حرف علت يا 'يو'، 'ڙو' ۽ 'ڪ' پڇاڙيءَ جو اضافو ٿيندو آهي، مثلاً: 'گهٽخيالو' اسم فاعل جو صيغو آهي، انهيءَ صيغي ۾ پهريون لفظ 'گهٽو' صفت ۽ پويون لفظ 'خيال' اسم آهي؛ 'گهٽو' جو پويون 'و' حذف ٿيل آهي ۽ وري اسم 'خيال' جي آخر ۾ 'و' جو اضافو ڪيو ويو آهي. ٻيا اهڙا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(١) ۽ (٢) هنن ترڪيبن ۾ اسم جي پڇاڙيءَ حرف 'ي' جو اضافو ٿيل آهي.

اپيرو	ڪارنهو	گهڻگهرو
ٿورڻائو	ڪار چڙهو	گهڻمتيو
ٿورڪائڪ	ڪار منهون	منگهرو
ٿورڪائو	گهڻ اکرو	وڏياڳهو
ٿور ويرسو	گهڻ ٻجو	وڏ ڦڙو
ٿور ويساهو	گهڻ رسو	وڏ جگرو
سوڙهه دليو	گهڻ ڳالهائيو، گهڻ ڳالهائڪو	وڏ واتيو

٢٧. ڪي اسم خود اسم فاعل جي صورت ۾ هوندا آهن، مثلاً:

استاد	ڏٿي	مارو
آگو	راڄ	مورک
پانهو	ڪانڌ	مهاڻو
پير	ڪنيار	ميهر
جاجڪ	گنرُ يا گروُ	وَرُ
جتُ	گولو	ولهو
چارڻ	لُچ	ويڄ
دشمن	لنگهو	هاتڪ

٢٨. اسم فاعل جي ڪن ترڪيبن ۾ سنڌيءَ جي اسمي لفظن جي پٺيان فارسيءَ جون پڇاڙيون يا فارسيءَ جا امر جا صيغا استعمال ٿيندا آهن. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

فارسي امر جي صيغن سان ٺهندڙ اسم فاعل جا مثال:

ٿاڻيدار	چوڪيدار	گهُريدار
نڳباز	دڳاليند	لاڳيدار
پلٽيباز	ڌوتي بند	لچڪيدار
جوا باز	سارنگي نواز	لٺيدار
ڦهريدار	سربند	مٺادار
قلدار	ڪمدار	مهندار
جاگيردار	ڪاٺيدار	وياج خور

فارسيءَ جي پڇاڙين سان ٺهندڙ اسم فاعل جا مثال:

چوڙيگر	ڪمانگر
(١) رانديگر	ڪاٺگور
ڪاريگر	ڪرٽيگور
ڪاشيگر	مهٽيگور

٢٩. سنڌيءَ ۾ فارسي ۽ عربيءَ جا اڪيچار اسم فاعل جا لفظ استعمال ٿيندا آهن جن جا، ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

فارسيءَ جا اسم فاعل وارا لفظ

دل آزار	بختاور	سنگ تراش	حرامخور
دل افروز	زورآور	آتش پرست	رشوتخور
رونق افروز	دلاويز	بت پرست	شرابخور
روح افزا	باربردار	دلپسند	قيامت خيز
عزت افزا	پيغمبر	تاجپوش	معني خيز
همت افزا	جانبر	پرده پوش	ايماندار
بد انديش	دلبر	چشم پوش	تاجدار
دورانديش	جانباز	روپوش	جاندار
زهرآميز	دغاباز	سترپوش	خبردار
شڪرآميز	سرباز	سبزپوش	دلدار
لطيف اندوز	پابند	بادپيما	راهدار
درد انگيز	دلبند	خونخوار	زميندار
حيرت انگيز	نظربند	نمڪ خوار	شاندار
شرانگيز	دوربين	آدمخور	مالدار
اشڪ آور	بهتان تراش	چغلخور	رازدان

(١) هن ترڪيب ۾ اسم جي پڇاڙيءَ حرف 'ي' جو اضافو ڪيو ويو آهي، هن جي ٻي صورت 'رانديڪر' آهي.

رياض دان	دلڪش	پاسبان	سود مند
سائنسدان	ڪارڪن	دربان	عقلمند
قانون دان	عبادت گذار	شتربان	غيرتمند
نادان	رهگذر	ڪشتي بان	فڪرمند
آبدوز	آتش گير	مهربان	هنرمند
زمين دوز	جهانگير	نگهبان	آشنا
آرام ده	دستگير	شرمسار	بينا
جهاز ران	دلگير	غمگسار	دانا
دلربا	دامنگير	آبادگار	نابينا
ڪهربا	عالمگير	آزمودگار	اندوهناڪ
هوشربا	گهگير	خدمتگار	افسوسناڪ
تيزرو	رومال	سازگار	المناڪ
پيش رو	ريگمال	مددگار	تابناڪ
خونريز	تخت نشين	بازيگر	خطرناڪ
رنگريز	پرده نشين	بتگر	دردناڪ
جلد ساز	جانشين	تونگر	دهشتناڪ
دندان ساز	دل نشين	جادوگر	شرمناڪ
قانون ساز	ذهن نشين	چاره گر	غضبناڪ
ڪارساز	رهنما	زرگر	غمناڪ
بت شڪن	قطب نما	ستمگر	وحشتناڪ
صف شڪن	حق نواز	سوداگر	هيبتناڪ
حق شناس	دلنواز	ارجمند	آينده
روشناس	غريب نواز	آرزومند	تابنده
فرض شناس	اخبار نويس	حاجتمند	پاينده
سرفراز	عريضه نويس	درد مند	پرنده
ڪارفرما	آواره	دولتمند	چرنده
آتش فشان	باغبان	رضامند	درنده

بداخلاق	بي پروا	بي نظير	سروقد
بدبخت	بي جان	بي نياز	سنگدل
بدتميز	بي حيا	بي وطن	شهنشاهه
بدحواس	بي خبر	بي وفا	شيردل
بدخواهه	بي درد	بي وقوف	گلبدن
بدزيب	بي دين	بي همت	همآواز
بدصورت	بي رحم	بي هوش	همآهنگ
بدظن	بي شرم	بزدل	همدرد
بدڪار	بي عزت	تنگ نظر	همدم
بدمعاش	بي غيرت	تيزگام	همراز
بدنام	بي عقل	پاڪ دامن	همراهه
بدنيت	بي بها	خوش خلق	همزلف
بي ادب	بي قياس	خوش مزاج	همسفر
بي ايمان	بي گناهه	زبان دراز	همشڪل
بي باڪ	بي نصيب	سپاهه سالار	همعصر

(١) عربيءَ جا اسم فاعل وارا لفظ:

باغي	خالق	طالب	غني
باقي	خادم	ظالم	قاني
باني	راشي	عابد	قاتل
تاجر	سالڪ	عاشق	قاصد
جاهل	سائل	عالم	قاضي
حاڪم	صاحب	غازي	قائد

(١) فارسيءَ جي اسم فاعل جي ترڪيبن ۾ جنس جي تخصيص نه هوندي آهي، پر عربيءَ ۾ جنس جو فرق نمايان هوندو آهي. عربيءَ ۾ مؤنث جي صيغي ۾ آخر ۾ 'ت' جي جي علامت استعمال ٿيندي آهي، مثلاً: 'خادم' مذڪر جو صيغو آهي ته مؤنث ٿيندو 'خادمه'.

ڪاتب	ڪريم	معمار	عيّار
ڪافر	مدير	منصور	غفّار
منڪر	مريض	مڪروهه	مبشّر
ناظم	مشهور	خليفه	مبلغ
وارث	معين	مبتدي	محدّث
والد	مغيث	مجاهد	محقّق
واقف	مقيم	مجاور	مخيّر
والي	نذير	مجتهد	مدبّر
هادي	وزير	محاسب	مصنّف
امام	وڪيل	محافظ	معلّم
اديب	مجرم	مخالف	مفڪّر
امير	محبّ	مرتڪب	مؤثّر
امين	محسن	مسافر	موحّد
بخيل	مخلص	معتمد	مؤرّخ
بشير	مرشد	ممتحن	مؤلّف
حسين	مريد	منافق	متعصّب
حڪيم	مسلم	منتظم	متڪبّر
خبيث	مشرڪ	منتهي	متڪلّم
خطيب	مفتي	مهاجر	متوڪّل
رحيم	مفلس	جبّار	اولوالامر
رفيق	مفيد	جلاّد	اولوالعزم
شريف	منشي	حمّال	جليل القدر
شهيد	منيب	دجّال	حڪيم الامة
صديق	موذي	دلاّل	سليم العقل
ضعيف	مؤمن	رزّاق	شريف النّفس
طبيب	سلطان	ستّار	ذوالجلال
عزيز	محتاج	سيّار	ذوالجناح
عظيم	مختار	صرّاف	ذوالقرنين
قديم	مشتاق	عطّار	ذي شعور

اسم فاعل جو استعمال:

”ڪالهه، ڳنڍوسون **ڪاپڙي** بابـــو **ٻيڪاري**،
ڏيئي ڏيـــڪـــاري ڦٽـــي دل **ڦقهو** ويـــو.“
(شاهه: مومل راڻو)

”قول پڄنديس ڪيئن، جي ٻڌم **ٻيلاڻن** سان.“
(شاهه: ديسي)

”ايهين ڪج **ٻاڻٺي** جنهن ٻر پرينءَ مڙان.“
(شاهه: سامونڊي)

”**ڏوروڏيرهي** ٿيءَ، وڃڻ ويـــرم نه سهي.“
(شاهه: معذوري)

”**جوڳي** جال ڏنام، ٻر ڪو ڪوليو **ڪاپڙي**.“
(سچل: جوڳ)

”جت ڳنڍجني **جوهري**، ماڻڪ تنهين مٽ.“
(شاهه: سراڳ)

”**جهانگي** جهڻ ٻياڪ، ناهن شربت **هيروان**.“
(سچل: ڪنياڻ)

”توڻي **ڏوڻي** ڏوءَ، ته ٻه لالي انهن نه لهي.“
(شاهه: مومل راڻو)

”ڪڏهن ڪانه سٽي تهِ ڪا **سگهي** ڪڏي سڄڻين.“
(شاهه: حسيني)

”**ڪانڌي** ڪنگ ٿياس، وهڻ جنازر سهڻي.“
(شاهه: سهڻي)

”وڃان ڪيئن وران، ڪنڌيءَ منهنجو **ڪارڻي**.“
(شاهه: سهڻي)

”ڪاهوڙي ڪڄن، پسيو **ٻورهيت ويسرا**.“
(شاهه: ڪاهوڙي)

"مڃتي ساري، ڪونهي داد دريـاهه ۾."
(شاهه: سهڻي)

"تارؤ تـرڻو وڃن، ننڍا وڏا واهـڙا."
(شاهه: سراڳ)

"وڃي مهر نئين وٽ مٽ جي پارکو پارس جا."
(شاهه: سراڳ)

"گهاتو گهر نـه آئـيا، وڏي لڳين وار."
(شاهه: گهاتو)

"پورو ائين نه پائي تہ لوڪ لاڏائو ساعت جو."
(شاهه: مارئي)

"پاڻهون لوڙائو تـيـن پاڻهين دانهون ڪن."
(شاهه: سراڳ)

"الـڙ ني م آڃ تـون واڻهڙن وائـي."
(شاهه: ٻروو سنڌي)

"سارنگ سار لهيج الله لڳـ آڃين جي."
(سچل: سارنگ)

"ساريو توکي ساهه اڪنڊيو آهونءَ ڪري."
(شاهه: سسئي)

"مـونکي ڏنءَ ڏيئي ڊوليو ڏيٺ قـراريو."
(شاهه: مومل راڻو)

"ڏـو در آيس راڇيا ٻيا در ڏيئي ٻـن."
(شاهه: سورٺ)

"سونهان سڏيون ڏين ديواني درياهه جون."
(شاهه: سراڳ)

"ڏڪاريا ڏيهه سـاڻ موڏي سپ مـون."
(شاهه: سارنگ)

"ور ري **وانڍين** اڏيا، پکا سي مَ پسن."
(شاھ: سارنگ)
"سي **ٻوچارا** ٻُر تما، سمنڊ سمويو جن."
(شاھ: سراڳ)
"سکن ٿيون **سھاڳڻيون** سوڍا تنھنجي سٿ،
مون تان لاھ مَ ھٿ، **ڪامل ڏڏي** ڪاڪ جا."
(شاھ: سورٺ)
"اڇي **ڪوھيارا** ڪر، دلاسو **دلگير** ڪي."
(شاھ: حسيني)
"**گھڙن واريون** تڙن ني گھرن گھٽيي."
(شاھ: سھڻي)
"مون تَنَ اندر تن وھي، جيئن وڻ وڍي **واڍو**."
(شاھ: ڪوھياري)
"**ڏکيون** جان نہ مڙن تان تان ٻنھ نہ ٿئي،
ٻڪڻ واريون ٻڌيون ڳاڙھا ڳل سندن،
ٻيون ھئين ھٿ ھلن، رنڊيون **رڱڻ واريون**."
(شاھ: حسيني)
"**قدر وارا** ڪم ٿيا، ڪتا **خريدار**،
پاڻيٺا جي **پرکڻا** ويا سي **وينجھار**."
(شاھ: سراڳ)
"ستين سنجھڻي وڄ ڪوندہ **ويسلا**،
وير وري وڃي **آسارن** تان اوچتي."
(شاھ: سراڳ)
"ڏنم **ڏونگريا**، کھوري ھيس جنجي."
(شاھ: حسيني)
"عمر اچا ڪپڙا **ڪاڏياريون** ڪئن ڪن."
(شاھ: مارئي)

”اڄ پڻ واڳون ڪن **وڙڇارا** وچڻ جون،
هلڻهارا سپرين رڻان تان نه رهن.“
(شاهه: سامونڊي)

”ڀڃي آئين **ڀڃڻا** لڄايئي سون يار.“
(شاهه: ڪيڏارو)

”مال نه سگي **مڱڻو جاچڪ** گهري جيءَ.“
(شاهه: سورٺ)

”ڪو **ڳنڍيندڙ** هوءِ ته پريت پراڻي نه ٿئي.“
(شاهه: حسيني)

”تان سوران ٿي سهيج جان **لاهيندڙ** ڪولهين.“
(شاهه: رپ)

”سيسي سي ڳهرن، جي واڻيندڙ وچڙ.“
(شاهه: ڪلياڻ)

”ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، ڳن **وڍيندڙ** هٿ ۾.“
(شاهه: ڪلياڻ)

”وڪر ڏيرون ڏير پر **وهائيندڙ ويسرا**.“
(شاهه: سراڳ)

”منهنجو **پاڙيچن** ڪچو ڪونه ڏڪيو.“
(شاهه: حسيني)

”سي **چلولا** چنجن جي در در لائن دوستي.“
(شاهه: بروو سنڌي)

”نڪي تسان سگ ۾، نڪي **سڳيڻي**،
آهيان **ڪميڻي**، ذات ٻاروچي نه جڙان.“
(شاهه: حسيني)

”**وڙهيچن** وري ڪر نه لڌي ڪڏهين.“
(شاهه: مارئي)

”**الاڪانڱ** اچي، **آسائتي** آهيان.“
(شاهه : سامونڊي)

”**ٻهڙيانا** ٻڌي ڳالهيون تو نه ڦٻنديون.“
(شاهه : سراڳ)

”ٻيڙي ٻڌ ٻيهار، **سورائتي** سندرو.“
(شاهه : حسيني)

”**مدائتي** مينهن جي ڪيڻ نه ڪوتي.“
(شاهه : سارنگ)

”**پلا** ٻيري ٻر، پالهو پاند **ڀنڀار** جو.“
(شاهه : سورٺ)

”ستر ڪر **ستار**، آءٌ اگهاڙي آهيان،
ڍڪج **ڍڪڻهار**، ڍڪي پاند پناهه جو.“
(شاهه : ڏاهر)

”اصل هيو نه اهڙو، **مڱڻو مڱڻهار**.“
(سچل : سورٺ)

”جنهنجو آرٻاٽي **اڳواڻ** تنهن کي ڪانهي ٻاڪ ٻهير ۾.“
(شاهه : ديسي)

”وڻج وهائيج سڀ **سوداگر** سچ جو.“
(شاهه : سراڳ)

”ننگو ڪج نه **ٺڪر** کي **ٺمائين ٺنگ ڀال**.“
(سچل : سارنگ)

”**ڏاهن** ڏاهپ وسري ٿيا **حريف** ٿي حيران.“
(شاهه : ديسي)

”ڪڙي ڪيف خمار جا، مٿي ٻي **هوالي**.“
(شاهه : مومل راڻو)

”ٻڌندي ٻوڙن کي ڪي **هانڪ** هٿ وجهن.“
(شاهه: سهڻي)
(شاهه: حسيني)
”**ڪامل ڪشيتيان** وچهه ڳـڌين **واهرو**.“
(شاهه: سراڳ)
”ڪتو ڪرتي هڏيون، **جوانمرد** جگر کاءِ.“
(شاهه: معذوري)
”ايءُ عشق جو آچار جو **دانهن ديوانا** ڪري.“
(شاهه: ڏورو سنڌي)
”آهيان **عيبدار**، سڪان تي سهاڳ ڪيئي.“
(شاهه: ليلان چنيسر)
”**ڏاتــار** ۽ **مڱڻي** ڪو نه وسيلو وچ.“
(شاهه: سورٺ)
”بيحد ٻاگـــو بحر ۾ **هيبتناڪ** هـــزار.“
(شاهه: سهڻي)
”**درنــدا** دريـــاهه ۾ واڪا ڪيو ورن.“
(شاهه: سهڻي)
”جو ملڪ جو **مهندار** سو مولي موڪلي منهنجون.“
(شاهه: ديسي)
”سيـانـــي **سرفراز** ميون ڪندو مڱڻي.“
(شاهه: سورٺ)
”اول الله **عليم** اعلي عـالـــم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين **قائم** آهه **قديم**،
والي واحد وحـده **رازق** **رب رحيم**.“
(شاهه: ڪلياڻ)
”تون **حبيب** تون **طبيب** تون درد جي دوا،
صاحب ڏي شفـا سين **مريضن** کـــي.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"**عاشق** زهر پياڪ، وهه ڏسي وهسن گهڻو،
ڪڙي ۽ **قاتــل** جـا همهشه **هيراڪ**."
(شاهه: ڪلياڻ)

"ڳاڙيندي ڳوڙها جت **شاهد** ٿيندءِ سامهان!"
(شاهه: ڪلياڻ)

"**غافل** غفلت ڇوڙ، تون ڪيئن **اُٺاسي** اوجهرين."
(شاهه: ڪوهياري)

"**ڪاتب** جو لکن، سو متان ويئي ورائيين."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"اي ءَ گت **غواصن** جئن سمنڊ سوجهيائون."
(شاهه: سراڳ)

"جي **صرافن** لڌيو ته تون پڻ لڌج سون."
(شاهه: سراڳ)

"سي مر روئو رون، جـن **مسافر** سپرين."
(شاهه: سسئي)

"جئن **جت** ڏاران **معذور** جـو مس ٿئي."
(شاهه: سسئي)

"ات ڪا **معلم** حاج، جت **ٻوڙڻ وارو** پاڻ ڏئي."
(شاهه: سراڳ)

"**مفتي** منجهه وهارته **قاضيءَ ڪاڏهارو** نه ٿئين."
(سچل: يمن ڪلياڻ)

"مات ڪريان ته **مشرڪ** ٿيان ڪچان ته **ڪافر**."
(سچل: آسا)

"**واقف** جي وڻڪار جا ونئن تني جي سڏ."
(شاهه: سسئي)

"سو ڪانگـم **قاصد** ڪري جوسڏا ڍونڍي ڍونڍيڪي."
(شاهه: پورب)

بدبخت اهو آهي جو پنهنجي خالق کي وساري ويهي.

بدسيرت واري کان **بدصورت** چڱو آهي.

ٻاڙيسريءَ جا حق چڱي طرح ادا ڪرڻ گهرجن.

حرامخور کي ڪڏهن به دل جو سڪون نصيب نه هوندو آهي.

ڪاريگر ۽ هنرمند ماڻهو هوندو ته ڪنهن جي اڳيان هٿ نه ٽنگيندو.

”**لٽر** وڃي **چڪر** کي.“

هٺڦاڙ ٿيڻ **بي عقل** جو ڪم آهي.

قوم جو فڪر ۽ عمل **هم آهنگ** هئڻ گهرجن.

(١٩) (١) **اسم مفعول**: اهو اسم جو مصدر مان مشتق هجي ۽ جملي ۾ فاعل يا مفعول طور ڪم اچي سگهي، تنهن کي اسم مفعول چئبو آهي. اسم مفعول به مفعول کان ٺاهيو آهي، ڇاڪاڻ ته مفعول جملي ۾ فقط مفعول ٿي ٿي رهندو آهي.

---

(١) اسم مفعول، اسم حاليه ۽ اسم استقبال جو تعلق اگرچ فعل سان زياده آهي ۽ انهن جو بيان فعل واري باب ۾ ڏيڻ گهربو هو، پر ڇاڪاڻ ته مذڪور صيغن مان ڪو به اسم جي نمائندگي ڪري سگهي ٿو، تنهنڪري انهن جو ذڪر اسم جي باب ۾ ڪيو ويو آهي.
اسم فاعل ٽوڙي اسم مفعول جي تعريف يا انهن جو استعمال ساڳيو آهي، پر انهن جي ترڪيبي صورت علحدي آهي.

اسم مفعول جي ٺهڻ جا مختلف طريقا هيٺ ڏجن ٿا:

سنڌيءَ ۾ اسم مفعول جي بناوت گهڻي ڀاڱي ڪن جامع ۽ خاص اصولن ۽ قاعدن تي ٻڌل ناهي، جيئن هيٺ ڄاڻايل ترڪيبن ۽ مثالن مان ظاهر آهي.

١. عام طرح مڪيه فعل (امر) جي پٺيان 'او' يا 'يو' پڇاڙي فاعلي حالت ۾ ۽ 'اي' يا 'يي' عام صورت ۾ ڳنڍڻ سان اسم مفعول ٺهندو آهي، مثلاً:

مڪيه فعل	فاعلي حالت	عام صورت
اچ	آيو، آئي	آئي
پس	پسيو	پسي
جڙ	جڙيو، جڙي	جڙيي
چئُ	چيو	چئي
سڏ	سڏيو	سڏيي
ڪر	ڪيو يا ڪريو	ڪئي
مر	مئو يا ميو، مئي	مئي
ني	نيو	نئي
وڃ	ويو، وئي	وئي
هل	هليو، هلي	هليي

فعل جڏهن لازمي آهي ته فاعلي حالت ۾ مذڪر ۽ مؤنث جا جدا جدا صيغا استعمال ڪرڻا پوندا، پر متعديءَ جي حالت ۾ صيغو ساڳيو رهندو، جيئن مٿين مثالن ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

٢. فعل جي زمان ماضي مطلق جي واحد غائب واري صيغي جي پوئين حرف علت کي ڪڍي ان جي جاءِ تي حرف 'ل' آڻڻ سان اسم مفعول ٺهندو آهي، مثلاً: 'چئ' مصدر

جو ماضي مطلق واحد غائب جو صيغو آهي 'آيو'، جنهن مان اسم مفعول ٿيندو 'آيل'. اهڙا ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

آڏيل	ٿيڙيل	ڏٺل	لڌل
ٻيٺل	ٿريل	سڙيل	نڪتل
ٻڌل	ٻڙهيل	ڪٺل	وڌيل
ٻڌل	ڦٽيل	ڪٽيل	هاريل

اسم مفعول جي مٿين صيغن ۾ عدد ۽ جنس جي ڦيرگهير لاءِ ضروري اعرابون يا علامتون استعمال ڪيون.

هن قسم جي اسم مفعول جي ترڪيب فاعلي تـوڙي عام صورت ۾ هڪجهڙي هوندي آهي.

٣. اسم مفعول جـي ٻئي جـون (١) ٻيون بـه ڪي صورتون آهن، جن ۾ پڇاڙيون جدا جدا قسمن جون لڳنديون آهن؛ اهي پڇاڙيون هي آهن:

تو، ٿو، ٿو، دو، ڌو، ڪو، ڳو، نو ۽ ڻو.

هرهڪ جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(١) سنڌيءَ ۾ ڪي فعل اهڙا هوندا آهن، جن جي مصدرن مان جيڪڏهن اسم مفعول يـا ماضي مطلق جوڙبو ته مشتق فعلن جي بنيادي صورت قائم نه رهندي، مثلاً: 'ڏسڻ' مصدر مان اسم مفعول ٿيندو 'ڏٺو'؛ هن ترڪيب ۾ حرف 'س' حرف 'ٺ' ۾ مٽجي ويو آهي.

اصل ۾ سنسڪرت جي اسم مفعول جي پڇاڙي 'ت' آهي، جا ذاتي ڪمزوريءَ جي ڪري بدلجي ت، ٿ، د، ڌ، ڪ، ڳ، ن، ڻ ۽ ي ٿي پيئي آهي.

'تو' پڇاڙيءَ سان ٺهندڙ اسم مفعول جون ترڪيبون:

ڀَتو مَتو لاتو وِهتو ڪُتو
ٿَتو ڀاتو کيتو چِٽو ڀوتو
رَتو ڇاتو لِيتو رُٽو ڏوتو
ڪَتو ڏاتو نِڪتو سُٽو ڀِيٽو

٣ 'ٿو' پڇاڙيءَ سان ٺهندڙ اسم مفعول جا مثال:

لَٿو ڳِيٿو
ڦاٿو ڪُٿو
لاٿو ڳُٿو
ڦِٿو ڳِيٺو

'ٺو' پڇاڙيءَ سان ٺهندڙ اسم مفعول جا مثال:

تَٺو ڪَٺو
ڍُٺو مُٺو
سَٺو وُٺو
ڳَٺو ٻِيٺو
ڊاٺو ويٺو
آٺو پِٺو
رُٺو وِٺو

'ڏو' پڇاڙيءَ سان ٺهندڙ اسم مفعول جا مثال:

وَڏو
آنڊو
رِڌو

'ڙو' پڇاڙيءَ سان ٿيندڙ اسم مفعول جا مثال:

ڏڏو	ڪيڙو
لڏو	وڙو
ڪاڙو	پڙڙو
سيڙو	ڏڏو

'ڪو' پڇاڙيءَ سان ٿيندڙ اسم مفعول جا مثال:

پڪو
مڪو

'ڳو' پڇاڙيءَ سان ٿيندڙ اسم مفعول جا مثال:

ڀڳو	چيڳو
لڳو	ٻڙڳو
وڳو	پڳو
پيڳو	ٻڳو

'نو' پڇاڙيءَ سان ٿيندڙ اسم مفعول جا مثال:

پينو	پنو
ڏنو	ڀنو
ڦينو	رنو

'ٺو' پڇاڙيءَ سان ٿيندڙ اسم مفعول جا مثال:

آڳهاٺو	وڪاٺو
سماٺو	آپاٺو
ساماٺو	آجهاٺو
ڪاٺو	آڏاٺو
وساٺو	ڪوماٺو

٤. سنڌيءَ ۾ فارسي ۽ عربيءَ جا اسم مفعول جا صيغا به عام طرح استعمال ۾ ايندا آهن، جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

فارسيءَ جي اسم مفعول جي صيغن جا مثال:

آراسته	برگزيده	پيوسته	فرسوده
آزرده	پراگنده	داشته	ڪشته
آزموده	پرورده	دانسته	ڪشيده
آشفته	پسنديده	رنجيده	ڪنده
افسرده	پوشيده	شڪسته	مرده
بوسيده	پيچيده	شگفته	وابسطه
بازآمده	ناديده	خوارشده	آسيب زده
تنگ آمده	بازرسيده	ذليل شده	ستمزده
حواس باخته	عمررسيده	مسخ شده	غمزده
دل برداشته	خود ساخته	منسوخ شده	قحط زده
ناخواسته	استعمال شده	دل شڪسته	پس مانده
شڪست خورده	تحريرشده	آتش زده	باز يافته

(١) عربيءَ جي اسم مفعول جي صيغن جا مثال:

مجذوب	معذور	محترم	مذبذب
مجروح	معشوق	مرڪّب	مستثنيٰ
محڪوم	مقبول	معزّز	مستحڪم
مخدوم	مقتول	مقرّب	مستعمل
مرحوم	منظور	منظّم	منجمد
مردود	منظوم	متغيّر	منحرف
مصروف	مرسل	متفرّق	منحصر
مظلوم	ملزم	متزلزل	مندرج

(١) فارسيءَ جي ترڪيبن ۾ جنس جو فرق نه هوندو آهي، مگر عربيءَ ۾ مؤنث جي تخصيص لاءِ آخر ۾ 'ت' جي علامت استعمال ٿيندي آهي، جيئن 'مرحوم' مان مذڪر جي مراد آهي ۽ مؤنث جي ترڪيب ٿيندي 'مرحومة'.

اسم مفعول جو استعمال:

”آءٌ نه وڃي وڪ سين، پڏو چري نه ٻور.“
(شاهه: ڪنڀات)
”ايءَ سانئينءَ جو سبب، جنهن پڏا ڪيڏي پارمان.“
(شاهه: سراڳ)
”هنئين هوند مڻي، پر پڏيءَ جا پٽا ٿيا.“
(شاهه: سهڻي)
”جت پڪو پرزا ٿئي تت ڪچو ڪندو ڪئين.“
(شاهه: سهڻي)
”ونڪي جيارڻوهه، پرينءَ جي ڳالهه ڪري،
ٻڌو اڄ اڏوهه، هنيڙو ڪوٽ ٻرج جئن.“
(شاهه: ساموندي)
”ڀايون نه ڀاين، پسن منجهان پرينءَ جي.“
(شاهه: آسا)
”سٺا اٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي اهتري.“
(شاهه: ڏهر)
”عاشق معشوقن جو ونسي وهڄ سـور.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
”ماٺ ڪريو ماريون، ته کهيو سڌان ڪانگ جو.“
(شاهه: پورب)
”جيم وڃائين سور، ڪڍو تنهنجو ڪهوريو.“
(شاهه: سراڳ)
”ڦريا ٻَسي ڦيٽ، ڪرڻ ڪير نه چکيو.“
(شاهه: ڏهر)
”ڪاڌيون لوڻيون اکيون، ڪٺيون ڪٺن ڪچن،
هنيون ماٺ نه ڪن، هڻيون رهن نه هوتري.“
(شاهه: حسيني)

”عشق آهي نانگ، خبر **ڪاڏن** ڪــي ٻوي.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
”سگهن سڏ نہ سور جي، تہ **گهايل** ڪيئن گهارين.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
”نئون **لکيو** آيــوم، پرينءَ سنڌي پار جو.“
(سچل: پيروي)
”**لکئي** منجهان ليک، ذرو ضايع نــہ ٿئي.“
(شاهه: معذوري)
”ماس هـن **مٺل** جـــو، آميرن مهمانـــي.“
(سچل: ڪوهياري)
”منزلون مٿين جون **معذور** ڪـــي مارين.“
(شاهه: سسئي)
”ڪوهيارو ٿي ڪات، **ميٺون** ســارڻ آئيو.“
(شاهه: حسيني)
”**ويڪ** ٿي وايون ڪري، **ڪٺل** ڪوڪاري.“
(شاهه: معذوري)
”ڪو چـو قهر ڪٺن ۾، **ويا** ڪين ورن.“
(شاهه: سهڻي)
”**ويٺين** تاهہ وراڪو، **ستين** ڪونهي سنگ.“
(شاهه: سسئي)
”پاڻهي ۾ پاڻــي، **هاريون** مارڻ آئيون.“
(شاهه: حسيني)
”**ڀڳو** ٿي ڀيــر، جـانسين **رڌو** راس ٿئي.“
(شاهه: ڪاپائتي)

'حقيقت **پوشيده** نہ ٿي رهي.'

'لاڳيتي مصيبت جهڙي تهڙي ماڻهوءَ کي **حواس باختہ** ڪري ڇڏيندو آهي.'

'وقتي ناڪاميءَ تي **دلشڪستہ** نہ ٿجي.'

'**عمررسيده** ماڻهوءَ جو احترام ڪرڻ گهرجي.'

'ڪا نہ ڪا ڳالهہ هر اصول ڪان **مستثنيٰ** هوندي آهي.'

'**مظلوم** جي آهہ جو جلد اثر ٿيندو آهي.'

'آخرت جو ڇوٽڪارو انسان جي عملن تي **منحصر** آهي.'

'آزاديءَ کي برقرار رکڻ لاءِ قوم جو **منظم** رهڻ ضروري آهي.'

'حضرت يوسف مصر جي بازار ۾ **وڪاڻو** هو.'

اسم مفعول عطف طور بہ ڪم ايندو آهي، يعني جملي ۾ بيان ڪيل عمل جي سلسلي کي ڳنڍڻ جو ڪم ڪندو آهي، جئين هيٺين مثالن مان ظاهر آهي:

"**اجهاڻو** ٻرن، تو کي **ساڙيو** سڄڻين."
(شاهہ: رپ)

"**اڇيو** پون آڙاهہ ۾، سر جو سانگ نہ ڪن."
(سچل: آسا)

"**ٻاريو** آجهائين ٻرين، **اجهايو** ٻارين."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"**ٻاڙيو** وينـي ٻاڻ، جهڪي **لکيو** لوح ۾."
(شاهه: سهڻي)

"**ٻليو** ڪٺـي ٻار، جهنگل آهيڙين ڪـي."
(شاهه: ڪاموڙي)

"سي لڄايون لڄن، **ٻسيو** عيب اکيان."
(شاهه: مومل راڻو)

"وهڻ وهه تيوم، **جاڳيو** تي جر هاريان."
(شاهه: مومل راڻو)

"پاند **جهليو** تون پن، هڻ سونهاري سڱ ۾."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"ڪايو **ڪاٻو** سور، **لوچيو لڇيو** اتيان."
(شاهه: رپ)

"سنهها سيڻن جا چوڻيءَ **چڙهيو** ڏيـن."
(شاهه: پورب)

"اڄ وڻ اڪڙيون، **ساريو** رون سڄڻ کي."
(شاهه: بروو سنڌي)

"**ستوگي** سيج گهرين، جفا ڏٺون نه جان."
(شاهه: آسا)

"ايءَ ٻڻ ڪوڙي سڏ، جئين **ڪلهو ڪايو**-سهڻ."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"**ڳنڍيو** ڪارڻ ۾ اچن، درا ۽ دويون:"
(سچل: ڪلياڻ)

"ڪارايل ڪارڻ کي **ڳاراڪيو** ڳهڙ."
(شاهه: ڪارايل)

"نانگا ٿيا نهال، **لڪا** پڻ لوڪ ۾."
(شاهه: رامڪلي)

"پارس لڳي سون ٿيون، لوهائيون لوڙيون."
(سچل: ڪلياڻ)
"ويڙهيا گهمن ولڻين جهانگي منجهه جهنگن."
(شاهه: مارئي)
"هاڃاڪيو حمير، باالله نـڻـي ٿـو ٻند ۾."
(شاهه: مارئي)

اسم مفعول صفت به ٿي ڪم ايندو آهي. چند مثال هيٺ درج ڪجن ٿا:

"اڄي عـــزرائيل سڌي جاڳائـي سسئي."
(شاهه: حسيني)
"ڪلهي ڦاڙو ڪنجرو، مـــتـو اڳهاڙو."
(شاهه: حسيني)
"مٺي مٽي مهراڻ ۾ بـــؤ ٽپو ڏيـــڻـي."
(شاهه: سهڻي)
"هاريا وبچ مياس، سڌ نه لهمن سور جي."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

'اهو ڪي ڪجي جو آئيءَ ويل ڪم اچي.'

'ڏٺي مک ڪو ڪونه ڳهندو آهي.'

'اجڙيل آسن ۽ ڦٻل اهڃاڻ ماضيءَ جو داستان ٻڌائيندا آهن.'

بعض حالتن ۾ اسم مفعول ظرفي صورت ۾ به استعمال ٿيندو آهي، مثلاً: ڇاڻي ٻجهي يـا ڇاڻـي واڻـي، ڏسي وائسي، وري ورڻي يا وريو وريو وغيره، اهي لفظ ظرف ٿي ڪم ايندا آهن.

(٢٠) اسم حاليه: اهو مشتق لفظ جو جملي ۾ فاعل يا مفعول جو حال يا ڪيفيت بيان ڪري ۽ اسم ٿي ڪم اچي، تنهن کي اسم حاليه چئبو آهي. اسم حاليه صفت وانگر اسم سان هر حالت ۾ موافق رهندو آهي.

اسم حاليه بنائڻ جا طريقا:

١. اصل يا مکيه فعل جي پوئين حرف تي 'پيش' هجڻ جي حالت ۾ سندس پٺيان 'ندو' پڇاڙي مذڪر لاءِ، 'ندي' مؤنث لاءِ ۽ 'زير' هجڻ جي حالت ۾ مذڪر لاءِ 'يندو' ۽ مؤنث لاءِ 'يندي' پڇاڙي گڏڻ سان اسم حاليه ٺهندو آهي، مثلاً: 'رَهُه' فعل مان اسم حاليه جو صيغو ٺهندو 'رَهندو' يا 'رهندي' ۽ 'لَڏِ' فعل مان اسم حاليه ٺهندو 'لڏيندو' يا 'لڏيندي'. ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

پيش واري فعل مان ٺهندڙ اسم حاليه (مذڪر) جا مثال:

اُٿندو	ٽِڙندو	چڙهندو	ڪِرندو
ٻَچندو	ٺَرندو	ڊُڪندو	ڪِهرندو
ٻُڏندو	پَڙهندو	ڏُکندو	لِڪندو
ٻَرندو	ڦاسندو	رسندو	مَرندو
پَچندو	جَڙندو	ڪِچندو	وَرندو
ڦَرندو	چالندو	ڪَٽندو	هَلندو

اسم حاليه (مؤنث) جا مثال:

اُڏندي	چَولندي	ڪُسندي	وَڌندي
ٻُڏندي	ڏُکندي	ڪِلندي	وَرندي
پَچندي	ٻِچندي	گِهرندي	وَسندي
ڦَرندي	رُسندي	لِڪندي	وَهندي
ٺَرندي	سَڙندي	لَهندي	هِرندي
چَڙهندي	ڪَچندي	مَرندي	هَلندي

زبر واري فعل مان ٺهندڙ اسم حاليه (مذڪر) جا مثال:

آڏيندو	ٻاڙيندو	ڏاريندو	لاهيندو
آڻيندو	ٻوڪيندو	ڏاهيندو	لوڇيندو
ٻاريندو	ڦاڙيندو	ساڙيندو	ماريندو
ٻَريندو	ڄَڙيندو	ڪاهيندو	ماڻيندو
ٽَڙيندو	جاليندو	ڪاريندو	نِهاريندو
ڏاهيندو	چاڙهيندو	ڳاريندو	هاريندو

اسم حاليه (مؤنث) جا مثال:

آڻيندي	ٻاليندي	ڏوريندي	ڳاڙيندي
ٻاريندي	جاليندي	ساريندي	ڳوليندي
ٻاڻيندي	ڄَڻيندي	ڪاهيندي	ماڻيندي
ٻَريندي	چاڙهيندي	ڪوڙيندي	هاريندي

استثنا: ڪي مڪيه فعل اهڙا آهن جن جي پوئين حرف تي اگرچ پيش جي اعراب هوندي آهي، پر انهن جي اسم حاليه جي ترڪيب ۾ 'يندو' يا 'يندي' پڇاڙي استعمال ٿيندي آهي، مثلاً: 'اچ' يا 'آءُ'، 'کاءُ' ۽ 'وَڃ'؛ انهن جي اسم حاليه جي صورت ٿيندي 'ايندو'، 'کائيندو' ۽ 'ويندو'. مؤنث جي صيغي لاءِ 'ي' جو استعمال ٿيندو. وري ڪي فعل آهن جن جي پوئين حرف تي 'زبر' هوندي آهي، پر اسم حاليه جي ترڪيب ۾ 'ندو' يا 'ندي' پڇاڙي استعمال ٿيندي آهي، مثلاً: 'ڪَرِ' فعل مان اسم حاليه ٿيندو 'ڪندو' يا 'ڪندي'؛ حرف 'ر' حذف ٿي ويل آهي. انهيءَ جي صورت 'ڪريندو' به آهي، پر ان جو استعمال عام طور ڪونه ٿيندو آهي.

’ڏي‘ ۽ ’ني‘ اهڙا فعل آهن جن جو پويون حرف ’ي‘ ساڪن آهي، ٻر اسم حاليه ٺاهڻ لاءِ انهن سان ٻه زير، وارن فعلن جو قاعدو لاڳو ٿيندو ۽ انهن جو اسم حاليه جو صيغو ٿيندو ’ڏِيندو‘ ۽ ’نِيندو‘.

اهڙا فعل جن جو پويون حرف همزه (ء) هوندو انهن جي اسم حاليه جي ترڪيب ۾ هميشه ’ئِيندو، يا ’ئِيندي‘ پڇاڙي استعمال ٿيندي، مثلاً: ’اَڏاءِ‘ ۽ ’سَتاءِ‘ فعل جو اسم حاليه مذڪر جو صيغو ٿيندو ’اَڏائِيندو‘ ۽ ’سَتائِيندو‘ ۽ مؤنث جو صيغو ٿيندو ’اَڏائِيندِي‘ ۽ ’ستائِيندِي‘، ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

آپائِيندو	پرائِيندو	ڍَڪائِيندو	لَڄائِيندو
آڏائِيندو	پَسائِيندو	رَسائِيندو	لِڪائِيندو
آجهائِيندو	جاڳائِيندو	سَجائِيندو	مَلهائِيندو
آگهائِيندو	جَلائِيندو	ڪَمائِيندو	وَڏائِيندو
ٻَٽائِيندو	جوڙائِيندو	ڳائِيندو	وَرائِيندو
پَڇائِيندو	ڏڪوئِيندو	ڳالهائِيندو	وَسائِيندو

اسم حاليه مؤنث جا مثال:

آجهائِيندِي	رُلائِيندِي	لِڪائِيندِي	واجهائِيندِي
پُڄائِيندِي	ريجهائِيندِي	مَڃائِيندِي	وِڄائِيندِي
پِڇتائِيندِي	ڳائِيندِي	مَلهائِيندِي	وَسائِيندِي
پُسائِيندِي	لَڄائِيندِي	نِوائِيندِي	وَهائِيندِي

٢. مجهولي حالت ۾ مڪيه فعل جي پٺيان ’ٻو‘ پڇاڙي مذڪر جي صورت ۾ ۽ ’ٻي‘ مؤنث جي صورت ۾ ملائڻ سان اسم حاليه ٺهندو آهي، مثلاً:

ٻاڙبو	ڏاربو	ڪَڏبو
پَسبو	ڏِسبو	ڳولبو
ٻوڪبو	ڪَٽبو	لِکبو

مؤنث جو صيغو:

ٻاريي	ڏسبيي	ڪٽبيي
پسبيي	ساريي	ڳنڍبيي
ڌاريي	سڏبيي	لڪبيي

۳. اسم حاليه معطوفي ۽ ظرفي صورت ۾ اختيار ڪندو آهي، مثلاً: ايندي، ڪندي، گهمندي، ويندي، آڏندي ۾، ايندي ۾، گهمندي ۾ وغيره.

اسم حاليه جو گردان:

جنس	فاعلي حالت		عام صورت		مجهولي صورت	
	واحد	جمع	واحد	جمع	واحد	جمع
مذڪر	ڏيندو	ڏيندا	ڏيندي	ڏيندن	ڏبو	ڏبا
مؤنث	ڏيندي	ڏينديون	ڏينديءَ	ڏيندين	ڏبي	ڏبيون

اسم حاليه جو فاعلي ۽ عام صورت ۾ استعمال:

”ايندن پڇي خبرون، ويندن پيرين پوءِ.“
(شاهه: حسيني)

”پڇنديون پـٿـاريون، وري وٽان آئيون.“
(شاهه: سارنگ)

”چوندن ڪم چئيچ، وڃي ورائي سامهون.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"ڏور ڏکندا پچ، سِهڙ منهن ڏيکاريو."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
"ڏوريندڙيون ڏسن، اڳ عجيبن جا."
(شاهه: حسيني)
"ڏيندا مون ڏير ويا، جهجهو ۽ جهوري."
(شاهه: سسئي)
"نانگا ڪن نه ننڊ، وڃن روئندا رام ڏي."
(شاهه: رامڪلي)
"رڙندڙيون ڏٺيون مون، ان در متي دادليون."
(شاهه: ليلان چنيسر)
"سڪندڙن کي، سيد چئي، ڪين جهلينديو جهنگ."
(شاهه: سهڻي)
"ويچاريءَ وڏو ڪيو، ويندڙن پٺيءَ وس."
(شاهه: سسئي)
"ڪرها ڪسر چڙهن، ورڪ وٽندڙي پاءِ."
(شاهه: ڪنيات)

'مڪڙا ٻڏندڙن کي ٻوڙن، ٻيا تارن.'

'چڙهندي کي هرڪو سلام ڪري پر لهندي کي ڪو ڪونه ليکيندو آهي.'

'بزدل ماڻهو وڙهندڙن جي پٺ ۾ ۽ ڀڄندڙن جي اڳ ۾ هوندا آهن.'

اسم حاليه جو معطوفي ۽ ظرفي صورت ۾ استعمال:

"پلئي پايو سچ آچيندي لڄ مران."
(شاهه: سراڳ)

”اڏيندي اوڏن، لـــڏڻ جي ڪانہ ڪئي.“
(شاهہ: ڏهر)

”شمع ٻاريندي شب، پرهہ ٻاکون ڪيون.“
(شاهہ: مومل راڻو)

”پلاڙيندي پاڻـــير، ڪڇهو ڪين ڪئن.“
(شاهہ: ديسي)

”پوريندي من پار ڏي، ســـٻڙ ڪلچ ســـاز.
(شاهہ: ڪنيات)

”تـــارا ڪتيون تاڻب ٿيا ڏيکيندي دلـــبر.“
(شاهہ: ڪنيات)

”آهہ ڪريندي ساهہ، ڪڏهن وپندو نڪري.“
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

”ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون، ڳوڙها پوس ڳڙي.“
(شاهہ: مومل راڻو)

”ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾ خون ڪلندي ڪن.“
(شاهہ: مومل راڻو)

”نٿي ۾ ننڊون ڪن، وڃ ڪنودي ويسرا.“
(شاهہ: سراڳـــ)

”جـــا ڏنيم ڏاڏڻ، سا لاهيندي لڄ مران.“
(شاهہ: مارئي)

”ٻڪ هرندي ٻکيا، ڪنهن ڪان ڪمن ڳهرن.“
(شاهہ: رامڪلي)

”ناسيندي نگاهہ، ٻهرين ڪج پريٽ ڏي.“
(شاهہ: ڪنيات)

”سلطاني سهاڳ، ملڀون ڪندي نـــہ ٿئي.
(شاهہ: ڏهر)

"**واجهائيندي** ورهه ٿيا، هڏ نه ڪڏيم هوت."
(شاهه: معذوري)

"**ويندي** وير چانگن جو چڙهو ڪين چڙو."
(سچل: ڪوهياري)

"**هلندي** حبيبن ڏي، ڪرها موڙ مَ ڪنڌ."
(شاهه: ڪنيات)

'گهريا مجلس ۾ **اٿندي ويهندي** ۽ **ايندي ويندي** انسان کي شائسته طريقو اختيار ڪرڻ گهرجي.'

'**اڏندي** ۾ پکيي پنهنجا پر کليل رکندو آهي.'

'مارو ماڻهو **وسندي** ۾ پنهنجا مال ميدانن ۽ ترائين ۾ ڪاهي ويندا آهن.'

'ڪي ماڻهو حيثيت **هوندي** به ٻين جي مدد ڪرڻ کان ڪيبائيندا آهن.'

ع. اسم حاليه جو مجهولي صيغو جملي ۾ فعل بي قاعل يا متعدي مجهول جو ڪم ڏيندو آهي؛ ان جو استعمال هيٺ ڏجي ٿو:

"صباح سيئي **ڇسبيون** پاتار ۾."
(شاهه: سهڻي)

"ڏڪ لٿا ڏوڙ ۾ ايسي ڏنا سون."
(شاهه: مومل راڻو)

"**ڪيو** ڪنهه روئي، صبح ٻوندو سانگ سيڪنهين."
(شاهه: ڪنيات)

'ماڻهوءَ کي سندس اچڻ مان ڀوڳڻو آهي.'

"جيڪي ڀوڳڻو سو لهڻو."

(٢١) اسم استقبال: اهو مشتق لفظ، جنهن مان ايندڙ زماني ۾ ڪنهن ڪم جو جاري ٿيڻ معلوم ٿئي ۽ جملي ۾ اسم طور ڪم اچي سگهي، تنهن کي اسم استقبال چئبو آهي.

فعل معروف يا مجهول جي مصدر پٺيان حرف علامت 'ڻ' ڳنڍڻ سان اسم استقبال ٺهندو آهي ۽ اهو جنس توڙي عدد پٽاندر ڦيرو ڪائيندو آهي، مثلاً:

١. معروفي صورت جا مثال:

پَچڻو	ڏورڻو	ڪَرڻو	مَرڻو
ٿيڻو	ڏيڻو	ڪائڻو	سَمجهڻو
ٻَچڻو	ٻچڻو	ڳائڻو	وَچڻو
پڙهڻو	ڏُکڻو	ڳنڍڻو	وَڃڻو
ڦيرڻو	رَهڻو	ڳڻڻو	وَرڻو
جوڙڻو	سِڪڻو	ڳِهڻو	وَسڻو
چوڻو	سِکڻو	لِکڻو	وَهڻو
ڏسڻو	سَهڻو	لَنگهڻو	هَلڻو

گردان:

	فاعلي حالت		عام صورت	
جنس	واحد	جمع	واحد	جمع
مذڪر	ڳانٺو	ڳانٺا	ڳانٺي	ڳانٺن
مؤنث	ڳانٺِي	ڳنٺيون	ڳانٺيءَ	ڳانٺين

٢. مجهولي صورت جا مثال:

ٻُجهٽو	جُڙٽو	ڪُسٽو
پُرٽو	جُهرٽو	ڪُلٽو
ٿُهٽو	چُٽٽو	ڳُسٽو
ڀُسٽو	ڏِيٽو	مُڙٽو

گردان:

	فاعلي صورت		عام صورت	
جنس	واحد	جمع	واحد	جمع
مذڪر	ڪُسٽو	ڪُسٽا	ڪُسٽي	ڪُسٽن
مؤنث	ڪُسٽِي	ڪُسٽيون	ڪُسٽيءَ	ڪُسٽين

٣. بالواسطه واريءَ صورت:

ڀڄائڻو	سڏائڻو	ڪسائڻو	منجهائڻو
ڀچائڻو	ڪرائڻو	ڪنڊائڻو	وڃائڻو
ڇڏائڻو	ڪارائڻو	لڪائڻو	وڌائڻو
ڏڪوئڻو	ڪِلائڻو	مچائڻو	هلائڻو

گردان:

جنس	فاعلي حالت		عام صورت	
	واحد	جمع	واحد	جمع
مذڪر	وڃائڻو	وڃائڻا	وڃائڻي	وڃائڻن
مؤنث	وڃائڻي	وڃائڻيون	وڃائڻيءَ	وڃائڻين

اسم استقبال جو استعمال:

"مورک مام نه ڀڄڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن."
(سچل: آسا)
"واهڙ ٻريون نه ٻاءِ، تون ٻن لکيو ڏيڻو."
(شاه: سهڻي)
"لنگهي آ لهڻو سچل ســو سردار جــو."
(سچل: سورٺ)
"ريءَ مصلحت مڱڻا، قصر ڪين اڇــن."
(شاه: سورٺ)

”مينهن منڌائتا- وسڻا، سدا وسين تـــون.“
(شاهه: پرڀاتي)

”هر ڪنهن انسان کي پنهنجي ڪئي جي جزا يـا سزا اوس ڀوڳڻي آهي.“

”ٻيڻو ڪٽمن نه مڃيڻو.“

”هر ڪنهن کي اڳي پوءِ هي جهان ڇڏڻو آهي.“

---

٥. (اسم جي جنس)

دنيا ۾ جيڪي به شيون پيدا ڪيون ويون آهن، سي گهڻو ڪري جنس ۾ متضاد آهن، يعني مختلف مخلوقات جي هر هڪ جنس ۾ نر ۽ ماديءَ جو فرق موجود آهي، حتيٰ ڪ جاندارن ڪانسواءِ نباتات ۾ به جنسي اختلاف ليکيو ويندو آهي؛ تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي به لفظ استعمال ٿين ٿا، انهن سان جنسيت جي بنياد تي نر سان مذڪر ۽ ماديءَ سان مؤنث جي جنس لڳائبي آهي.

سنڌيءَ جي عام محاوري ۾ غير ذي روح يا بي جان شين، جهڙوڪ: پٿر، چن، چاندي يا ڪٽ وغيره سان به مذڪر يا مؤنث جي جنس لڳائي ويندي آهي، مثلاً: پٿر ۽ چن کي مذڪر ۽ چاندي ۽ ڪٽ کي مؤنث سڏيو ويندو آهي. حقيقت ۾ جاندار ۽ غير جاندار شين ۾ فرق ڪرڻ ۽ زبان جي اصولن کي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي ته غير جاندار شين سان تذڪير ۽ تانيث جي نسبت لاڳو نه ڪجي، بلڪ انهن سان جنس غير ذي روح يا بي جان لڳائي وڃي.

جاندار شين جي متعلق به ٻوليءَ جا ڪي اهڙا لفظ استعمال ٿيندا آهن جن مان ٻنهي جنسن جو مفهوم نڪرندو آهي، مثلاً: انسان، آدمي، ٻار، جانور، چمڙو، سهو، طوطو،

مرون، وڇون ۽ هدهد وغيره؛ پر ڇاڪاڻ تہ اهڙن مشترڪ جنس وارن لفظن جي مؤنث واري صورت سنڌيءَ ۾ ڪانهي، تنهنڪري انهن سان يا تہ مذڪر جو صيغو لڳندو آهي يا وري جنس مشترڪ يا عام لڳائبي آهي.

ڏسبو تہ جٿين دنيا ۾ شين کي چئن جنسن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، تئين ٻوليءَ ۾ بہ چئن جنسن جو استعمال ٿئي ٿو، جي آهن:

(١) جنس مذڪر (٢) جنس مؤنث

(٣) جنس مشترڪ يا عام (٤) جنس غير ذي روح يا بي‌جان

١- جنس جي سڃاڻپ:

مختلف ٻولين ۾ تذڪير ۽ تانيث باقاعدا پنهنجا پنهنجا آهن. ڪڏهن لفظ هڪڙي ٻوليءَ ۾ مذڪر آهي تہ اهو ساڳيو لفظ ٻي زبان ۾ مؤنث، مثلاً: عقل، قسم، ڪتاب، موت، وحي، اهي لفظ سنڌيءَ ۾ مذڪر سڏجن ٿا، پر اردوءَ ۾ جنس مؤنث ۾ داخل آهن. 'دل' سنڌيءَ ۾ مؤنث آهي تہ اردوءَ ۾ مذڪر سڏيو ويندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ کي، جٿين مٿي بيان ڪيو ويو آهي، ڪل ڏهہ سُرَ يا آواز آهن ۽ انهن مان فقط ست سر يا آواز آهن جن مان جنس جي ڄاڻ پوي ٿي؛ اهي ست آواز آهن: 'آ'، 'اَ'، 'اِ'، 'اِي'، 'اُ'، 'اوَ' ۽ 'او'. انهن آوازن وارا لفظ ڪي مذڪر هوندا آهن تہ ڪي مؤنث. 'اَ'، 'اوَ' ۽ 'او' آوازن وارا لفظ گهڻو ڪري مذڪر ۽ 'آ'، 'اُ'، 'اِ' ۽ 'اِي' آوازن وارا لفظ عام طرح مؤنث هوندا آهن.

انهن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

"اُ" آوازن وارا مذڪر لفظ:

اڱڻُ	هَرُ	لِڱُ	ڀُورُ
ٻَرُ	پاءُ	ڦِيرُ	نُورُ
تَنُ	چارُ	ٻِيءُ	ٿُوهُ
جَتُ	ساهُ	جِيءُ	سُورُ
چَنڊُ	گهاءُ	سِيءُ	ڪُوهُ
دَمُ	مالُ	ڪِيرُ	جهولُ
ڏَنُ	واهُ	ڦِيرُ	چورُ
رَڃُ	هارُ	آٽُ	ڪوڏُ
رَندُ	ٻَڄُ	پِڄُ	ڳوٺُ
ڪَڪُ	پِڙُ	سِٽُ	گهوٽُ
ڪَنڌُ	ڦِرُ	سُرُ	لوڙهُ
گَسُ	رِڍڪُ	ڪَلُ	ڀُوارُ
تَڪُ	سِڄُ	لُڙُ	حَوضُ
وَڻُ	سِڙهُ	هَلُ	ڪُوَرُ

"اوُ" آواز وارا مذڪر لفظ:

ٻَٽوُن	ٿاروُن	ناچوُ	رواوُ
پَتوُن	ڏاڙهوُن	ٻِيروُن	ٽيڙوُ
ٻَسوُن	ڍاڪوُن	مِيروُن	ڀيروُن
چَتوُن	لاڏوُ	وِڇوُن	ڏيلهوُ
سَنڌيوُ	ماروُ	ٻَڏوُ	ڏينهوُ
ٿاروُ	ماڻهوُ	ڦوروُ	ويڙهوُ

’او‘ آواز وارا مذڪر لفظ:

ٻچو	آڪو	ڇلو	ڦلو
ٻنو	بابو	ڇڪو	ٻوٽو
ٻڪو	ٻانهو	ڊلو	ٽوهو
پنو	ڀاڳو	سڪو	ڇوڙو
ڇلو	ڀالو	قصو	بوتو
سلو	ڀاڙو	ڪيلو	ڦوٽو
ڪٽو	ٺاٺو	ڪيرو	چولو
ڪتڙو	ڀاڇو	ڪيڙو	گوڏو
گڏو	ڇاهو	جهوڙو	گهوڙو
ڳڀو	ڏاڪو	ڇيهلو	ٽونرو
ڳتڙو	ڏاٽو	حيلو	ڏونرو
گهٽو	ڍالو	ڪينئون	ٻڙو
لٽو	ناڙو	ٻڙو	چهلو
وڳو	واڍو	ٻڪو	لهڙو
هنو	ڀتو	ڪکو	مهلو

’آ‘ آواز وارا مؤنث لفظ:

آڏ	باک	ڏيک	ڇيچ
ٻدڪ	نار	پيڪ	ريس
پلڪ	ڏات	جيپ	زين
چچ	ڍال	سيٽ	ليڙ
جهل	زال	سيڪ	ليک
ڇڪ	ڪانڌ	لينڊ	آڄ
رڳ	لانگ	وڏ	آس
ڪنج	ماک	وک	ٻڪ
آس	واڇ	وهڪ	رڄ

سَچَ	ٻوندَ	اوٺَ	آرَ
ڪنڌَ	چوڙَ	توپَ	چورَ
لڪَ	ڌوڙَ	پوکَ	سچَ
منڊَ	ڪوڪَ	ڳوهَ	مخ
هنپَ	ڪونجَ	هوڏَ	سز

'آ' آواز وارا مؤنث لفظ:

آما	لَچا	اِچا	وِچا
ٻلا	هَچا	ٻِکيا	پڇا
خطا	هوا	پرچا	جنوا
ڏچا	ڇايا	ڇکيا	دعا
رکيا	ڪايا	رِتا	سڪا
ستيا	مالها	سِتا	سٽا
قضا	مايا	ڪِلا	ٻوچا

'اِ' آواز وارا مؤنث لفظ:

آکِ	خاڪِ	ڀِهڙهِ	ڏوڙِ
ٻنڌِ	ذاتِ	سيهنڌِ	روهِ
ٻرِ	راتِ	ٻلِ	سونڊِ
جنگِ	ڪانگِ	جهنڊِ	جوتِ
جهنڊِ	ڪاٺِ	چلهِ	جوهِ
لتِ	ڳالهِ	ڏرِ	روتِ
مکِ	لاتِ	رتِ	لوهِ
ولِ	نارِ	ڪڙهَ	چوپڙِ
آڳِ	پيتِ	منٽِ	چورسِ
باهِ	تيڏَ	ٻوندِ	پرِ
جاءِ	دلِ	ٽوٽِ	چيلهِ
جهارِ	ڳيذِ	ڏوندِ	چيتِ
چالِ	وٽِ	جوهِ	ديگِ

'اِي' آواز وارا مؤنث لفظ:

آرِي	چانِي	شيشِي	ٻولِي
ٻَتِي	دانگِي	ٻُڪِي	ٻوٽِي
ٻَڪرِي	دائِي	ٻُڪرِي	جهولِي
ٻَنِي	ڏاچِي	ٻُڙِي	چوٽِي
ٻَرِي	رائِي	ٻُڙِي	ڇولِي
ٻَٽِي	ڪاتِي	ڦُلِي	ڪوڏِي
ڦَٽِي	مَڙِي	جُٽِي	ڳولِي
ڇَٽِي	وانگِي	سُڻِي	ڇَونرِي
ڏِيِي	تِرِي	ڪُنجِي	ڇَونڪِي
مَڇِي	ٻِرِين	ڪُنڊِي	ٻِلڙِي
مَڏِي	ڄٽِي	مُرلِي	ٻهڏِي
مَڪڙِي	ڳِچِي	سُڪڙِي	ٺُلهِي
مَهرِي	مِٽِي	سُنڊرِي	ٻيٽِي
نَدِي	نِڙِي	هُنڊرِي	رِيٽِي
آڙِي	ٻِڙِي	تُورِي	سيلهِي
بازِي	ٽيلِي	مُورِي	سيندرِي
ڄاڙِي	سيٽِي	چُوڙِي	ڦهنچِي

مٿين قاعدي کي جامع ۽ مستقل نٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ جنس مؤنث جا آواز يا پڇاڙيون ڪن مذڪر لفظن ۾ بہ استعمال ٿين ٿيون ۽ اهڙي طرح جنس مذڪر جا آواز يا پڇاڙيون مؤنث لفظن ۾ استعمال ٿين ٿيون، مثلاً: 'آ'، 'ا' ۽ 'اِي' پڇاڙين وارا ڪي لفظ مذڪر هوندا آهن ۽ 'آ' ۽ 'اوَ' پڇاڙين وارا ڪي لفظ وري مؤنث هوندا آهن. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

"آ" پڇاڙيءَ وارا مذڪر لفظ:

ابا	پيشوا
ادا	خدا
آغا	دانا
آقا	ديوتا
بابا	راجا

"اُ" پڇاڙيءَ وارا مذڪر لفظ:

احمدُ
خضرُ
راءُ
سيٺُ
قيصرُ

"اِي" پڇاڙيءَ وارا مذڪر لفظ:

ٻڪي	حاجي	ڪانڌي	مفتي
ٻيهي	چاچي	ماڙي	منشي
درزي	جهانگي	مالهي	جوڳي
ڏنڀي	چاڪي	مانجهي	ڏوٻي
ڪنڀي	ساٿي	وانجهي	ڏوٿي
نبي	سامي	وانگي	موچي
ولي	سانگي	هاٿي	موتي
باني	سانئين	هاڙي	پيچي
پانڌي	قاري	هاري	ٻيلي
پاڻي	قاضي	مڪي	قيدي

’آ‘ پڇاڙيءَ وارا مؤنث لفظ:

ڏنڊُ	سَسُ	مَسُ	وِهُ
ٽيجُ	ڪَٽُ	وَٽُ	هيڳُ
ڇرُ	ڪسُ	ماءُ	ڏِري
رتُ	ڪڙُ	جِندُ	ڻُهُڻَ
رسُ	ڪنڊُ	سِڪُ	پِهڻُ
سَرءُ	مَرُ	رِوجُ	ميڻُ

’اوُ‘ پڇاڙيءَ وارا مؤنث لفظ:

آبروُ	ڇاڻوُن
ڀوُن	خاتوُن
جوُن	ڳَٽوُن

’آ‘ ۽ ’او‘ پڇاڙيءَ وارا لفظ هميشه ۽ ٻنا استثنيٰ جدا جدا مؤنث ۽ مذڪر هوندا آهن؛ باقي ٽي آواز ’آو‘، ’اي‘ ۽ ’آي‘ سنڌيءَ ۾ علحدا شمار نه ڪيا ويندا آهن، ڇاڪاڻ ته انهن کي ذاتي استحڪام نه هوندو آهي جو اڪيلي سر بيهي سگهن. ’اي‘ آواز وارا لفظ، مثلاً: ٻيڙي، ڇولي ۽ لوٺي وغيره گهڻو ڪري مفعولي ۽ جري حالت ۾ استعمال ٿيندا آهن. ’آو‘ ۽ ’آي‘ آوازن کي ٻنا يا ٻن آوازن جو مرڪب سمجهيو ويندو آهي، يعني ’آو‘ ۾ ٻه آواز آهن: ’آ آ‘ ۽ ساڳي طرح ’آي‘ ۾ ٻه آواز آهن: ’آ آ‘.

٢. جنس جي ڦير گهير:

اسمن يا لفظن جي جنس مذڪر مان مؤنث بنائڻ لاءِ ڪي قاعدا استعمال ٿيندا آهن، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

١. 'آ' پڇاڙيءَ وارا اسم هميشه مؤنث هوندا آهن. جنهن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. انهيءَ کان سواءِ ڪي مؤنث اسم آهن جن جو مذڪر نہ ٿيندو آهي، مثلاً:

ٻهڀي	سڻڀي
ٻائي	سهيلي
جهجل، جهجهي	مَنڊ
ساهيڙي	

٢. ڪي مذڪر اسم آهن جن جو مؤنث استعمال نہ ٿيندو آهي، مثلاً:

پَتوُن	ڪَڇوُن
چَتوُن	ميروُن
ڪاڻڊُ	ورِڇوُن

٣. ڪن مذڪر اسمن مان مؤنث ناهڻ لاءِ پڇاڙيون، جهڙوڪ: 'ڻ'، 'ڻي'، 'آڻي'، 'واڻي' يا 'ياڻي' ڪم آڻيون آهن. جن اسمن مان اهو قاعدو لاڳو ٿيندو آهي، اهي 'ا'، 'اِ ي'، 'اُ' ۽ 'اوُ' پڇاڙين وارا مذڪر اسم هوندا آهن، جن جون پويون اعرابون يا حرف مٽائي سان مؤنث جو صيغو جڙندو آهي، مثلاً:

مؤنث	مذڪر

'اِ' پڇاڙيءَ وارا اسم:

سيٺِ	سيٺياڻي

'اِي' پڇاڙيءَ وارا اسم:

اولادِي	اولادڻ
آهتِي	آهتڻ
ٻيکارِي	ٻيکارڻ
ٻيلِي	ٻيلياڻي
ٻنگِي	ٻنگياڻي
ٻوچارِي	ٻوچارڻ
جوڳِي	جوڳڻ، جوڳياڻي
جهانگِي	جهانگياڻي
چاڪِي	چاڪياڻي
حاجِي	حاجياڻي
ڌوٻِي	ڌوٻڻ، ڌوٻياڻي
ڏٿِي	ڏٿياڻي
سانتِي	سانتياڻي
سانگِي	سانگياڻي
سانٿِي	سانٿڻ
سوالِي	سوالڻ
شڪارِي	شڪارڻ
قيدِي	قيدڻ، قيدياڻي
ڪڙمِي	ڪڙمياڻي
ڪورِي	ڪورياڻي
ڪتِي	ڪتياڻي
مالهِي	مالهڻ
منشِي	منشياڻي
موچِي	موچياڻي
ويرِي	ويرياڻي
هاتِي	هاتڻ

'اَ' پڇاڙيءَ وارا اسم:

آتُ	آتڻ
ٻانهوُ	ٻانهڻ
ٻروچُ	ٻروچاڻي، ٻروچياڻي
جتُ	جتڻ، جتڻي
چورُ	چورڻ
ڏيرُ	ڏيرياڻي
شينهَن	شينهڻ
فقيرُ	فقيرياڻي
مالڪُ	مالڪياڻي
مائٽُ	مائٽياڻي
نوڪرُ	نوڪرياڻي

'اوُ' پڇاڙيءَ وارا اسم:

رهاڪوُ	رهاڪڻ
ڪاٺوُ	ڪاٺڻي
گهوراروُ	گهورارڻ
ناچوُ	ناچڻي
هندوُ	هندڻ، هندو ڻي هندياڻي

٤. 'او' پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن جو مؤنث عام طرح مذڪر لفظن جو پويون 'و' ڪڍي ان جي جاءِ تي حرف 'ي' آڻڻ سان ٺهندو آهي، مثلاً: 'گهوڙو' جو مؤنث ٿيندو 'گهوڙي'. ڪن 'اَ' پڇاڙيءَ وارن اسمن جو مؤنث به آخر ۾ 'ي' حرف گڏڻ سان ٺهندو آهي، مثلاً: 'جَتُ' جو مؤنث ٿيندو 'جَتِي'. ڪن حالتن ۾ 'ڻ'، 'آڻي' يا 'ياڻي' پڇاڙي گڏڻ سان به مؤنث جو صيغو ٺهندو آهي، مثلاً: 'لنگهو' جو مؤنث ٿيندو 'لنگهي' يا 'لنگهياڻي'. ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

ٻالو	ٻالي
ٻانهو	ٻانهي
ٻچو	ٻچي
ٻڪرُ	ٻڪري
ٻلو	ٻلي
چيلو	چيلي
چوڪرُ يا چوڪرو	چوڪر يا چوڪري
ڇيلو	ڇيلي
دائو	دائي
ڏوٿو	ڏوٿي
ڏاڏو	ڏاڏي
ڳولو	ڳولي
لورو	لوريائي، لوري
ماڙيچو	ماڙيچڻ، ماڙيچاڻي، ماڙيچياڻي
وڏيرو	وڏيري

٥. ڪن مذڪر لفظن سان مؤنث ناهن جو ڪو خاص قاعدو ڪونه هوندو آهي، پر انهن جون مؤنث جون صورتون مقرر آهن. اهڙن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

پيءُ، بابو	اما، امي، امڙ
بادشاهه، شاهه، راجا، راءِ	راڻي
ڀاءُ	ڀيڻ

پاڏو، ڪوٺهون ڪوٺهڻ وڇ

پٽ	ڌيءَ، نياڻي
ڏاڳهو	ڏاچي
ڏاند	ڳئون، ڳانءِ، ڍڳي
سانُ	مينهن
سهرو	سَس
ڳهٽو	رڍ
ڳهوٽ	ڪنوار
مرد	عورت
مڙس، ڀتار، ڪانڌ	جوءِ، زال

٦. جاندار يــا ساهوارين شين ۾ مذڪر ۽ مؤنث جو هجڻ هڪ لازمي ۽ فطري امر آهي ۽ انهن ۾ فقط طبيعي فرق هوندو آهي، پر غير ذي روح يا بي جان شيون جــن سان ٻه نحوي لحاظ کان تذڪير ۽ تانيث جي صورت لاڳو ٿيندي آهي. انهن ۾ تڪبير ۽ تصغير يعني وڏ ننڍائــيءَ جو فرق سمايل هوندو آهي، مثلاً: ”در“ مذڪر ۽ ”دري“ مؤنث ۾ طبيعي فرق نه پر وڏ ننڍائيءَ جو فرق آهي، يعني ”در“ وڏو آهي ۽ دري ننڍي. ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

ٻيڙو	ٻيڙي
ٽوڪرو	ٽوڪري
چوڙو	چوڙي
چولو	چولي
دلو	دلي
ڏنڊو	ڏنڊي

ڍورو	ڍوري
رسو	رسي
ڪهاڙو	ڪهاڙي
ڪتولو	ڪتولي
ڪوڙ	ڪوڙي
ڪوهہ	ڪوهي
لوٽو	لوٽي
مٽ	مٽي
منجو	منجي
هٽ	هٽي

٧. اصول مطابق مذڪر مان ئي مؤنث جو صيغو جڙندو آهي، پر ڪي مذڪر اسم مؤنث مان جڙندا آهن، مثلاً:

مؤنث	مذڪر
ڀڳني	ڀڻيوڙ
ماسي	ماسڙ
رن	رنڙ

٨. ڪي اسم مذڪر توڙي مؤنث ٻنهي جنسن ۾ استعمال ٿيندا آهن، مثلاً:

رت
واءُ
روهہ

٩. ڪي اسم صورت ۾ مذڪر هوندا آهن، پر معنيٰ ۾ مؤنث، مثلاً:

مؤنث	مذڪر
ٻاشو	ٻَشين
ٻحري	ٻحري ٻچو
سيچاڻو	ترميتي يا ترمچيي

١٠. فارسي ۽ عربيءَ جا لفظ ۽ ترڪيبون به چڱي انداز ۾ سنڌيءَ ۾ استعمال ٿينديون آهن، تنهن ڪري انهن جي مذڪر ۽ مؤنث صورتن جو ڄاڻڻ به ضروري آهي.

فارسيءَ ۾ مذڪر مان مؤنث ٺاهڻ جو ڪو خاص طريقو يا قاعدو ڪونهي، انهيءَ ۾ مؤنث جا صيغا گهڻو ڪري مقرر آهن، مثلاً:

مذڪر	مؤنث
برادر (ڀاءُ)	خواهر يا همشيره (ڀيڻ)
پدر (پيءُ)	مادر (ماءُ)
پسر (پٽ)	دختر (ڌيءُ)
خُروس (ڪڪڙ)	ماڪيان (ڪڪڙ)
مردُ (مڙد)	زن (عورت يا زال)

عربيءَ ۾ قاعدي موجب مؤنث جو صيغو هيٺين طريقن سان ٺهندو آهي:

١. مذڪر لفظ جي پٺيان تانيث جي نشاني ’ة‘ لڳائڻ سان:

جميلٌ	جميلة
رفيقٌ	رفيقة
زوجٌ	زوجة
شاعرٌ	شاعرة
صاحبٌ	صاحبة
عزيزٌ	عزيزة
ڪافرٌ	ڪافرة
محترم	محترمة
مرحوم	مرحومة
مريض	مريضة
مصنف	مصنفة
معلّم	معلمة
مقتول	مقتولة
ملڪ	ملڪة
والد	والدة

٢. مذڪر لفظ جو ٽيون حرف ڪڍي باقي لفظ جي پٺيان ’ى‘ علامت يا ٻجاڙي آڻڻ سان اسم مؤنث ٺهندو آهي، مثلاً:

حَسين	حُسنىٰ
صَغير	صُغرىٰ
عظيم	عُظمىٰ
ڪَبير	ڪُبرىٰ

٣. غالباً هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ مذڪر مان مؤنث ٺاهڻ جو طريقو قياسي بہ آهي تہ غير قياسي بہ ۽ عربيءَ ۾ بہ ڪيترن مذڪر اسمن جا مؤنث غير قياسي طرح مقرر آهن، مثلاً:

ابٌ (پيءُ)	امٌ (ماءُ)
ابنٌ (پٽ)	بنْت (ڌيءُ)
جملٌ (اٺ)	ناقة (ڏاچي)
ديڪٌ (ڪڪڙ)	دجاجة (ڪڪڙ)
رَجلٌ (مڙد)	امرأة (عورت)

مذڪر اسمن جو استعمال:

”اُٺ مَ اوري آڻ، ڏاگهن ڏڌي آهيان.“
(شاهہ: ديسي)

”پيچ ڪئي پٽ هليا، هاري منجهان هيج.“
(شاهہ: سارنگ)

”ڏارا تراريون، ليڙا ڦيڻ پريڻ جـا.“
(شاهہ: ڪنڀات)

”پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، ڪورڪ اچ مرن.“
(شاهہ: سسئي)

”جتين جهنگا پائين جهول ۾، ائين نہ مرن ڪچ.“
(شاهہ: گهاتو)

"ڇاڇي ماڇي موٽيا، ورُ ونيءَ ڏيئي."
(شاهه: ٻرو سنڌي)

"در داتا مڱ مڱڻا، ٻئي جي ڪيڏ م ڪانڻ."
(شاهه: بلاول)

"ڏيا ئي گهڻا اچن، روح راڻي جي ناهه ڪو."
(شاهه: مومل راڻو)

"راڄا ڪي رسون، چارڻ جي چريو ڪيو."
(سچل: سورٺ)

"سارنگ سار لهيج، الله لڳ اچين جي."
(شاهه: سارنگ)

"سو پرين سو پساهه، سو ويري سو واهرو."
(شاهه: ڪلياڻ)

"تون صاحبزادو سپرين، آءٌ نسورو نوڪر."
(شاهه: ٻرو سنڌي)

"گورا وچن گام، ڏيرن سندي ڏيهه تي."
(شاهه: ديسي)

"مزمانن مهري آئي جهوڪيا جهوڪ ۾،
چالي چنبن ۾ وسا، جيئن باز ستي بحري،
ڪوهيارو ڦري، ويو نهوڙي نند ۾."
(شاهه: ديسي)

”ويا مور مري، هنج نه رهيو هيڪڙو.“
(شاهه: ڪارايل)

”هوس وڏيرو وڳ، جو مڙني ۾ مهندار.“
(شاهه: ڪنيات)

”ولها ٿيا وڻاڻ، ساڻيهن ري سيد چئي،“
(شاهه: ديسي)

’اميرن تي فرض آهي ته فقيرن ۽ مسڪينن جي مدد ڪن.‘

’خطا ستوا جي ملڪن جا رهاڪو رنگ جا ڪارا ٿيندا آهن.‘

’شاعر کي گهرجي ته پنهنجي ڪلام ۾ مبالغي کان پرهيز ڪري.‘

’دنيا ۾ مڙدن تي وڏيون جوابداريون آهن.‘

مؤنث اسمن جو استعمال:

”آس مَ لڳي اوٺين، ليڙن لڪ مَ لڳ.“
(شاهه: ديسي)

ٻرهه جا ٻاشا ٻچايو، باز ٻهري بيشمار.“
(نور محمد وايو)

”نڪا ٻوءِ ٻازار ۾، نڪا چلر چِتَ.“
(شاهه: گهاتو)

”پارس لڳي سون ٿيون، لوهاڻيون لوڙيون،
مَحليون رهن سير جي، مهاڻيون ميريون،
ڪوجهيون منجهان سهڻيون، ٿيون جهٽ پٽ جهيريون،
تماچيءَ تيريون، ڪينجهر جون ڪنيون ڪٿي.“
(سچل: ڪلياڻ)

”چلڙ ۾ چهنج هٿي مڇي ڪيسن نه اي.“
(شاهه: ڪارايل)

”ڏاڪهن ۽ ڏيرن ڪيو ڏوهڻ سان ڏاڙو.“
(سچل: ڪوهياري)

”رات سهائي، ٻون سنئين، ٻرت نئين پنڌ پور.“
(شاهه: ڪنيات)

”شمع ٻاريندي شب ٻرهڻ ٻاڪون ڪيون.“
(شاهه: مومل راڻو)

”ڳچيءَ پايو ٻانهن ويٺي زوءِ وچن سان.“
(شاهه: سهڻي)

”مٺ ماڻليائي ان جي، هنتي جيي نه هٿي.“
(شاهه: حسيني)

”ٻانهي ٻاروچن جي، ڳولي چڏ م ڪس.“
(شاهه: سسئي)

”مٿنهن نه سڄ ميندرا، تون رائو آءَ راڻي.“
(سچل: راڻو)

”نيڻهن، سباڦاڻي، سيڻهن، ٿنهي قصد ڪباب مون.“
(شاهہ: سيڻهن ڪيڏارو)

”وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾،
تنهان پوءِ ٿياس، **ڪانباري** ڪاند جي.“
(شاهہ: ليلان چنيسر)

”لڳم پاڻ پروچ جو، اهڙ پل م سون،
سڀ رڳنديس **رت** سين، ڪيچان اوري **پون**،
هاڏو ستان مون، ڪانگ لمندا کڏهين.“
(شاهہ: حسيني)

’دائيءَ کان پيٽ ڳجهو نہ هوندو آهي.‘

’جاہلو ماڻهو **ردن** ۽ **ٻڪرين** جا ڌڻ پاليندا آهن.‘

’ڪابہ **زال** ڦهاڄ پسند نہ ڪندي آهي.‘

’مرد ۽ **عورت** زندگيءَ جا لازمي جزا آهن.‘

’ننڍڙي ٻار لاءِ ماءُ جي ٿڃ بهترين **غذا** آهي.‘

مشترڪ جنس وارن اسمن جو استعمال:

”**ٻڪي** سوئي پرہ تو اڏري ٻار پرينءَ جي.“
(سچل: مالڪوس)

”سنها ڀانءِ مَ سپ، وياءِ واسينگن جا.“
(شاهه : ڪارايل)

”سارنگ کي سارين، ماڙهو، مرگهه، مينهيون،
آڙيون ابر آسري، تاڙا تنواريون.“
(شاهه : سارنگ)

”مرڪن ملاحن جا، متي پاڻين پار.“
(شاهه: ڪاموڏ)

’ٻارن ۽ جانورن تي رحم ڪرڻ انسانيت جي نشاني آهي.‘
’هڪ بدڪار انسان ۽ مرونءَ ۾ ڪو فرق ڪونهي.‘
’جاهلن سان بحث نه ڪجي.‘

غير ذي روح يا بي جان اسمن جو استعمال:

”ٻيڙي پرائي وکر پاءِ مَ وترو،
ٽوي ۾ ٽن پيا پاسن ۾ پاڻي.“
(شاهه : سريراڳ)

”تون ٻارب آءٌ لوهه، جي سڃين ته سون ٿيان.“
(شاهه: پورياتي)

”ٻن ٻيڻ ڪم ڪوڙيون ڏوڏا ٻهه ڏاجون.“
(شاهه: ڪاموڏ)

”چيون چپر ڪٽ، ٻهڻ پٽڙيون پاڻيان.“
(شاهه : حسيني)

"مشين وهن سيس ۾ ماڻڪ موتي لال."
(شاهه: سراڳ)

"ڪوهه ٿو **ڪاغذ** ڪورئين، ويٺو وچائين مس،
ڏوري تيان ڏس، اڪو جيان آئيو."
(شاهه: يمن ڪليان)

"اکيو ڪاٺو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿئي."
(شاهه: سراڳ)

"مشي همت ۾ مڪڙي، چام همت ۾ چار."
(شاهه: ڪاموڏ)

"**چندن** چکي آئيو، پي ول نه وجهي وات،
توڏي تنهن **وڻ** تات، جنهن ۾ بوءِ **بادام** جي."
(شاهه: ڪنڀات)

"تو جو پانئيو هار، سو سورن جو سڳڙو."
(شاهه: ليلان چنيسر)

'**ٻيلن** مان ماڪي، **ڪاٺ** ۽ **ڪوئلا** حاصل ٿيندا آهن.'

'**جبلن** تي جا **برف** پوندي آهي، سا **سج** جي گرميءَ تي ڳري **پاڻي** تي درياهه وهائيندي آهي.'

هوا، باهه ۽ پاڻي، **انهي عنصر** دنيا جي بقا لاءِ ضروري آهن.'

٦. (اسم جو عدد)

تعداد جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جون ٻه صورتون ٿينديون آهن:

١. عدد واحد

٢. عدد جمع

عدد واحد جو مطلب آهي هڪ ساهوارو يا هڪ شئي، مثلاً: ڇوڪرو، رانديڪو وغيره، ۽ عدد جمع جو مطلب آهي گهڻا ساهوارا يا گهڻيون شيون، مثلاً: ڇوڪرا، رانديڪا وغيره. عربيءَ ۾ مٿين ٻن صورتن کان سواءِ عدد جي ٽين صورت به ٿيندي آهي، جنهن کي عدد تثنيه يا ٻن جو عدد چئبو آهي، مثلاً: 'دارين'، يعني ٻه جهان، 'والدين'، يعني ماءُ ۽ پيءُ. جيئن ته عربيءَ جو سنڌيءَ سان گهڻو تعلق آهي، تنهنڪري عدد تثنيه جا صيغا ڪن حالتن ۾ سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندا آهن. سنسڪرت جنهن مان سنڌي ٻولي پيدا ٿي آهي، ان ۾ خود عدد جون ٽي صورتون آهن.

(١) ايڪ وچن (عدد واحد)، مثلاً: 'ڦلم' (هڪ ڦَل يا ميوو)

(٢) دو وچن (عدد تثنيه)، مثلاً: ڦلي (ٻه ڦَل)

(٣) بهو وچن (عدد جمع)، مثلاً: ڦلانِ (ٽي يا گهڻا ڦَل) تنهنڪري مناسب ٿيندو ته سنڌيءَ ۾ به ٽي عدد شمار ڪيا وڃن، اگرچه سنڌيءَ کي تثنيه جي پنهنجي صورت خير ڪا آهي.

واحد اسمن مان جمع ٺاهڻ جا طريقا

١. اهي واحد اسم جن جي پڇاڙي 'اَ' هوندي آهي، تن جي زبر واري اعراب يا حرڪت ڪڍي، ان جي پٺيان 'اؤن' پڇاڙي ملائڻ سان عدد جمع جو صيغو ٺهندو آهي، مثلاً:

جمع	واحد
اَڏؤن	اَڏَ
پٽُون	پٽَ
تارؤن	تارَ
ڏارؤن	ڏارَ
رڪُون	رَڪَ
زالُون	زالَ
سِٽُون	سِٽَ
لامُون	لامَ
ليڪُون	ليڪَ
مُندؤن	مُندَ
وِڪُون	وِڪَ
هَوڙؤن	هَوڙَ

(١) بعضي عدد جمع جا صيغا 'آن' يا 'يان' پڇاڙيءَ سان به استعمال ٿيندا آهن، مثلاً: اَکيان؛ ڪتان، زالان ۽ ميخان وغيره.

---

(١) هن قسم جي عدد جمع جا صيغا سنڌيءَ ۾ اترادي ماڻهو ڪر آڻيندا آهن؛ سنڌيءَ ۾ اهڙو محاورو سرحدي ٻولين، جهڙوڪ: پنجابي، سرائڪي يا ملتاني وغيره جي ٿي اثر هيٺ عمل ۾ آيو ويو ٿو ڀانئجي.

٢. جن واحد اسمن جي پڇاڙي 'آ' آهي، تن جي پٺيان 'ئُون' پڇاڙي ملائڻ سان جمع جو صيغو ٺهندو آهي، مثلاً:

واحد	جمع
آپلا	آپلائُون
آدا	آدائُون
بَلا	بَلائُون
جَفا	جَفائُون
ديوتا	ديوتائُون
راجا	راجائُون
غَفا	غَفائُون
ڪَتا	ڪَتائُون
ڪَلا	ڪَلائُون
هَچا	هَچائُون

٣. جن واحد اسمن جي پڇاڙي 'اِ' آهي تن جي پٺيان 'يُون' پڇاڙي گڏڻ سان جمع جو صيغو ٺهندو آهي، مثلاً:

واحد	جمع
آڪِ	آڪيُون
پيتِ	پيتيُون
تيڏِ	تيڏيُون
جَنگِ	جَنگيُون
جوءِ	جوئيُون، جو يُون
دِلِ	دِليُون
ديگِ	ديگيُون
ڏُرِ	ڏُريُون

رَڙ	رَڙيُون
لَٽ	لَٽيُون
مَک	مکيُون
وَلِ	وَليُون
جاءِ	جائيُون، جايُون
رات	راتيُون
ڪاٺِ	ڪاٺيُون
ڳالهه	ڳالهيُون

٤. جن واحد اسمن جي پڇاڙي 'ي' آهي، تن جي پوئين حرف، يعني "ي" کي، "اون" پڇاڙي ڳنڍڻ سان جمع جو صيغو ٺهندو آهي. هي قاعدو فقط مؤنث اسمن سان لاڳو ٿيندو آهي ۽ مذڪر اسمن جو واحد توڙي جمع جو صيغو ساڳيو هوندو آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

مؤنث اسمن جو جمع:

واحد	جمع
ٻتي	ٻتيُون
پٽي	پٽيُون
پانهي	پانهيُون
راڻي	راڻيُون
ٽيڪي	ٽيڪيُون
ڪلي	ڪليُون
بيني	بينيُون
سيٽي	سيٽيُون
جُتي	جُتيُون
ڪنڌي	ڪنڌيُون

ڀُوتڻي	ڀُوتڻيوُن
مُوري	مُوريوُن
چوٽي	چوٽيوُن
چوڪري	چوڪريوُن
پيتي	پيتيوُن
نيڪي	نيڪيوُن

مذڪر اسمن جو جمع؛

واحد	جمع
ڀَڪي	ڀَڪي
ڏَڻي	ڏَڻي
ساٿي	ساٿي
هاري	هاري
پيرين	پيرين
شيدي	شيدي
مُڪي	مُڪي
مُنشي	مُنشي
ڀُوچاري	ڀُوچاري
جوڳي	جوڳي
ڌوٻي	ڌوٻي
موچي	موچي
فوجي	فوجي
ٻيلي	ٻيلي
ويري	ويري
قيدي	قيدي

٥- جن واحد اسمن جي پڇاڙي "اُ" آهي، تن جي اها پڇاڙي مٽائي "آ" ڪرڻ سان جمع مذڪر جو صيغو ٿيندو

آهي ۽ مؤنث جي حالت ۾ واحد اسم جي پٺيان 'اُن' پڇاڙي ملائڻ سان جمع جو صيغو ٺهندو آهي. مثلاً:

واحد	جمع
تَنُ	تَنَ
ڦَلُ	ڦَلَ
ڪَٽُ	ڪَٽَ
ڪَسُ	ڪَسَ
گهَرُ	گهَرَ
وَڻُ	وَڻَ
چارُ	چارَ
غارُ	غارَ
واهُه	واهَه
سيجُ	سيجَ
سيڙهُه	سيڙهَه
ليڱُ	ليڱَ
تيرُ	تيرَ
ميرُ	ميرَ
آٽُ	آٽَ
پُٽُ	پُٽَ
سُرُ	سُرَ
گُلُ	گُلَ
ٻُوٽُ	ٻُوٽَ
ڪُٿوهُه	ڪُٿوهَه
چورُ	چورَ
ڏورُ	ڏورَ
ڳوٽُ	ڳوٽَ
گهوٽُ	گهوٽَ

پيٽُ	پيٽَ
ڏيرُ	ڏيرَ

مؤنث اسمن جو جمع:

تَندُ	تَندُون
سَسُ	سَسُون
مَسُ	مَسُون
وَٽُ	وَٽُون
وِڄ	وِڄُون

٦- جن مذڪر اسمن جي پڇاڙي 'ءُ' آهي، تن جي همزءَ جي جاءِ تي 'و' ساڻ زبر آڻڻ سان ۽ ڪن حالتن ۾ همزه جي مٿان پيش مٿائي زبر آڻڻ سان جمع جو صيغو ٺهندو آهي. مثلاً:

واحد	جمع
ٻَو، ٻَؤُ	ٻَوَ
ٿانءُ	ٿانوَ، ٿانءَ
ڏَنءُ	ڏَنوَ
جَو، جَؤُ	جَوَ
سَو، سَؤُ	سَوَ
ڪانءُ	ڪانوَ، ڪانءَ
گهاءُ	گهاوَ، گهاءَ

٧- 'اُ' پڇاڙيءَ وارن ڪن مذڪر توڙي مؤنث اسمن جو جمع بي قاعدي ٺهندو آهي. مثلاً:

ڀيڻ	ڀيڻَرُ، ڀيڻَرُ، ڀيڻَرَ، ڀيڻَرَ
ڀاءُ	ڀائُرَ، ڀائِرُ، ڀائِرَ
پيءُ	پيئُون، پينَرُ، پينَرَوُن، پينرؤن

ڏيءُ	ڌيئُون، ڌيئون، ڌِيُرُ، ڌِيئَرُ، ڌِيئرُون، ڌِيُرُون.
ماءُ	مائُون، مائِرُ، مائِرُون، مائُرُون
نُنهن، نُهڻ	نُنهُون، نُهرُ، نُهرُون

٨- جن مذڪر توڙي مؤنث اسمن جي پڇاڙي 'اَوُ' آهي، تن جي جمع جي صورت ۾ ساڳي رهندي آهي. مثلاً:

مذڪر اسم:

واحد	جمع
ڏينهُوَ	ڏينهُوَ
ڏيلهُوَ	ڏيلهُوَ
ماڻهو، ماڙهوَ	ماڻهو، ماڙهوَ
ميرُوَن	ميرُوَن
واڳُوَ	واڳُوَ
وِڇُوَن	وِڇُوَن

مؤنث اسم:

واحد	جمع
جُوَن	جُوَن
ڪَنڌُوَن*	ڪَنڌُوَن

٩- جن مذڪر اسمن جي پڇاڙي 'او' آهي، انهن جي جمع ڏاهڻ لاءِ 'او' پڇاڙيءَ کي 'آ' ۾ تبديل ڪبو آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

واحد	جمع
پَنو	پَنا
ٻَچو	ٻَچا
ڪِلو	ڪِلا

* ڪنڌونءَ کي واحد ۾ ڳانءَ به چئبو آهي، جنهن جو جمع جو صيغو ٿيندو ڳانيونَ.

ٻانهو	ٻانها
ڀالو	ڀالا
ٽارو	ٽارا
ڪانگو	ڪانگا
ٿالو	ٿالا
ڇيلو	ڇيلا
ڏِڪو	ڏِڪا
ڦِيڻو	ڦِيڻا
کِيرو	کِيرا
ڍِلو	ڍِلا
ڀيڙو	ڀيڙا
جيوڙو	جيوڙا
ڄيلو	ڄيلا
حيلو	حيلا
ڀُڪو	ڀُڪا
ڦُلو	ڦُلا
ڪُلهو	ڪُلها
ڪُنو	ڪُنا
ٻُوٽو	ٻُوٽا
ٻوٽو	ٻوٽا
ڀورو	ڀورا
ڀولو	ڀولا
ڦوٽو	ڦوٽا
ڇولو	ڇولا
ڇوڪرو	ڇوڪرا
گوڏو	گوڏا
گورو	گورا
گهوڙو	گهوڙا

ڏٽُرو	ڏٽُرا
چيلو	چيلا
ليڙو	ليڙا
ميلو	ميلا
ميوو	ميوا

١٠- ڪي لفظ، جن کي اسم جمع يا اسم مجموع چئبو آهي، معنيٰ ۾ جمع ليکيا ويندا آهن، پر جملي ۾ فعل واحد جو قبول ڪندا آهن ۽ انهن جو به جمع ٿيندو آهي، جنهن لاءِ مذڪر جي حالت ۾ پوئين پيش واري اعراب کي زبر ۾ ۽ پوئين حرف 'و' کي 'آ' ۾ بدلائي ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي ۽ مؤنث جي حالت ۾ 'اون' پڇاڙي ملائبي آهي. مثلاً:

واحد	جمع
مذڪر اسم:	
جرڳو	جرڳا
دَڻُ	دَڻَ
قافلو	قافلا
قبيلو	قبيلا
ڪٽنبُ	ڪٽنبَ
لشڪرُ	لشڪرَ
مؤنث اسم:	
انجمن	انجمنون
جماعت	جماعتون
فوج	فوجون
ڪچهري	ڪچهريون
مجلس	مجلسون

١١- ڪي اسم اهڙا آهن، جن جو واحد جو صيغو جمع جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي، اگرچه انهن جو جمع عام طرح ٿي سگهندو آهي. مثلاً:

١- اونهاري ۾ انبُ توڙي ڇلو جام ٿيندو آهي.
٢- مينهَن ۾ ڪَڻَڪَ خراب ٿي ويندي آهي.
٣- ٻوسل تي مَڇرُ ٿيندو آهي ۽ گندگيءَ تي مَکِ ٿيندي آهي.

مٿين جملن ۾ ڏاڪا لفظ اگرچه خود واحد جي صيغي ۾ آهن، پر هرهڪ پنهنجي پنهنجي مجموعي جنس لاءِ استعمال ٿيل آهي.

١٢- ڪي اسم فقط جمع جي صورت ۾ استعمال ٿيندا آهن. مثلاً:

مذڪر اسم:

پينڊا	ڇتا
پيرُون	ڏَڪَرَ
پَريا	ڪَرتُوتَ
جَوڙا	

مؤنث اسم:

ٻاٽُون	سيڪُون
ٿهارۇن	ڪتيُون
پيتۇن	لائُون
ڇيهُون	هَنجُون
ڏاٿيُون	

١٣- ڪي لفظ اهڙا آهن، جي واحد ۾ صفت ٿي ڪم ايندا آهن، پر انهن جو جمع اسم طور استعمال ٿيندو آهي. مثلاً:

جمع	واحد
اباڻا	اباڻو
پيڪا	پيڪو
ڏاڏاڻا	ڏاڏاڻو
ساهرا	ساهرو
ڪنواريتا	ڪنواريتو
گهوٽيتا	گهوٽيتو
ناناڻا	ناناڻو

١٤- سنڌيءَ ۾ فارسي ۽ عربيءَ جا جمع جا صيغا به ڪي قدر استعمال ٿيندا آهن، تنهن ڪري انهن جون جمع جون صورتون هيٺ ڏجن ٿيون:

١- فارسيءَ جون جمع جون ترڪيبون:

ذي روح يا جاندار شين جي اسمن جا جمع جا صيغا:

جمع	واحد
بالغان	بالغ
برادران	برادر
بتان	بت
جانان	جان
دختران	دختر
عاقلان	عاقل
ڪارڪنان	ڪارڪن
ياران	يار

غير ذي روح يا بي جان شين جي اسمن جا جمع جا صيغا:

جمع	واحد
بارها	بار
جامها	جام
سالها	سال
شبها	شب
صدها	صد

ڪتاب	ڪتابها
هزار	هزارها

٥. پڇاڙيءَ وارن اسمن جا جمع جا صيغا:

افسرده	افسردگان
آواره	آوارگان
بنده	بندگان
پس مانده	پسماندگان
رفته	رفتگان
ستاره	ستارگان
ڪشته	ڪشتگان

٢. عربيءَ جون جمع جون ترڪيبون:

ڪي اسم، جي عربيءَ ۾ جمع هوندا آهن، سنڌيءَ ۾ واحد جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن، مثلاً:

واحد	جمع
اَصلُ	اُصُولُ
اُفقُ	آفاقُ
باسُورُ	بَواسِيرُ
حالُ	اَحوالُ
خَبرُ	اخبارُ
خُلقُ	اَخلاقُ
رُوحُ	اَرواحُ
سِرُ	اَسرارُ
شريفُ	اشرافُ
فِعلُ	افعالُ
فُوهُ	اَفواهُ
ڪَبيرُ	اَڪابرُ

مِلڪ	اِملاڪ
مَلَڪُ	مَلائڪُ
وَلَدُ	اَولادُ

عربيءَ جا عدد تثنيه جا صيغا جي سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندا آهن:

واحد	جمع: فاعلي صورت	جمع: عام صورت
اِمامُ	(١) اِمامان	اِمامين
بَحرُ	بَحران	بَحرين
جانِبُ	جانبان	جانبين
حَرَمُ	حَرَمان	حَرَمين
دارُ	داران	دارين
طَرَفُ	طَرَفان	طرفين
قِبله	قِبلتان	قِبلتين
والدُ	والدان	والدين

عربيءَ ۾ جمع جا ڪي صيغا قاعدي مطابق ٺهندا آهن، جن ڪي جمع سالم چئبو آهي ۽ ٻيا ڪنهن هڪ قاعدي تي ٻڌل نه هوندا آهن، جن کي جمع مڪسّر چئبو آهي. 'مڪسّر' جي معنيٰ آهي ڀڳل يا بي قاعدي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

١. جمع سالم جا صيغا:

مذڪر اسم:

---

(١) سنڌيءَ ۾ تثنيه جي فاعلي صورت ڦير بدران عام صورت استعمال ٿيندي آهي.

واحد	جمع فاعلي حالت	جمع عام صورت
مُسلِمٌ	مُسلِمونَ	مُسلِمِينَ
مُجاهِدٌ	مُجاهِدونَ	مُجاهِدِينَ
مُهاجِرٌ	مُهاجِرونَ	مُهاجِرِينَ
مؤمِنٌ	مؤمِنونَ	مؤمِنِينَ

مونث اسم:

بِنت	بَناتٌ	بَناتِ
کَلِمةٌ	کَلِماتٌ	کَلِماتِ
مؤمِنةٌ	مؤمِنات	مؤمِناتِ

واحد	جمع
آيت	آيات
حڪايت	حڪايات
شڪايت	شڪايات
عَلامت	عَلامات
ڪَرامت	ڪَرامات
اِصطلاح	اِصطلاحات
تصنيف	تَصنيفات
تعريف	تعريفات
جَماد	جَمادات
حَيَوانٌ	حَيَوانَات
سَماءٌ	سَماوات

۲. جمع سڪسّر جا مثال:

اُمّتٌ	اُمَمٌ
نِعْمَتٌ	نِعَمٌ
حِڪْمَتٌ	حِڪَمٌ
رَسُوْلٌ	رُسُلٌ
اَصْلٌ	اُصُوْلٌ
اَمْرٌ	اُمُوْرٌ
بَحْرٌ	بِحارٌ
جَبَلٌ	جِبالٌ
رَوْضَةٌ	رِياضٌ
جاهِلٌ	جُهّالٌ
حاڪِمٌ	حُڪّامٌ
عامِلٌ	عُمّالٌ
ڪافِرٌ	ڪُفّارٌ
حَدٌّ	حُدُوْدٌ
حَقٌّ	حُقُوْقٌ
خَطٌّ	خُطُوْطٌ
رَسْمٌ	رُسُوْمٌ
رَمْزٌ	رُمُوْزٌ
نَفْسٌ	نُفُوْسٌ
نَقْشٌ	نُقُوْشٌ
اِسْمٌ	اَسْماءٌ
بَابٌ	اَبْوابٌ
حَالٌ	اَحْوالٌ
حُڪْمٌ	اَحْڪامٌ
حُرٌّ	اَحْرارٌ

خَبَرٌ	اَخبارٌ
خُلُقٌ	اَخْلاقٌ
سَبَبٌ	اَسْبابٌ
سِرٌّ	اَسْرارٌ
شِعْرٌ	اَشعارٌ
صَاحِبٌ	اَصْحابٌ
طِفْلٌ	اَطْفالٌ
طَرَفٌ	اَطْرافٌ
عَمَلٌ	اَعْمالٌ
فَرْدٌ	اَفْرادٌ
قَدَمٌ	اَقْدامٌ
قَوْلٌ	اَقوالٌ
قَوْمٌ	اَقْوامٌ
لَفْظٌ	اَلْفاظٌ
وَقْتٌ	اَوْقاتٌ
وَهْمٌ	اَوْهامٌ
اَمِيْرٌ	اُمَراءُ
حَكِيمٌ	حُكَماءُ
خَلِيفَةٌ	خُلَفاءُ
شَاعِرٌ	شُعَراءُ
عالِمٌ	عُلَماءُ
فَقِيرٌ	فُقَراءُ
نَبِي	اَنبِيَاءُ
وَلِي	اولِياءُ
سَلاحٌ	اَسْلِحَةٌ
لِسَانٌ	اَلْسِنَةٌ
حَجَرٌ	حِجارَةٌ
صَاحِبَةٌ	صَحابَةٌ

سُلْطَانُ	سَلاطِين
شَيْطَانُ	شَيَاطِين
مِسْكِينُ	مَساكِين
مَضْمُونُ	مَضامِين
اُسْتاذُ	اَساتِذَه
تِلْمِيذُ	تَلامِيذه
فَيْلسُوفُ	فَلاسِفَة

٣. جمع جو جمع، جو فقط عربي زبان جي خصوصيت آهي، سنڌيءَ ۾ به ڪڏهن استعمال ٿيندو آهي، مثلاً:

رَسْمَ	رُسُوْمُ	رُسُوْمات
لازِمَهُ	لَوازِمُ	لَوازِمات
وَجْهَ	وُجُوْهُ	وُجُوْهات

عدد واحد جو استعمال:

"اِجِ نه اوطاقن ۾ دونهين، ڏُکُ، نه لاٽَ."
(شاهه: رامڪلي)

"ڀڳڙ اڳيان ڀولَ، هي ڀڄل ڀولايو،
لڱهي لاڳَ نه لهڻو، نه ڏيٽ پنڻ آيو."
(سچل: سورٺ)

"ڏاڏي پوٽو ڏيهه ۾ ڏُکيو ڪونه ڏٺو؟"
(شاهه: حسيني)

"اِجِ نه اڱڻ ڀار، ڪرهو جيئن ڪالهه هو."
(شاهه: ڪنڀات)

"رُلي ڀانيشي راند، ڀائيڻ عشق ٻروچ جو."
(شاهه: حسيني)

"جنَّ جا هنيرِ جَتَ تنهن ڪجهيو ڪاهيئر جدڙو."
(شاهه: معذوري)

"**جوڳي** تنهنجي **جوڳ** ۾ ڳالهه گهرجي ڳجھ."
(شاهه: رامڪلي)

"**امڙ** اوري اچ ته **ٻڌايان** سڄڻين **سور** جي."
(شاهه: حسيني)

"**صوفيءَ** صاف ڪيو ڌوئي **ورق** وجود جو."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"نه **ڪاتيءَ** نه **ڪانهن**، نڪو **ڏوهه قلم** جو."
(شاهه: سهڻي)

"**ڪيچان** آيو **قافلو** رات سوچاريءَ **روءِ**،
ٻوتي ۽ **بلوچ** جي رڙهي پسان روءِ."
(شاهه: ديسي)

"اڄ ڪانگ ڏنياس **ڪتابت** **قريب** جي."
(سچل: مالڪوس)

"**ڪانگل** نيئي **ڪانگ** سنهنجي ڏج **محبوب** کي."
(شاهه: پورب)

"**منڊي** مون ڏهيئي **مٽ**، جيئن **دوست** وڃائي **داسڙو**."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"جتي **ماڻڪ** **ماڳ**، تتي چوران **تڪيو**."
(شاهه: سريراڳ)

"نه **ملاح** نه مڪڙي، نڪي ٻيڙين **نوڙ**،
ٻاڻي ٻنيءَ ٻوڙ، **سهڻيءَ** ليکي **سير** جو."
(شاهه: سهڻي)

"**وڻجاري** واٽ سدا آهه **سفر** جي."
(شاهه: سامونڊي)

'**اشراف** کي هميشه پنهنجي **عزت** جو **خيال** هوندو آهي.'

'جنهن **قوم** ۾ **تعليم** ۽ **هنر** نه هوندو آهي اها هميشه **پسماندہ** رهندي آهي.'

'آڳاٽي **زماني** ۾ سفر توڙي **واپار** **قافلي** جي ذريعي ڪيو ويندو هو.'

'ٿوري ڳالهه تي **شڪايت** ڪرڻ ڪن ماڻهن جي **عادت** ٿيندي آهي.'

'**ڪچهريءَ** ۾ نه **ڪوڙ** ڳالهائجي ۽ نه وري ڪو بي بنياد **افواہ** ڦهلائجي.'

عدد جمع جو استعمال:

اڄ پڻ **اڪيڙين**، **سڄڻ** پنهنجا ساريا،
ڳلن تان **ڳوڙهن** جون **بوندون** بس نه ڪن."
(شاهه: برو سنڌي)

"**اپريسم** **انگور**، ستي **سپيرين** جا."
(شاهه: پورب)

"اڄ نه **اوطاقن** ۾ **طالب** تنواريين،
آديسي اٿي ويا، **مڙهيون** مون مارين."
(شاهه: رامڪلي)

"**اديون** سي **اندام** **چڙن** منهنجا چوريا."
(شاهه: سهڻي)

"ايندا **اباڻا**، ڏوڙ لاٽا جن ڏيهڙا،
ڪير سهندم سومرا، **مارن** ري ماڻا."
(سچل: ڪنيات)

”اڄ ويا اکري عمر اباڻا،
ٻکر ٻاٻاڻا پسان شال پرک نهين.“
(شاهه: مارئي)

”ڀڄ ڀڳن کي سنڌيون کاڻ خبرون.“
(شاهه: بروو سنڌي)

”ٻندر بازاريون سڄا ساهونڊين ري.“
(شاهه: سامونڊي)

پرين جي پرديس، سون کي ميلهڻ ميڙيا.“
(شاهه: سارنگ)

”ڏاگهن ڏيرن ڏونگرن، تنهي ڏنم ڏک.“
(شاهه: ديسي)

”ڏني ڏيهڻ ٿيام، ڪهه جاڻان ڪهڙا پرين،
ولين جيئن وريام، گوندر غمَ پرينءَ جا.“
(شاهه: سهڻي)

”ڏونگرَ ڏوري مر مران، ساهه مرون ڪائين،
آنڊا گونڊا اوجهريون پل گڇهون ڪرڪائين.“
(سچل: ڪوهياري)

”پکاءَ پهوهارَ ڏني سون ڏيهڻ ٿيا.“
(شاهه: مارئي)

”چپ ڪر چنپ م چون ٻوٿ اکيون ڊڪ ڪن“
(شاهه: آسا)

”پيهتر آءُ پوري، سون سنگ سڃاڻي نه ڪيو.“
(شاهه: سسئي)

”مون وٽ آئيو ڪونه ڪو ڏاگهن تون ڀري ڀير.“
(شاهه : مارئي)

”جڏهن ڀيج ڀني، تڏهن اوٺين آٺ ڀلائيا،
سڌ لنڌينديءَ سات جي ڏيرن ڪاڻ ڏني،
مهارون مٿين جون ويا چوڙائي چني،
اڏيون ڳالهه. انهي، چرپر لائي چت ۾.“
(شاهه : ديسي)

”عمر ايانهن محل نه، ماڙيون مون ڏنا،
لاسين ۽ لاڏن هيون پينهيون پلوهارن جون“
(سچل : ڪنيات)

”پيت ڏوڏا جن ڏاج، ڦٺوت جني ڪِمر ڪوٺيون،
انهن جو احتياج، تو تماچي ڪيڏو ڪري.“
(سچل : ڪلياڻ)

”اچو پاڻي لڙ تيو ڪارو ڪيو ڪنگن،
ايندا لج مرن، تنهن سر ستي هنڪڙا.“
(شاهه : ڪارايل)

”ڪاڄ جن جو ڪکون، مال جن جو مڱڻ،
سمي سيئي سيڻ ڪيا، هيڻا جن جا هٿڻ.“
(شاهه : ڪاموڏ)

”نه سي ووڙ وٽن ۾، نه سي ڪاڏاريون،
پيهو بازاريون، هنسرو مون لون ٿئي.“
(شاهه : ڪاپائتي)

”ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهن ٿيندئي سامهان.“
(شاهه : ڪلياڻ)

”سڙي مجلس ميرَ ۾، ماڇي ڪن ماڻا،
مکڻ ۽ مڪين ڀڃا ڇنن تا ڇاڻا،
ڪڪيءَ جا ڪاڻا، ڏهوڻن ڏسبا ڪيا.“
(سچل: ڪلياڻ)

”ور وراڪا وچ ۾، لڪين آڏا لڪ.“
(شاهه: ڪاموڏ)

’ڪليل ميدانن ۾ لڳاتار هوائن ۽ طوفانن جي لڳڻ ڪري ٽنبن جون ٽهبرون نڪري وينديون آهن.‘

*

’انسان تي ٽن قسمن جا حقَ آهن: حقوق الله، حقوق العباد ۽ حقوق النفس.‘

*

’اهل دل فقيرَ ئي قدرت جا راز ۽ اسرار پروڙي سگهن ٿا.‘

*

’ٻوٽو وڏي وڻ ٿي ۽ ڦر جهلي تنهن لاءِ سالها انتظار ڪرڻو پوندو آهي.‘

*

’حاجين کي حج جا لوازمات چڱيءَ طرح بجا آڻڻا آهن.‘
عدد تثنيه جو استعمال:

*

'هرسال لکين ماڻهو **حرمين** جي زيارت لاءِ ويندا آهن.'

*

'جيڪي ماڻهو الله جي عبادت ۽ خلق جي خدمت ڪندا، انهن کي **دارين** جو اجر ۽ آرام نصيب ٿيندو.'

*

'هن ڌرين جي وچ فيصلي ڪرڻ لاءِ **طرفين** جون ڳالهيون ٻڌڻ گهرجن.'

*

'**والدين** جو ادب رکڻ ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ اولاد تي فرض آهي.'

=(+)=

(٧) اسم جي حالت

جملي ۾ اسم يا ان جي بدل يعني ضمير جي جا بيهڪ ۽ حيثيت رهي ٿي يا ان جو ٻين ڪنهن لفظ سان جو لاڳاپو رهي ٿو، تنهن کي حالت چئجي ٿو. اسم جي حالت جا ڪل پنج قسم آهن، اگرچ، سنسڪرت جي قاعدي موجب اسم جون اٺ حالتون هونديون آهي، پر اهي سنڌيءَ ۾ استعمال ڪونه ٿينديون آهن. اهي اٺ حالتون هيٺيون آهن:

١- حالت فاعلي
٢- حالت مفعولي
٣- حالت جري:

٣- حالت جري
٤- حالت سببي
٥- حالت امدادي
٦- حالت مڪاني

٧- حالت اضافت يا فاعلي
٨- حالت ندائي

سنسڪرت ۾ معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان حالت جريءَ جا چار قسم ڏيکاريا ويا آهن، جن جا مثال هيٺين جملي ۾ ڏجن ٿا:

استاد **ڪلاس** ۾ ٻار کي **بورڊ** تي **چاڪ** سان حساب سيکاري ٿو.

مٿئين جملي ۾ 'استاد' فاعل ۽ 'حساب' مفعول کان سواءِ باقي جيڪي چار اسم ڪم آندل آهن، تن جي حالت هيٺ بيان ڪجي ٿي.

ڪلاس: هي لفظ هنڌ يا مڪان ظاهر ڪري ٿو، تنهنڪري سنڌس حالت **مڪاني** يا ظرفي چئبي.

ٻـار: ٻار کي استاد کان سکيا جي امداد ملي ٿي، تنهنڪري ان جي حالت امدادي ٿيندي.

بورڊ: حسابن جي سکيا جو بنياد بورڊ تي رکيو ويو آهي، تنهنڪري 'بورڊ' جي حالت **جري** ليکبي.

چاڪ: 'چاڪ' کي وسيلو يا اوزار ڪري استعمال ڪيو ويو آهي، تنهنڪري ان جي حالت **سببي** شمار ڪبي.

مٿين مثالن مان معلوم ٿيندو ته حالت جريءَ جي چئن مختلف صورتن جي وچ ۾ جو معنوي فرق آهي، اهو بالڪل لطيف ۽ مونجهارو پيدا ڪندڙ آهي، ڇاڪاڻ ته سنڌيءَ ۾ خاص ۽ جدا جدا پڇاڙين استعمال نه ٿيڻ جي ڪري مذڪور صورتن ۾ فرق ڪرڻ مشڪل ٿو لڳي، انهيءَ ڪري سنڌيءَ ۾ حالت سببي، امدادي ۽ مڪاني، تنهي کي حالت جريءَ ۾ شامل ڪيو ويو آهي ۽ سنڌيءَ ۾ فقط پنجن حالتن کي تسليم ڪيو ويو آهي.

١- حالت فاعلي-

جملي ۾ جڏهن ڪو اسم يا ضمير فاعل جو ڪم ڪندو آهي، ته ان جي حالت فاعلي سڏبي آهي.

مثال:

"اُٺَ نه وڃي وڳ سين، ڇـري نه ڇانگو."
(شاهه: کنڀات)

"اوڏاڪين آيا عقل وارا عشق ڪي."
(سچل: آسا)

"وسي ٿو وڏ ڦڙو، ٺهڪن ٿيون ٺاريون."
(شاهه: سارنگ)

"ويو ڪين وري ماڻجهي هن ميدان ۾."
(سچل: راڻو)

'انسان تڪليف ۾ پنهنجي ڪمزوري محسوس ڪندو آهي.'

*

'ڌوٻي ميرا ڪپڙا ڌوئي صاف ڪري ٿو.'

*

'ماءُ پنهنجي ٻچن لاءِ سوين ڏک سور سهي ٿي.'

*

مٿيان ٿلها مثالي لفظ: اٺ، چانگو، عقل وارا، وڏ ڦڙو، ٺاريون، ماڻجهي، انسان، ڌوٻي ۽ ماءُ فاعل جي حيثيت رکن ٿا، تنهنڪري انهن جي حالت فاعلي آهي.

'فاعل' جي لغوي معنيٰ آهي 'ڪم جو ڪندڙ'، پر نحوي لحاظ کان سندس مطلب آهي، اهو لفظ جنهن جو سنڌو سنئون واسطو فعل سان هجي.

٢- حالت مفعولي-

جملي ۾ جڏهن ڪو اسم يا ضمير مفعول ٿي ڪم ايندو آهي، ته ان جي حالت مفعول چئبي آهي.

مثال:

"ٻڪسي سوڻي ٻهر، اڄ اڏاڻو اوڏهين،
خاص وڻي خبر، سوليو ساڃن پانهنجي."
(سچل: مالڪوس)

”مال نہ مڱي مڱڻو، جاچڪ ڪهري جيءَ.“
(شاهہ: سورٺ)

”وٽ ڪاتي، وڍ انگڙا، ادب ڪرمَ ڪوءِ.“
(شاهہ: بروو سنڌي)

”وکو سو وهاءِ جو پشي پراڻو نہ ٿئي.“
(شاهہ: سريراڳ)

’سائنس دنيا کي آرام بہ ڏنو آهي تہ خوف بہ.‘

*

’حڪومت جو فرض آهي تہ رعيت لاءِ هرڪا سهولت پيدا ڪري.‘

*

’شادي يا ڪنهن خوشيءَ جي محفل ۾ ماڻهو عطر ۽ گل چٽيندا آهن.‘

مٿيان ڏلها مثالي لفظ: ’ٻر‘، خبر، مال، جيءَ، ڪاتي، انگڙا، وکر، آرام، خوف، سهولت، عطر ۽ گل مفعول؛ ٿي ڪم آيل آهن، تنهنڪري انهن جي حالت مفعولي آهي.

’مفعول‘ جي لغوي معني آهي ’ڪم آندل يا ڪم آيل‘، پر سنڌس نحوي مطلب آهي اهو لفظ جنهن جو فعل سان واسطو فاعل جي ڪري هجي.

٣- حالت جري:-

جملي ۾ جڏهن ڪو حرف جر ڪنهن اسم يا ضمير جي پٺيان يا پر ۾ ايندو آهي ۽ ان جي حالت بيان ڪندو آهي تہ ان اسم يا ضمير جي حالت جري چئبي آهي.

مثال:

”منهنجو پيچ ٻڌهون سان، ازل لاڪون آهہ.“
(سچل: ڪوهياري)

"ڏسڻ مٿان ڦلنيون، ھيسريون منجھان ھيج."
(سچل: سارنگ)

"جن سان ڀڄڙي ڀانس، آئي عام خلق کي،
تن سان سمي ڄام جا ايڏا ٿيا اخلاص."
(سچل: ڪلياڻ)

"ڏاھي ھيس ڏيهه ۾ سرتين منجھ سڄاڻ."
(شاھ: ليلان چنيسر)

"ڏاتر لڳي ڏيکار، سو سومرا سائيهه،
ري پهوارن پرڏيهه، ماڪ مڙيوئي پاڻيان."
(سچل: ڪنيات)

"راڻي لاءِ رڙي، ويئي وهامي راتڙي."
(شاھ: مومل راڻو)

"روهن اندر روڄهڙيون، ڪيون ڏکيون ڏولاون."
(سچل: پهاڙي)

"سامي تون سلوڪ کي هٿان هڏ م ڇڏ."
(شاھ: رامڪلي)

'علم بنا آدمي، آهي ڍڳوءَ سمان.'

*

'هڪ ڏينهن هيءَ دنيا هرشيءِ سميت ختم ٿي ويندي.'

*

'صبح جو لڳ سان انهي ڌڻيءَ کي ياد ڪرڻ لازمي آهي.'

*

مٿيان ٻلها مثالي لفظ: پنهون، ازل، ڀڳن، هيج، جن، علم، خلق، تن، ڏيهه، سرتين، ڏاتر، پنهوارن، راڻي، روهن، سلوڪ، علم، پسون، شئي، ننڊ ۽ ڏٺي جري حالت ۾ آهن، جاڪاڻ تہ حرف جر: سان، لاڪون، مٿان، منجهان، سان، ۾، منجهہ، لڳ، ري، لاءِ، اندر، ٻنا، سمان، سميت، مان ۽ ڪي جدا جدا اسمن يا ضميرن جي پٺيان يا ير ۾ آيل آهن ۽ انهن جي حالت بيان ڪن ٿا.

ڪن حالتن ۾ اسم يا ضمير خود مجرور صورت ۾ هوندو آهي، اگرچہ حرف جر جدا استعمال ٿيل ڪونہ هوندو آهي، پر اهو متعلق اسم يا ضمير ۾ مدغم ٿيل يا مليل هوندو آهي، مثلاً: 'ڏيهان ڏور' جنهن جو مطلب آهي 'ڏيهہ کان ڏور.' 'ڏيهان' لفظ ۾ 'کان' حرف جر سمايل آهي، ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

"اجلان اکي سسئي، منڌ جٺري ٿـي مٿرِ."
(شاهہ: معذوري)

"آس م لکي اوٺٿين، ليڙن لڪ م لڳ."
(شاهہ: ديسي)

"وڏي اوهيہ آئيسون ٻنـڌيءَ لائـي ڦرِ."
(شاهہ: سارنگ)

"ٻـانـڌ ڳچيءَ پائي، چاهون چمان پيرڙا."
(سچل: راڻو)

"ٻرڏيهان ٻـنـڌ ڪري هـلـي آيـو هـيءَ."
(شاهہ: سورٺ)

"سونهن وڃايم سومرا، وطن وڃان ڪيئن؟"
(شاهہ: مارئي)

"نوري ڇام تماچ ساں، ڪلي چڙهي ڪٽ."
(سچل: ڪلياڻ)

"وٺن وڻا ڪانگ، وڃين ٿي ويلا ڪري."
(شاهه: سهڻي)

'ڪي ماڻهو شاديءَ کان پوءِ ٻارين ٻچين ساهرين وڃي رهندا آهن.'

*

'غريب ۽ مسڪين ماڻهو پيرين پنڌ حج تي ويندا آهن.'

*

'پرديس ۾ ڳوٺان ڪو خط ايندو آهي، ته بيحد خوشي ٿيندي آهي.'

*

مٿي ڏنل مجرور لفظن جي تشريح هيٺ ڏجي ٿي:

اجلان	يعني	اجل کان
اوٺين	"	اوٺين کي
ليڙن	"	ليڙن کي
اوهه	"	اوهه سان
پلئ	"	پلئ سان
ڪچيءَ	"	ڪچيءَ ۾
ڇاهون	"	ڇاهه مان يا منجهان
پرڏيهان	"	پرڏيهه کان
وطن	"	وطن ڏي يا ڏانهن
ڪٽ	"	ڪٽ تي
وٺن	"	وٺن تي
ٻارين ٻچين	"	ٻارن ٻچن سان

ساهرين " ساهرن ۾
پيرين " پيرن سان
ٻنڌ " ٻنڌ سان يا ٻنڌ وسيلي
ڪوٺان " ڪوٺ کان يا سان

٤- حالت اضافت يا اضافي

جڏهن ڪنهن اسم يا ضمير جي پٺيان حرف اضافت: جو، جي، سندو، سندي يا ڌاڙو، واري ايندو آهي ۽ ان جو ٻئي ڪنهن لفظ سان لاڳاپو ڏيکاريندو آهي تہ ان اسم يا ضمير جي حالت اضافت يا اضافي چئبي آهي.

اضافي ترڪيب جا ٻہ ڀاڱا هوندا آهن:

١- مُضاف، ٢- مضاف اليه.

مضاف جي معنيٰ آهي اها شئي جنهن جو ٻئي ڪنهن شئي سان لاڳاپو هجي ۽ مضاف اليہ جو مطلب آهي اها شئي جنهن سان ٻي شئي جو لاڳاپو ڏيکاريل هجي، مثلاً: ”ڪاغذ جي ٻيڙي“، هن ترڪيب ۾ ’ٻيڙي‘ آهي مضاف ۽ ’ڪاغذ‘ آهي مضاف اليہ.

حالت اضافت جون ڇهہ مختلف صورتون آهن، جي هيٺ ڏجن ٿيون:

١- اضافت تمليڪي
٢- اضافت ظرفي
٣- اضافت بياني يا توضيحي
٤- اضافت ذاتي يا صفاتي
٥- اضافت مجازي يا تشبيهي.
٦- اضافت نسبتي

(الف) حالت اضافت تمليڪي

اضافت واري جملي ۾ جيڪڏهن مضاف ۽ مضاف اليہ جو تعلق مالڪي هوندو، يعني مضاف ڪنهن مضاف اليہ جي

مالڪيت ڏيکاريل هوندو تہ مضاف اليہ جي حالت اضافت تمليڪي چئبي، مثلاً: باد شاهہ جو تخت، حڪومت جو ڪارخانو، منهنجو قلم، الله جو ٻانهو، دوست سندو در، طبيب واري دوا وغيرہ. انهن ترڪيبن ۾ باد شاهہ، حڪومت، مُنهن، الله دوست ۽ طبيبَ جي حالت اضافت تمليڪي آهي.

اضافت تمليڪيءَ جو استعمال:

"عاشق، معشوقن جي وٿي ويهج رَند."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"نوح جنهين جو ناکئو، ثابت ويا سيئي."
(شاهہ: سراڳ)

"محبتي ميهار جي چرّن چورِيا چاڪ."
(شاهہ: سهڻي)

"اُديون آريءَ ڄام جا ويا روڏا رُئاريون."
(سچل: ڪوهياري)

"ڏيهہ ڏکيءَ جو ڏور، رهبر رسج رڃ ۾."
(سچل: ڪوهياري)

(ب) حالت اضافت ظرفي

اضافت واري جملي ۾ جيڪڏهن مضافہ مضاف اليہ جو حصو هوندو يا انَ ۾ سمايل هوندو يا ان جي اثر جو نتيجو هوندو تہ مضاف اليہ جي حالت اضافت ظرفي ٿيندي. ظرف جي معنيٰ آهي ٿانو، هنڌ يا جاءِ جنهن ۾ ڪا شئي پيل يا سمايل هجي، مثلاً: گهر جو در، گل جي خوشبوءِ، بدن جو رَت، درياهہ جو پاڻي، اسڪول جا شاگرد، ڪتاب جي ڳالهہ ۽ سيارئ جي ٿڌ وغيرہ. هنن مثالن ۾ ڏسبو تہ در، خوشبوءِ، رت، پاڻي، شاگرد، ڳالهہ ۽ ٿڌ، جي مضاف آهن،

اهي ٻنهنجي مضاف اليہ، يعني گهر، گل، بدن، درياهہ، اسڪول، ڪتاب ۽ سپاري ۾ داخل آهن، تنهنڪري هرهڪ مضاف اليہ جي حالت اضافت ظرفي چئبي.

اضافت ظرفيءَ جو استعمال:

"توڏي تنهن وڻ تات، جنهن ۾ ٻوءِ بادام جي."
(شاهہ: ڪنيات)

"پاڻان چوندءِ ٻيءَ، پري جام جنت جو."
(شاهہ: ڪلياڻ)

"سکهو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين."
(شاهہ: ٻرّوو سنڌي)

"ڇڪو انهنءَ چاش جو، چکي ٿيا چريا."
(سچل: پيروي)

"پسي دور درياهہ جو، دهلج ڪيم دلا."
(شاهہ: سهڻي)

"پينر هن پنيور ۾ دوزخ جو دونهون."
(شاهہ: حسيني)

"سڻون سيپارن جون، پڙهڻ ٿيون ثواب."
(سچل: پيروي)

(ت) حالت اضافت بياني يا توضيحي

اضافت جي جملي ۾ جيڪڏهن مضاف اليہ ۽ مضاف جو لاڳاپو بياني هوندو يا مضاف اليہ مضاف جي توصيف يا وضاحت ڪندڙ هوندو تہ ان حالت ۾ مضاف اليہ جي حالت اضافت بياني يا توضيحي ٿيندي، مثلاً: سون جي منڊي، رڪ جي تراڻ، مس جو داغ، جمع جو ڏينهن، دنبي جو گوشت، اپريل جو مهينو ۽ ڪراچيءَ جو شهر وغيره. انهن ترڪيبن ۾ سون،

رڪ، مس، جمع، دنبي، اپريل ۽ ڪراچي، جي مضاف اليه آهن، انهن جي حالت اضافت بياني آهي.

اضافت بيانيءَ جو استعمال:

”اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”دارونءَ جا دائما ڏنم هوت هٿن مين.“
(شاهه: ڪوهياري)

”جيڪس منجهه قطار، ڪا ول چنائين وهم جي.“
(شاهه: ڪنڀات)

”سدا آهي سور جي واڍوڙين وائي.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”محبت جي ميدان ۾ سر جو سانگ نه ڪر.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”تنيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪاهي ويل وَهڻ جي.“
(شاهه: معذوري)

”ڏيکاريس ڏکن، ڪوندر ڪُس ٻِبن جو.“
(شاهه: حسيني)

”ڏونگر مونسين روءِ، ڪي ڪي پار پنهونءَ جا.“
(شاهه: ڪوهياري)

”سامونڊين سعيو، سدائين سفر جو.“
(شاهه: سامونڊي)

”ساجن توهان ڌار، ڏنم ڏينهن قيام جو.“
(شاهه: ديسي)

"'لا' نفيءَ جو ڪلمو مون کي، مرشد پاڻ پڙهايو."
(سچل : گجري)

"ڳل ڳاڙها ياقوت جا، موتين ڳتيس مال."
(شاهه : کنڀات)

مٿين سڀني ۾ ڳاڙها لفظ مثالي آهن، جن جي حالت اضافت بياني آهي.

(ث) حالت اضافت ذاتي يا صفاتي:

اضافت واري جملي ۾ جيڪڏهن مضاف لفظ مضاف اليه جي خاصيت يا ذاتي وصف ظاهر ڪندڙ هوندو ته ان مضاف اليه جي حالت کي اضافت ذاتي يا صفاتي سڏبو. مثلاً: سج جي گرمي، چنڊ جي روشني، رات جي اونداهي، دنيا جي لذت، انسان جي ڪمزوري ۽ باهه جو تؤ وغيره. انهن ترڪيبن ۾ سج، چنڊ، رات، دنيا، انسان ۽ باهه جي حالت ذاتي يا صفاتي آهي، ڇاڪاڻ ته مضاف لفظ: گرمي، روشني، اونداهي، لذت، ڪمزوري ۽ تؤ، هرهڪ پنهنجي پنهنجي مضاف اليه جي وصف يا خصوصيت ظاهر ٿو ڪري.

اضافت ذاتيءَ جو استعمال:

"اوڀارا عنبير جا، جر مان اچين جال."
(شاهه : سهڻي)

"تن ۾ تونس ڊرڻ‌ءَ جي، ٻيان نسه ڏاپان."
(شاهه : سهڻي)

"آهي ڪو جو جهلي، تکو تاب حسن جو."
(سچل : پيروي)

"قضا ڪم ڪيو، ڪونهي ڏوهه ڪنلال جو."
(شاهه : يمن ڪلياڻ)

”مدَيون پسي مهجُون شرمايا شيطان.“
(شاهه: سريراڳ)

”ملان، سمجهين ڪين ڪي، تون محبوبن جي مام.“
(سچل: آسا)

”طعنا تنڪا لوڪ جا، سر چڱا چايام.“
(سچل: ڪوهياري)

”ڏکيءَ سنديون ڏونگريون، اوچنگارون اچن.“
(شاهه: معذوري)

”وڪڙ ور وندر جا، جت جبلن جا جهاڪا.“
(سچل: ڪوهياري)

مٿين سٽن ۾ ٽلها لفظ مثالي آهن، جن جي حالت اضافت ذاتي يا صفاتي آهي.

(ج) حالت اضافت مجازي يا تشبيهي:

اضافت واري جملي ۾ جيڪڏهن مضاف ۽ مضاف اليه جي وچ ۾ لاڳاپو مجازي يا تشبيهي هوندو ته مضاف اليه جي حالت مجازي يا تشبيهي چئبي، مثلاً: اکين جي اڃ، دل جي ڪٽ، قدرت جو هٿ، محبت جو ٻج، ڏکن جو ڏاج، غلاميءَ جو طوق وغيره. انهن ترڪيبن ۾ اکين، دل، قدرت، محبت، ڏکن ۽ غلامي جي حالت مجازي يا تشبيهي آهي. اضافت مجازي يا تشبيهي جو مطلب آهي اهو لاڳاپو جو معنوي هجي يا تشبيهه طور بيان ڪيل هجي. هن اضافت کي اضافت ’استعاره‘ به چئبو آهي.

اضافت مجازيءَ جو استعمال:

”الا جي عشق جا مني تان تون نه سهين.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”مون سر وڻا جيڏيون، ڏکن سندا ميهڻ.“
(شاهه: سامونڊي)

”ٻانئي ويا ڀرت جو زوراور زنجير“
(شاهه: سسئي)

”پنهونءَ وڌم ويچ، نسوروئي ڏينهن جو.“
(شاهه: حسيني)

”گوندر جا گهوڙا وجن جان جدا ڪيو.“
(شاهه: ڪوهياري)

”چارڻ تنهنجي چنگ ۾ ٿو ديڻ جي تار.“
(شاهه: سورٺ)

”محبت سندو من ۾ مانڪ ٻارج مچ.“
(شاهه: سريراڳ)

”ڏيندا پٽڪي پاڇهه جي، ويندءَ لپ لري.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”پڇرو جو پاپڻ جو سو جوئيءَ تائين چور.“
(شاهه: سريراڳ)

”ادب ۽ اخلاص جا سڙهه ٻڌج سوري.“
(شاهه: سريراڳ)

”پاڻهپ جو پيڙين ۾ وکر وڌائون،
سوتي معرفت جا سچا سوديائون.“
(شاهه: سريراڳ)

”قاتل فوج حسن جي آئي، ڪاهون ڪاهه ڪنڪ.“
(سچل: پيروي)

مٿين سڀني ۾ ٽلها لفظ مثالي آهن، جن جي حالت اضافت مجازي يا تشبيهي آهي.

٦- حالت اضافت نسبتي:

اضافت واري جملي ۾ جيڪڏهن مضاف ۽ مضاف اليه جي وچ ۾ ڪو نسبي يا نسلي رشتو ڏيکاريل هجي يا مضاف جي مضاف اليه سان ڪا نسبت ڄاڻايل هجي ته ان مضاف اليه جي حالت اضافت نسبتي چئبي، مثلاً: الله جي مخلوق، ملڪ جو حاڪم، قوم جو سردار، سيٺ جو نوڪر، پيءُ جو پٽ وغيره. انهن ترڪيبن ۾ الله، ملڪ، قوم، سيٺ ۽ پيءُ جي حالت اضافت نسبتي آهي.

اضافت نسبتيءَ جو استعمال:

"ڪڇ ڪمايم ڪوڙ، پڇم عهد الله جا."
(شاهه: سريراڳ)
"ٻانهن تي ٻوٽيون ته ڪنا ڪيئي ڪيچ جا."
(شاهه: معذوري)
"وڃان تي وٽڪاڻ، ڏنم پير دڌوڻن جو."
(شاهه: حسيني)
"ساموٽڊي ڪو سڱ، آهي گوندر ڳاڍئون."
(شاهه: سامونڊي)
"تون گهٽين سنڌ گهوٽ مون وَرُ تو نهين هڪڙو."
(شاهه: مومل راڻو)

"سلطانه رضيه التمش جي ڌيءَ هئي."

*

"چڱن جو اولاد گهڻو ڪري چڱو ٿيندو آهي."

*

مٿين مثن ۾ ڏنل لفظ مثالي آهن، جن جي حالت اضافت نسبتي آهي.

٥- حالت ندا يا ندائي:

جملي ۾ جنهن اسم يا ضمير کي حاضر سمجهي سڏيو يا پڪاريو وڃي يا ان کي خطاب ڪيو وڃي، تنهن جي حالت ندا يا ندائي چئبي آهي. 'ندا' جي معنيٰ آهي 'سڏ' يا 'پڪار' 'اي'، 'او'، 'اڙي'، وغيره ندا جا حرف آهن، جي سڏ ڪرڻ يا پڪارڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن. مثلاً: 'اي انسان'، او مسافر، اڙي ڇوڪر وغيره. انهن ترڪيبن ۾ انسان، مسافر ۽ ڇوڪر جي حالت ندائي آهي.

ڪن حالتن ۾ ندا جي لفظن ڪم آڻڻ کان سواءِ به اسم جي حالت ندائي رهندي آهي. اهڙن اسمن جي پوئين آواز ۾ ندا جي لفظن جو زور سمايل هوندو آهي. مثلاً: ڪنهن کي 'پٽ' چوڻ جو مطلب ٿيندو 'اي پٽ'، 'يارو' جو مطلب ٿيندو 'اي يارو'. اهڙين مختلف صورتن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

١- جيڪڏهن واحد مذڪر اسم جو پڇاڙيءَ وارو آواز 'اُ' هوندو آهي ته ندائي حالت ۾ اهو واحد جي صيغي ۾ ڦري 'اَ' ۽ جمع جي صيغي ۾ ڦري 'او'، 'آ' يا 'آو' تي پوندو آهي. مثلاً:

مذڪر اسم		ندائي حالت	
واحد	جمع	واحد	جمع
يارُ	يارَ	يارَ	يارو
ڀاءُ	ڀائرَ	ڀاءَ	ڀائرو
پٽُ	پٽَ	پٽَ	پٽو
جٽُ	جٽَ	جٽَ	جٽام جٽو
ڇوڪرُ	ڇوڪرَ	ڇوڪرَ	ڇوڪرو
دوستُ	دوستَ	دوستَ	دوستو

عزيزُ	عزيزَ	عزيزَ	عزيزو
مؤمنُ	مؤمنَ	مؤمنَ	مؤمنو
مجاهدُ	مجاهدَ	مجاهدَ	مجاهدو
يارُ	يارَ	يارَ	يارو

٢- جيڪڏهن واحد مذڪر اسمن جي پڇاڙي 'آ'، 'ا'، اِي يا 'آءُ' هوندي آهي ته ندائي حالت ۾ واحد جي صيغي ۾ انهن جي صورت ساڳي رهندي، پر جمع جي صيغي ۾ ڦري 'او'، 'آءُ' يا 'ئا' ٿي پوندي آهي. مثلاً:

آقا	آقا	آقا	آقائو
ديوتا	ديوتائون	ديوتا	ديوتائو
راجا	راجائون	راجا	راجائو
سيٺ	سيٺيئون	سيٺ	سيٺيو، سيٺيئو، سيٺئا
جوڳي	جوڳي	جوڳي	جوڳيو، جوڳئا
سپاهي	سپاهي	سپاهي	سپاهيو
قيدي	قيدي	قيدي	قيديو
ڪيچي	ڪيچي	ڪيچي	ڪيچيا، ڪيچيو، ڪيچيؤ
منشي	منشي	منشي	منشيو
ماڙهئو	ماڙهئو	ماڙهئو	ماڙهئا، ماڙهئو
واڻاهئو	واڻاهئو	واڻاهئو	واڻا هئا، واڻاهئو
هندؤ	هندؤ	هندؤ	هندئا، هندئو

٣- جيڪڏهن واحد مذڪر اسمن جي پڇاڙي 'او' هوندي آهي ته ندائي حالت ۾ واحد جي صيغي ۾ ڦري 'آ' ۽ جمع جي صيغي ۾ ڦري 'او' يا 'آءُ' ٿي پوندي آهي. مثلاً:

ٻچڙو	ٻچڙا	ٻچڙا	ٻچڙؤ
پٽڙو	پٽڙا	پٽڙا	پٽڙؤ
ڇورو	ڇورا	ڇورا	ڇورؤ

مگٿو	مگٿا	مگٿا	مگٿؤ
منڪتو	منڪتا	منڪتا	منڪتؤ
واڍو	واڍا	واڍا	واڍؤ
واٺيو	واٺيا	واٺيا	واٺيؤ

٤- جيڪڏهن واحد مؤنث جي پڇاڙي 'آ'، 'آ'، 'اي' يا 'اَ' هوندي آهي تہ ندائي صورت ۾ واحد جي صيغي ۾ اها پڇاڙي قائم رهندي آهي، پر جمع ۾ ڦري 'او'، 'اون' يا 'رو' تي پوندي آهي. مثلاً:

مؤنث اسم		ندائي اسم	
واحد	جمع	واحد	جمع
ڀيڻَ	ڀيڻؤن، ڀينرَ	ڀيڻَ	ڀينرَ، ڀينرو
ڏيِءَ،	ڏيون، ڏيئر،	ڏيءَ	ڏيون، ڏيئون،
ڏيءَ	ڏيئرون		ڏيئرو
سَسَ	سَسُون	سَسَ	سَسُون.
ماءُ	مائون، مائر،	ماءُ	مائون، مائرون،
	مائرون		مائرو
ننهُنَ	ننهُون، ننهرَ	ننهُنَ	ننهُون، ننهرون
نُهَنَ	نُهرون	نُهَنَ	نُهَرو
زالَ	زالون	زالَ	زالون
ماتا	ماتائون	ماتا	ماتائون، ماتائو
ڇوڪري	ڇوڪريون	ڇوڪري	ڇوڪريون
			ڇوڪريئو
مائيِ	مائيون	مائيِ	مائيون

٥- ڪڏهن ڪڏهن مذڪر اسم واحد جي پڇاڙيان 'ہ' ۽ جمع جي پڇاڙيان 'آہ' ملائڻ سان ندائي صورت ٺهندي آهي.

مثلاً:

اسم	ندائي حالت
واحد: حامي	حاميه
جمع: پرين	پرياه

٦- شعر ۾ اسم جي پڇاڙيءَ ۾ 'آ'، 'يا' يا 'آءِ' پچاڙي ڪڏڻ سان ندائي صورت پيدا ٿيندي آهي. مثلاً:

اسم	ندائي حالت
وَڙآ	وڙاءِ
وَڻُ	وڻا، وڻاءِ

ندائي حالت وارن لفظن جو استعمال:

"لڳم ٻاڻ ٻروچ جو امڙ! پل ۾ مون."

(شاهه: حسيني)

"رُلي پانهنجي راند، پانهنڻ، عشق ٻروچ جو."

(شاهه: حسيني)

"آءٌ اوهان جي آهيان پانهي ڀر اوچاه."

(شاهه: حسيني)

"ڪا جا ڳالهه ڳري، پيچليا پڌاءَ مون."

(شاهه: سورٺ)

"ڏک لڳو، ڏونگر ڀريو، پيئڙيا ڪاٽي پون."

(شاهه: حسيني)

"راڻا رسي چڏ، وار ڪرهو ڪاڪ تي."

(شاهه: مومل راڻو)

"زاغ تهنجي ذات جو ڏورو متي مون."

(شاهه: پورب)

"اڏيون ڪا ايندي، ڇپر مون سڱ ٿيو."
(شاهه: حسيني)

"ڪرڪو ڀرو ڪانڌ، مون نماڻيءَ جي تجهري."
(شاهه: ڏاهر)

"آءٌ ڪانگا ڀهي ڪول، سڏيون ڏي ساڻيهه جون."
(شاهه: پورب)

"هلندي حبيبن ڏي، ڪرها موڙ م ڪنڌ."
(شاهه: ڪنيات)

"وڪر ويا وهي، ڪالهه تنهنجا ڪونجڙي."
(شاهه: ڏاهر)

"تان ڪا ورِ ڪجاه ڪميڻيءَ تي ڪيچيا."
(شاهه: حسيني)

"ليلان ليلائيچ، اٿيئي ماڳ منٺ جو."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"منٺو آهين مڇ، تلهو ٿيو تو نساه هٿين."
(شاهه: ڏاهر)

"هلڻ م منٺين ويهه، ايسي آسراس ٻه."
(شاهه: سسئي)

"هارڳڙا ماندي، آءٌ اوهان ريءَ آهيان."
(سچل: ڪنيات)

"پيئي جا پرڀاتڙ سا ماڪ م پسو ماڙهوئا."
(مخدوم نوح)

"وڏو ڪير وڏاءُ، اونچا ڏونگر م ٿيو."
(شاهه: معذوري)

"آءٌ اڏامي هنجڙا، سر ٻه ساريندئين."
(شاهه: ڪارايل)

اسمن جي عام صورت:

جملي ۾ اسم يا ضمير مختلف حالتن ۾ واقع ٿيندو آهي، جن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي، ۽ هرحالت مطابق ان جي صورت ۾ ڦيرو ايندو رهندو آهي. مثلاً:

١- ڪڪر مينهن وسائن ٿا.
٢- ڪڪرن مان مينهن وسي ٿو.
٣- وسندڙ مينهن ۾ گهمڻ ڦرڻ يا ڪم ڪار ڪيو ٿيندو آهي.
٤- سمنڊ جو پاڻي ٻاڦ ٿي ڪڪرن جي صورت وٺي ٿو.

مٿين جملن ۾ ڏٺو ويندو ته 'ڪڪر' جو اسم آهي ۽ پهرئين جملي ۾ فاعلي حالت ۾ آهي، ٻئي ۽ چوٿين جملي ۾ جري ۽ اضافي حالتن ۾ ڦري 'ڪڪرن' ٿي پيو آهي، اهڙي طرح 'مينهن' اسم جو پهرئين ۽ ٻئي جملي ۾ جدا جدا مفعولي ۽ فاعلي حالت ۾ آيو آهي، ٽئين جملي ۾ جري حالت ۾ واقع ٿيو آهي ۽ ان جي پيش واري پڇاڙي بدلجي زبر واري ٿي پيئي آهي. مفعولي، جري ۽ اضافي حالتن کي گڏي 'عام صورت' به چئبو آهي. هيٺ مختلف پڇاڙين وارن اسمن جي فاعلي ۽ عام صورت جا مثال ڏجن ٿا.

١- 'آ' پڇاڙيءَ وارن اسمن جي عام صورت واحد جي صيغي ۾ ساڳي رهندي آهي، پر جمع ۾ انهن جي 'اوُن' پڇاڙي ڦري 'اَن' ٿي پوندي آهي. مثلاً:

عام صورت		فاعلي صورت	
جمع	واحد	جمع	واحد
آڏن	آڏَ	آڏوُن	آڏَ
پيٽن	پيٽ	پيٽوُن	پيٽ

تارَ	تارُون	تارَ	تارُن
رَڪِبَ	رَڪِبُون	رَڪِبَ	رَڪِبُن
زالَ	زالُون	زالَ	زالُن
سيٽَ	سيٽُون	سيٽَ	سيٽُن
لامَ	لامُون	لامَ	لامُن
ليڪَ	ليڪُون	ليڪَ	ليڪُن
مُنڊَ	مُنڊُون	مُنڊَ	مُنڊُن
وِڪَٽَ	وِڪَٽُون	وِڪَٽَ	وِڪَٽُن
هَوڙَ	هَوڙُون	هَوڙَ	هَوڙُن

٢- 'آ' ڇاڙيءَ وارن اسمن جي عام صورت واحد جي صيغي ۽ فاعليءَ واري رهندي آهي، پر جمع ۾ 'ئون' ڇاڙي منجهي 'ئُن' ٿي پوندي آهي. مثلاً:

فاعلي صورت		عام صورت	
واحد	جمع	واحد	جمع
بَلا	بَلائُون	بَلا	بَلائُن
جفا	جفائُون	جفا	جفائُن
ديوتا	ديوتائُون	ديوتا	ديوتائُن
راجا	راجائُون	راجا	راجائُن
غُفا	غُفائُون	غُفا	غُفائُن
ڪَٿا	ڪَٿائُون	ڪَٿا	ڪَٿائُن
هَڇا	هَڇائُون	هَڇا	هَڇائُن

٣- 'اِ' ڇاڙيءَ وارن اسمن جي عام صورت واحد جي صيغي ۾ فاعليءَ جهڙي هوندي آهي، پر جمع ۾ 'يُون' ڇاڙيءَ جي مخفف صورت 'يُن' استعمال ٿيندي آهي يا فقط حرف 'ن' ڪم ايندو آهي. مثلاً:

فاعلي صورت		عام صورت	
واحد	جمع	واحد	جمع
آڪ	اڪيون	آڪ	اڪيئن، اڪن
پيٽ	پيٽيون	پيٽ	پيٽيئن، پيٽن
جنگ	جنگيون	جنگ	جنگيئن، جنگن
دل	دليون	دل	دليئن، دلن
ڏر	ڏريون	ڏر	ڏريئن، ڏرن
سيٽ	سيٽيون	سيٽ	سيٽيئن، سيٽن
لٽ	لٽيون	لٽ	لٽيئن، لٽن
مٽڪ	مٽڪيون	مٽڪ	مٽڪيئن، مٽڪن
وَل	وَليون	وَل	وَليئن، وَلن
رات	راتيون	رات	راتيئن، راتن
ڪاٺ	ڪاٺيون	ڪاٺ	ڪاٺيئن، ڪاٺن
ڳالھ	ڳالھيون	ڳالھ	ڳالھيئن، ڳالھن
لات	لاتيون	لات	لاتيئن، لاتن

ع- 'اي' پڇاڙيءَ وارن اسمن جي عام صورت واحد جي صيغي ۾ ساڳي فاعليءَ واري رهندي آهي، البت پٺيان 'ءَ' پڇاڙي لڳائبي آهي ۽ جمع مذڪر جي 'اي' پڇاڙي يا جمع مؤنث جي 'اون' پڇاڙي مٽجي 'ئن' يا 'ن' تي پوندي آهي، مثلاً:

مذڪر اسم:

فاعلي صورت		عام صورت	
واحد	جمع	واحد	جمع
آدمي	آدمي	آدميءَ	آدميئن، آدمين
پيلي	پيلي	پيليءَ	پيليئن، پيلين
جوڳي	جوڳي	جوڳيءَ	جوڳيئن، جوڳين
حاجي	حاجي	حاجيءَ	حاجيئن، حاجين
ڏٽي	ڏٽي	ڏٽيءَ	ڏٽيئن، ڏٽين
ڌوٻي	ڌوٻي	ڌوٻيءَ	ڌوٻيئن، ڌوٻين

ساٿي	ساٿي	ساٿيءَ	ساٿين، ساٿن
سانگي	سانگي	سانگيءَ	سانگين، سانگين
قيدي	قيدي	قيديءَ	قيدين، قيدن
هاٿي	هاٿي	هاٿيءَ	هاٿين، هاٿن
هاري	هاري	هاريءَ	هارين، هارن

نوٽ: شعر ۾ اڪثر عام صورت واري جمع جي صيغي جو 'ي' حرف ڪيرايو ويندو آهي، جيئن مٿي ڏيکاريو ويو آهي ۽ هيٺين مثالن مان ظاهر آهي:

"اڄ مروّت ۽ وفا منجهه **آدمين** آهي الپ."
(آخوند محمد قاسم)

"دايون درمانديون ٿيون، **ٻاڳين** ٻاڏايو."
(شاهه: سورٺ)

"**هارن** هر سنباهيا سرها ٿيا منگهار."
(شاهه: سارنگ)

مؤنث اسم:

ٻڪري	ٻڪريون	ٻڪريءَ	ٻڪرين، ٻڪرين
ٻانهي	ٻانهيون	ٻانهيءَ	ٻانهين، ٻانهين
ٻولي	ٻوليون	ٻوليءَ	ٻولين، ٻولين
ٻيڙي	ٻيڙيون	ٻيڙيءَ	ٻيڙين، ٻيڙن
پري	پريون	پريءَ	پرين، پرن
پيتي	پيتيون	پيتيءَ	پيتين، پيتن
چوٽي	چوٽيون	چوٽيءَ	چوٽين، چوٽن
ڇوڪري	ڇوڪريون	ڇوڪريءَ	ڇوڪرين، ڇوڪرن
دائي	دائيون، دايون،	دائيءَ	دائين، داين، دائن
ڏاچي	ڏاچيون	ڏاچيءَ	ڏاچين، ڏاچن
رائي	رائيون	رائيءَ	رائين، رائن

٥- جن واحد اسمن جي پڇاڙي ’اُ‘ آهي عام صورت ۾ مذڪر جيءَ حالت ۾ اها پڇاڙي مٽجي ’اَ‘ ٿي پوندي آهي، مگر مؤنث جي حالت ۾ قائم رهندي آهي ۽ جمع جي صيغي ۾ مذڪر لفظ جي پڇاڙي حرف ’ن‘ جو اضافو ٿيندو آهي ۽ جمع مؤنث جي پڇاڙي ’اون‘ جي جاءِ تي ٻه حرف ’ن‘ استعمال ٿيندو آهي. مثلاً:

فاعلي صورت		عام صورت	
واحد	جمع	واحد	جمع
ٻَرُ	ٻَرَ	ٻَرَ	ٻَرَنِ
جَٽُ	جَٽَ	جَٽَ	جَٽَنِ
چَنڊُ	چَنڊَ	چَنڊَ	چَنڊَنِ
ڍَڪُ	ڍَڪَ	ڍَڪَ	ڍَڪَنِ
سَنڌُ	سَنڌَ	سَنڌَ	سَنڌَنِ
ٿَڻُ	ٿَڻَ	ٿَڻَ	ٿَڻَنِ
ڪَکُ	ڪَکَ	ڪَکَ	ڪَکَنِ
ڪَسُ	ڪَسَ	ڪَسَ	ڪَسَنِ
گهَرُ	گهَرَ	گهَرَ	گهَرَنِ
وَڻُ	وَڻَ	وَڻَ	وَڻَنِ
ڄارُ	ڄارَ	ڄارَ	ڄارَنِ
گاهُ	گاهَ	گاهَ	گاهَنِ
واهُ	واهَ	واهَ	واهَنِ
سيجُ	سيجَ	سيجَ	سيجَنِ
سيڙهُ	سيڙهَ	سيڙهَ	سيڙهَنِ
ليکُ	ليکَ	ليکَ	ليکَنِ
تيرُ	تيرَ	تيرَ	تيرَنِ
ميرُ	ميرَ	ميرَ	ميرَنِ
وِيرُ	وِيرَ	وِيرَ	وِيرَنِ

آٽُ	آٽَ	آٽَ	آٽَنِ
پُٽُ	پُٽَ	پُٽَ	پُٽَنِ
ڇُڙُ	ڇُڙَ	ڇُڙَ	ڇُڙَنِ
ڳُلُ	ڳُلَ	ڳُلَ	ڳُلَنِ
ڀُورُ	ڀُورَ	ڀُورَ	ڀُورَنِ
سُورُ	سُورَ	سُورَ	سُورَنِ
ڪُوهُ	ڪُوهَ	ڪُوهَ	ڪُوهَنِ
چورُ	چورَ	چورَ	چورَنِ
ڊورُ	ڊورَ	ڊورَ	ڊورَنِ
ڳوٺُ	ڳوٺَ	ڳوٺَ	ڳوٺَنِ
گھوٽُ	گھوٽَ	گھوٽَ	گھوٽَنِ
پيٽُ	پيٽَ	پيٽَ	پيٽَنِ
ڏيرُ	ڏيرَ	ڏيرَ	ڏيرَنِ

مؤنث اسم:

تَندُ	تَندُون	تَندُ	تَندُنِ
سَسُ	سَسُون	سَسُ	سَسُنِ
ڪَنڌُ	ڪَنڌُون	ڪَنڌُ	ڪَنڌُنِ
مَسُ	مَسُون	مَسُ	مَسُنِ
وَٽُ	وَٽُون	وَٽُ	وَٽُنِ
وِڄُ	وِڄُون	وِڄُ	وِڄُنِ
ماءُ	مائُون، مائرون	ماءُ	مائُنِ، مائرنِ

٦- '٢' ڀڃاڙيءَ وارن جن مذڪر اسمن جو پويون حرف همزة (ءُ) هوندو آهي، انهن جي عام صورت ۾ ڪن حالتن ۾ اهو مٽجي 'و' ٿي پوندو آهي. مثلاً:

پَوءُ	پَوَ	پَوَ	پَوَنِ
تَوءُ	تَوَ	تَوَ	تَوَنِ
ڏَنءُ	ڏَنوَ	ڏَنوَ	ڏَنوَنِ

ڏِهُ	ڏِوَ	ڏِوَ	ڏِوَنِ
رَهُ	رَوَ	رَوَ	رَوَنِ
سَوهُ	سَوَ	سَوَ	سَوَنِ
پاهُ	پاوَ	پاوَ	پاوَنِ
ٿانهُ	ٿانوَ، ٿانءَ	ٿانوَ، ٿانءَ	ٿانوَن، ٿانئَن
ڪانهُ	ڪانوَ، ڪانءَ	ڪانوَ، ڪانءَ	ڪانوَن، ڪانئَن
گهاهُ	گهاوَ، گهاءَ	گهاوَ، گهاءَ	گهاوَن، گهائَن

جن اسمن جي پوئين حرف 'هُ' جي اڳئين حرف جو آواز يا اچار 'اِي' هوندو ته همزه ڪسي 'ءِ' ۾ مٽائڻ جي ضرورت نه پوندي. مثلاً:

جيءُ	جيءَ	جيءَ	جيئَن
سيءُ	سيءَ	سيءَ	سيئَن
وِيءُ	وِيءَ	وِيءَ	ويئَن

ب- '٣' پڇاڙيءَ وارن بي قاعدي ٿيندڙ مذڪر توڙي مؤنث اسمن جي عام صورت واحد ۾ ساڳي رهندي، البت ڪن حالتن ۾ پيش زبر ۾ تبديل ٿيندو آهي ۽ جمع ۾ 'اون' پڇاڙيءَ جي بدران حرف 'ن' ڪم ايندو آهي. مثلاً:

ڀيءُ	ڀيئَرُ، ڀيئَرُ، ڀيئَرَ	ڀيءَ	ڀيئُن، ڀيئَرُن، ڀيئُرَن
ڀاءُ	ڀائُرَ، ڀائيرُ، ڀائيرَ	ڀاءَ	ڀائُن، ڀائُرَن، ڀائيرَن
ڀيڻُ	ڀيڻُون، ڀيڻَرُ، ڀيڻرُون	ڀيڻُ، ڀيڻَ	ڀيڻُن، ڀيڻَرُن، ڀيڻيرُن
ڌِيءُ،	ڌِيئَرُ، ڌِيئَرُ	ڌيءَ	ڌِيئَرُن، ڌيئُن،
ڌِيءَ	ڌيئَرُون، ڌيئُون	ڌيءَ	ڌِيئَن

مَناڪ	مائٽون، مائيرَ، ماڪ مائيرون، مائٽرون	مائٽن، مائيرن، مائٽرن
نُنهن	نُنهُون، نُهرَ، نُنهُن	نُنهن، نُهن،
نُهن	نُهرون نُهن	نُهرن

٨- جن اسمن جي پڇاڙي 'او' آهي، تن جي عام صورت واحد جي حالت ۾ 'ءَ' پڇاڙي ملائڻ سان ۽ جمع جي صيغي ۾ پڇاڙيءَ واري حرف 'و' جي جاءِ تي 'ن' آڻڻ سان ٺهندي آهي، مثلاً:

فاعلي صورت		عام صورت	
واحد	جمع	واحد	جمع
ڏينهُو	ڏينهُو	ڏينهُوءَ	ڏينهُن
مائٽو	مائٽو	مائٽوءَ	مائٽن
ميرُون	ميرُون	ميرُونءَ	ميرن
واڳو	واڳو	واڳوءَ	واڳن
وڇون	وڇون	وڇونءَ	وڇن
هندو	هندو	هندوءَ	هندن

مؤنث اسم:

جڙون	جڙون	جڙونءَ	جڙونن
ڪِنُون	ڪِنُون	ڪِنُونءَ	ڪِنن

٩- جن مذڪر اسمن جي پڇاڙي 'او' آهي، انهن جي عام صورت واحد جي صيغي ۾ 'و' جي بجاءِ 'ي' آڻڻ سان ۽ جمع جي صيغي ۾ 'ن' آڻڻ سان ٺهندي آهي، مثلاً:

فاعلي صورت		عام صورت	
واحد	جمع	واحد	جمع
پٽو	پٽا	پٽي	پٽن
پڇو	پڇا	پڇي	پڇن

ڪِنلو	ڪِنلا	ڪِنلي	ڪِنلن
ٻانهو	ٻانها	ٻانهي	ٻانهن
ٻالو	ٻالا	ٻالي	ٻالن
تارو	تارا	تاري	تارن
ڪانگو	ڪانگا	ڪانگي	ڪانگن
قيصو	قيصا	قيصي	قيصن
ڪيرو	ڪيرا	ڪيري	ڪيرن
دِلو	دِلا	دِلي	دِلن
جيوڙو	جيوڙا	جيوڙي	جيوڙن
ڇيلو	ڇيلا	ڇيلي	ڇيلن
حيلو	حيلا	حيلي	حيلن
پُسڪو	پُسڪا	پُسڪي	پُسڪن
ڦُلو	ڦُلا	ڦُلي	ڦُلن
ڪُتو	ڪُتا	ڪُتي	ڪُتن
ڪُلهو	ڪُلها	ڪُلهي	ڪُلهن
ڪُٺو	ڪُٺا	ڪُٺي	ڪُٺن
ٻُوٽو	ٻُوٽا	ٻُوٽي	ٻُوٽن
ٻوتو	ٻوتا	ٻوتي	ٻوتن
ڦوٽو	ڦوٽا	ڦوٽي	ڦوٽن
ڇوڪرو	ڇوڪرا	ڇوڪري	ڇوڪرن
گورو	گورا	گوري	گورن
گهوڙو	گهوڙا	گهوڙي	گهوڙن
ڏَنڌرو	ڏَنڌرا	ڏَنڌري	ڏَنڌرن
ڇيلو	ڇيلا	ڇيلي	ڇيلن
ليڙو	ليڙا	ليڙي	ليڙن
ميوو	ميوا	ميوي	ميون
نيزو	نيزا	نيزي	نيزن

مٿين مثالن مان معلوم ٿيو ته عام صورت ۾ 'اَ'، 'آ'، 'اِ' پڇاڙين وارا واحد اسم ساڳي حالت ۾ رهندا آهن، 'اِي' ۽ 'اُو' پڇاڙين وارن واحد اسمن کي پٺيان همزه سان زبر (ءَ) لڳندي آهي، 'اَ' پڇاڙيءَ وارن واحد اسمن جي پڇاڙي منجهي 'آ' تي پوندي آهي ۽ 'او' پڇاڙيءَ وارن واحد اسمن جي پڇاڙي منجهي 'اِي' تي پوندي آهي. جمع جي صيغي ۾ 'آن'، 'ان' ۽ 'اُن' پڇاڙيون لڳنديون آهن.

اسمن جون عام صورتون ڪن حالتن ۾ فاعل جي صيغي ۾ به استعمال ٿينديون آهن، اهي حالتون هي آهن:

١- فاعل جو لفظ جيڪڏهن 'اِي'، 'اَ'، 'اُو' ۽ 'او' پڇاڙيءَ وارو هوندو ۽ ان جي فعل جو لاڳاپو ماضيءَ سان هوندو. مثلاً:

مالهيءَ گلن کي پاڻي ڏنو.
ڀٽ ڪم ۾ پيءُ جي مدد ڪئي.
مروءَ فصل تباهه ڪري ڇڏيو.
گهوڙي ٽپو ڏيئي واهه پار ڪيو.

٢- فاعل جيڪڏهن جمع ۾ هوندو ۽ ان جي فعل جو لاڳاپو ماضيءَ سان هوندو. مثلاً:

زالن مڙدن لاءِ ڪاڏو تيار ڪيو.
راجائن ڪڏجي جنگ جي تياري ڪئي.
سيٺين مسافرن لاءِ سراءِ ٺهرائي.
هارين ٻنين ۾ ٻج ڇٽيو آهي.
اُٺن وڏو بيابان لتاڙي پار ڪيو.
ماڻهن زندگيءَ جي آرام لاءِ گهڻيئي شيون ايجاد ڪيون آهن.
گهوڙن ميلي ۾ عجيب ڪرتب ڏيکاريا.

عام صورت وارن اسمن جو استعمال:

"ٻانهي ٻاروچن جي، ڪولي ڇڏ مَ ڪَنسُ."
(شاهه: مسئي)

"چانگن سر چڙهي ويا ساٿي سوارا،
اکيون اوتارا، پسيو رونِ پنهونءَ جا."
(شاهه: مسئي)

"ڏونگر ڏک سنداه، ٻرينءَ گڏ جان تہ چوان."
(شاهه: ڪوهياري)

"ڪيئن اڙايئي ڏانڍ، ٻلو ٻوڏيهين سين."
(شاهه: حسيني)

"ڪالهوڪو ڪاڏي ويو، سندو جوڳين جوڙ."
(شاهه: رامڪلي)

"ڪل شيءٍ يرجع الي اصله، تي جهڃان جهانگين ڪاڻ."
(شاهه: مارئي)

"ٿئو ڪي ٻانيون ٿوڪ، جو ڏک ڍاٽيڙن جو."
(شاهه: مارئي)

"راڻين ۾ راڙو ٿيو، ٻُڌي پنهي ٻچار."
(شاهه: سورٺ)

"جي ٻانئين وس چران تہ سنگهارن سين گهار."
(شاهه: ڏهر)

"ونگي ولين وڙهيو ساڻ سناسين ساهه."
(شاهه: رامڪلي)

"ڏاهي هيس ڏيهہَ ۾، سرتين منجهہ سڃاڻ."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"جي ماڻهن کي مارين، تن سڱورن کي سڌ ڪريان."
(شاهه: سسئي)

"ووڙيم سڀ وڻاڻ، يارَ ڪارڻ جَتَ جي."
(شاهه: سسئي)

"ويئون پيءُ پئي، ڪيرون ڪاهوڙين جون."
(شاهه: ڪاهوڙي)

"ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر ڏينديئي ڏس."
(شاهه: سسئي)

"تنهين وير ڪيوم، وَچن ويڙهيچن سين."
(شاهه: مارئي)

"چانگي تي چڙهي ڪري، ڪندو ور و ڀهن،
"سَتِي معذورين، هوت ڌريندو هٿڙا."
(شاهه: حسيني)

جهڙيءَ طرح اسمن جون عام صورتون ڪن حالتن ۾ فاعل جي صيغي ۾ استعمال ٿينديون آهن، اهڙيءَ طرح فاعل وارا صيغا به مفعولي صورت اختيار ڪندا آهن. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

"راڻيون نه پسي لبيس، دليون پرکي داسڙو."
(شاهه: ليلان چنيسر)

*

"ڪن ملڪن ۾ ماڻهو هرن ۾ آنڊ ۽ گهوڙا وهائيندا آهن."

*

"زميندار زمين آباد ڪرڻ لاءِ هاري رکندا آهن."

*

"ڪي مرد هڪ ڪان وڏيڪ زالون پرڻبا آهن."

*

’ٻاندر وڻن تي چڙهي **ميوو** ٽِنِي کائيندا آهن.‘

*

’مالهي **وڻ** ٻوکي ڪيس پاڻي ڏئي ٿو.‘

*

’ڪي شڪاري شوق سان **هرڻ** ماريندا آهن.‘

مختلف حالتن ۾ اسمن جو گردان:

'آ' پچاڙيءَ وارا اسم:

	فاعلي	مفعولي	جري	اضافي	ندائي
واحد:	زالَ	زالَ، زالَ کي	زالَ سان، کي، لاءِ	زالَ جا، جو، جي	اي زالَ، زالَ
جمع:	زالون، زالن	زالون، زالن کي	زالن سان، کي، لاءِ	زالن جا، جو، جي	اي زالون، زالون

'آ' پچاڙيءَ وارا اسم:

	فاعلي	مفعولي	جري	اضافي	ندائي
واحد:	راجا	راجا، راجا کي	راجا سان، کي، لاءِ	راجا جا، جو، جي	اي راجا، راجا
	ماتا	ماتا، ماتا کي	ماتا سان، کي، لاءِ	ماتا جا، جو، جي	اي ماتا، ماتا
جمع:	راجائون، راجائن	راجائون، راجائن کي	راجائن سان، کي، لاءِ	راجائن جا، جو، جي	اي راجائون، راجائون
	ديوتائون، ديوتائن	ديوتائون، ديوتائن کي	ديوتائن سان، کي، لاءِ	ديوتائن جا، جو، جي	اي ديوتائون، ديوتائون

'اِ' پچاڙيءَ وارا اسم:

	فاعلي	مفعولي	جري	اضافي	ندائي
واحد:	سيٺِ	سيٺِ، سيٺِ کي	سيٺِ سان، کي، لاءِ	سيٺِ جا، جو، جي	اي سيٺِ، سيٺِ
	جوءِ	جوءِ، جوءِ کي	جوءِ سان، کي، لاءِ	جوءِ جا، جو، جي	اي جوءِ، جوءِ
جمع:	سيٺيون، سيٺين	سيٺيون، سيٺين کي	سيٺين سان، کي، لاءِ	سيٺين جا، جو، جي	اي سيٺيون، سيٺيون
	جويون، جوين	جويون، جوين کي	جوين سان، کي، لاءِ	جوين جا، جو، جي	اي جويون، جويون

"اي" پڇاڙيءَ وارا اسم:

واحد:	بانهي، بانهيءَ	بانهي، بانهيءَ کي	بانهيءَ سان، کي، لاءِ	بانهيءَ جا، جو، جي	اي بانهي، بانهي،
	جوڳي، جوڳيءَ	جوڳي، جوڳيءَ کي	جوڳيءَ سان، کي، لاءِ	جوڳيءَ جا، جو، جي	اي جوڳي، جوڳي
جمع:	بانهيون، بانهين	بانهيون، بانهين کي	بانهين سان، کي، لاءِ	بانهين جا، جو، جي	اي بانهيون، بانهيون
	جوڳي، جوڳين	جوڳي، جوڳين کي	جوڳين سان، کي، لاءِ	جوڳين جا، جو، جي	اي جوڳي، جوڳيءُ، جوڳيو، جوڳيا

"اَ" پڇاڙيءَ وارا اسم:

واحد:	آٿَ، آٿَ	آٿَ، آٿَ کي	آٿَ سان، کي، لاءِ	آٿَ جا، جو، جي	اي آٿ، آٿ
	ماءُ	ماءُ، ماءُ کي	ماءُ سان، کي، لاءِ	ماءُ جا، جو، جي	اي ماءُ، ماءُ
جمع:	آٿَ، آٿن	آٿَ، آٿن کي	آٿن سان، کي، لاءِ	آٿن جا، جو، جي	اي آٿَ، آٿَ، آٿئو
	مائون، مائرون، مائن، مائرن	مائون، مائرون، مائن، مائرن کي	مائن، مائرن سان، کي، لاءِ	مائن مائرن جا، جو، جي	اي مائون، مائر، مائرو

"او" پڇاڙيءَ وارا اسم:

واحد:	ماڻهو، ماڻهوءَ	ماڻهو، ماڻهوءَ کي	ماڻهوءَ سان، کي، لاءِ	ماڻهوءَ جا، جو، جي	اي ماڻهو، ماڻهو
جمع:	ماڻهو، ماڻهن	ماڻهو، ماڻهن کي	ماڻهن سان، کي، لاءِ	ماڻهن جا، جو، جي	اي ماڻهو، ماڻهو، ماڻهئا، ماڻهئو

"او" پڇاڙيءَ وارا اسم:

واحد:	ڇوڪرو، ڇوڪري	ڇوڪرو، ڇوڪري کي	ڇوڪري سان، کي، لاءِ	ڇوڪري جا، جو، جي	اي ڇوڪرا، ڇوڪرا
جمع:	ڇوڪرا، ڇوڪرن	ڇوڪرا، ڇوڪرن کي	ڇوڪرن سان، کي، لاءِ	ڇوڪرن جا، جو، جي	اي ڇوڪرا، ڇوڪرا، ڇوڪرو

٨- (صفت)

صفت اهو لفظ آهي، جنهن جو لاڳاپو اسم سان هجي ۽ ان جي وصف، حال، انداز، عدد يا مقدار بيان ڪري. وصف ٿيل اسم کي موصوف چئبو آهي.

صفت جملي ۾ عام طرح اسم يا موصوف جي اڳيان واقع ٿيندي آهي، پر شعر ۾ بعضي موصوف کان پوءِ به ايندي آهي، جيئن اڳتي ڪن مثالن مان ظاهر ٿيندو.

جنهن صورت ۾ صفت جو لاڳاپو پنهنجي موصوف سان هوندو آهي، تنهنڪري اها گهڻو ڪري عدد، جنس ۽ حالت ۾ پنهنجي موصوف سان موافق رهندي آهي.

صفتي لفظن جون پڇاڙيون به ساڳيون ئي ست آهن، جيڪي اسمي لفظن جون آهن. تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

'آ' پڇاڙيءَ وارا صفت جا لفظ:

پَنج	ڏَهَ
جالُ	روڪَ
جامَ	سَتَ
ڦارَ	وَڏيڪَ

'آ' پڇاڙيءَ وارا صفت جا لفظ:

ادنيٰ	جُدا
اعليٰ	سَدا
آشنا	صفا
پارسا	سَها

'اِ' پڇاڙيءَ وارا صفت جا لفظ:

آلڪِ	چارِ
آورچِ	خاصِ
ٻَڌِ	ڏُورِ
ٻندِ	صَدِ
تارِ	غلطِ
تنگِ	گهٽِ

'اِي' پڇاڙيءَ وارا صفت جا لفظ:

آبدي	جنگي	خيالي	لالچي
آپراڌي	جهنگلي	ڏيهي	مادري
آسماني	حقيقي	سخي	مجازي
آصلي	حيواني	قدرتي	مُلڪي
آوائلي	خاني	گلابي	وحشي
جسماني	خانگي	لاڙي	ولايتي

'اُ' پڇاڙيءَ وارا صفت جا لفظ:

آبادُ	دليرُ	ڪُلُ	مُفيدُ
آترُ	ذهينُ	ڪمزورُ	مُقدسُ
آگاهه	رنگينُ	ڪنجوسُ	مُناسبُ
آزادُ	روشنُ	ڪنگالُ	مهربانُ
آسُلهه	سالمُ	گرمُ	ناجائزُ
آهرُ	سَپُ	گستاخُ	نادانُ
بُلندُ	سختُ	گمنامُ	نازڪُ
بي ايمانُ	سرسُ	گنهگارُ	نافرمانُ
بيمارُ	سُفيدُ	گولُ	نيچُ
تيزُ	سُورهه	ڪچُ	نرُ
پاڪُ	شريفُ	لائقُ	نرمُ
پليتُ	صافُ	لذيذُ	نيرملُ

جديد	ضعيف	لڪن	نيڪ
جوان	عجيب	محتاج	واحد
حرام	غريب	مضبوط	واقف
خالص	غليظ	معتبر	هٺاڙ
خسيس	ڪامل	معصوم	هزار
خطرناڪ	ڪنڪ	مفلس	همدرد

'اُو' پڄاڙيءَ وارا صفت جا لفظ:

ڀينٽو	قابٽو	ڳارو	مڇٽو
جاٻلو	ڪرڙو	ڳاٽو	مڇڏو
چاٽو	ڪاڻٽو	کھرو	مٺو
رولو	ڳومڙو	کھريلو	واڏو
ماڻٽو	ڪيڙو	لاڏو	ويڙهو
سمجهو	ڪيرو	لاڳو	وڪو، وڪاڻو

'او' پڄاڙيءَ وارا صفت جا لفظ:

اٻتو	اڪوٺو	ٻاجهارو	تڪڙو
اتالو	البيلو	ٻاراڻو	تڏو
اٽڪاڻيو	اٺيو	ٻاڙو	پڌرو، پراڻو
اجايو	اڻکھڙيو	ٻاهريو	پروڪو
اڇوڪو	اوپرو	ٻوڙو	پڪو
اڌورو	اوچو	ٻيڻو	پنهنجو
اڻنگو	اونداهو	ٻلو	ٻوڙهو
اڙانگو	آويلو	ٻواٽنو	ٻوڏو
آسودو	بڇڙو	تازو	ڀهريو
اڳوندرو	ٻکيو	تانگهو	پيڪو
آڪاڻو	بي چيو	تنگو	جيڏالو
جيڏرو	سهانگو	ڪرو	وانڪو
جهولو	سهڪو	ڪوڙو	وچڙ

چيپلو	سيائو	ڪَتھنبو	وڏاندرو
چڊو	علحدو	ڳھاٽو	وڏو
ڏکيو	غريبائو	لَسو	ورلو
ڏنگو	ڪارو	مانيلو	وِنگو
ساليالو	ڪارائتو	مانيٺو	ويڪرو
سجايو	ڪچو	مائٽو	ويڱو
سچو	ڪالھوڪو	متارو	هاڻوڪو
سڏو	ڪشادو	منداٺتو	هٺيڪو
سَرَھو	ڪمائتو	موچارو	هٺيلو
سڪيلڏو	ڪِنارو	ناميارو	هچارو
سڱھو	ڪوجھو	نرالو	هرڪو
سمورو	ڪُوڙو	نسورو	هڪڙو
سنھڙو	ڳاڙھو	ننڪو	هلڪو
سوڙھو	ڳجھو	نيھٺو	هندڪو
سولو	ڳُوڙھو	نَنھَن سوسڙو	هيڪاندو
سونو	ڳھيلو	نَوَ لڪو	هيٺو
سونھارو	ڳارو	ٺٺو	

متين مثالن مان معلوم ٿيندو ته فقط 'او' پڇاڙيءَ وارا صفت جا لفظ عدد جنس ۽ حالت پٽاند ڦيرو ڪائيندا آهن، باقي ٻين پڇاڙين وارا نٿا ڦرن، خاص ڪري 'آءِ'، 'آ' ۽ 'اِءِ' پڇاڙين وارا لفظ ته بالڪل ڦرن ئي نه ٿيندا آهن.

نوٽ: صفت جي مؤنث لفظن ۾ 'او' پڇاڙيءَ بدران 'اِي' پڇاڙي ڪم ايندي آهي.

صفت جا قسم

معنيٰ جي لحاظ کان صفت جا هيٺيان قسم آهن:

صفت مشبّه

صفت خالص يا محض

صفت نسبتي
صفت ظرفي
صفت عددي
صفت ضميري
صفت مرڪّب

١- صفت مشبّهہ:

اها صفت جا موصوف سان مشابهت رکندڙ هجي، يا اها وصف جا موصوف ۾ طبعي طرح موجود هجي، تنهن کي صفت مشبّهہ چئبو آهي. مثلاً: سخي مڙد، حسين عورت، انڌو فقير، ڏڌي چانور وغيره. انهن ترڪيبن ۾ لفظ: سخي، حسين، انڌو ۽ ڏڌي، صفت مشبّهہ جا مثال آهن، ڇاڪاڻ ته سخاوت، حسين، انڌائي ۽ ڏڌڪار اهي وصفون آهن جن مان هرهڪ پنهنجي پنهنجي موصوف ۾ وقتي يا اتفاقي طور تي نه، پر طبعي طور تي دائمي موجود آهي، جنهن ۾ ڪنهن غيرمعمولي اتفاق يا حادثي کان سواءِ تبديلي نه ٿي اچي سگهي.

صفت مشبّهہ جون ترڪيبون:

١- مشتق اسمن جي آخر، پڇاڙيون جهڙوڪ: آ، آڻ، س، ڪ، م ۽ ن اچڻ سان صفت مشبّهہ ٺهندي آهي. مثلاً:

آپوجهہ	آتُر	ڪنُپتيو
آموٺ	آڻيٺ	ڪنڌاتيو
آورچ	سَچيت	سَچڙو
آٽيڙو	سَلچڻو	نسَهڻو

٢- اسم فاعل ۽ اسم مفعول جون ڪي ترڪيبون صفت مشبّهہ ٿي ڪم اينديون آهن. مثلاً:

اسم فاعل جون ترڪيبون:

اڏامڪ	بت پرست	ٻوليندڙ
اوڳاريندڙ	پاجهارو	ٿورڪائڪ
ٺيڏو	دور انديش	ڪُوڙو
ڏکيپ	سچو	گوهير
ڀوڙالو	سريلو	لالچي
چوُر	سونهارو	لچڪيدار
چٺيوان	سهڻو	تجيس
خوبصورت	غريب نواز	نيڪ
خوش خلق	ڪنجوس	هنرمند

اسم مفعول جون ترڪيبون:

آزمايل (نسخو)	برگزيده (شخص)
ڀڃل (پانهون)	پسنديده (اخلاق)
خلقيل (سنسار)	شائسته (عادتون)
ڌڪاريل (شيطان)	مقبول (دعا)
ڪاڏل (ڪنارو)	مڪروه (عمل)
گذريل (زمانو)	نازل ٿيل (ڪتاب)

۳- اسم جي اڳيان فارسيءَ ۽ عربيءَ جا نفي ڏيکاريندڙ لفظ، جهڙوڪ: بي، بد، خوش، ڪم، نا ۽ لا آڻڻ سان صفت مشبهه ٺهندي آهي. مثلاً:

بي ادب	خوش طبع	نابين	لاثاني
بئ حياءَ	خوش گفتار	ناپائدار	لاجواب
بي رحم	خوش مزاج	ناجائز	لازوال
بداخلاق	ڪم ذات	نادان	لاعلاج
بدبختو	ڪم عقل	ناشناس	لامذهب
بدذوق	ڪم فهم	ناگريز	لايعني

صفت مشبّه جو استعمال:

”ٻاڙو ٻئي نہ ٻيڙي، مٺو منهن لڳوس.“
(شاهہ: مارئي)

”ڀِڪا رچ ڪنڀار جا، ڦِڪي نهائيـن،
مـون ڪـي وچائين پهلو ڀاڳـي آئيـو.“
(شاهہ: سهڻي)

”الحب لِلّٰہ والبغض لِلّٰہ، خاصي سندن خوءِ.“
(شاهہ: رامڪلي)

”ڄڙهي ڏاڍين ڏونگرين، پير ڀڃهونءَ جو ڀس.“
(شاهہ: سسئي)

”سباجهي ستار، لا تـا ذرت ڏيهہ تـان.“
(شاهہ: مارنگ)

”سنئين سپرين جي ونگي ٻانہ مَ واٽ.“
(شاهہ: ڪنيات)

”ڪاري رات ڪچو گهڙو، مٺان وسي مينهن.“
(شاهہ: سهڻي)

”ڪاري ڪارونڀار ۾ واڳـن جيئن وڙڪان.“
(شاهہ: سهڻي)

*

”الله سادہ ۽ اٻوجهہ ماڻهن تي راضي هوندو آهي.“

*

”تاريخ دنيا ۾ ڪي اڻمٽ نشان ڇڏيا آهن، جن مان ماضيءَ جي خبر پوي ٿي.“

*

'اوڳاڙيندڙ جانور کائڻ ۾ حلال آهن.'

*

'محنت ۽ الله جي مهربانيءَ سان اڻٿيڻي ڳالهه به ممڪن ٿي پوندي آهي.'

*

'عقلمند ۽ دورانديش ماڻهو ناپائدار شين جي حاصل ڪرڻ لاءِ نه جفاڪشي ڪندو آهي ۽ نه لايعني ڳالهين ۾ وقت وڃائيندو آهي.'

٢- صفت خالص يا محض:

اهو لفظ جو اسم جي ظاهري، اتفاقي يا عارضي وصف بيان ڪري، تنهن کي صفتِ خالص يا محض چئبو آهي. مثلاً: چانڊوڪي رات، سايون اکيون، ميرا ڪپڙا، زخمي پير وغيره. هنن ترڪيبن ۾ چانڊوڪي، سايون، ميرا ۽ زخمي، اهي لفظ صفت خالص جا مثال آهن. ڇاڪاڻ ته رات جي چانڊوڪي، اکين جي ساواڻ، ڪپڙن جي ميراڻ ۽ پيرن جو زخم، اهي سڀ دائمي نه پر اتفاقي يا عارضي وصفون آهن، جي ڪنهن به وقت مٽجي سگهن ٿيون.

صفت خالص جا ڪي لفظ:

اڇو	جدا	سولو	ڳورو
آلو	جهڪو	سياهه	لسو
اونهو	ڏرو	صاف	مٺو
تانگهو	روشن	ڪوسو	نازڪ
تکو	سخت	کهرو	نرم
تيز	سفيد	گرم	هلڪو

مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته مشتق اسم صفت جي صورت ۾ به استعمال ٿيندا آهن، جن جا ڪي مثال صفت

مشبه ۾ ڏنا ويا آهن، اهڙيءَ طرح مشتق اسمن جون ڪيتريون ترڪيبون صفت خالص طور استعمال ٿينديون آهن. جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اسم فاعل جون ترڪيبون:

ٺڳ	اکاڙو	گوهير	چيڙاڪ
چور	مکهارو	لٽر	رولاڪ
دشمن	لچارو	جانٺو	ويڙهاڪ
لچ	ناميارو	لوٽيائو	جهيڙاڪار
مورک	پڇٽو	پاريچو	نقصانڪار
اولادي	ڏچٽو	سانتيڪو	ٻاچوڪڙ
ڏاڙي	اٻرندڙ	سريلو	بخيل
سوالي	ٻرندڙ	هٺيلو	حسين
لوڀي	پڙهندڙ	ماڻيٺو	شريف
ٻنو	گهمندڙ	اثرائتو	غريب
چاڻو	وسندڙ	ڪمائتو	مخلص
سمجهڻو	وهندڙ	مندائتو	مفلس
لاڏو	هلندڙ	چئيوان	مفيد
ٻڪيو	شرمائيندڙ	سوڀياوان	واقف
ڏوهو	ڪمائيندڙ	مرادوند	محتاج
گودڙيو	ٽاهڙ	اڏامڪ	مخالف
اجارو	ڇڪير	دکدائڪ	منافق

اسم مفعول جون ترڪيبون:

پڪو	پڪل	افسرده	متحد
رتو	پڙهيل	برگزيده	متفق
مٺو	ڦٽيل	بوسيده	مجروح
ساماڻو	ڪٽيل	پسنديده	محڪوم
ڪاڻو	ڦٽل	پوشيده	مرحوم

ڏرنو	ڏرنل	رنجيده	معذور
کِيڏو	وِسايل	شڪسته	مقبول
آئو	ٻيٺل	فرسوده	معزّز
چٽو	ڀڳل	مرده	منظّم
ڏڏو	ڪٽيل	ناديده	متفرّق
ڪٽو	مٺل	ناڪرده	مستحڪم

اسم حاليه جون ترڪيبون:

ڀڄندو	کائيندو	ڀڳڙندو
ترندو	ڪِرندو	ڏڪندو
چڙهندو	گهيرندو	ڪڙڪندو
هلندو	وڙهندو	ڪسندو
جاڳندو	وڌندو	ڳوليندو
ڏاريندو	ملندو	لوچيندو

اسم استقبال جون ترڪيبون:

ڀڄڻو	کائڻو	سِڪڻو	ڪسائڻو
ڳرڻو	ڳائڻو	کيڏڻو	مڃجهڻو
ڏکڻو	مارڻو	پڙڻو	گهنورڻو
مڃائڻو	ڦيرڻو	پڇڻو	ٻولڻو
وسڻو	ڏڄڻو	ڪسڻو	ويڙهائڻو

صفت خالص جو استعمال:

”اپريون سپريون پانهنجيون سسون سپ سنيار.“
(شاهه: سارنگ)

”اڇا ڪوٽ پسن، تو عمر اڏائي.“
(شاهه: مارئي)

”اونڌا شال آچار، ڪانڌ ڪنهين سين نه ڪري.“
(شاهه: ليلان چنيسر)

"اڄ نه اوطاقن ۾ تازا ٻتر ڪَک."
(شاهه: رامڪلي)

"نڪي ڪاتي هٿ ڪري مڏيءَ سين مَ مار."
(شاهه: پروو سنڌي)

"جانب جڏي جيءَ جو آڳانڊو آهيو."
(شاهه: ديسي)

"ڏائي چڙهي ڏار تي تو زاغ ڪري زاريون."
(شاهه: پورب)

"ڏڪيا سکيا ڏينهڙا گهٽ اندر گهاريان."
(شاهه: رامڪلي)

"ور سا سَئين ويڙهه جنهن ۾ سڄڻ هيڪڙو."
(شاهه ڪريم)

"رات سهائي، پون سنٿين، ٻن وڏو پنڌ."
(شاهه: ڪنيات)

"ڪوهيارو قهري ويو نهوري نٿ ۾."
(شاهه: ديسي)

"لڳو ڪوَسو واءُ، لوڪ مڙيوئي لهسيو."
(شاهه: مسئي)

"ڪکيءَ هاٽيون ڪاريون ڇڇيءَ هاڏا ڇڄ."
(شاهه: ڪاموڏ)

"سونهن وڃايم سومرا، ميرو منهن ٿيوم."
(شاهه: مارئي)

"مٿي مصيبت آهي عاشقن جي."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"هڏائتي مينهن جي ڪونڻ نه ڪوڙي."
(شاهه: سارنگ)

"مٺي مٺي مهراڻ ۾ ٻڏو ٻوڙو ڏيندي."
(شاهه: سهڻي)

"مهٽي هاب متان ڪرين، ڪاڪ نه ڪج ڪاري."
(سچل: راڻو)

"سيءَ ساريندي مون سي، جنهين ننڍر نجهرا."
(شاهه: رپ)

"نڻون نينهن لڳوس، ڪري ۽ ڳالهيون ڪري."
(شاهه: حسيني)

"اکين ڪي آهين وڏا وڃهه وڙهڻ جا."
(شاهه: آسا)

"ڪريو ويس وڏانڊرا اڳڻ تي آئيون."
(شاهه: ڪامو ڏ)

"وڏا وڻ وڻڪار جا، جت نانگ سچن ٺيلا."
(شاهه: سسئي)

"بر وڏو، ٻار گهٽو، ويجهو نه وڻڪار."
(شاهه: ديسي)

٣- صفت نسبتي:

اهو لفظ جو اسم جي ڪنهن سان نسبت يا ان جو ڪو خاص تعلق يا ڳانڍاپو ظاهر ڪري، تنهن کي صفت نسبتي چئبو آهي. مثلاً: پدري شفقت، جهنگلي جانور، قنڌاري ڏاڙهون، ڪشميري شال، ولايتي شيون وغيره. انهن ترڪيبن ۾ لفظ: پدري، جهنگلي، قنڌاري، ڪشميري ۽ ولايتي صفت نسبتيءَ جا مثال آهن.

صفت نسبتيءَ جون صورتون هيٺ ڏجن ٿيون:

١- اسم جي پڇاڙيءَ 'اِي' ڳنڍڻ سان صفت نسبتي ٺهندي آهي، اها ترڪيب مذڪر توڙي مؤنث ٻنهي جنسن لاءِ استعمال ٿيندي آهي. مثلاً: 'آسمان' اسم مان صفت نسبتي ٿيندي 'آسماني'. ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

الاهي	حيواني	ڪڇي
انساني	خراساني	لاڙي
بحري	دريائي	لاهوتي
پهاڙي	ديسي	مشرقي
جهاني	سنڌي	مغربي
جنتي	شهري	هاشمي
جيلاني	عربي	هندي
حبشي	قطبي	يورپي

٢- اسم جي پڇاڙيءَ 'اٺو'، 'ٺو'، 'يارو'، 'يتو'، 'يچو' ۽ 'يلو' پڇاڙيون مذڪر جي صيغي ۾ ۽ 'اٺي'، 'ٺي'، 'ياري'، 'يتي'، ۽ 'يچي' 'يلي' پڇاڙيون مؤنث جي صيغي ۾ اچڻ سان صفت نسبتي ٺهندي آهي. مثال هيٺ ڏجن ٿا:

مذڪر	مؤنث
پروچاٺو	پروچاٺي
شاهاڻو	شاهاڻي
فقيراڻو	فقيراڻي
ڳوٺاڻو	ڳوٺاڻي
چورٺو	چورٺي
روهڻو	روهڻي
ڪوهيارو	ڪوهياري*

* هيءَ ترڪيب مذڪر جي صيغي ۾ به استعمال ٿيندي آهي. مثلاً: سُر ڪوهياري وغيره.

پيشيتو	پيشيتي
مائيتو	مائيتي
ٽريچو	ٽريچي
پاريچو	پاريچي
لاڙيچو	لاڙيچي
روهيلو	روهيلي
ڪاڇيلو (١)	ڪاڇيلي
مائيلو (٢)	مائيلي

ڪن مذڪر اسمن جي صفت نسبتي مؤنث واري 'آڻي' پڇاڙي لڳائڻ سان ٺهندي آهي، مثلاً:

آرياڻي
شاهاڻي
ناناڻي

٣- اسم جي پڇاڙيءَ ۾ جيڪڏهن مذڪر 'و' يا مؤنث جي 'ي' لڳل هوندي، ته صفت نسبتي ٺاهڻ لاءِ انهيءَ حرف 'و' يا 'ي' کي حذف ڪري 'آڻو' يا 'آڻي' پڇاڙي ڏاهبي، مثلاً:

ابو	اباڻو	اباڻي
ڏاڏو، ڏاڏي	ڏاڏاڻو	ڏاڏاڻي
نانو، ناني	ناناڻو	ناناڻي

٤- اسم جي پهرين حرف پٺيان حرف 'ا' (الف) جو اضافو ڪري لفظ جي آخر ۾ 'آو'، 'اي' يا 'ئي' پڇاڙي ملائڻ سان صفت نسبتي ٺهندي آهي، جا مذڪر توڙي مؤنث،

---

(١)، (٢) هنن ترڪيبن جون پيون صورتون به استعمال ٿينديون آهن، جي آهن:

ڪاڇوڙو، ڪاڇيڙو	ڪاڇوڙي، ڪاڇيڙي
مائيتو، مائيجو	مائيتي، مائيجي

پنهي صيغن ۾ استعمال ٿيندي آهي. مثلاً: 'ٻکر' مان صفت نسبتي ٿيندي 'ٻاکرُو' ۽ 'ڪڇ' مان صفت نسبتي ٿيندي، ڪڇي يا 'ڪاڇي' ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

ٿاڪرُو	ٿڻائي
جابلُو	ڏائي
ساڪرُو	سامنڊي، ساموڊڙي

٥- اسم جي پڇاڙيءَ حرف علت جو اضافو ڪري لفظ جي اصلي پڇاڙيءَ جي جاءِ تي 'او' مذڪر جي حالت ۾ ۽ 'اي' مؤنث جي حالت ۾ آڻڻ سان صفت نسبتي ٿيندي آهي. مثلاً: 'ٻير' مان صفت نسبتي ٿيندي ٻاٻرو يا ٻاٻري، ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

ٻاڪرو	ٻاڪري
ريڊو	ريڊي
ڪانڊو	ڪانڊي
ڳائو	ڳائي
لائو	لائي
ماهيو	ماهي

٦- اسم جي 'آ' پڇاڙيءَ جي جاءِ تي 'او' مذڪر جي حالت ۾ ۽ 'اي' مؤنث جي حالت ۾ آڻڻ سان صفت نسبتي ٿيندي آهي. مثلاً:

پيڪا، پيڪائا	پيڪو، پيڪائو	پيڪي، پيڪائي
ساهرا	ساهرو	ساهري

٧- اسم جي پڇيان 'ڪو' ملائڻ سان صفت نسبتي ٿيندي آهي. مثلاً: 'اوڏ' مان صفت نسبتي ٿيندي 'اوڏڪو'. ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

جتڪو ڏڪاڻڪو
ڄڻڪو لوهارڪو
حجامڪو مگنهارڪو

جيڪڏهن اسم جي پڇاڙي 'اي'، 'آ' يا 'او' هوندي ته اها پڇاڙي حذف ڪري پٺيان 'ڪو' ملائبو ته صفت نسبتي ٿهندي. مثلاً: 'هندو' مان صفت نسبتي ٿيندي 'هندڪو'. ٻيا مثال هي آهن:

ڪڻڪو
ڪڙمڪو
واڻڪو
وڏيرڪو

٨- اسم يا ضمير جي پٺيان جيڪڏهن تناسب يا تماثل ظاهر ڪندڙ لفظ، جهڙوڪ: جوڳو، جيهو، جهڙو، جيڏو ۽ جيترو وغيره آڻبو ته اها صفت نسبتيءَ جي ترڪيب ٿي پوندي. مثلاً:

ٿر جيترو
توجيهو
جبل جيڏو
چنڊ جهڙو
سزا جوڳو

٩- اسم منسوب جيڪڏهن ڪنهن ٻي لاڳو اسم جي اڳيان ايندو ته صفت نسبتي ٿي پوندو. مثلاً:

ايراني غاليچو
جپاني گڏو
چيني نقاشي
عربي گهوڙو

مٿين ترڪيبن ۾ ’ايراني‘، ’جاپاني‘، ’چيني‘ ۽ ’عربي‘ جي اسم منسوب جا مثال آهن، هتي صفت نسبتيءَ جي صورت ۾ استعمال ٿيل آهن.

صفت نسبتيءَ جو استعمال:

”اي ڪم الاهي، نه ته ڪنن ۾ ڪير ڪهڙي.“
(شاهه: سهڻي)

”ڪيئن ڏوهايان ڪن اباڻي ابر ريءَ.“
(شاهه: مارئي)

”آرياڻي پنهونءَ جي ٻول نه ٻڌڙيون.“
(شاهه: سسئي)

”ٻاروچاڻا ٻار، تو ڙان ڏرس نه سگهيا.“
(شاهه: حسيني)

”ڪانڌين ٽانڌن ٻاٻرن پڇان سر پيٽي.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”هوءَ جا پاٺين پير ۾ تنهن جٿيءَ نه جهيهي.“
(شاهه: ڪوهياري)

”ديسي سين ڪڄن، پرديسي ڪهڙا پرين.“
(شاهه: ديسي)

”مون ڏاڏاڻي ڏيهه ۾ ڦرهه ۽ لاٽي.“
(شاهه: مارئي)

”ڪتان سگهين سوڙين ڪاساڪي ڪار.“
(شاهه: بروو سنڌي)

”جي اٿي سڌ شراب جي ته وڃن ڪلالڪي هٽ.“
(شاهه: ڪلياڻ)

"متيون موڙهئي سسئي، ڪيئي ڪوهيارو ڪانڌ."
(شاهہ: حسيني)

"ڪاٿو ڪجهہ نہ ڪاءِ، ماهي ماس نہ هيرئين."
(شاهہ: ڪيڏارو)

"مجازي موهي، ڪڏهن وينديئي نڪري."
(شاهہ: آسا)

"مون ڪان اڄ پري ٿيا، ويڙهيچا وريام."
(سچل: ڪنيات)

*

'جابلو' ماڻهو بدن جا سگهارا ٿيندا آهن.'

*

'حشر ڏينهن حساب ۾ تو جيترو فرق بہ نہ ٿيندو.'

*

'واڪو وياءِ جيئن وڏي تيئن ڪري.'

٤- صفت ظرفي:

اهو صفت جو لفظ جو اسم جو وضع يا هنڌ، مدت يا وقت، طرز يا طريقو ۽ مقدار يا انداز بيان ڪري، تنهن ڪي صفت ظرفي چئبو آهي. مثلاً: اٿاهہ سمنڊ، پاڇاٽو فصل، تڪڙو قدم ۽ چوطرفو گهيرو وغيره ۽ انهن ترڪيبن ۾ لفظ: اٿاهہ، پاڇاٽو، تڪڙو ۽ چوطرفو صفت ظرفيءَ جا مثال آهن.

معنيٰ جي لحاظ ڪان صفت ظرفيءَ کي چئن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

صفت ظرفي وضعي يا مڪاني
صفت ظرفي زمني يا زماني
صفت ظرفي اصلوبي يا طرزي
صفت ظرفي مقداري يا قدري

ا- صفت ظرفي وضعي يا مڪانيءَ جون ترڪيبون:

١- اسم يا ظرف جي پڇاڙيءَ ’تو‘، ’اون‘ يا ’يون‘ پڇاڙي مذڪر جي حالت ۾ جمع جي نشانين سان ۽ ’تيي‘ يا ’اين‘ پڇاڙي مؤنث جي حالت ۾ جمع جي نشانين سان گڏڻ سان صفت ظرفي وضعي يا مڪاني ٺهندي آهي. مثلاً: ’اتر‘ اسم مان صفت ظرفي ٿيندي ’اتريون‘ ۽ ’مٿي‘ ظرف مان صفت ظرفي ٿيندي ’مٿيون‘. ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

مذڪر		مؤنث	
واحد	جمع	واحد	جمع
اڳيون	اڳيان	اڳين	اڳيئون
اندريون	اندريان	اندرين	اندريئون
ٻاهرتو	ٻاهرتا	ٻاهرتيي	ٻاهرتيئون
ٻاهريون	ٻاهريان	ٻاهرين	ٻاهريئون
پٺيون	پٺيان	پٺين	پٺيئون
پويون	پويان	پوئين	پويئون
وچون	وچان	وچين	وچئون وچيئون
هيٺيون	هيٺيان	هيٺين	هيٺيئون

٢- اسم جي پهرئين حرف جي اڳيان ’ا‘ (الف) جو اضافو ڪري آخر ۾ ’او‘، ’اون‘ يا ’هون‘ پڇاڙي گڏڻ سان صفت ظرفي ٺهندي آهي. مثلاً:

اوڀاريون	اوڀاريان	اوڀارين	اوڀاريون
اولاهون، اولاهيون	اولاهان، اولاهيان	اولاهين	اولاهيئون
ڏاکڻو	ڏاکڻا	ڏاکڻي	ڏاکڻيئون

٣- ظرف جي پڇاڙيءَ يا ان جي پوئين حرف ’ي‘ جي جاءِ تي ’ا‘ (الف) آڻي آخر ۾ ’رو‘، ’هون‘ يا ’انهون‘ پڇاڙي گڏڻ سان صفت ظرفي ٺهندي آهي. مثلاً: ’مٿي‘ ظرف مان صفت ظرفي ٿيندي ’مٿاهون‘. ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

اتاهون	اتاهان	اتاهين	اتاهينئون
اڳاهون	اڳاهان	اڳاهين	اڳاهينئون
اوراهون	اوراهان	اوراهين	اوراهينئون
پاساهون	پاساهان	پاساهين	پاساهينئون
پاسيرو	پاسيرا	پاسيري	پاسيريئون
پرتاهون	پرتاهان	پرتاهين	پرتاهينئون
پراهون	پراهان	پراهين	پراهينئون
ڏوراهون	ڏوراهان	ڏوراهين	ڏوراهينئون.

٤- اسم جي پٺيان ’ائتو‘ يا ’يڪو‘ پڇاڙي گڏڻ سان صفت ظرفي ٺهندي آهي. مثلاً:

ٺانئيڪو	ٺانئيڪا	ٺانئيڪي	ٺانئيڪيئون
هٿيڪو	هٿيڪا	هٿيڪي	هٿيڪيئون
هنڌائتو	هنڌائتا	هنڌائتي	هنڌائتيئون

٥- ظرف جي پٺيان اضافت جو حرف ’جو‘ عدد ۽ جنس مطابق ملائڻ سان صفت ظرفيءَ جي صورت ٺهندي آهي. مثلاً:

اتي، اتان جو	اتي، اتان جا	اتي، اتان جي	اتي، اتان جئون
آتي، آتان جو	آتي، آتان جا	آتي، آتان جي	آتي، آتان جئون
تيتي، تتان جو	تيتي، تيتان جا	تيتي، تيتان جي	تيتي، تيتان جئون
جيتي، جتان جو	جيتي، جتان جا	جيتي، جتان جي	جيتي، جتان جئون
ڪيتي، ڪتان جو	ڪيتي، ڪتان جا	ڪيتي، ڪتان جي	ڪيتي، ڪتان جئون
هيتي، هيتان جو	هيتي، هيتان جا	هيتي، هيتان جي	هيتي، هيتان جئون
هتي، هتان جو	هتي، هتان جا	هتي، هتان جي	هتي، هتان جئون

٦- اسم يا ظرف جي پٺيان اضافت جو حرف ’جو‘ يا وارو عدد ۽ جنس مطابق ملائڻ سان صفت ظرفيءَ جي صورت ٺهندي آهي. مثلاً:

ڀر وارو	ڀر وارا	ڀر واري	ڀر وارين٘ون
تَرَ جو	تر جا	تر جيي	تر جن٘ون
تر وارو	تر وارا	تر واري	تر وارين٘ون
پاڙي جو	پاڙي جا	پاڙي جيي	پاڙي جن٘ون
پاڙي وارو	پاڙي وارا	پاڙي واري	پاڙي وارين٘ون
پاسي جو	پاسي جا	پاسي جيي	پاسي جن٘ون
پاسي وارو	پاسي وارا	پاسي واري	پاسي وارين٘ون
پري جو	پري جا	پري جيي	پري جن٘ون
پري وارو	پري وارا	پري واري	پري وارين٘ون
هتي وارو	هتي وارا	هتي واري	هتي وارين٘ون

۷- ڪي ظرف جا لفظ صفت ظرفيءَ جي صورت ۾ استعمال ٿيندا آهن. مثلاً:

اوڏو، اوڏڙو	ساڄو
اوچو	سامٺون
پار	ڪاٻو
ڏور	ويجهو، ويجهڙو

۸- فارسيءَ ۽ عربيءَ جون صفت ظرفي وضعيءَ جون ڪي ترڪيبون سنڌيءَ ۾ به استعمال ٿينديون آهن، جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿيون:

فارسيءَ جون ترڪيبون:

آخرين	بيروني
اندروني	درمياني
اوّلين	دور
بالائي	نزديڪ

عربيءَ جون ترڪيبون:

آخر، اخير،	خارجي
ادنيٰ	داخلي

اعليٰ	عالي
اول	قريب
بعيد	ماتحت
جنبي	مقابل

صفت ظرفي وضعيءَ جو استعمال:

"ڪيچ اڳاهون پنڌ، متان لڪن سين لڳي مرين."
(شاهه: حسيني)

"تـون تنيسين ڪٿ اوڏا اڏي پـڪـڙا."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"اپيون اورين پار ڏي ڪوڙيون ڪک پچن."
(شاهه: سهڻي)

"جو اڪنئون اوڏو آهه، سو پرين پراهون م چئو."
(شاهه: سسئي)

"ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين."
(شاهه: بروو سنڌي)

"ساموندي ٿو سنبهين تا ساڃه جهل سڪاڻ."
(شاهه: سريراڳ)

"ڳاڙيندين ڳوڙها جت شاهد ٿيندئي سامهان."
(شاهه: ڪلياڻ)

*

'ريڊيو جي ذريعي بيروني ملڪن جو حال احوال جلد ملي وڃي ٿو.'

*

'ڪنهن به ملڪ جي داخلي معاملن ۾ غير ملڪ کي دست اندازي نه ڪرڻ گهرجي.'

*

'سربراهه کي گهرجي ته پنهنجي ماتحت عملي تي پوري نظر رکي.'

*

'سترند تي واجب آهي ته پنهنجي پاڙي جي غريبن جي سار سنڀال لهي.'

٢- صفت ظرفي زمني يا زمانيءَ جون ترڪيبون:

١- اسم يا ظرف جي پٺيان 'و'، 'انو'، 'يون'، 'اوڪو' يا 'اوٽو' ڳنڍڻ سان عدد ۽ جنس پٽاندر گڏڻ سان صفت ظرفي زماني ٺهندي آهي. مثلاً:

فاعلي صورت		عام صورت	
واحد	جمع	واحد	جمع
روزانو	روزانا	روزاني	روزانيُون
سالانو، سالياڻو	سالانا، سالياڻا	سالاني، سالياڻي	سالانيُون
ماهانو، ماهيانو	ماهانا، ماهيانا	ماهاني، ماهياني	ماهانيُون
نيرانو*	نيرانا	نيراني	نيرانيُون
اڳيون	اڳيان	اڳين	اڳيُون
پويون	پويان	پوئين	پويُون
اڄوڪو	اڄوڪا	اڄوڪي	اڄوڪيُون
اڳوڻو	اڳوڻا	اڳوڻي	اڳوڻيُون
اڳوڻڪو	اڳوڻڪا	اڳوڻڪي	اڳوڻيڪيُون
پروڪو	پروڪا	پروڪي	پروڪيُون
ڏينهوڪو	ڏينهوڪا	ڏينهوڪي	ڏينهوڪيُون
راتوڪو	راتوڪا	راتوڪي	راتوڪيون
سپانڪو	سپانڪا	سپانڪي	سپانڪيُون

* هن ترڪيب ۾ "ا" (الف) جو اضافو ٿيل آهي.

ڪالهوڪو	ڪالهوڪا	ڪالهوڪي	ڪالهوڪيُون
ڪالهوڻو	ڪالهوڻا	ڪالهوڻي	ڪالهوڻيُون
ورهوڪو	ورهوڪا	ورهوڪي	ورهوڪيُون
هاڻوڪو	هاڻوڪا	هاڻوڪي	هاڻوڪيُون
هيلوڪو	هيلوڪا	هيلوڪي	هيلوڪيُون

٢- اسم جي پٺيان يا اسم جي پهرئين حرف سان 'ا' (الف) گڏي پٺيان 'اڻو' يا 'ائتو' پچاڙي عدد ۽ جنس پٽاندر ملائڻ سان صفت ظرفي زماني ٿهندي آهي. مثلاً:

پاڇاڻو	پاڇاڻا	پاڇاڻي	پاڇاڻيُون
منداڻتو	منداڻتا	منداڻتي	مداڻتيُون
مهلاڻتو	مهلاڻتا	مهلاڻتي	مهلاڻتيُون
وقتاڻتو	وقتاڻتا	وقتاڻتي	وقتاڻتيُون
آڳاڻو	آڳاڻا	آڳاڻي	آڳاڻيُون

٣- اسم يا ظرف جي پٺيان 'و'، 'رو' يا 'وارو' عدد ۽ جنس مطابق گڏڻ سان صفت ظرفي زماني ٿهندي آهي. مثلاً:

اويرو	اويرا	اويري	اويريُون
اويلو	اويلا	اويلي	اويليُون
پانهيرو	پانهيرا	پانهيري	پانهيريُون
سويرو	سويرا	سويري	سويريُون
ڪمهلو	ڪمهلا	ڪمهلي	ڪمهليُون
هميشه وارو	هميشه وارا	هميشه واري	هميشه واريُون

٤- اسم يا ظرف جي پٺيان اضافت جو حرف 'جو' عدد ۽ جنس مطابق استعمال ڪرڻ سان صفت ظرفي زمانيءَ جي صورت ٿهندي آهي. مثلاً: گهڙيءَ جو ڪيل، سال جي ڪمائي، ٿڌهن جو قصو وغيره، انهن ترڪيبن ۾: 'گهڙيءَ جو'،

'سال جيي' ۽ 'ڏڌهن جو' صفت ظرفي زمانيءَ جون صورتون آهن. ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

جڏهن جو	جڏهن جا	جڏهن جيي	جڏهن جئون
ڏينهن جو	ڏينهن جا	ڏينهن جيي	ڏينهن جئون
رات جو	رات جا	رات جيي	رات جئون
شام جو	شام جا	شام جيي	شام جئون
صبح جو	صبح جا	صبح جيي	صبح جئون
عمر جو	عمر جا	عمر جيي	عمر جئون
ڪڏهن جو	ڪڏهن جا	ڪڏهن جيي	ڪڏهن جئون
ڪلاڪ جو	ڪلاڪ جا	ڪلاڪ جيي	ڪلاڪ جئون
ماضيءَ جو	ماضيءَ جا	ماضيءَ جيي	ماضيءَ جئون

٥- ڪي ظرف جا لفظ صفت ظرفي زمانيءَ طور استعمال ٿيندا آهن. مثلاً: اول وقت، آخر عمر، ترت علاج، سدا بهار، نيت حياتي وغيره، انهن ترڪيبن ۾: 'اول'، 'آخر'، 'ترت'، 'سدا' ۽ 'نت' ظرف جا لفظ آهن، پر هتي صفت ٿي ڪم آيا آهن، تنهنڪري انهن کي صفت ظرفي زماني چئبو آهي.

٦- بعضي فارسي ۽ عربي ترڪيبن جو ٻ، سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندو آهي.

تازه	ابدي	دوامي	قديم
ديرينه	ازلي	سابق	مدامي
ماهوار	جديد	عارضي	موسمي
هفتيوار	دائمي	فوري	وقتي

صفت ظرفي زمانيءَ جو استعمال:

"اڳين عادت ست، تہ اڳها عاجز نہ ٿئين."

(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، ڀوڳيون ٿيو ڀساھہ."
(شاھہ: معذوري)
"ويڙو چنائي، ڀوڳينءَ رات پرينءَ ڏي."
(شاھہ: کنڀات)
"ڪالھوڪو ڪاڏي ويو، سندو جوڳين جوڙ."
(شاھہ: رامڪلي)
"ھيءَ ھڏ وھائي، ڪڙھہ ڪالھوڪي ڏينھن کي."
(شاھہ: يمن ڪلياڻ)
"نيراڻائي نيڻ، نيئي آڇ ٻريڻ کي."
(شاھہ: آسا)
"وساريندس نہ ور جو اڄوڪو احسان."
(سچل: ڪوھياري)
ورلو ويراڳي، ڪياني ڏٺم ڳوڏڙيو."
(سچل: جوڳ)

٣- صِفت ظرفي اسلوبي يا طرزيءَ جون ترڪيبون:

١- اسم جي پٺيان عدد ۽ جنس مطابق حرف علت آڻڻ سان صفت ظرفي اسلوبي ٺھندي آھي. مثلاً:

مذڪر		مؤنث	
واحد	جمع	واحد	جمع
اڀرو	اڀرا	اڀري	اڀريون
پلو	پلا	پلي	پليون
ٽڪڙو	ٽڪڙا	ٽڪڙي	ٽڪڙيون
ڏاڍو	ڏاڍا	ڏاڍي	ڏاڍيون

٢- ڪي ظرف جا لفظ عدد ۽ جنس مطابق صفت ظرفي اسلوبي ٿي ڪم ايندا آھن. مثلاً:

مذڪر		مؤنث	
واحد	جمع	واحد	جمع
اڇاترو	اڇاترا	اڇاتري	اڇاتريون
اکرو	اکرا	اکري	اکريون
اوچتو	اوچتا	اوچتي	اوچتيون
آهستو	آهستا	آهستي	آهستيون
موچارو	موچارا	موچاري	موچاريون

٣- ڪي ظرف جا لفظ، جي صفت اسلوبي تي ڪم ايندا آهن، عدد توڙي جنس ۾ ساڳي صورت ۾ رهندا آهن. مثلاً:

اٽڪلي
الڳ
جدا
چالاڪ
ڌار

صفت ظرفي اسلوبيءَ جو استعمال:

”ڪيچان آيو قافلو رات **موچاريءَ** روءِ.“
(شاهه: ديسي)

”پينر **پليءَ** پٽ، لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.“
(شاهه: حسيني)

*

'**اوچتي** حملي سبب هراس پيدا ٿيندو آهي.'

*

'**تڪڙي** پنڌ ۾ ماڻهو جلد ٿڪجي پوندو آهي.'

*

'هرڪا جماعت جيڪڏهن **الڳ** رستو اختيار ڪندي ته قومي يڪجهتي قائم نه ٿي سگهندي.'

٤- صفت مقداري يا قدريءَ جون ترڪيبون:

١- عدد ۽ جنس مطابق ڦرندڙ صفتن جا مثال:

فاعلي صورت		عام صورت	
واحد	جمع	واحد	جمع
اتانگهو	اتانگها	اتانگهي	اتانگهيون
اَچو، اوچو-	اچا، اوچا-	اچي، اوچي-	اچيون، اوچيون-
اونچو	اونچا	اونچي	اونچيون
اڌورو	اڌورا	اڌوري	اڌوريون
اڌيڪو	اڌيڪا	اڌيڪي	اڌيڪيون
اٿورو	اٿورا	اٿوري	اٿوريون
اڻميو	اڻميا	اڻميي	اڻميون
اونهو	اونها	اونهي	اونهيون
اوٺو	اوٺا	اوٺي	اوٺيون
بي ڪاٽو	بي ڪاٽا	بي ڪاٽي	بي ڪاٽيون
تانگهو	تانگها	تانگهي	تانگهيون
ٿلهو	ٿلها	ٿلهي	ٿلهيون
ٿورو	ٿورا	ٿوري	ٿوريون
پورو	پورا	پوري	پوريون
ٻوٽو	ٻوٽا	ٻوٽي	ٻوٽيون
جالارو	جالارا	جالاري	جالاريون
جهجهو	جهجها	جهجهي	جهجهيون
ڏاڍو	ڏاڍا	ڏاڍي	ڏاڍيون
ذرو	ذرا	ذري	ذريون
سارو	سارا	ساري	ساريون
سڄو	سڄا	سڄي	سڄيون
سمورو	سمورا	سموري	سموريون
سنهو	سنها	سنهي	سنهيون

گهرو	گهرا	گهري	گهريون
ڳورو	ڳورا	ڳوري	ڳوريون
ڳُوڙهو	ڳوڙها	ڳوڙهي	ڳوڙهيون
گهاٽو	گهاٽا	گهاٽي	گهاٽيون
گهٽو	گهٽا	گهٽي	گهٽيون
ننڍو	ننڍا	ننڍي	ننڍيون
وترو	وترا	وتري	وتريون
وڏو	وڏا	وڏي	وڏيون
هلڪو	هلڪا	هلڪي	هلڪيون

٢- عدد توڙي جنس ۾ ساڳي صورت ۾ استعمال ٿيندڙ صفتن جا مثال:

آت	تڇ	ڪَتَنِ ڪَرَ
اٿاهه	تيرُ	ڪجهه
اپار	ٿمڙار	ڪجي
اڙ	پتُر	مڙني، مڙوني
اڪٽ	جال	موڪ
اڪيچار	جام	مڻو
پريل	سڀ، سڀئي	وڏ، وڏيڪ
تار	ڪٺُل	هڙ

٣- فارسي ۽ عربيءَ جي صفت جي لفظن ۽ ترڪيبن جا مثال جي سنڌيءَ ۾ استعمال ٿين ٿا:

باقي	بي انت	بي پايان
باريڪ	بي انتها	بي حد
بلند	بي انداز	بي حساب
بي عدد	خالي	قليل
بي ڪران	زياده	ڪافي
تمام	عميق	ڪثير

صفت ظرفي مقداريءَ جو استعمال:

”ايڏو سور سهي، ننڊ م ڪريو ناڪئا.“
(شاهه: سريراڳ)

”باقي ٻرخوردار، سارڙي ڏسي پنيليا.“
(سچل: راڻو)

”اسان ۽ پرين شال هون برابر ڏينهڙا.“
(شاهه: سارنگ)

”ميڙي متنائين جو ٻهڪ چاڙهيم ٻار.“
(شاهه: سريراڳ)

”هي تان ٿورڙيون، جي تون پورا پسي پلئين،
راتيون پيون گهڻيون، جي تو ايندي هيڪليون.“
(شاهه: ڏهر)

”آءُ نه ڳڌي پرينءَ ڪي پورا ڏينهن ٿيا.“
(شاهه: معذوري)

”سکهان نه چوري، ڏاڍو نيڙ نينهن جو.“
(شاهه: سهڻي)

”ميوا ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال.“
(شاهه: سريراڳ)

”ساجن سڀ جمار، اکيون اوهان جي آسري.“
(شاهه: ڪنيات)

”ساري رات سجاڻ سودو ڪن صاحب سين.“
(شاهه: سريراڳ)

”سڀئي سبحان جي ڪر حوالي ڪر.“
(شاهه: سريراڳ)

"سنهي سُٽيءَ سيو موں ماروءَ سين من."
(شاهه: مارئي)
"سستي تنهنجي ست ۾ ڳالهه، گهرجي ڳچ."
(شاهه: مارئي)
"ساجن انهيءَ سيگ سين ڦٽيئي گهڻا فقير."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
"راضي ٿي راڻا، معاف ٿوڙي ڪر منديون."
(سچل: راڻو)
"سچل سامين تي محبت وسي ٿوڪ."
(سچل: جوڳ)
"ذڏي وڏي ڳالهڙي سڄي نا سمجهن."
(شاهه: پرڀاتي)
"اکين ڪسي آهين وڏا وجهه، وڙهڻ جا."
(شاهه: آسا)
"ڀاڻا ڏوهه چڙهن جيئن ورق ورائن ونرا."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
"صبر وڏو ست، سگها سيڙي سورين."
(شاهه: حسيني)
"جاجڪ تو مٿانءَ ملڪ ٿوڙئي گهوريان."
(شاهه: سورٺ)

ﮬ- صفت عددي:

اها صفت جا موصوف جو مقرر عدد يا تعداد ظاهر ڪري، تنهن کي صفت عددي چئبو آهي. هڪ، پنج، ڏهه، سؤ، ٻهريون، ٻيو، چوٿون، پيٺو، ٽيٺو، سوايو، اڌ، ٽهائي، ائين پٽي وغيره صفت عدديءَ جا مثال آهن.

صفت عدديءَ جا هيٺيان مکيه چار قسم آهن:

١- صفت عددي شماري.
٢- صفت عددي ترتيبي يا قطاري.
٣- صفت عددي اضافي.
٤- صفت عددي ڪسري.

١- صفت عددي شماري:

اها صفت جا موصوف جو ڳاڻيٽو ڏيکاري، تنهن کي صفت عددي شماري چئبو آهي. مثلاً: ٻه، ٽي، ٻن، چئن، چوڻڪو، پنجو، ڏهاڪو، ويهارو، هرهڪ وغيره صفت عددي شماريءَ جا مثال آهن.

صفت عددي شماريءَ جو گردان:

عام صورت	حالت فاعلي
هڪ، هڪڙو، هڪڙي	هڪ، هڪڙي، هڪڙيءَ
ٻن	ٻه
ٽن	ٽي
چئن	چار
پنجن	پنج
ڏهن	ڏهه
ويهن	ويهه
چاليهن	چاليهه
سون	سئو، سوين
هزارن	هزار، هزارين
لکن	لک، لکين
ڪروڙن	ڪروڙ، ڪروڙين

صفت عددي شماريءَ جون ترڪيبون:

١- جن انگن جي پوئين حرف تي زير هوندي، يا انهن جي پڇاڙي 'اي' يا 'يِ' هوندي آهي، انهن جي صورت فاعلي توڙي عام حالت ۾ ساڳي رهندي آهي. مثلاً:

سٺِ
ستر
اسيِ
نوي

٢- جمع جي حالت ۾ موصوف مطابق صفت عددي شماريءَ ۾ به ڦيرو ايندو آهي. مثلاً:

پنجن پيسن، پنجين پيسين
چاليهن ورهين، چاليهين ورهيين
ڪوڙين ذاتين، ڪوڙيين ذاتيين
هزارن ماڻهن، هزارين ماڻهن يا ماڻهين

٣- صفت عددي شماريءَ جو موصوف جيڪڏهن ڪو انگ يا عدد هوندو آهي، ته جمع جي حالت ۾ اهو به جمع ۾ هوندو آهي، پر ڪن حالتن ۾ فارسيءَ وانگر موصوف واحد ۾ به هوندو آهي. مثلاً:

موصوف جمع جي صورت ۾:

ٻه سا، ٻه سوَ
ٽي سا، ٽي سوَ
چار سا، چار سوَ
پنج هزارَ
ست لکَ
اٺ ڪروڙَ
نوَ اربَ

موصوف واحد جي صورت ۾:

هڪُ سؤ
ٻہ سؤ
ٽي سؤ
چار سؤ
ست سؤ
نو سؤ
يارهن سؤ

٤- تاڪيد يا تخصيص خاطر صفت عددي شماريءَ جي لفظ سان ”اِي“ لڳائبي آهي، مثلاً:

هڪئي
ٻئي، ٻئي، ٻنهي
ٽئي، ٽيئي، ٽنهي
چارئي، چئني
سوئي، سوني، سونئي
هزارئي، هزارنئي
لکئي، لکنئي

٥- صفت عددي شماريءَ کي ٻيون ٻہ ڪي پڇاڙيون لڳنديون آهن، جهڙوڪ: ”آڪو“، ”ايڪو“، ”ڪو“، ”او“ ۽ آرو“ وغيره، مثلاً:

ايڪو، اڪو ڏهاڪو
ٻڪو ويهارو
ٽڪو ٽيهارو
چونڪو چاليهارو
پنجو سئيڪو، سائيڪو

صفت عددي شماريءَ جو استعمال:

"ايڪ پيالو ٻہ ڇٽا، عشق نہ ڪري ات،
مائين ڪين ميان ۾ ٻہ ٽي ترارين تت."
(شاہ: يمن ڪلياڻ)

"نو نيڻ ڏهہ ڏاوڻيون پڌ رهن پڌ پياس."
(شاہ: ڪنيات)

"ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾، پاڻ مٿانئن گهور."
(شاہ: رامڪلي)

"تنبو تيرهن ماه، ڪٿو ڪينجهر ڪنڌيون."
(شاہ: ڪاموڏ)

"ويا ڪنهن ڏيهان، ٻہ ٽي لڳن ڏينهڙا."
(شاہ: يمن ڪلياڻ)

"ڪنڌا سون پيرن ۾ تسوٽي لک لڳن."
(شاہ: معذوري)

"سوين اچي سمنڊ ۾ ٿيا سيٽاها سوڙها."
(شاہ: سهڻي)

"سهسين سائر ٻوڙيون، منڌ ٻوڙيو مهراڻ."
(شاہ: سهڻي)

"ڏيڏي ٻسي ٽي، هٿو تان آهي هڪڙو."
(شاہ: ڪوهياري)

"جٺري جنهن جوان جي لڳا ڏنو سئو ڏنو گهاءُ"
(شاہ: ڪيڏارو)

"سهسين شڪرانا ڪوڙيين پال ڪريم جا."
(شاہ: سريراڳ)

"ڀن ترارين جاءِ، ڪانهي هيڪ ميانُ ۾."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"سڱين وهن سير ۾، مائڪ موتي لعل."
(شاهه: سريراڳ)

"لڪين لوڙائو، سهسين آهين سيج ۾."
(شاهه: حسيني)

"ڪوڙيين لک هزار، ان اونداهيءَ انڌا ڪيا."
(شاهه: رامڪلي)

"سڪن ۽ سوري ٻيٽي اکر هيڪڙي،
ٻنهي جي ٻوري، جيءَ ڏني ري نه جڙي."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"ڏس ۾ ڪر ڏور، حد ٻنهي جي هيڪڙي."
(شاهه: حسيني)

"ڏاکهن ڏيرن ڏونگرن ٽنهي ڏنم ڏک."
(شاهه: ديسي)

"ائٽي پهر انهن جي وات اٿم وائي."
(سچل: ڪنيات)

*

'هن مجاهد هڪڙي حملي سان دشمن جا لاهه ڪيري ڇڏيا.'

*

'راجا ڏاهر جنگ ۾ لشڪر سان گڏ هزارين هاٿي چاڙهي موڪليا.'

*

'سفر تان موٽي اچڻ ۾ ڏهاڪو ڏينهن لڳي ويندا.'

۲- صفت عددي ترتيبي يا قطاري:

اها صفت جا موصوف جو ترتيبوار نمبر ڄاڻائي، تنهن کي صفت ترتيبي يا قطاري چئبو آهي، قطاري انهيءَ ڪري جو قطار ۾ نمبرن مطابق شمار ڪبو آهي. مثلاً: پهريون، ٻيو، ٽيون، چوٿون ۽ پنجون وغيره.

صفت عددي ترتيبي پنهنجي موصوف سان عدد، جنس ۽ حالت پٽاندر ڦرندي آهي، جيئن هيٺ ڏيکاريو ويو آهي.

مذڪر: واحد	مذڪر: جمع	مؤنث: واحد	مؤنث: جمع
پهريون، پهرئين	پهريان، پهرينن	پهرين، پهرينءَ	پهريون، پهرين
ٻيو، ٻئي	ٻيا، ٻين	ٻي، ٻيءَ	ٻيون، ٻين
ٽيون، ٽئين	ٽيان، ٽين	ٽين، ٽينءَ	ٽيون، ٽين
چوٿون، چوٿين	چوٿان، چوٿن	چوٿين، چوٿينءَ	چوٿيون، چوٿين
پنجون، پنجين	پنجان، پنجن	پنجين، پنجينءَ	پنجيون، پنجين

صفت عددي ترتيبيءَ جو استعمال:

”ٻوڏيءَ ٻي نه تات، آهس ميهارئي من ۾.“
(شاهه: سهڻي)

”پهريون ويري پانهنجو آهه نفس نحس نادان.“
(شاهه: پرڀو)

”ڇهون ويري چور ٽيو، جنهن سنوان ڪيا نه سير.“
(شاهه: ديسي)

”هڪڙا پسائـر ٻيا پاٽيا، ٽيان جاني يار.“
(شاهه: ڪيڏارو)

”ڪيم ڪاپڙين جي پهرئين ڏينهن پروڙ.“
(شاهه: رامڪلي)

"ويهي ويراڳين جو ٻٽي ڏينهن ٻڌم حال."
(شاهه: رامڪلي)
"ڪارهين ڏينهن ڪري، وريو ويراڳين جو."
(شاهه: رامڪلي)
"وهريوم سبق ڀهرين ست نه سنڀران."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
"ناحق نهارين پنا ٻيا پرينءَ لاءِ."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
"ٻيا در ڏيئي ٻين ڪي، آيس تنهنجي در."
(شاهه: سورٺ)
"سنڌي جوڳيان ذات، ٻٽي ٻيري ياڪ مڙي."
(شاهه: رامڪلي)
"هڪ سفر ساعت، ٻيو سفر سال،
"ڀهريون تا راحت، ٻوٻون تا ٻوءِ رهيو."
(سچل: آسا)
"ٻئي جهان ڦٽا ڪيو، ٽا ٽئين جهان وڃن."
(سچل: آسا)
"هڪ ست پڙهيائين، ٻي ست سڏ ڪن ۾ پيو."
(سچل: پيرو وي)

٣- صفت عددي اضعافي:

اها صفت جا موصوف جي 'هوڻ' يا 'سگهه' ظاهر ڪري، تنهن کي صفت عددي اضعافي چئبو آهي. 'اضعاف' جي معنيٰ آهي ٻٽو يا ٻيڻو ڪرڻ. عام طرح عدد شماريءَ جي پڇاڙي 'اوڻ' يا 'اوٽ' اِڪر ساڻ 'او' ۽ 'اي' واحد ۾ ۽ 'آ' ۽ 'يون' جمع ۾ گڏڻ سان صفت عددي اضعافي ٺهندي آهي. مثلاً:

مذڪر: واحد	مذڪر: جمع	مؤنث: واحد	مؤنث: جمع
هيڪڙو	هيڪڙا	هيڪڙي	هيڪڙيون
ٻيڻو	ٻيڻا	ٻيڻي	ٻيڻيون
ٽيڻو	ٽيڻا	ٽيڻي	ٽيڻيون
چئوڻو	چئوڻا	چئوڻي	چئوڻيون
پنجوڻو	پنجوڻا	پنجوڻي	پنجوڻيون
ڏهوڻو	ڏهوڻا	ڏهوڻي	ڏهوڻيون
سئوڻو	سئوڻا	سئوڻي	سئوڻيون
هزاروڻو	هزاروڻا	هزاروڻي	هزاروڻيون
سوائوڻو، سوايو	سوائوڻا، سوايا	سوائوڻي، سوائي	سوائوڻيون، سوايون
ڏيڍوڻو	ڏيڍوڻا	ڏيڍوڻي	ڏيڍوڻيون
اڍائوڻو	اڍائوڻا	اڍائوڻي	اڍائوڻيون
هيڪوٽو	هيڪوٽا	هيڪوٽي	هيڪوٽيون
ٻٽو	ٻٽا	ٻٽي	ٻٽيون
ٽٽو	ٽٽا	ٽٽي	ٽٽيون
چؤٽو	چؤٽا	چؤٽي	چؤٽيون

صفت عددي اضافيءَ جو استعمال:

"هنئين هوند مٿي، پر ٻڌيءَ جا ٻيڻا ٿيا."
(شاهه: سهڻي)

"هيئر اٿيئي هيءَ، صبح سوايو ڏيانءِ."
(شاهه: سورٺ)

*

'هاٿي توڙي هيٺو ته به گهوڙي کان ٻيڻو.'

*

'گهوڙي کان اٺ جو ڏيڍ وڏو قد ٿيندو.'

*

'دنيا ۾ انسان کي نيڪيءَ جو ڏهوڻو اجر ملي ٿو.'

٤- صفت عددي ڪسري:

اها صفت جا موصوف جو حصو يا ڀتي ظاهر ڪري، تنهن کي صفت عددي ڪسري چئبو آهي. 'ڪسر' جي معنيٰ آهي ڀڃڻ. اڌ، اڍواٽو، اڌورو، ٽهائي، ٽين ڀتي، ٻؤٽو، منو، چوٿ، چوٿائي، چوٿون حصو وغيره صفت عددي ڪسريءَ جا مثال آهن.

صفتِ عددي ڪسريءَ جو استعمال:

"جيڪي چئين هيڙ، تنهنجي اٺين ڀتي جي اڪ چيٽي."
(شاهه: ليلان چنيسر)

*

'ورثي ۾ زال جو اٺون حصو ملڪيت جو مقرر آهي.'
'هر سرند مسلمان تي فرض آهي ته هر سال پنهنجي ملڪيت جو چاليهون حصو زڪواة طور صدقو ڪري.'

٥- صفت ضميري يا اشارو:

اهو ضمير جو لفظ جو ڪنهن اسم يا ٻئي ضمير جي اڳيان اچي ۽ ان جي وصف يا تخصيص ظاهر ڪري يا ان ڏانهن اشارو ڪري، تنهن کي 'صفت ضميري' يا 'اشارو' چئبو آهي. مثلاً: هيءَ دنيا، ڪي ماڻهو، هرڪو انسان، سيڪا عورت، جو ڪتاب، جيڪو ملڪ، سوهڻو هي جو، سي جي، جيڪا سا، ڪاڄا وغيره، انهن ترڪيبن ۾ 'هيءَ'، 'ڪي'، 'هرڪو'، 'سيڪا'، 'جو'، 'جيڪو'، 'سو'، هي،

سي، جيڪا ۽ 'ڪا' ضمير جا لفظ آهن جي صفت جي صورت ۾ يا اشاري طور استعمال ٿيل آهن.

هيٺ مختلف ضميرن جا لفظ جيڪي صفت طور استعمال ٿيندا آهن:

مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
اِنَ، اِنهيءَ	اِنَهن	اِنَ، اِنهيءَ	اِنَهن
آنَ، آنهيءَ	آنهن	آنَ، آنهيءَ	آنَهن
ايءَ	اي	ايءَ	اي
آو	آو، آوءَ	آوءَ	آو، آوءَ
اهو	اهي	اها	اهي
آهو	آهي	آها	آهي
جو، جيڪو	جي، جيڪي	جا، جيڪا	جي، جيڪي
سو	سي	سا	سي
ڪو	ڪي	ڪا	ڪي
آءٌ، مون، مان	اسان	آءٌ، مون، مان	اسان
تو، تون	توهان	تو، تون	توهان
هُو، هُنَ	هُو، اهي، هُنَنِ	هُوءَ، هُنَ	هُوءَ، اهي، هُنَنِ
هي، هيءَ، هِنَ	هي، اهي، هِنَنِ	هيءَ، هِنَ	هي، اهي، هِنَنِ
تَنهين، تينهين	تَن، تين	تَنهين، تينهين	تَن، تين
جَنهين، جينهين	جَن، جين	جَنهين، جينهين	جَن، جين
ڪَنهين، ڪينهين	ڪَن، ڪين	ڪَنهين، ڪينهين	ڪَن، ڪين
اوترو	اوترا	اوتري	اوتريون
ايترو	ايترا	ايتري	ايتريون
تيترو	تيترا	تيتري	تيتريون

جيترو	جيترا	جيتري	جيتريون
ڪيترو	ڪيترا	ڪيتري	ڪيتريون
هيترو	هيترا	هيتري	هيتريون
اهڙو	اهڙا	اهڙي	اهڙيون
تهڙو	تهڙا	تهڙي	تهڙيون
جهڙو	جهڙا	جهڙي	جهڙيون
ڪهڙو	ڪهڙا	ڪهڙي	ڪهڙيون
ههڙو	ههڙا	ههڙي	ههڙيون
ايڏو	ايڏا	ايڏي	ايڏيون
تيڏو	تيڏا	تيڏي	تيڏيون
جيڏو	جيڏا	جيڏي	جيڏيون
ڪيڏو	ڪيڏا	ڪيڏي	ڪيڏيون
هيڏو	هيڏا	هيڏي	هيڏيون
ايهو	ايها، ايهن	ايهي	ايهين، ايهون
تيهو	تيها، تيهن	تيهي	تيهين، تيهيون
جيهو	جيها، جيهن	جيهي	جيهين، جيهيون
ڪيهو	ڪيها، ڪيهن	ڪيهي	ڪيهين ڪيهيون
سڀڪو، هرڪو- سڀ، سڀني- سڀڪنهن- هرڪنهن	سڀني	سڀڪا، هرڪا- سڀڪنهن هرڪنهن	سڀ، سڀني- سڀني

صفت ضميريءَ جو استعمال:

"ڄاڻين ته ۾ ڄاڻ، اِيءَ در اٻوجهن جو."
(شاهه: پرڀات)

"اِيءَ ڳت غواصن، جيئن سمنڊ سوجهيائون."
(شاهه: سريراڳ)

”اِي ڪم الاهي نه ته ڪنن ۾ ڪير ڪهڙي.“
(شاهه: سهڻي)

”اِنَ ڪهوڙن هنئي ڪهٽيون، دوستان دور ڪيون.“
(شاهه: ليلان چنيسر)

”اِنهيءَ وائيءَ ور-سمجهي ڪو سچو چوي.“
(سچل: آسا)

”لوئي اِها لوءِ جي، چن نـه چڏيند پاس.“
(سچل: ڪنيات)

”سي لانگوٽيا لعل، پينر پاڪ مڙن مون.“
(سچل: جوڳ)

”راڻـو ڪا رات ويـو ٻجهي ٻالهه ڪري.“
(شاهه: مومل راڻو)

”سا سڪ سلان ڪيئن، جنهن اندر آهيرا ڪيا.“
(شاهه: بروو سنڌي)

”سوڪو پرايائين پـور، سڱـي جيئن ساڻو ٿيو.“
(شاهه: ڪنيات)

”هون گهر اڄـي جي ٿئي مينڌرو مهمان.“
(شاهه: مومل راڻو)

”تو ور وهون ڪيتريون، هون ورتون وريچ.“
(شاهه: ليلان چنيسر)

”تو در آيـس داسـڙا اوگـڻ ڪري اپـار.“
(شاهه: ليلان چنيسر)

”هن ڳام ناٿو ڪهڙو، هي گهر سندا ڪن،
هيءَ ڳام مڙيوئي گوجرو جت راڻو ڙيون رهن.“
(شاهه: مومل راڻو)

”هيءَ منهن ڏيئي ٻن، تون وڃ هٺ، ڪانئي نه مرين.“
(شاهه: مارئي)

”هن مسند مارو منرا، ڏينگر ڊار رهن.“
(شاهه: مارئي)

”هئوءِ جي حق پڇن، سي ڪئن ستيون سومرا.“
(شاهه: مارئي)

”سا ٻَرِ سامي سکيا، جا ٻَرِ جوڳ جڳاءِ.“
(شاهه: رامڪلي)

”لڏيئي جت لاڏون، سو ڏيهه، پسنديءَ مارئي.“
(شاهه: مارئي)

”هيءَ آهائي جوءِ، جنهن مٿي تي ور منيو.“
(شاهه: ليلان چنيسر)

”سالڪ مون سيڪار ڪو ٻهه اِنهيءَ پاند جو.“
(شاهه: آسا)

”منهنجي آهه اِها، ڪڏهن ڪيريندي ڪوٽ کي.“
(شاهه: مارئي)

”هي هڏو ۽ چم کھوريو محب ميهار تان.“
(شاهه: سهڻي)

”جنهن وَلِ گھٽا وهائيا ان سين آر لڳياس.“
(شاهه: ڪنيات)

”تنهن واحد کي واهه، جو سٽ ٻيئي ڪري.“
(شاهه: سريراڳ)

”لڪيو جو نراڙ سو انگ ڪياڙيءَ نه ٿئي.“
(شاهه: سهڻي)

”جي ماڻهن کي مارين، تن سورن کي سڏ ڪريان.“
(شاهه: مسئي)

”ٻوريءَ ٻي نہ تات، جيڪا سا جتن جي.“
(شاهہ: حسيني)

”ڪنهين ڏاءَ مَ ڏج، ڪريون ويهي ڏي خبرون.“
(شاهہ: مومل راڻو)

”لڪن منجهہ لپيءَ، ڪا سورائتي سور سان.“
(سچل: مالڪوس)

”جوڳي جال ٻجهن - پرڪونہ لڌو ڪو ڪاپڙي.“
(سچل: جوڳ)

”هاري هيڪانديءَ ڪنهن پر ٿيندرينءَ هوت سين.“
(شاهہ: حسيني)

”هي جو ٿيئو هو، سو اڪر منبو ڪونہ ڪو.“
(سچل: راڻو)

”اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا.“
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

”جهڙي ٿهڙي ڳالهہ ڪي جمع جوڙيو ڪن.“
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

”لائي وڃان لوڪ، تو ڪهڙي اڪر آئڙي.“
(شاهہ: ڪنيات)

”جهڙو پنهون پاڻ ٿهڙي سڀا سات جي.“
(شاهہ: ديسي)

”هيڙا سين سڏير، ڪين لهندينءَ ڪي پيا.“
(شاهہ: ڪوهياري)

”سسئي سروانن سان، ڪهڙو ليهڻ لڳوءَ.“
(شاهہ: حسيني)

"جهڙا اڄ ڏينهڙا تهڙا ويندي ڪهار."
(شاهه: مارئي)

"بيهودن پلاءِ کهڙو قدر قرب جو."
(شاهه: پربهاتي)

"هيڏا هاڃا تن، ٻري هين پنهور ۾."
(شاهه: حسيني)

"تنهين ڏوهه ڪيها، جن ڏيئي ڏورا ڇائيان."
(شاهه: مارئي)

"ڪنڌيءَ تي ڪيهي، حاج تنهنجي هنجڙا."
(شاهه: ڪارايل)

"ووڙيم سڀ وٿاڻ، يار ڪارڻ جت جي."
(شاهه: مسئي)

"جتي جيتريون لکيون لوح قلم ۾،
تتي تيتريون ڪڙيون ڪهارڻ آئيون."
(شاهه: معذوري)

*

'هرڪو ماڻهو هوند تي خوش نه هوندو آهي.'

*

'سڀڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجو ڪيو آڏو ايندو.'

*

'سڀڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگجي.'

٦- صفت مرڪب:

اها صفت جا هڪ کان وڌيڪ لفظن جي ٺهيل هجي، تنهن کي صفت مرڪب چئبو آهي. مرڪب لفظ ٻن يا وڌيڪ لفظن گڏڻ سان ٺهندو آهي. صفت مرڪب ٺهڻ جا ڪي خاص طريقا هيٺ ڏجن ٿا:

١- اسم جي پٺيان صفت گڏڻ سان. مثلاً:

اکين سڄو — مڙس تار
درياهه لانگهو — منهن ڪنڙو
زبان دراز — نڪ سنئون
گوندر گاڏئون — وات ڪاڙهو

٢- اسم جي پٺيان ضمير گڏڻ سان. مثلاً:

تر جيترو
جبل جيڏو
چنڊ جهڙو

٣- اسم جي پٺيان اسم مفعول گڏڻ سان. مثلاً:

اکين ڏٺو
پيڙيءَ ٻڌو
درد ڀريو
دل کهريو
نانءُ چڙهيو
ڏاڙهيءَ ڪوڙيو
ڪنڌيءَ ڪنيو
مٽي ڦريو
ٽانگ ڪاڏو
نڪاح ٻڌي

٤- اسم جي پٺيان امر جو صيغو آڻڻ سان. مثلاً:

اکين ٻوٽ — ڪُنڍ چوڙ
پينيءَ ٻوڙ — لڄ پال
چيٽي ڀور — ننگ پال
غم ٽار — هٿ ڦاڙ
ڪنڌان مار — هنڌانءِ ٿار

٥- ضمير جي پٺيان ٻئي ضمير آڻڻ سان. مثلاً:

ان جيترو
تو جهڙو
پاڻ جيڏو

٦- ظرف جي پٺيان اسم مفعول آڻڻ سان. مثلاً:

گڏ ويٺل
مٿي ڦريل
هيٺ پيل

٧- عام طرح اسم مرڪب جڏهن ٻئي ڪنهن اسم جي اڳيان ايندو آهي ته صفت مرڪب جو ڪم ڏيندو آهي. مثلاً:

اڏ نڱي (چال) — سلڇڻو (نوڪر)
اڻ واقف (ماڻهو) — مجذو (فقير)
اورچ (هاري) — نيستو (بدن)
بي ڇيو (ڇوڪر) — نيهڻو (آدمي)
بي دين (شخص) — نيڪ بخت (عورت)
سڀاجهو (سائين) — وڏ ڦڙو (مينهن)
ششماهي (امتحان) — هڏ ڏوڪي (انسان)

٨- فارسي ۽ عربيءَ جون صفتي ترڪيبون به، سنڌيءَ ۾ استعمال ٿينديون آهن، جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

دردمند	جهانديده	خونخوار	سريع القدم
دولتمند	غمزده	خوبصورت	شريف النفس
حاجتمند	خداداد	خوشحال	عجيب الخلقت
المناڪ	ايماندار	خوشخلق	غريب الوطن
خطرناڪ	خداترس	همخيال	ڪريم الطبع
خوفناڪ	سودخور	همدرد	نحيف البدن

صفت مرڪب جو استعمال:

"پاڻي پيئيءَ پوڙ، سهڻيءَ ليکي سيرُ جو."
(شاهه: سهڻي)

"آئون ترڇيا آهڙا ڏونگر ڪيئي ڏاڪا."
(شاهه: ديسي)

"دَرن پريون دانهون ڪري ٿي ڪانن ۾."
(سچل: ڪوهياري)

"منهن مليءَ ميراءِ هشا بيهودا بڇڙا."
(سچل: ڪلياڻ)

*

"ڪي مَنهن مٺا ماڻهو اندر جا ڪوڙا هوندا آهن."

*

"اکين ڏٺو احوال به اڌ ڪوڙو هوندو آهي."

*

"ٻي چپيو يار هميشه خطا کائيندو آهي."

*

"حاجتمند ماڻهو جتي ڪٿي هٿ ٽنگيندو آهي."

*

"خداداد نعمتن جو قدر ڪرڻ گهرجي."

٤- (صفت جا درجا)

سنڌيءَ ۾ صفت جا درجا سنسڪرت ۽ فارسيءَ وانگر تشبيهي علامتن ملائڻ سان نٿا ٺهن، پر صفت جي درجن ظاهر ڪرڻ لاءِ ڀيٽ ڪيل شيءِ جي پٺيان حرف جر جا لفظ، جهڙوڪ: 'کان' ۽ 'ڀر' وغيره استعمال ٿين ٿا، البت صفت سان گڏ ظرف جا لفظ پڻ، جهڙوڪ: 'وڌيڪ'، 'گهٽ' ۽ 'ڪجهه' استعمال ٿيندا آهن. هيٺيان جملا مثال طور ڏجن ٿا:

مور هڪ سهڻو پکي آهي.
مور ڪبوتر کان سهڻو آهي.
مور ڪبوتر کان وڌيڪ سهڻو آهي.
ڪبوتر مور کان گهٽ سهڻو آهي.
ڪبوتر ڳيري کان ڪجهه سهڻو آهي.
مور سڀني پکين ۾ سهڻو آهي.
ڀيٽ جي لحاظ کان صفت جا ٽي درجا آهن:

١- صفت نفسي
٢- صفت تفضيلي
٣- صفت مبالغو

١- صفت نفسي:

اها صفت، جنهن جو تعلق فقط پنهنجي موصوف سان هجي، يعني فقط موصوف جي وصف بيان ڪري، تنهن کي صفت نفسي چئبو آهي. مثلاً:

"اڇي پڳ ۾ پس اندر مڙيوئي اڳڙيون."

'اونداهي رات ۾ تارا واڌ ڏسبندا آهن.'
'ڪلراٺي زمين ۾ عمدو فصل پيدا نه ٿيندو آهي.'
'وضو يا غسل پاڪ پاڻيءَ سان ڪرڻ گهرجي.'

مٿين جملن ۾ ڏنل لفظ: 'اڇي'، 'اونداهي'، 'ڪلراٺي'
'عمدو' ۽ 'پاڪ' صفت نفسيءَ جا مثال آهن.

صفت نفسيءَ جو استعمال.

"اڄ ٻڻ اڏنگا وڻ، مون کي مڪا جيڏيين."
(شاهه: مارئي)

"آيل ساموڏين جي آهي اڙانگي جُوءِ."
(شاهه: ساموڏي)

"مون تي ڇيڻي ڪانڊ، ڊُگهي ياڙ م‍َ مڪڙي."
(شاهه: سريراڳ)

"مينهون پاڻ مراديون ڏڌا ڇرن ترن،
وڏي اوهه آئيون، پٽيءَ لاٿي ڦر،
ساري اڇيو سميهون ڏين ڪير سڃو."
(شاهه: سارنگ)

"ڏڏي منٺي تر جي ولهيءَ وسانجاه."
(شاهه: مارئي)

"ڀڪا رڃ ڪنيار جا، ڀڪي نهائيين."
(شاهه: سهڻي)

"ڇڱا ڇنڊ ڇٺيچ، سنيها ڪي سڃڻين."
(شاهه: ڪنيات)

"سرهو سر وڃائيو ڪوڙن ڪانيرن."
(شاهه: ڪارايل)

"سڪا مُنهن سندن، پيرين ڦوواٽا ڪيترا."
(شاهه: ڪاهوڙي)

"سڀڙ سيءَ پيو، نه مون موڙ نه ڪيو."
(شاهه: رپ)

"سنهي سٽيءَ سبيو مون ماروءَ مين ساهه."
(شاهه: مارئي)

"ڪوهيارو ڦهري، ويو نهوڙي ننڍ ۾."
(شاهه: ديسي)

"ڪارا ڪپڙ ڏيهه ۾، پيا واريءَ منجهه وڻان."
(شاهه: مارئي)

"خبر ڏي ڪري ڪا مومل جي مجاز جي."
(شاهه: مومل راڻو)

"ننڍي وڏي ڳالهڙي سڄي تا سمجهن."
(شاهه: پرڀاتي)

"وڏا طالع تن جا، جي مارڪ منجهه مرن."
(شاهه: معذوري)

"پيون سڀ ڪوڙيون ڳالهيون سچا! سچو عشق الستي."
(سچل: گجري)

٢- صفت تفضيلي:

اهو صفت جو لفظ جو ٻن يا وڌيڪ اسمن يا ضميرن جي پاڻ ۾ مشابهت، سبقت يا فضيلت ظاهر ڪري، تنهن کي صفت تفضيلي چئبو آهي. مثلاً:

’هوائي جهاز ريل کان رفتار ۾ تيز آهي.‘
’ذلت جي رزق کان عزت جي بک چڱي آهي.‘
’مصيبت جو مقابلو ڪرڻ لاءِ صبر کان وڌيڪ مناسب طريقو ٻيو ڪونهي.‘

مٿين جملن ۾ لفظ: ’تيز‘، ’چڱي‘ ۽ ’مناسب‘ صفت تفضيليءَ جا مثال آهن.

٣- صفت مبالغو:

اهو صفت جو لفظ، جو هڪ موصوف جي ٻين مڙني جي ڀيٽ يا مقابلي ۾ برتري يا فضيلت بيان ڪري، تنهن کي صفت مبالغو چئبو آهي. مثلاً:

’سڀني مندن ۾ بهار جي مند وڌندڙ آهي.‘
’انسان سمورن ساهوارن ۾ اشرف آهي.‘
’دنيا ۾ سڀ کان چڱو ماڻهو اهو آهي، جو خدا جي خلق جي خدمت ڪري.‘

مٿين جملن ۾ لفظ ’وڌندڙ‘، ’اشرف‘ ۽ ’چڱو‘ صفت مبالغي جا مثال آهن.

صفت جي درجن جي سڃاڻپ:

١- صفت جي درجن ڏيڻ جو ڪو خاص طريقو يا قاعدو ڪونہ آهي، ڪنهن بہ صفت جي معلومات جملي ۾ سندس لاڳو اسم يا ضميرن جي ڏيکاريل مقابلي مان پئجي سگهي ٿي. صفت جي ڀيٽ ظاهر ڪرڻ لاءِ جي اکر عام طرح ڪم ايندا آهن، سي آهن: ’کان‘، ’کون‘، ’مان‘، ’منجهان‘ ۽

'۾' وغيره. البت مبالغي واري حالت ۾ مذڪور اڳيان لفظ، جهڙوڪ: 'سڀ'، 'سڀڪنهن'، 'هرڪنهن'، 'سڀني'، 'مڙني' يا 'هڙني' استعمال ڪبا آهن. مثلاً:

سڀ ڪان	سڀ ڪون	سڀ مان	سڀ منجهان، سڀ ۾
سڀڪنهن ڪان	سڀڪنهن ڪون	سڀڪنهن مان	سڀڪنهن منجهان، سڀڪنهن ۾
هرڪنهن مان	هرڪنهن ڪون	هرڪنهن مان	هرڪنهن منجهان، هرڪنهن ۾
سڀني ڪان	سڀني ڪون	سڀني مان	سڀني منجهان، سڀني ۾
مڙني ڪان	مڙني ڪون	مڙني مان	مڙني منجهان، مڙني ۾
هڙني ڪان	هڙني ڪون	هڙني مان	هڙني منجهان، هڙني ۾

٢- تشبيهه يا ڀيٽ جي اڳين استعمال ڪرڻ ڪان سواءِ ۽ صفت جي لفظن مان تفضيل يا مبالغي جو مفهوم حاصل ڪري سگهجي ٿو. مثال طور چند جملا هيٺ درج ڪجن ٿا:

'هيءَ چڱيري تصوير آهي.'

'گهوٽ ۾ ڪو موچارو مڪان ڪونه آهي.'

'اهڙو پيو ڪو روشن تارو ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي.'

'ايشيا کنڊ ني آهي جو وڏو ليکيو وڃي ٿو.'

'گهڻي دولت فقط تجارت ڪرڻ سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿي.'

پهرين ٻن جملن ۾ 'چڱيري' ۽ 'موچارو' صفت جا لفظ ڏيکارين ٿا ته موصوف جي پيٽ سڀني سان نه، پر ڪن ٿورن سان ڪئي ويئي آهي، تنهنڪري انهن صفتن کي صفت تفضيلي شمار ڪبو. اهڙيءَ طرح پوين ٽن جملن ۾ صفت جا لفظ: 'روشن'، 'وڏو' ۽ 'گهڻي' ڏيکارين ٿا ته موصوف جو درجو سڀني ۾ مٿانهون آهي، تنهنڪري انهن کي صفت مبالغو سڏبو.

٣- هونئن ته صفت هميشه موصوف سان عدد ۽ جنس ۾ متفق هوندي آهي، پر درجن مٿاڻ سان صفت جي صورت ساڳي رهندي آهي، ان ۾ ڪوبه ڦيرو نه ايندو آهي. مثلاً:

'هيرو هڪ سخت ڌاتو آهي.'

'هيرو لوهه ۽ ٽامي کان وڌيڪ سخت ڌاتو آهي.'

'هيرو سڀني ۾ سخت ڌاتو آهي.'

٤- سنڌيءَ ۾ فارسي ۽ عربيءَ جون تفضيل ۽ مبالغي واريون ترڪيبون به استعمال ٿينديون آهن، جن جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا.

فارسيءَ جون ترڪيبون:

فارسيءَ ۾ صفت جي لفظ کي پٺيان 'تر' ملائڻ سان صفت تفضيلي ۽ 'ترين' ملائڻ سان صفت مبالغو جڙندي آهي.

مثلاً:

صفت نفسي	صفت تفضيلي	صفت مبالغو
بـه	بهتر	بهترين
بد	بد تر	بد ترين
خوب	خوبتر	خوبترين
خوش	خوشتر	خوشترين
ڪم	ڪمتر	ڪمترين

عربيءَ ۾ صفت تفضيلي توڙي مبالغي جي ترڪيب "اَفْعَل" جي وزن تي هوندي آهي، مثلاً:

صفت نفسي	صفت تفضيلي	صفت مبالغو
حَسِين	اَحْسَن	اَحْسَن
حَقِير	اَحْقَر	اَحْقَر
صَغِير	اَصْغَر	اَصْغَر
عَظِيم	اَعْظَم	اَعْظَم
ڪَبِير	اَڪْبَر	اَڪْبَر

صفت تفضيلي ۽ مبالغي جو استعمال:

"اوچو تيو اڪب، سون ڪَرُ ملاحن ۾."

(شاهہ: ڪاموڏ)

"پيـر پنائي ڪنڌرا، ڏونگر متي ڏئـي."

(شاهہ: مسئي)

"ڏاهي هيس ڏيهہ ۾، سرتين منجهہ سڄاڻ."

(شاهہ: ليلان چنيسر)

"ساهان اوڏو سپرين لوچيو تان نہ لهن."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)
"مٺائيان مٺو گهڻو، ڪڙو نساهہ ڪلام."
(شاهہ: ڪلياڻ)
"وڏيري هيااس، چنيسر جي راڄ ۾."
(شاهہ: ليلان چنيسر)
"نفي ۽ اثبات کان پري پنڌ پيو."
(سچل: آسا)

*

'وير وٺڻ کان معاف ڪرڻ احسن ڪم آهي.'

*

'شيطان انسان جو بدترين ويري آهي.'

*

'ننڊ کان نماز بهتر عمل آهي.'

١٠- (ضمير)

جملي يا فقري ۾ ساڳي اسم کي هڪ کان وڌيڪ دفعا استعمال ڪرڻ بدران، جو لفظ اسم جي جاءِ تي ڪم اچي ٿو، تنهن کي ضمير چئبو آهي؛ يعني ضمير انهيءَ لفظ کي چئجي ٿو جو اسم جي بجاءِ ڪم اچي ۽ ان اسم جو عمل ڪري.

اسم اگرچه مطلب ۾ ضمير کان وڌيڪ واضح هوندو آهي، پر ڪن حالتن ۾ ضمير جو استعمال نهايت ناگزير ٿي پوندو آهي. ڇاڪاڻ ته عبارت کي سهڻي بڻائڻ ۽ اسمي لفظن جي تڪرار کي روڪڻ لاءِ ضمير ئي ڪم اچي سگهي ٿو. مثال طور هيٺين عبارت ڏجي ٿي:

"هڪڙو انسان جيڪڏهن پاڻ کي ٻين انسانن کان برتر سمجهندو ته هو ڪڏهن به پاڻ ۾ انساني اخلاق پيدا ڪري نه سگهندو."

مٿين عبارت ۾ ٽلها لفظ ضمير جا لفظ آهن جي واسطيدار اسمي لفظن جي جاين تي ڪم آيل آهن. هاڻي جيڪڏهن انهن ضميرن جي بدران اصلي اسمي لفظ استعمال ڪبا ته عبارت اوڏانهڙ ۽ عجيب پيئي لڳندي، جنهن جي صورت هيءَ ٿيندي:

"هڪڙو انسان جيڪڏهن انسان کي ٻين انسانن کان برتر سمجهندو ته انسان ڪڏهن به انسان ۾ انساني اخلاق پيدا ڪري نه سگهندو."

ضمير جا مختلف قسم آهن جي هيٺ ڏجن ٿا:

١- ضمير شخصي
٢- ضمير متّصل

٣- ضمير اشارو
٤- ضمير موصول
٥- ضمير جواب موصول
٦- ضمير استفهام
٧- ضمير مبهم يا ڪنايه
٨- ضمير مشترڪ

١- ضمير شخصي:

اهو ضمير جو ڳالهائيندڙ يا جنهن سان ڳالهائجي يا جنهن بابت ڪا ڳالهه ڪجي، ان مان ڪنهن جي لاءِ ڪم اچي، تنهن کي ضمير شخصي چئبو آهي.

ضمير شخصي ٻن نمونن ۾ ڪم ايندو آهي: هڪڙو الڳ لفظ جي صورت ۾، مثلاً: آءٌ، مان، اسين، تون، توهان، هو ۽ اهي وغيره، اهڙن ضميرن کي ضمير منفصل چئبو آهي. منفصل جي معنيٰ آهي جدا يا علحده. ٻيو حرفي يا ضميري پڇاڙيءَ جي صورت ۾، جو اسم، فعل يا حرف جر سان ملحق ٿيندو آهي، جنهن کي ضمير متصل چئبو آهي. متصل جي معنيٰ آهي گڏيل يا ڳنڍيل. ضمير متصل کي ضميري پڇاڙي به ڪري سڏبو آهي. ضمير متصل جو تفصيلي بيان اڳتي ايندو.

ضمير شخصيءَ جا ٽي قسم آهن:
١- ضمير متڪلم
٢- ضمير حاضر يا مخاطب
٣- ضمير غائب

١- ضمير متڪلم:

اهو لفظ جو ڳالهائيندڙ شخص پنهنجي پاران ڪم آڻيندو آهي، تنهن کي ضمير متڪلم چئبو آهي. 'متڪلم' لفظ جي معنيٰ آهي ٻئي سان ڪلام ڪندڙ يا ڳالهائيندڙ، مثلاً: آءٌ، مان، مون، اسان ۽ اسين وغيره.

ضمير متڪلم جو گردان:

عام صورت	حالت فاعلي
مُنهن، مان، مون	واحد: آءٌ آئون، مان، مون
اسان	جمع: اسان، اسين

ضمير متڪلم جو استعمال:

"آءٌ ڪيئن سوڙئين سمهان، مون ورکهاري ولهه."
(شاهه: مارئي)

"مون کي ڏنهُ ڏيٺي وڃي ڏوليو ڏيٺ قراريو."
(شاهه: مومل راڻو)

"جيڪي ڏنو مان، سو جو ڏٺو جيڏئين."
(شاهه: سهڻي)

"ننگا آهيون نڪتا اسين مارو لوڪ."
(شاهه: مارئي)

"روز ازل استاد اسان کي، سبق پريت جي پاڙهي."
(سچل: گجري)

"منهنجو ٻيچ پنهونءَ سان ازل لاڪون آهه."
(سچل: ڪوهياري)

۲- ضمير حاضر يا مخاطب:

جنهن لفظ سان حاضر يا موجود شخص کي خطاب ڪجي، يا جو لفظ حاضر ماڻهوءَ سان ڳالهائڻ وقت سندس نالي وڏن بدران ڪم آڻجي، تنهن کي ضمير حاضر يا مخاطب چئبو آهي. 'تون'، 'توهين' ۽ 'اوهان' وغيره ضمير حاضر جا مثال آهن.

ضمير حاضر جو گردان:

حالت فاعلي	عام صورت
واحد: تو، تون	تو، تَنهن
جمع: اوهان، اهان، اوان، آن	اوهان، اهان، آن، توهان، تهان
اوهين، اهين، اوين، ائين،	
توهان، تهان، توان، تئان،	
توهين، تهين، توين، تئين،	

ضمير حاضر جو استعمال:

"ويچ ويچائي چڏ، توکي سڏ نہ سور جي."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"سڏ تنهن جا سپرين آءٌ تني سڃاڻان،
توکي ڏسيو سپرين دعويٰ ڪن گهڻا،
آءٌ تي هٿ هڻان، تہ تون ڪنهن جو ٿيندين سپرين."
(شاهہ: پرڀاتي)

"وڃو سڀ وري، آئين جي ورن واريون."
(شاهہ: سسئي)

"مارئڙا ماندي، آءٌ اوهان ريءَ آهيان،
سکيا آن سائيهہ ۾، مان هتي ٻاندي."
(سچل: ڪليات)

۳- ضمير غائب:

جو لفظ غيرحاضر يا غيرموجود ماڻهوءَ جي نالي ولن بدران ڪم آئجي، تنهن کي ضمير غائب چئبو آهي. مثال: هُو ۽ آهي وغيره.

ضمير غائب جو گردان:

	حالت فاعلي: مذڪر	حالت فاعلي: مؤنث	عام صورت: مذڪر، مؤنث
واحد:	هي، هيءُ، ايءُ، هُو، آو	هيءَ، ايءَ، هُوءَ، آوءَ	(هِن، اِن، هُن، آن)
جمع:	هي، هي، اي، هُوءَ، آوءَ		(هِنَن، اِنَن، انين، هُنَن، آنَن، آنين)

هيٺيان ضمير اشاري جا لفظ پڻ ضمير شخصي طور غائب جي صيغي ۾ ڪم ايندا آهن:

	حالت فاعلي: مذڪر	حالت فاعلي: مؤنث	عام صورت: مذڪر، مؤنث
واحد:	اهو، آهو	اها، آها	(انهيءَ، آنهيءَ، انَهن، آنَهن)
جمع:	اهي، آهي	اهي، آهي	

ضمير غائب جو استعمال:

”سانوڻ ڳهري سپڪا، هيءَ سرهي سياري.“
(شاهه: سهڻي)

”هُو جي چونئي ڦٽ، ته ڪانيارو ٽئين ڪڙم ۾.“
(شاهه: معذوري)

”هُوءَ جي حق ڀڃن، سي ڪيئن سٺيون سومرا.“
(شاهه: مارئي)

”آءٌ آنهن جي آهيان، توڙي مون نه مڃين.“
(شاهه: مارئي)

نوٽ: ضمير متڪلم ۽ حاضر جي حالت ۾ مذڪر توڙي مؤنث جو صيغو ساڳيو رهندو آهي.

"ڪا جا مام مُن، هـِـن ۾ هـِـي هـُـن سين."
(شاهه: ديسي)

"هڏ مڻ ڪونهي هـِـيءَ، هـُـو ۾ ڪونهي هـِـن ري."
(شاهه: آسا)

"اهو پسي آئون، ٻيخود ٿـيـڙس سرتيون."
(سچل: پيروي)

"هـُـو هلي ويڙا حال ۾، هي قابو مُـي قال."
(سچل: جوڳ)

۳- ضمير متصل:

اهو ضمير جو ٻئي لفظ سان ملحق ٿـي استعمال ٿئي، تنهن کي ضمير متصل چئبو آهي.

جملي ۾ لفظن کي ترتيب ڏيڻ ۽ ان کي ڏيکهه ڪان بچائڻ خاطر ضميرشخصيءَ کي ٻين لفظن سان ضميري نشانين يا پڇاڙين جي صورت ۾ لڳائبو آهي. مثلاً: ٻئم، سندءِ ۽ ونس، وغيره) انهن لفظن ۾ 'م، 'ءِ' ۽ 'س' ضمير متصل جا مثال آهن.

ضمير متڪلم جون پڇاڙيون:

جمع	واحد
ن، اون، هئون، سون، سين	م، س

مثال:

اسم: پائم	پائن، پائنئون

نوٽ: ضمير غائب جي عام صورت مذڪر توڙي مؤنث جي صيغي ۾ ساڳي رهندي آهي.

نوٽ: ضمير متصل جو استعمال سنڌيءَ ۾ بنسبت ٻين ٻولين جي ڪثرت سان ٿيندو آهي.

فعل:	اٿم، آهيم، چيم، چوندس.	اٿئون، آهيئون، چيوسون، چونداسين
حرف جر:	ساڻم	ساڻئون، ساڻهئون

ضمير حاضر جون پڇاڙيون:

واحد	جمع
ھين، هين، ءِ، ي، ين، ني، ئي	وَ، ؤ يا آو

مثال:

اسم:	ڀاڻي، ڀائين، ڀنهين	ڀاڻوَ، ڀنهيوَ
فعل:	آٿئي، اٿئي، آهيني، چيئي، چوندين	اٿوَ، آهيوَ، چيئوَ، چوندؤ
حرف جر:	ساڻءِ، ساڻئي	ساڻوَ

ضمير غائب جون پڇاڙيون:

واحد	جمع
س، او، اين	آ، ن، نين، اؤن

مثال:

اسم:	ڀاڻس	ڀاڻن، ڀاڻنين
فعل:	اٿس، آهيس، چيو، چوندو، چيائين	اٿن، آهين، چوندا، چيائون
حرف جر:	ساڻس	ساڻن

ضمير متصل جو الحاق ۽ ان جون ترڪيبون:

ضمير متصل جو الحاق گهڻو ڪري عام اسمن سان ئي ٿيندو آهي، مگر انهن اسمن سان ٿيندو آهي جي رشتي يا

قرابت جا نالا هوندا آهن، ان کان سواءِ ان جو الحاق فعل ۽ حرف جر سان بہ ٿيندو آهي، جيئن مثال طور مٿي ڏيکاريو ويو آهي.

ضمير متصل جڏهن ڪنهن اسم سان لاڳو ٿيندو آهي تہ گھڻو ڪري اسم جي اضافت بيان ڪندو آهي. مثلاً: 'پٺمِ' جنهن جي معنيٰ آهي 'منهنجو پٺ'، پر فعل يا حرف جر سان لڳڻ جي حالت ۾ ضمير منفصل جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. مثلاً: 'چوندس' يا 'چوندم' يعني 'مان چوندس' 'وٽم' يعني 'مون وٽ' وغيره.

ضمير متصل جي الحاق سان ڪن حالتن ۾ اسم جي پوئين حرف ۾ هيٺيون تبديليون ايندڙيون آهن:

۱- اهي اسم جن جي واحد جي صيغي جو پويون حرف همزه (ء) هوندو تہ متصل صورت ۾ اهو مٽجي 'ڻ' يا 'ٺ' ٿي پوندو آهي. مثلاً:

متصل صورت	اسم
ياٺم	ياءُ
پٺهم	پيءُ
ڌيٺم	ڌيءُ
جوٺهم	جوءِ
ماٺهم	ماءُ

۲- 'ا' پڇاڙيءَ وارا اسم، جهڙوڪ: جوڻ، چوڪرَ وغيره، فاعلي توڙي عام صورت ۾ يا تہ ساڳي حالت ۾ رهندا آهن، يا وري انهن جي 'ا' پڇاڙي مٽجي 'آ' ٿي پوندي آهي، جيئن 'جوءِ' مان 'جويَم' وغيره.

گردان:

واحد	جمع
(جوءِ)	(جوءِون، جوئرُ)
متڪلم: جوئتم، جوئتهم، جوئيم، جهوئيم، جوئيم، جويم	جوئرُم، جوئرُنيم، جوئنيم، جوئنيم، جوئنم
حاضر: جوئي، جوئهي، جوئهين، جوئني، جوئتو، جوئتهو، جوئيو، جوئهيو، جوئيو، جويو	جوئرُني، جوئني، جوئرُنيو، جوئرُو، جوئرُتن، جوئنيو، جوئنيو
غائب: جوئتس، جوئتهس، جوئيس، جوئهيس، جوئيس، جوئيس، جوئتن، جوئتهن، جوئين، جوئهين، جوئين، جوئن	جوئرُس، جوئرُنيس، جوئتيس، جوئنيس، جوئرُن، جوئرُنين، جوئنين، جوئنين
(چوڪرِ)	(چوڪريون)
متڪلم: چوڪرم، چوڪريم، چوڪرِنيئون	چوڪرنيم، چوڪرئم، چوڪرئنيم، چوڪرئنيئون
حاضر: چوڪرئي، چوڪرئي، چوڪريهي، چوڪرو، چوڪريو	چوڪرني، ڪوڪرئي، چوڪرنيو، چوڪرئنيو، چوڪرئتن
غائب: چوڪرس، چوڪريس، چوڪرن، چوڪرين	چوڪرنيس، چوڪرئنيس، چوڪرئس، چوڪرنين، چوڪرئنين، چوڪرئن

٣- اهي اسم جن جي واحد جي صيغي جي پڇاڙي 'اي' هوندي تہ ضميرمتصل جي صورت ۾ 'اي' پڇاڙي مٽجي 'ا'، 'يَ' يا ڪن حالتن ۾ 'يُ' ٿي پوندي آهي؛ يا حرف 'ي' مٽجي 'ه' ۽ 'ھ' ٿي پوندو آهي، جيئن هيٺ ڏنل گردان مان ظاهر آهي:

	واحد (ڏٺي)	جمع (ڏٺيون)
متڪلم:	ڏٺيمِ، ڏٺيَمِ، ڏٺيمُون، ڏٺيَمُون	ڏٺيُمِ، ڏٺيُنِمِ، ڏٺيُنهمُون، ڏٺيُنمُون
حاضر:	ڏٺيئِي، ڏٺيَهِ، ڏٺيَهين، ڏٺيوَ، ڏٺيُوَ	ڏٺيُئِي، ڏٺيُنئِي، ڏٺيُنهِ، ڏٺيُنوَ، ڏٺيُوَ
غائب:	ڏٺيسِ، ڏٺيَسِ، ڏٺينِ، ڏٺينهِ، ڏٺيَنِ	ڏٺيُسِ، ڏٺيُنسِ، ڏٺيُنِ، ڏٺيُنهنِ

	واحد (چاچي)	جمع (چاچيون)
متڪلم:	چاچيمِ، چاچيهمِ، چاچيَمِ، چاچينهمُون، چاچينمُون	چاچيُمِ، چاچيُنمِ، چاچيُنهمُون، چاچيُنمُون
حاضر:	چاچيهين، چاچيهين، چاچيَئي، چاچيَهه، چاچيوَ، چاچيهوَ، چاچيهنوَ، چاچيوَ	چاچيُئي، چاچيُنئي، چاچيُنوَ، چاچيُوَ، چاچيُنهوَ
غائب:	چاچيسِ، چاچيهسِ، چاچيهنسِ، چاچيَهسِ، چاچيَسِ، چاچينِ، چاچيَهنِ، چاچيَنِ.	چاچيُسِ، چاچيُنِ، چاچيُنسِ، چاچيُنهسِ، چاچيُننِ.

جمع	واحد
(ماسيئون)	(ماسي)
ماسيئم، ماسيئنيم، ماسيئنهئون، ماسيئنيئون	متڪلم: ماسيم، ماسيهم، ماسيتم، ماسينهئون، ماسينيئون
ماسيئنئي، ماسيئئي، ماسيئنيو، ماسيئو، ماسيئهو	حاضر: ماسيئن، ماسيهئن، ماسيئي، ماسيهئي، ماسيئو، ماسيهئو، ماسيهنئو، ماسيئو
ماسيئنس، ماسيئن، ماسيئنئس، ماسيئهنس، ماسيئئن	غائب: ماسيس، ماسيهس، ماسيهنس، ماسيهئس، ماسيئس، ماسين، ماسيهئن، ماسيئن

ع- اسمن جي "آ" پڇاڙي متصل جي صورت ۾ قائم رهندي آهي، پر ساڳئي وقت "آ" ۾ تبديل ٿيندي آهي. مثلاً: پاٽم ۽ پاٽس وغيره.

"آ" پڇاڙيءَ جي ڪن اسمن ۾ حرف "ڻ" جو اضافو ٿيندو آهي. مثلاً: ٽهڻم ۽ ستڻس وغيره.

"آ" پڇاڙيءَ وارن اسمن جو گردان:

جمع	واحد
(پاٽئڙ)	(پاٽ)
پاٽئڙم، پاٽئڙنيم، پاٽنيم، پاٽئڙنيهئون، پاٽئڙنيئون، پاٽنيهئون، پاٽنيئون	متڪلم: پاٽم، پاٽئم، پاٽئن، پاٽم، پاٽنيهئون، پاٽنيئون، پاٽنيئون،

حاضر: ٻاٽي، ٻاٽين، ٻاٽيھين، ٻاٽءِ، ٻاٽوَ
ٻاٽرَ نيي، ٻاٽنيي، ٻاٽرَ نيوَ، ٻاٽنيوَ

غائب: ٻاٽس، ٻاٽيس، ٻاٽھيس، ٻاٽن، ٻاٽھين
ٻاٽرَ نيس، ٻاٽنيس، ٻاٽرَ نين، ٻاٽنين

(پُٽ) (پُٽ)

متڪلم: پُٽم، پُٽم، پُٽھم، پُٽھم، پُٽنيھئون، پُٽنيئون
پُٽم، پُٽنيم، پُٽنيھئون، پُٽنيئون

حاضر: پُٽي، پُٽھين، پُٽھين، پُٽوَ، پُٽھينوَ
پُٽي، پُٽنيي، پُٽنيوَ، پُٽوَ

غائب: پُٽس، پُٽھنيس، پُٽس، پُٽھنس، پُٽن، پُٽھين
پُٽس، پُٽنيس، پُٽنَ، پُٽنين

(پيءُ) (پِئُرَ، پِئَرُ)

متڪلم: پيئم، پيئم، پيام، پيٺھم، پيٺھيم، پيٺھنيئون، پيئنيئون، پيئنيئون
پيئرَم، پيئرنيم، پيئنيم، پيئرَ نيئون، پيئنيئون

حاضر: پيئيءَ، پياءِ، پيٺھي، پيٺھين، پيٺھوَ، پيئوَ، پياوَ
پيئرَءِ، پيئرَ ني، پيئني، پيئرَوَ، پيئرَ نيوَ، پيئنيوَ

غائب: پيٺس، پيٺھس، پيئس، پياس، پيٺھين، پيئن
پيئرَس، پيئنيس، پيئرَن، پيئرَ نين، پيئنين

(پيءُ)	(پيتو، پيتون)
متڪلم: پيتم، پيتم، پيتم، پيتسيئون، پيتيسئون، پيتيهئون	پيتو م، پيتيسم، پيتو نيئون، پيتو نيهئون
حاضر: پيتيءَ، پيتيءَ، پيتي، پيتين، پيتيهن، پيتوَ، پيتوَ	پيتيي، پيتو نيي، پيتو نيوَ، پيتيوَ
غائب: پيتس، پيتيس، پيتن، پيتن، پيتيهن	پيتيس، پيتو نيس، پيتين، پيتو نين
(ڏيءُ)	(ڏنو، ڏيتو، ڏنون)
متڪلم: ڏنم، ڏنم، ڏيتم، ڏيتيم، ڏنيئون، ڏنيئون، ڏيتيئون	ڏنو م، ڏنيم، ڏنو نيئون، ڏنيئون
حاضر: ڏيتيءَ، ڏيءَ، ڏيتي، ڏيتين، ڏنوَ، ڏنوَ، ڏيتوَ	ڏنو نيي، ڏنيي، ڏنو نيوَ، ڏنيوَ
غائب: ڏنس، ڏنس، ڏيتس، ڏيتيس، ڏيتن، ڏنن	ڏنو نيس، ڏنيس، ڏنو نين، ڏنين
(ماءُ)	(ماتو، ماتو ون، ماتون)
متڪلم: ماتم، ماتهم، ماتهيم، مام، ماتهيئون، ماتيئون	ماتو م، ماتو نيم، ماتيم، ماتو نيئون، ماتيئون
حاضر: ماتهي، ماتهين، ماءِ، ماتهوَ، ماتوَ	ماتو نيي، ماتيي، ماتو نيوَ، ماتيوَ

غائب: مائٽس، مائٽهس، مائن، مائٽهن، مائٽن	مائٽرنيس، مائٽنيس، مائٽرنين، مائٽنين
(نٿهٽن)	(نٿهٽر، نٿهٽرون، نٿهٽون)
متڪلم: نٿهٽم، نٿهٽم، نٿهيم، نٿهٽيم، نٿهٽيم، نٿهٽيٿون، نٿهٽنيٿون	نٿهٽرم، نٿهٽرنيم، نٿهٽنيم، نٿهٽرنيٿون، نٿهٽنيٿون
حاضر: نٿهٽي، نٿهٽي، نٿهٽين، نٿهين، نٿهٽو، نٿهٽو، نٿهٽو، نٿهٽو	نٿهٽرني، نٿهٽني، نٿهٽرنيو، نٿهٽنيو
غائب: نٿهٽس، نٿهٽس، نٿهيس، نٿهٽس، نٿهٽن، نٿهٽن	نٿهٽرنيس، نٿهٽنيس، نٿهٽرنين، نٿهٽنين
(سٽس)	(سٽسٽون)
متڪلم: سٽسٽم، سٽسٽيم، سٽسٽيم، سٽسٽيهٽون، سٽسٽيٿون	سٽسٽنيم، سٽسٽنيهٽون، سٽسٽنيٿون
حاضر: سٽسٽي، سٽسٽي، سٽسٽين، سٽسٽو، سٽسٽيو	سٽسٽني، سٽسٽنيو
غائب: سٽسٽس، سٽسٽيس، سٽسٽن، سٽسٽن	سٽسٽنيس، سٽسٽنين

۵. ضميري پڇاڙين لڳڻ سان اسمن جي 'او' پڇاڙي منجي 'ا' يا 'آ' تي پوندي آهي، جيئن هيٺ ڏنل گردان مان معلوم ٿيندو. شعر ۾ بعضي 'او' پڇاڙي قائم رهندي آهي. مثلاً: مٿوءِ وغيره.

	واحد	جمع
	(چاٽو)	(چاٽا)
متڪلم:	چاٽُمِ، چاٽَمِ، چاٽُهيمِ، چاٽَهيمِ، چاٽُنيهون، چاٽُنيئون	چاٽَمِ، چاٽَنيمِ، چاٽُهينمِ، چاٽُنيهون، چاٽَنيئون
حاضر:	چاٽُئي، چاٽُهين، چاٽَهين، چاٽُسوَ، چاٽُهينوَ	چاٽَنئي، چاٽَنيوَ، چاٽَهينوَ چاٽَوَ
غائب:	چاٽُسِ، چاٽَمِسِ، چاٽُهينسِ، چاٽَهينسِ، چاٽُنِ، چاٽُهينِ	چاٽُسِ، چاٽَنيسِ، چاٽَهينيسِ، چاٽَنِ، چاٽَنِ، چاٽَهينِ
	(سٿرو)	(سٿرا)
متڪلم:	سٿرُمِ، سٿرَمِ، سٿرُنيئون	سٿرَنيمِ، سٿرَنيئون
حاضر:	سٿرُءِ، سٿرَهين، سٿرُوَ، سٿرَوَ	سٿرَنئي، سٿرَنيوَ
غائب:	سٿرُسِ، سٿرَسِ، سٿرَهينسِ، سٿرُنِ، سٿرَهينِ	سٿرَنيسِ، سٿرَنينِ

اسم سان ضمير متصل جو استعمال:

"تَنِ ڪيئيٽمِ ڪرمَ ڏار، پاڙو تن پرين ڪان."
(شاھ: ٻروو)

"چوڏِهنءَ ماھ چنڊ جٺن ٻڙ ۾ ٻاڳڙياس."
(شاھ: ڪيڏارو)

*

'مون کان پوءِ ڀُلَنديمِ کي ڪم سنڀالڻو آهي.'

*

'پيءُ ته اڻ پڙهيل اٿن باقي ڇوڪريندسِ چڱي تعليم حاصل ڪئي آهي.'

*

'اهڙي ڏکئي وقت ۾ ڀاڳَنديوَ ئي اوهان جي مدد ڪئي آهي.'

*

'ڀُلَنديسِ ۾ ته شرافت جو انگ ئي ڪونهي، پر ڀٽهين ڏاڍو پرهيزگار هوندو هو.'

*

'ادا! چاچيهين کيڏانهن ويو آهي جو ڪيترن ڏينهن کان ڪچهريءَ ۾ ئي ڪونه ٿو اچي.'

ضمير متصل جو فعل سان الحاق:

وڃڻ مصدر جي فعل جو گردان:

	واحد	جمع
متڪلم:		
مذڪر:	وڃان، ويسِ، ويمِ، ويندسِ، وينديمِ	وڃون، وياسون، وياسين، ويناسون، ويناسين
مؤنث:	وڃان، ويَسِ، ويَمِ، وينديَسِ، وينديَسِ، ويندَمِ، وينديَمِ	وڃون، ويونسون، ويونسين، ويندونسون، ويندونسين
حاضر:		
مذڪر:	وڃين، وئين، ويندين	وڃو، وياٿو، ويندؤ
مؤنث:	وڃين، وئينءَ، ويندينءَ	وڃو، وياٿو، ويندَؤ
غائب:		

مذڪر: وڃي، ويو، ويندو — وڃن، ويا، ويندا

مؤنث: وڃي، وئي، ويندي — وڃن، ويون، ويديون

لکڻ مصدر جي فعل جو گردان:

واحد	جمع
متڪلم:	
مذڪر: لکان، لکيمر، لکندس، لکندمر	لکئون، لکيوسون، لکيوسين، لکنداسون، لکنداسين
مؤنث: لکان، لکيمر، لکندس، لکنديس، لکندمر، لکنديمر	لکون، لکيوسون، لکيوسين، لکنديونسون، لکنديونسين
حاضر:	
مذڪر: لکين، لکيئي، لکندين	لکو، لکيوَ، لکندؤ
مؤنث: لکين، لکيئي، لکندينءَ	لکو، لکيوَ، لکنديؤ
غائب:	
مذڪر: لکي، لکيو، لکيائين، لکندو	لکن، لکيو، لکيائون، لکندا
مؤنث: لکي، لکيو، لکيائين، لکندي	لکن، لکيو، لکيائون، لکنديون

فعل سان ضمير متصل جو استعمال:

”ٻاڙي ويچ(١) هئامر تان مون مور نہ ڇڏيا،
تيلاهين پيامر، موريسر اکين ۾.“
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

---

(١) شعر ۾ بعضي فعل جي متصل صورت ۾ ”آ“ ۽ ”او“ جا اچار قائم رهندا آهن، مثلاً: پيامر ۽ ڏاومر وغيره.

"ساجهر سپرن جي ڪنڌيءَ ڪن ڏام،
آسانگني ارواح جي ايءَ تر نکيام."
(شاهه: سهڻي)

"ڪج ڪمايم ڪوڙ، پڳه عهد الله جا."
(شاهه: سريراڳ)

"ڏئي ڏينهن ڏمام، ڪوه ڇاڻان کهڙا پرين،
سهسين سڄ آهي، واجهائيندي ويام،
تن ري سال پيام، جن ري ساعت نه سران."
(شاهه: سهڻي)

"ساڄن توهان ڌار، ڏڌم ڏينهن قيام جئون."
(شاهه: ديسي)

"شال م وڃيم ساهه، ڌاران پسڻ پرينءَ جي."
(شاهه: معذوري)

"لڳم ٻاڻ ٻروچ جو، اسڙ پل م مون،
سڀ رڱيڙن ديس، رت سين ڪپڙاٻ اوري پون."
(شاهه: حسيني)

"ساري ٻناسين ڪي رنم ساري رات."
(شاهه: رامڪلي)

"اٻريم انگور، سستي سهرين نجا."
(شاهه: رپ)

"سونهن وڃايم سومرا، ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تست پيوم، جت هاڻ ناهه حسن ري."
(شاهه: مارئي)

"پتنگ چاڻين پاڻ کي، ته اڃي آڳ اجهاءِ."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”واهڙ ٻريون نہ ٻاءِ، تہ ٻن ليڪو ڏيٺو،
منڌا سانوڻ ڏينهڙا هميشن نہ هوندا.“
(شاهہ : سهڻي)

”ڏورڻ سنجهان ڏس، پوندءِ هوت پنهونءَ جو.“
(شاهہ : سسئي)

”حشر ويل حساب ۾ چڙي نہ ويندوم،
ساريو سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڌڻي.“
(شاهہ : ديسي)

”ڪانگل ڪوهہ ٿيوءِ، جو ٻيو آهين پٽ ۾،
اکين اس تڙڪو نہ سهين، اڄ سارو ڏينهن سنوءِ.“
(شاهہ : پورب)

”اڄ ڪر سنجهہ صباح، نيٺي ڌريندءِ ڌوڙ ۾.“
(شاهہ : مومل راڻو)

”سٽي نہ سرنديا، ڪر پچار پرينءَ جي،
وهامي ويندياءِ، گهٽا هنندين هٿڙا.“
(شاهہ : ڌهر)

”آءُ اڏامي هنجهڙا، سر ۾ سارينئي،
متان مارينئي، پاڙهيري پسهہ ڪري.“
(شاهہ : ڪارايل)

”ساريم سي سنگهاڻ جنم گڏاريم جن سان.“
(سچل : ڪنيات)

”ڪوئي خيال نہ هوم، هيٺس هيڪاندي مارئين،
”تان هي قدر پيوم، جان جو وڇڙيٽس ويڙهہ ڪان.“
(سچل: ڪنيات)

"همير ههڙي حال ۾ ڇونڊءِ ڇا ته جهن،
نالائق ۽ نادان، سڏيندءِ سڀ سومرا."
(سچل: ڪنيات)

"ڍرڻ ڪاڻ ڏسن ٻر، ٻن وڏا پاڻس،
هوئي مهائي ماڻس، هن سان ڪرم ڪريم ڪيو."
(سچل: ڪلياڻ)

"آئي ڪانگ ڏنوس، ڪو عريضو عجيب جو،
پيئر سڀ پڙوس، ڳاڙيندي ڳوڙهن سين."
(سچل: مالڪوس)

"ماتر مينهن پيان، روجهون موٽي آيون،
اوسر سندا ڏينهڙا، وسري سڀ ويان،
تاڻسا تر ٿيان، ڦٽيون ڦوڙيون ڪڍيون."
(سچل: پهاڙي)

"ڪارون ڪين نه ڪريانس، تو ڏٺي سنيها سڄاڻ،
پٽئي ٻر پکيءَ جا، ساڻ جسواهر جڙيانس،
موتن ۽ لعلن سان، پيئر ڪنپ پريانس،
ٻيرين دست ڌريانس، آءٌ نياپا ڏيندڙ نينهن جو."
(سچل: مالڪوس)

سنڌيءَ ۾ ڪثرت سان اهڙا فعل استعمال ٿيندا آهن، جن سان ضميري پچاڙيون الڳ نه لڳنديون آهن، پر ضمير جي سڃاڻپ سندن فعل مان ٿيندي آهي. مثلاً: 'ويو' جو مطلب آهي 'هو ويو' ۽ 'ايندا' جو مطلب آهي 'هو يا اهي ايندا' وغيره. اهڙن فعلن مان ڪن جو گردان هيٺ ڏجي ٿو:

واحد	جمع
متڪلم: اچان، آهيان، ڏسان، هجان	اچون، آهيون، ڏسون، هجون

حاضر: اڇين، آهين، اڇو، آهيو
ڏسين، هجين ڏسو، هجو
غائب: اڇي، آهي، اڇن، آهن
ڏسي، هجي ڏسن، هجن

استعمال:

”ڏسو ۾ نيڻان ته پير نهاريان پرينءَ جو.“
(شاهه: معذوري)

”ڪيچو لايان ڪَنَ، ڪيهان اوري جي وران.“
(شاهه: ديسي)

”سڀ نڪيون تي نڪرو لالچ ڇڏي لوڀ.“
(شاهه: معذوري)

”توڻي لوڏين نه پير، توءِ راحت آهه رڙهڻ ۾.“
(شاهه: معذوري)

”طمع جي تنوار متان ڪرين مڱڻا.“
(شاهه: پرڀاتي)

”ڏڪيءَ سنديون ڏونگرين وڻ نڪ وايون ڪن.“
(شاهه: معذوري)

”مون ڪي ماريائون، ٻاروچي ٻولي ڪري.“
(شاهه: ديسي)

”پليتيءَ ڪسان پانهنجا پاڪ رکيائون پنڌ.“
(شاهه: رامڪلي)

”وساري ويهي رهيئو حال پڇي هيئي،
جسي آهيو اتيئي، تسا لهو سڌ سنگهار جي.“
(سچل: ڪنيات)

”پريان جا پيغام، ٿو ڏڪي مڙئي مام ۾.“
(سچل: مالڪوس)

ضمير متصل جو حرفِ جر سان الحاق:

حرف جر سان ضمير متصل لڳائڻ جي صورت ۾ حرف جر جي لفظن جي 'آ' ۽ 'اِ' پڇاڙي قائم رهندي آهي، مثلاً: مُنجهه، مُنجهس، وٽ، وٽيس، ساڻ، ساڻن وغيره. مگر 'آ' جو اچار مڃي 'آ' يا 'اِ' تي پوندو آهي، مثلاً: کنان، کنيم، مٿان، مٿنم، مٿيس وغيره. البت شعر ۾ 'آ' جو آواز بعضي بحال رهندو آهي، جيئن: کنام، مٿام، منجهانئم ۽ وٽانس وغيره.

حرف جر سان ضمير متصل جو گردان:

جمع	واحد
(ساڻ)	
ساڻئون، ساڻنيهئون، ساڻنيئون	متڪلم: ساڻئم
ساڻئو	حاضر: ساڻءِ
ساڻن، سيڻان(١)	غائب: ساڻس
(کان)	
کنئون، کنهئون، کنئئون کناهئون، کناڻئون	متڪلم: کنيم، کنيم، کنام
کنيو، کنيو، کنانو	حاضر: کني، کني، کنيئي
کنين، کنين، کنان، کيئان	غائب: کنيس، کنيس، کنانس

(١) شعر ۾ جمع غائب جي صيغي ۾ 'سيڻان' واري ترڪيبي صورت به ڪم ايندي آهي ۽ ساڳي طرح 'کيئان' وغيره.

(مٿي)

متڪلم: مٿئين، مٿانئم، مٿئون، مٿئيون، مٿنيهئون، مٿينئون، مٿانهئون، مٿانئئون

حاضر: مٿئيءِ، مٿاءِ، مٿانءِ، مٿئو، مٿانو، مٿانءِ

غائب: مٿس، مٿانس، مٿين، مٿان، مٿاهن، مٿاهنس، مٿانئس، مٿائن

(منجهه)

متڪلم: منجهين، منجهام، منجهئون، منجهئئون، منجهاهئون، منجهانئون

حاضر: منجهيءِ، منجهيي، منجهيو، منجهانو، منجهئي، منجهاءِ، منجهانءِ، منجهانءِ

غائب: منجهس، منجهانس، منجهين، منجهان، منجهانئس، منجهائن

(وٽ)

متڪلم: وٽين، وٽام، وٽانم، وٽئون، وٽئئون، وٽنيهئون، وٽينئون، وٽاهئون، وٽانئون

حاضر: وٽيءِ، وٽيئي، وٽاءِ، وٽيو، وٽانو، وٽانءِ، وٽانءِ

غائب: وٽيس، وٽانس، وٽين، وٽان

اهڙي طرح حرف جر جي ٻين ڪن لفظن، جهڙوڪ: ڏانهن ۾ ڪان وغيره سان ٻه ضمير متصل جو الحاق ٿيندو آهي. ڪن حرف جر جي لفظن ۽ جي متصل صورت فقط غائب جي صيغي ۾ هوندي آهي. مثلاً: ڪي وغيره.

جمع	واحد
ڪين	غائب: ڪيس

حرف جر سان ضمير متصل جو استعمال:

"جان جان سانڍ ساهه، تان ٻاڙج ڪوم پنهونءَ سين."
(شاهه: معذوري)

"تان ڪي ساڏين اور، جان آهين اوطاق ۾،
ڏم ڏهه ڀيرا ڏينهن ۾ پاڻ مٿانئين گهور."
(شاهه: رامڪلي)

"هي سر سانو گهوٽ مٿانئنو گهوريان."
(شاهه: ڪيڏارو)

"تان سوعين جي عين جو مٿانئس نقطو ڏور ڪرين."
(شاهه: ڪلياڻ)

"جي ڪي ڪم سندام، جو تا ڏنسا جيڏيين،
ڪيلن سي مٿانئم، ساهيڙيون ۽ سرتيون."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"سو سڀوئي حال مٿنجهانئين معلوم ٿئي."
(شاهه: ڪلياڻ)

"جي پانئين جو ڪي ٿيان ته مٿنجهي پري مر،
مٿنجهي بابو بڪيا مٿنجهي ڪروڃ جو ڪهر."
(شاهه: رامڪلي)

"ڪنهن ڪي ڪين چون، مٿنجهين جو پريتئو."
(شاهه: ڪوهياري)

"وٽن ويئي آهيان، ڏسيو ڪين ڏسان."
(شاهه: رامڪلي)

"اردا سيڻم، عمر کي ويجهو ٿي وڻانس."
(شاهہ: مارئي)

"ايڪ قصر درلڪ ڪوڙين ڪنگرس، ڳڙ کيون."
(شاهہ: ڪلياڻ)

"سباجهي ساجهہ ڪئي، سڄاڻي سيڻان."
(شاهہ: رامڪلي)

"سو ڪينءَ هينڙو جهليان، جهڄي جو ڪيڻان."
(شاهہ: حسيني)

"مڻڻن نسڪ نڪڙا، چڪندڙا اچن."
(شاهہ: مارئي)

"مڻم آهہ ميان هوتن حرف نہ هڪڙو."
(سچل: ڪوهياري)

"منهن نہ لاهہ مڻاڏم، آءٌ اوهان جي آهيان."
(سچل: ڪوهياري)

"هوت وڏم جي هوءِ، تا سک گذاريان ڏينهڙا."
(سچل: ڪوهياري)

ضمير متصل جو 'سندو' لفظ سان عام الحاق ٿيندو آهي. 'سندو' لفظ جو استعمال ٻن نمونن ۾ ٿيندو آهي: هڪڙو حرف اضافت جي معنيٰ ۾، جنهن جي معنيٰ هوندي آهي 'جو'، مثلاً: 'سندم ڪلام' يعني 'منهنجو ڪلام'، 'محبت سندو سچ' يعني 'محبت جو سچ' وغيره؛ ٻيو حرف جر جي معنيٰ ۾، جنهن جي معنيٰ هوندي آهي 'سنئون'، سان يا گڏ، تائين ۽ جهڙو يا مثل' وغيره، مثلاً:

١- هو سچ سندو مون وٽ پهتو.
٢- مان رات سندو انتظار ڪندو رهيس.

٣- هن جو گلاب سندو چهرو هڪ گهڙيءَ ۾ زرد ٿي ويو.

پهرئين جملي ۾ 'سندو' لفظ جي معنيٰ آهي 'سندئون يا سان'، ٻئي جملي ۾ ان جي معنيٰ آهي 'تائين يا پر' ۽ ٽئين جملي ۾ ان جي معنيٰ آهي 'جهڙو يا مثل' انهن ٽنهي جملن ۾ 'سندو' حرف جر آهي.

'سندو' مضاف يا اسم سان عدد ۽ جنس ۾ متفق رهندو آهي. مثلاً:

	واحد	جمع
مذڪر:	(ساڻ) سندو (ڏينهن)	(ساڻ) سندا (ڏينهن)
مؤنث:	(ساڻ) سندي (رات)	(ساڻ) سنديون (راتيون)

شعر ۾ 'سندو' لفظ اڪثر زور خاطر استعمال ٿيندو آهي.

'سندو' لفظ سان ضمير متصل جو گردان:

	واحد	جمع
متڪلم:	سَنڌُمِ، سَنندومِ، سَنندامِ، سَنندامِ، سَندِيَمِ، سَنندِيَمِ، سَندِيامِ، سَندُيِهُون، سَندُنِيُون، سَندِيهُون، سَندِيئُون	سَندَئُون، سَندَنِهُون، سَندَنِئُون، سَندِيَنِهُون، سَندِيَنِئُون، سَندِيَنِهُون، سَنندِيَنِئُون، سَنندُنِمِ، سَنندَنِمِ، سَنندِيَنِمِ، سَندِيَنِمِ
حاضر:	سَنندُءِ، سَنندوءِ، سَنندَءِ، سَنندائِ، سَندِيَءِ، سَندِيَءِ، سَنندِياءِ، سَنندُوَ، سَنندَوَ، سَنندِيَوَ	سَنندُنِي، سَنندُنِيُ، سَنندَيَنِي، سَندَيَنِي، سَندُنِيوَ، سَنندَنِوَ، سَندَيَنِوَ، سَندِيَنِوَ

سَنديَوَ، سَنداوَ،
سَندياوَ

غائب: سَندُس، سَندوس، سَندُنِس، سَندَنِس،
سَندَس، سَنداس، سَنديُنِس، سَنديَنِس،
سَنديُس، سَنديَس، سَندُنِن، سَندَنِن،
سَندياس، سَندُن، سَنديُنِن، سَنديَنِن،
سَندون، سَندَن،
سَندان، سَنديُن،
سَنديَن، سَنديان

’سندو‘ حرف سان ضمير متصل جو استعمال:

”پيڙ پيءَ جيئن پَڌي ويو سوڙو ساهه سندوم.“
(شاهه: مومل راڻو)

”مٺي ٻول سندان، جم سمهين مسئي.“
(شاهه: مسئي)

”پُرڻ پنهونءَ پٽ ۾ اِيءَ سعادت سنديام.“
(شاهه: معذوري)

”ولاڙيو وٺين چڙهيو، پسيو سگهه سندياس.“
(شاهه: معذوري)

”ڏونگر ڏک سنداءِ، پريءَ گڏجان تہ چوان.“
(شاهه: ڪوهياري)

”جنت سنديَن جُوءِ، فائق هليا فردوس ڏي.“
(شاهه: ڪيڏارو)

”راڄ پرتو رب“ ڪي سومرا سندوءِ.“
(شاهه: مارئي)

”وڏي سگهه سندياءِ، پاڻ وهيٺو آهين.“
(شاهه: ڏهر)

"اسِين سار سنڌڙن، پر اڄ پهنوار پري ٿيا."
(سچل : ڪنيات)

"سنڌڙِ ڪنيءَ ذات، پر چارو چام ڪلهي ڪنيو."
(سچل : ڪليان)

"سوڍا سنڌءَ ساهه، آءٌ ويٺي ڪانگ اڏائيان."
(سچل : راڻو)

٣- ضمير اشارو

اهو ضمير جو ڪنهن اسم ڏانهن اشارو ڪري يا ان جو حوالو ڏئي، تنهن کي ضمير اشارو چئبو آهي. مثلاً: هيءُ، هُوءَ اهي ۽ آهي وغيره. ضمير غائب به ضمير اشاري جو ڪم ڏيندو آهي.

ضمير اشاري جا ٻه قسم آهن:
١- ضمير اشارو قريب يا ويجهو
٢- ضمير اشارو بعيد يا ڏور

ضمير جو جيڪڏهن ڪنهن ويجهي اسم ڏانهن اشارو هوندو ته ان کي ضمير اشارو قريب يا ويجهو چئبو. مثلاً: هيءُ، هيءَ، هيءُ وغيره، ۽ جيڪڏهن ان جو ڪنهن ڏوراهين اسم ڏانهن اشارو هوندو ته ان کي ضمير اشارو بعيد يا ڏور چئبو. مثلاً: هُو، هُوءَ ۽ آهي وغيره.

ضمير اشاري جو گردان ساڳيو ضمير غائب متصل وارو ٿيندو.

٤- ضمير موصول

اهو ضمير جو ڪنهن اسم جو حوالو ڏئي ۽ جملي ۾ اتصال يا ڳانڍاپي جو ڪم ڪري، تنهن کي ضمير موصول چئبو آهي. موصول جي معنيٰ آهي ڳنڍيل يا مليل. مثال:

١- ’انسان لاءِ ڪافي آهي جو ڪجهہ ڪيس جائز طريقي سان حاصل ٿئي.‘

٢- ’ورلي ڪو همدرد رهيو آهي جنهن سان ويهي ڏک درد ونڊجي.‘

٣- ’مت مائٽ چئي نہ ڇڏجن جهڙا ئي هجن.‘

مٿين جملن ۾ ’جو ڪجهہ‘، ’جنهن‘ ۽ ’جهڙا‘ ضمير موصول جا مثال آهن.

اهي لفظ جن ڪي ضمير موصول ڪوٺجي ٿو، تن جو عدد ۽ جنس مطابق گردان هيٺ ڏجي ٿو:

فاعلي حالت

واحد	جمع

مذڪر:

جو، جو جو،	جي، جي جي،
جو ڪجهہ، جو ڪو،	جي ڪي، جي ئي،
جوئي، جيڪو،	جيڪي، جيڪي ڪي،
جيڪو ڪو، جيڪي،	جيها، جهڙا،
جيهو، جهڙو،	جيڏا، جيترا
جيڏو، جيترو	

عام صورت

واحد	جمع

مذڪر:

جنهن، جنهن جنهن،	جن، جن جن، جن،
جنهين، جينهن جينهن،	جين جين، جنهين،
جنهيءَ سان، جينهين،	جينهيءَ سان، جينهين،
جنهن ڪنهن،	جنهين، جينهين،
جينهن ڪينهن،	جنهيءَ، جينهيءَ،

واحد	جمع
جنهن ٿي، جيسهي،	جنيسن، جينيسن،
جهڙي، جيڏي،	جن کان، جين کين،
جيتري	جسن ٿي، جيسهن،
	جهڙن، جيڏن، جيترن

حالت فاعلي

واحد	جمع
مؤنث:	
جسا، جسا جسا،	جي، جي جي، جي کي،
جسا کا، جائي،	جي ٿي، جيسکي،
جيسکا، جوکا کا،	جيکي کي، جيهون،
جيسهي، جهڙي،	جيهنون، جهڙيون،
جيڏي، جيستري،	جيڏيون، جيتريون

عام صورت

واحد	جمع
مؤنث:	
جنهن، جنهن جنهن،	جن، جن جن، جين،
جينهن، جينهن جينهن،	جين جين، جنهيسن،
جنهيسن، جينهيسن،	جينيهيسن، جينيهن،
جنسهن کنسهن،	جنين، جينين، جني،
جينسهن کينسهن،	جيني، جنين، جينين،
جنسهن ٿي، جيهڙيءَ،	جن کن، جين کين،
جهڙيءَ، جيڏيءَ،	جسن ٿي، جيسهين،
جيتريءَ	جهڙين، جيڏين، جيترين

۵- ضمير جواب موصول

اهو ضمير جو ضمير موصول جي حوالي جو جواب ڏئي، يا جو ضمير موصول جي جواب ۾ استعمال ٿئي، تنهن کي ضمير جواب موصول چئبو آهي، مثلاً:

١- 'انسان جيڪي ٻوڪيندو سوئي لڻندو.'

٢- 'جنهن کي ڏن دولت آهي، تنهن تي لازم آهي ته مسڪينن ۽ محتاجن جي مدد ڪري.'

٣- 'جيترو ڪمائجي، تيترو خرچ نه ڪجي.'

مٿين جملن ۾ 'سوئي'، 'تنهن' ۽ 'تيترو' ضمير جواب موصول جا مثال آهن.

ضمير جواب موصول جو گردان:

حالت فاعلي

مذڪر:

واحد	جمع
سو، سو سو،	سي، سي سي،
سوڪو، سوئي،	سي ڪي، سي ئي،
تيهو، اهڙو،	تيها، اهڙا،
تهڙو، اوڏو،	تهڙا، اوڏا،
ايڏو، تيڏو،	ايڏا، تيڏا،
اوترو، ايترو، تيترو	اوترا، ايترا، تيترا

عام صورت

مذڪر:

واحد	جمع
تنهن، تنهن تنهن،	تن، تن تن، تين،
تنهن، تينهن تينهن،	تين تين، تنهين،
تنهين، تينهين،	تينهين، تني، تيني،
تنهن ڪنهن،	تنين، تينين،
تينهن ڪيهن،	تينين، تينهين،
تنهن ئي، تيهي،	تن ڪن، تين ڪين،

اهڙي، تهڙي،	تن ئي، تيهن،
اوڏي، ايڏي،	اهڙن، تهڙن،
تيڏي، اوتري،	اوڏن، ايڏن،
ايتري، تيتري	تيڏن، اوترن،
	ايترن، تيترن

حالت فاعلي

واحد	جمع
مؤنث:	
سا، سا سا،	سي، سي سي،
سا ڪا، سائي،	سي ڪي، سي ئي،
تيهي، اهڙي،	تيهيُون، اهڙيون،
تهڙي، اوڏي،	تهڙيون، اوڏيون،
ايڏي، تيڏي،	ايڏيون، تيڏيون،
اوتري، ايتري،	اوتريون، ايتريون،
تيتري	تيتريون

عام صورت

واحد	جمع
مؤنث:	
تنهن، تنهن تنهن،	تن، تن تن، تن،
تينهن، تينهن تينهن،	تين تين، تينهين،
تينهين، تينهين،	تينهين، تني، تيني،
تنهن ڪنهن،	تنين، تينين، تينين،
تينهن ڪينهن،	تينهين، تن ڪن،
تنهن ئي، تيهيءَ،	تين ڪين، تن ئي،
اهڙيءَ، تهڙيءَ،	تيهين، اهڙين،
اوڏيءَ، ايڏيءَ،	تهڙين، اوڏين،

تيڏيءَ، اوتريءَ، ايڏين، تيڏين،
ايتريءَ، تيتريءَ، اوترين، ايترين، تيترين

ضمير موصول ۽ جواب موصول جي ترتيب:

١- ضمير موصول ۽ جواب موصول جو استعمال عام طرح هڪ ئي جملي ۾ ٿيندو آهي، جيئن مٿي ڏنل مثالي جملن مان ظاهر آهي؛ پر ڪڏهن ڪڏهن ٻنهي ضميرن مان ڪنهن هڪ کي ڪجهه ٻه رکيو ويندو آهي، يا فقط هڪ ئي ضمير استعمال ٿيندو آهي، اگرچه معنيٰ ٻنهي ضميرن واري نڪرندي آهي. مثلاً:

١- جنهن ٻه وقت وڃايو، پڇتائيندو.

٢- انسان جي تقدير ۾ جو ڪجهه هوندو، اوس ٿيندو.

٣- انسان جي دل ۾ خيال پيدا ٿيندا آهن، سي چڱا به هوندا آهن ته بڇڙا به.

٤- توکي چڱي نصيحت ڪري، تنهن کي تون خيرخواهه سمجهه.

پهرين ٻن جملن ۾ ضمير جواب موصول 'سو' ۽ 'اهو' غائب آهن؛ اهڙي طرح پوين ٻن جملن ۾ ضمير موصول 'جيڪي' ۽ 'جيڪو' ڪم نه آندا ويا آهن. بهرحال معنيٰ ۾ ڪو فرق ڪونه پيو آهي. چئني جملن جي مڪمل صورت هيٺ ڏجي ٿي:

١- جنهن ٻه وقت وڃايو، سو پڇتائيندو.

٢- انسان جي تقدير ۾ جو ڪجهه هوندو، اهو اوس ٿيندو.

٣- انسان جي دل ۾ جيڪي خيال پيدا ٿيندا آهن، سي چڱا به هوندا آهن ته بڇڙا به.

٤- توکي جيڪو چڱي نصيحت ڪري تنهن کي تون خيرخواهه سمجهه.

٢- عام طرح جملي ۾ ضمير جواب موصول ضمير موصول کان پوءِ ايندو آهي، پر ڪڏهن اول به استعمال ٿيندو آهي؛ اهو انهيءَ حالت ۾ جڏهن ان جي اهميت ظاهر ڪرڻي هوندي آهي. مثلاً:

ا- هي انعام تنهن کي ملندو، جيڪو لائق هوندو.
٢- انسان کي سوکي ملندو، جيڪو سندس نصيب ۾ هوندو.

مٿين ٻنهي جملن ۾ اول ايندڙ ضمير، ضمير جواب موصول آهي.

٣- ضمير موصول ۽ جواب موصول جا لفظ هڪ ٻئي سان گڏ به استعمال ٿيندا آهن. مثلاً: جيڪي سو، جنهن تنهن ۽ جهڙو تهڙو وغيره. ضمير جون اهڙيون ترڪيبون ضمير مبهم يا ڪنايه جي معنيٰ ڏينديون آهن. مثال طور ڪي جملا هيٺ ڏجن ٿا:

١- لالچ ۾ هٿو جيڪي سو وڃائي ويٺو.
٢- جنهن تنهن سان دل جو راز نه سلجي.
٣- جهڙو تهڙو به پنهنجو گهر چڱو آهي.

٤- ضمير غائب به، ڪڏهن ضمير جواب موصول جو ڪم ڏيندو آهي. مثلاً:

١- جنهن سان دوستي رکجي، انهيءَ سان نباهجي.
٢- جيڪو وعدو ڪجي، اهو پاڙجي.

مٿين جملن ۾ 'انهيءَ' ۽ 'اهو' ضمير غائب جا لفظ آهن، جي هت ضمير جواب موصول جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهن.

٥- ضمير موصول يا جواب موصول جي جاءِ تي بعضي ظرف به استعمال ٿي سگهي ٿو.

١- **جيڪو** مون کي سک سان سڏيند و **اوڏهن** ويندس.

٢- **جت** منهنجي قلب کي سڪون ملندو اُهو منهنجو آستان آهي.

پهرئين جملي ۾ 'جيڪو' ضمير موصول آهي، جنهن جي جواب ۾ 'اوڏهن'، لفظ آيو آهي، جو ظرف آهي ۽ ٻئي جملي ۾ ضمير جواب موصول 'اُهو'، 'جيت' لفظ جي جواب ۾ استعمال ٿيو آهي، جو ٻڻ ظرف آهي.

٦- ضمير موصول توڙي جواب موصول جڏهن ڪنهن اسم جي اڳيان ايندو آهي ته صفت جو ڪم ڏيندو آهي، جنهن جو بيان صفت جي باب ۾ ڪيو ويو آهي.

ضمير موصول ۽ جواب موصول جو استعمال:

"**جَنِين** ساٿس وير، **تِنِي** ڏَمَرُن جو واهرو."
(شاهه: ڪلياڻ)

"**جيڏَ وئي** نالوءِ، پاڇهه به **اوڏيائي** مگان"
(شاهه: ڪلياڻ)

"سمنڊ **جي** سيوين، **تِنِين** ماٺڪ سيڙيا،
چلر **جي** چوئين، **تن** سانڪوڙا ۽ سِٽيون."
(شاهه: سريراڳ)

"**جن** کي سڪ ساهڙ جي، **سي** ڪهير پڇن نه گهاٽ،
جن کي عشق جي آسات، **سي** واهڙ ٻانهن وڪڙي."
(شاهه: سهڻي)

"**جنهن** کي ساڻ پريَن جا سور،
تنهن کي ندي ساڻس نگاهه ۾."
(شاهه: سهڻي)

"ندي ڏِٺِ نيرُ نَئي، جي ترهي ريءَ تَرِن."
(شاهه: سهڻي)

"ترهو تَنهي ڀارِ، عشق جنهي آکرو."
(شاهه: سهڻي)

"دانهن جا درياهه ۾، سا مڇي ڪيني ڪوهه."
(شاهه: سهڻي)

"جوا ڪنئون اوڏو آهه، سو پرين پراهون م ّ چئو."
(شاهه: مسئي)

"لڳي جن لوري، ڏونگر سي ڏوريندئون."
(شاهه: سسئي)

"مرئا اکِي جي مٺا، سي مري ٿين نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئا اکي جي جيا."
(شاهه: معذوري)

"جي هٿان هوت مرن، هوت ڏُکهيين جي هنج ۾."
(شاهه: معذوري)

"حب جنهن کي هوت جي، وندر تنهن کي وس."
(شاهه: ديسي)

"جا مرضن مروئي، سا سرتيون ڪيئن سکهي ٿئي!"
(شاهه: ڪوهياري)

"جيهي جي تيهي، تہ ٻہ ٻانهي ٻاروچن جي."
(شاهه: ڪوهياري)

"جي هت نہ هوت سي پسن، ڪنهن ٻر ڪيچ پسنديون!"
(شاهه: حسيني)

"جيڪا ڪندي سنگ، مون جئن ٻاروچن سين،
انگن چاڙهيو انگ، رئندي سا رت ڦڙا."
(شاهه: حسيني)

"ڪليءَ جو ڪنيوءَ، سو متان ور وسارئين."
(شاهه: حسيني)

"سوڪو ڏياريم ڏانءُ، جو طمع کي ترڪ ڪري."
(شاهه: سورٺ)

"سا سڪ سلان ڪيئن، جنهن اندر آهيرا ڪيا."
(شاهه: بروو)

"سي چاولا چئجن، جي در در لائين دوستي."
(شاهه: بروو)

"سهڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سان."
(شاهه: بروو)

"سودي ستي لوڪ، ڪاڇا مون سين ڳالهه ڪئي،
سا جي پڌر پوءِ، ته سرتيون سڀهي ڪانءِ ڪا."
(شاهه: مومل راڻو)

"جن نه ماري ميس، ذات نه، نمي ذن کي."
(شاهه: رامڪلي)

"جن من محب مڙهيو، سي گرکي گڏيا ڪاپڙي."
(شاهه: رامڪلي)

"ڪنڌي ۾ ڳراهه جن سنياسين سانڍيو،
انهن ڪان الله، اڃا اڳاهون ٿيو."
(شاهه: رامڪلي)

"تنهين حال ڪيهو، نڌر جنهين نجهرا."
(شاهه: رپ)

"سي تو ويهي وڃائيا، جي ڪتي سندا ڏينهن."
(شاهه: ڪاپائتي)

"ڏات نه آهي ذات تي، **جو** وهي **سو** لهي."
(شاهه: پرڀاتي)

"وقت وڃي **جو**، **سو** قضا ٿئي ڪينڪي."
(شاهه: آسا)

"اکيون سي ٿيي ڌار، **جن** سان پسڻ پرينءَ جو."
(شاهه: آسا)

"**جن** وڃايو وجود کي، **سي** فاني ٿيا في الحال."
(شاهه: آسا)

"ڪر ڪاريندو **سي**، ساڻو **جن** پريتو،
جوش جلايا **جي**، ماري **تن** مات ڪيو."
(شاهه: آسا)

"**سو** ڪانگ مَ قاصد ڪر، **جو** سدا ٻوليءِ ڏونڌ کي."
(شاهه: پورب)

"**جهڙا** اڄ ڏينهڙا، **تهڙا** ويئي ڳهار."
(شاهه: مارئي)

"هوءَ **جي** حق ڄڻ، **سي** ڪينَ سٽيون سومرا."
(شاهه: مارئي)

"هي **آهائي** جوءِ، **جنهن** مٿي تي ور مٽيو."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"**تنهن** کي ڪندري جوڻ گناهه،
جنهن جي جهوليءَ چنڊ جهٽلي پيو."
(شاهه: ڪاموڏ)

"قول **اهو** پاڙيج، **هو** **جو** ڪيڙءِ هوت سان."
(شاهه: ڪوهياري)

*

"**اهي** ئي انسان ها، **جي** ننگن تي نثار ٿيا."
(سچل: رائو)

”جن کي اديون اوچتي، ڪاٿيو ڪاريهر،
ڏن جي خاص خبر، جاچيو جوڳيڙن کان.“
(سچل: ڪاريهر)

”ڏر آنهيءَ جي ڏر، چاهين ڏر نہ ڏيهہ ۾.“
(سچل: ڪاريهر)

”رڻ ۾ سي رهيو، جن پند نہ ڪيو پهاڙ جو.“
(سچل: پهاڙي)

”لوچي سي لهن، جن سچو پڌو سندرو.“
(سچل: پهاڙي)

”ڪٿي ساڻ ڪٿيي، جا آندم ملڪ ملير کان،
مٿي مارئيءَ تان آهيا، لحظو ڪين لٿي.“
(سچل: ڪنيات)

”سٿيجو سوئي، جيڪي چوي ڪانگڙو.“
(سچل: مالڪوس)

”جيڪي ڏسين ڏيهہ ۾، سو آئي منجهہ انسان.“
”نسورا نيشان، سچن سڀ سريسر ۾.“
(سچل: مثفرقم)

*

”قضا جا ڪريم جي، ڪنهن تان ڪين ٽري.“(١)
(شاهہ: ڪوهياري)

”سواڻي سانيهہ منهنجو، ساجن جت سندوم.“(٢)
(شاهہ: حسيني)

”جت ساٿهن ميڙا ڪوٺي، سا جوٺي جو ڳين جاءِ.“(٣)
(شاهہ: جوڳ)

---

(١) هن مثال ۾ ضميرجواب موصول کي غائب رکيو ويو آهي.
(٢) ۽ (٣) هنن مثالن ۾ ضميرموصول جي جاءِ تي ظرف 'جت' استعمال ٿيل آهي.

٦- ضمير استفهام

اهو ضمير جو لفظ، جو سوال پڇڻ يا ڪابہ معلومات حاصل يا دريافت ڪرڻ لاءِ استعمال ڪجي، تنهن کي ضمير استفهام چئبو آهي. 'استفهام' لفظ جي معنيٰ آهي 'پڇا' يا 'جاچ'.

اهي لفظ جي ضمير استفهام ٿي ڪم اچن ٿا، سي آهن: ڪير، ڪنهن، ڪهڙو، ڇا، ڪجهہ، ڪڇاڙو، ڪوهہ يا ڪُهہ ۽ ڪيهو. جن مان پهريان پنج: ڪير، ڪنهن، ڪهڙو، ڇا ۽ ڪجهہ عام محاوري جا لفظ آهن، باقي ٻيا پراڻي سنڌيءَ جا لفظ آهن، جن جي معنيٰ آهي 'ڇا' ۽ 'ڪهڙو'. انهن جو ڪجهہ استعمال سنڌ جي ڏاکڻي حصي ۾ ٿيندو آهي.

'ڪير' يا 'ڪنهن' ضمير جو استعمال ماڻهن يا ٻين جاندار جنسن سان ٿيندو آهي، 'ڪهڙو' لفظ ٻنهي جاندار توڙي بي جان شين سان لڳندو آهي ۽ ضمير استفهام جي باقي لفظن جو اطلاق بي جان شين تي ٿيندو آهي.

'ڪنهن'، 'ڪير' لفظ جي عام صورت آهي، 'ڪڇاڙو'، 'ڪوهہ' يا 'ڪُهہ'، 'ڇا' جي معنيٰ ۾ ڪم ايندا آهن. 'ڇا' ۽ 'ڪجهہ' ضمير جا لفظ عدد توڙي جنس ۾ اڻمٽ رهندا آهن. ضمير استفهام جي باقي لفظن: 'ڪير'، 'ڪهڙو' ۽ 'ڪيهو' جو گردان هيٺ ڏجي ٿو:

(ڪير)

حالت فاعلي: واحد	حالت فاعلي: جمع	عام صورت: واحد	عام صورت: جمع
مذڪر:			
ڪيرُ	ڪيرِ	ڪَنهن، ڪينهن	ڪَن، ڪين، ڪَنين، ڪينين

مؤنث:

ڪيرَ ، ڪيرِ ، ڪَنهن ، ڪِنَن ، ڪِنَهن ،

ڪِنهن ، ڪِنِهن

(ڪهڙو)

مذڪر:

ڪَهڙو ، ڪَهڙا ، ڪَهڙي ، ڪَهڙَن ،

ڪِهڙو ، ڪِهڙا ، ڪِهڙي ، ڪِهڙِن ،

ڪيهڙو ، ڪيهڙا ، ڪيهڙي ، ڪيهڙَن ،

ڪيڙهو ، ڪيڙها ، ڪيڙهي ، ڪيڙهَن

مؤنث:

ڪَهڙي ، ڪَهڙيون ، ڪَهڙِيءَ ، ڪَهڙِيَن ،

ڪِهڙي ، ڪِهڙيون ، ڪِهڙِيءَ ، ڪِهڙِيُن ،

ڪيهڙِي ، ڪيهڙيون ، ڪيهڙِيءَ ، ڪيهڙِيُن ،

ڪيڙِهي ، ڪيڙهيون ، ڪيڙِهيءَ ، ڪيڙهيُن

(ڪيهو)

مذڪر:

ڪيهو ، ڪيها ، ڪيهي ، ڪَيهن ،

ڪِيهو ، ڪِيها ، ڪِيهي ، ڪِيهن

مؤنث:

ڪيهي ، ڪيهئُون ، ڪيهيءَ ، ڪيهِين ،

ڪِيهي ، ڪِيهيُون ، ڪِيهيءَ ، ڪِيهيُن

ڪِيهئُون ، ڪِيهِين

ضمير استفهام ’اقراري‘ ۽ ٿيندو آهي ته ’انڪاري‘ ٻه. اهو ضمير استفهام جنهن جي جواب ۾ اقرار جو مفهوم نڪري، تنهن کي ضمير استفهام اقراري چئبو آهي ۽ جنهن جي جواب ۾ انڪار جي معنيٰ نڪري، تنهن کي ضمير استفهام انڪاري چئبو آهي. مثلاً:

۱- ڇا، توکي هن ڳالهه جو علم ڪونهي؟ (يعني آهي).
۲- ڇا، انهيءَ ڏوهه جو مان ڏوهاري آهيان؟ (يعني نه).

پهرئين جملي ۾ 'ڇا' ضمير استفهام اقراري ۽ ٻئي ۾ ضمير استفهام انڪاري آهي.

ضمير استفهام به جڏهن ڪنهن اسم جي اڳيان ايندو آهي ته صفت جو ڪم ڏيندو آهي. مثلاً: ڪير شخص، ڪنهن ماڻهوءَ ۽ ڪهڙي شيءِ وغيره.

ضمير استفهام جو استعمال:

"جي رهڻيءَ رهيو نه، سهڙين ته ڪهڻيءَ ڪبو ڪوهه؟"
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"ساجن سنڌي سونهن جي آءٌ ڳالهه ڪريان ڪيهڙي؟"
(شاهه: ڪنيات)

"پرين ڏيساندر پاند، ڪجهه ڳڙهيان ڪن سين؟"
(شاهه: ڪنيات)

"ڪاري رات ڪَنِن ۾ ڪهڙو اٿشي ڪم؟"
(شاهه: سهڻي)

"پاڻيءَ مٿي پير، قضا ريءَ ڪير ڌري؟"
(شاهه: سهڻي)

"منهنجو ڪهاڙو، پيئنر هن پنيور ۾؟"
(شاهه: حسيني)

"ڪُهه جاڻان ڪوهه ٿيو، ڪيڏانهن ٿي وڃان؟"
(شاهه: حسيني)

"ٻر پنجوءَ ويهي، ڪهڙي ڪندين ڳالهڙي؟"
(شاهه: ٻروو)

”مستان متّهن منهنجي ڪڏهن آڏايو ڪانءَ؟“
(شاهه : پورب)

”ڪلي ويل ڪيهو، جو سامهون تني ستين ڪي؟“
(شاهه : ڪارايل)

”سگهي ڪير پڙهي، هو جو نامو نيهه جو؟“
(سچل : پيروي)

”ڪريان ڪوهه پنهور ٻ، ور ٻنان ويهني؟“
(سچل : ڪوهياري)

”ڇا منجهارون ڇا ٿي آيس، آهو اتم ارمان.“
(سچل : ڪاريهر)

”عاشق ڪي آر، ڪهڙو آهه قريب ڪان؟“
(سچل : ڪاريهر)

”جي تون مهربان، ته ڪهڙي ڪاڻ ڪرم جي؟“
(سچل : ڪلياڻ)

”سمي سيباڻي، نه ته ڪينجهر ڪنهي ڪير ڪٿي؟“
(سچل : ڪلياڻ)

”ڪير سهندم سومرا، مارن ريءَ ماڻا؟“
(سچل: ڪنيات)

”ڏيا پهنوار پري، ڏيان ڏوراپا ڪڏهن ڪي؟“
(سچل : ڪنيات)

”ريگستاني راڄ جي، آءٌ ڳالهه ڪريان ڪيهڙي؟“
(سچل : ڪنيات)

”ڪيهي ڪام ڪانگڙو، تو ويڙهي منجهه وتي؟“
(سچل : مالڪوس)

٧- ضمير مبهم يا ڪنايه

اهو ضمير جو اسم جو تعين نه ڪري، يا ان کي پوشيده يا ڳجهو رکي، تنهن کي ضمير مبهم يا ڪنايه چئبو آهي. 'مبهم' يا 'ڪنايه' جي معنيٰ آهي 'لڪل' يا 'ڳجهي ڳالهه'.

مثال:

- 'ڪو نه ماڻهو هوندو جنهن ڪنهن جي چوڻ تي ڪجهه ڪيو آهي.'

مٿين مثالن ۾ 'ڪو'، 'ڪنهن' ۽ 'ڪجهه' ضمير مبهم يا ڪنايه جا مثال آهن.

ضمير استفهام جا سمورا لفظ ضمير مبهم ٿي ڪم اچي سگهن ٿا، پر فرق اهو آهي جو استفهامي جملو 'سوالي' هوندو آهي ۽ ضمير مبهم وارو جملو 'بياني' هوندو آهي، جنهن ۾ سوال جي نشاني '؟' نه هوندي آهي.

ضمير مبهم به جڏهن ڪنهن اسم جي اڳيان ايندو آهي ته صفت ٿي پوندو آهي.

ضمير مبهم جي ڪن لفظن جو گردان:

حالت فاعلي

واحد	جمع
مذڪر:	
ڪو، ڪوڪو، ڪوجو،	ڪي، ڪي ڪي،
ڪوئي، ڪي، ڪي جو،	ڪي جي، ڪيئي،
ڪجهه، سڀڪجهه،	سڀ، سڀ سڀ،
سڀڪو، سڀڪوئي،	سڀئي، سڀيئي،
سڀڪي، هر،	سڀ ئي، سڀوئي،
هرڪو، هر ڪوئي،	سڀئي، هڙ، هڙئي
هرهڪ، هر ڪو،	

مؤنث:

ڪنا، ڪاڪا، ڪاجا،
ڪائي، سڀڪا،
سڀڪائي،
هرڪا، هرڪائي،
هرهڪ

عام صورت

جمع	واحد
	مذڪر:
ڪَن، ڪَن ڪَن،	ڪَنهن، ڪَنهن ڪَنهن،
ڪِن، ڪِن ڪِن،	ڪِنهن، ڪِنهن ڪِنهن،
ڪَن جَن، ڪِن جِن،	ڪَنهين، ڪَنهن جَنهن،
ڪَني، ڪِني،	ڪِنهن جِنهن،
ڪَنين، ڪِنين،	سڀڪنهن، هرڪنهن
ڪَنين، ڪِنين،	
سڀ، سڀن،	
سڀني، سڀڙن،	
سڀڙني، هڙني	

ضمير مبهم جو استعمال:

”موڪيءَ سنڌي ست، ڪوجهو زهر ڏرو.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

”ڪي جو ڪيڏانهين چانڪو چڪي آئيسو.“
(شاهه: ڪنيات)

نوٽ: فاعلي حالت جي جمع ۾ ۽ عام صورت جي واحد توڙي جمع ۾ ضمير مبهم جي لفظن جي صورت ساڳي رهندي.

"سڀڪا چئي آءٌ سهڻي، لئي ٻريان پيئي،
صباح سڀيئي، پسبيون ڀاتار ۾."
(شاهه: سهڻي)

"ڪئي سانگو ساهه جو، ڪي کوريس ڪيو کهڙن."
(شاهه: سهڻي)

"ڪنهن ڪنهن ڪل پيئي ته هر دوڙي هيڪ ٿيا."
(شاهه: سورٺ)

"تون سردار سڀن، اسين تابع تنهنجا."
(شاهه: سورٺ)

"ڪي ڪنهن چڙهن نه چت تي، ڪي نه وسرن مور."
(شاهه: برور)

"ڪنهين سان اورن ڪين، سناسي سوئي."
(شاهه: رامڪلي)

"ڏونگها ڏاڍي ٻوٽين ڪن ڏنا ڪي ڏين."
(شاهه: مارئي)

"تون ٻي جاين وارو، آءٌ ٻي ڪنهن جائي."
(سچل: ڪنيات)

"لڪن منجهه ليءِ، ڪا سورائتي سور سان."
(سچل: مالڪوس)

٨- ضمير مشترڪ

اهو ضمير جو جملي ۾ ڪنهن اسم يا ٻئي ضمير سان گڏ تاڪيد يا زور خاطر استعمال ٿئي، تنهن کي ضمير مشترڪ يا ضمير تاڪيدي چئبو آهي. پاڻ، پنهن، پنهنجو، خود، ذات ۽ مير وغيره. ضمير مشترڪ جا مثال آهن. ٻيا همجنس لفظ، جهڙوڪ:

پاڻهين، پاڻيهي، پاڻان ۽ پاڻمرادو وغيره. ظرفي صورتون آهن، جن جو بيان ظرف واري باب ۾ ايندو.

ضمير مشترڪ فاعلي توڙي عام صورت ۾ عدد ۽ جنس ۾ هڪجهڙو رهندو آهي.

ضمير مشترڪ جو استعمال:

"سڀ ۾ پنهون پاڻ، ٻيو ناهه ٻروچ ري."
(شاهه: سسئي)

"قادر پنهنجي قدرت سين ڌاڻي آهه قدير."
(شاهه: ڪلياڻ)

"ٻستي ڏور مَ ٻر، تون خود آهين تڪيو."
(شاهه: رامڪلي)

ٻوڇا ڪرمَ پاڻ ڪي، جوڳي رکج جوڳ."
(شاهه: رامڪلي)

"جي مون مورهي مت، ته تون پاڻ سڃاڻج سپرين."
(شاهه: ليلان چنيسر)

"سون ڪي ماريائون، پاڻ ٻرچي آئيون."
(شاهه: آسا)

"پاڻ پڙهج، پاڻ ٻهج، پاڻ ئي سجدو ڪج."
(سچل: آسا)

"قدر ڄاڻي پاڻهنجو، ڪڍ ٻانهپ سندو ٻول."
(سچل: آسا)

”پاڻيءَ ۾ پناهه، پرور ڏنس ڀاڻ کي.“
(سچل: متفرقه)

’توهان ڌر وينداتہ جلد فيصلو ٿيندو.‘
’مان انهيءَ ڳالهه جي ڇنڊڇاڻ سر جاچ ڪئي آهي.‘
’انهيءَ موقعي تي مان ڀيڙب(١) موجود هوس.‘

---

(١) هيءَ لفظ سنڌ جي ڏاکڻي حصي ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

١١- (فعل)

سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل جو بنياد عام طرح مصدر ليکجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي مصدر سنسڪرت ۽ پراڪرت جي مکيہ يا اصل فعل جي برابر آهي، تنهنڪري سنڌي لفظن جو اشتقاق مصدر جي بدران امر مان سمجهڻ گهرجي، پر ڇاڪاڻ تہ امر فعل جي مڪمل صورت پيش نٿو ڪري ۽ نہ وري منجهس ڪا هڪجهڙائي آهي، تنهنڪري مصدر کي ئي بنيادي لفظ ورتو ويو آهي.

فعل جا ٻہ قسم آهن: لازمي ۽ متعدي، ٻنهي حالتن ۾ مصدر جي صورت ساڳي هوندي آهي، يعني مصدر جو پڇاڙيءَ وارو حرف 'ڻ' هوندو آهي، پر ٻنهي جي امر جي صيغن ۾ فرق هوندو آهي، يعني لازميءَ جي امر جي پوئين حرف تي گهڻو ڪري پيش (ُ) هوندي آهي ۽ متعديءَ جي امر جي پڇاڙي 'اِ' آواز تي هوندي آهي. مثلاً:

لازمي فعل جي مصدر ۽ امر جا مثال:

مصدر	امر
اٿڻ	اُٿ
ويهڻ	ويهہ
رَهڻ	رَهُہ
سُمهڻ	سُمهُہ
ويهڻ	ويهہ
هلڻ	هَلُ

متعدي فعل جي مصدر ۽ امر جا مثال:

جهلڻ	جهل
جٽڻ	جٽ
ڪرڻ	ڪر
مارڻ	مار
وڃائڻ	وڃاءِ
هارڻ	هار

مٿيون فرق ڪو اصولي فرق ڪونهي، ڇاڪاڻ ته ڪن حالتن ۾ متعديءَ جي امر جي پڇاڙي 'اَ' پڻ هوندي آهي، يا وري لازميءَ جي امر جي پڇاڙي 'اِ' به هوندي آهي مثلاً:

لازميءَ جي امر جا مثال:

اُٿ	ليٽاءِ
ٻاڏاءِ	آوناءِ
ٻاڙ	جهٽول
جال	ٽوڪ

متعديءَ جي امر جا مثال:

ٻڌ	ڪڍ	ڏس
پيچ	وٽ	سيکُ
پڙهه	هڻ	ڳنهه
پڙ	ڪاهه	ليکُ
چُر	ٻن	ورجهه
چسڪ	چُن	ٻڌ

ڪي لازمي فعل، جي متعديءَ جي صورت وٺندا آهن، انهن جي اصلي صورت مصدر توڙي امر ۾ بدلجي ويندي آهي، پر اها تبديلي ڪنهن خاص اصول تي ٻڌل نه هوندي آهي، بلڪ فعل جي اهڙي هرهڪ مٽيل صورت مختلف هوندي آهي.

مثلاً:

لازمي فعل جي مصدر	امر	متعدي فعل جي مصدر	امر
ٻَجهڻُ	ٻَجههُ	ٻَڌڻُ	ٻَڌُ
ڀَڄڻُ	ڀَڄُ	ڀَڃڻُ	ڀَڃُ
ڇِمڻُ، ڇاپڻُ	ڇِمُ، ڇاپُ	ڇِنڻُ	ڇِنِ
رَجهڻُ	رَجههُ	رَڌڻُ	رَڌِ
کَڄڻُ	کَڄُ	کَڻڻُ	کَڻُ
کُسڻُ	کُسُ	کُهڻُ	کُههُ
لَبڻُ	لَبُ	لَهڻُ	لَههُ
ڦاٽڻُ	ڦاٽُ	ڦاڙڻُ	ڦاڙِ
کاڄڻُ	کاڄُ	کائڻُ	کاءِ
ڇڄڻُ	ڇڄُ	ڇنڻُ	ڇنُ
وِسامڻُ	وِسامُ	وِسائڻُ	وِساءِ
وِڪامڻُ	وِڪامُ	وِڪڻڻُ	وِڪڻُ
وِهامڻُ	وِهامُ	وِهائڻُ	وِهاءِ
ٻُجهڻُ	ٻُجههُ	ٻُڌڻُ	ٻُڌُ
پُڄڻُ	پُڄُ	پُڃڻُ	پُڃُ
ڏُبڻُ	ڏُبُ	ڏُهڻُ	ڏُههُ
ڪُسڻُ	ڪُسُ	ڪُهڻُ	ڪُههُ
لُبڻُ	لُبُ	لُڻڻُ	لُڻُ
ڏوبڻُ	ڏوبُ	ڏوڻڻُ	ڏوءِ

البت ڪن حد تائين لازمي فعل ڪي متعديءَ جي صورت ۾ آڻڻ جو اصول هيٺينءَ ريت قائم ڪري سگهجي ٿو:

مثلاً:

١- پهرئين حرف جو ’آ‘ اچار سڌائي ’آ‘ ڪبو آهي.

مثلاً:

لازمي صورت	متعدي صورت
ٻرڻ	ٻارڻ
ترڻ	تارڻ
ٽرڻ	ٽارڻ
ٿهڻ	ٿاهڻ
چرڻ	چارڻ
چڙهڻ	چاڙهڻ
ڍهڻ	ڍاهڻ
سڙڻ	ساڙڻ
ڪڙهڻ	ڪاڙهڻ
ڪرڻ	ڪارڻ
ڳرڻ	ڳارڻ
لهڻ	لاهڻ
مرڻ	مارڻ

٢- ”اِ“ جو اُچار مٽائي ”اي“ ڪبو آهي. مثلاً:

ٽِڙڻ	ٽيڙڻ
ڦِرڻ	ڦيرڻ
رِڙهڻ	ريڙهڻ
ڪِرڻ	ڪيرڻ
ڪِڙڻ	ڪيڙڻ
مِڙڻ	ميڙڻ
هِرڻ	هيرڻ

٣- ”اُ“ اُچار مٽائي ”او“ ڪبو آهي. مثلاً:

ٻُڏڻ	ٻوڙڻ
ٻُرڻ	ٻورڻ
ٽُرڻ	ٽورڻ

ٽُڙَڻُ، ٽُٽَڻُ	ٽوڙِڻُ
ڦُٽَڻُ	ڦوڙِڻُ
جُڙَڻُ	جوڙِڻُ
جهُرَڻُ	جهوڙِڻُ
چُرَڻُ	چورِڻُ
ڇُڙَڻُ	ڇوڙِڻُ
ڏُلَڻُ	ڏولِڻُ
رُڪَڻُ	روڪِڻُ
رُلَڻُ	رولِڻُ
سُرَڻُ	سورِڻُ
ڪُڇَڻُ، ڪُڙَڻُ	ڪوڙِڻُ
ڪُلَڻُ	ڪولِڻُ
لُڏَڻُ	لوڏِڻُ
مُڙَڻُ	موڙِڻُ

٤- لازمي فعل جي ٻئي حرف پٺيان حرف علت 'ا' آڻبو آهي. مثلاً:

ٻَڙَڻُ	ٻَڙارِڻُ
وِسَرَڻُ	وِسارِڻ
آپَرَڻُ	آپارِڻُ
اُجَرَڻُ	آجارِڻُ
اُجڙَڻُ	آجاڙِڻُ
سُڌَرَڻُ	سُڌارِڻُ
ڪَنڌَرَڻُ	ڪَنڌارِڻُ

٥- لازمي فعل جي امر ۾ 'آرِ' يا 'آءِ' جو اضافو ڪبو آهي. مثلاً:

جيئَڻُ	جيئارِڻُ
وِهنجَڻُ	وِهنجارِڻُ

وِهَڻُ	وِهارڻُ
ٻيهڻُ	ٻيهارڻُ
اُٿڻُ	اُٿارڻُ
اُڏڻُ	اُڏارڻُ
رُٺڻُ	رُٺارڻُ
سُمهڻُ	سُمهارڻُ
ويهڻُ	ويهارڻُ
تَپڻُ	تپائڻُ
پَچڻُ	پچائڻُ
پَهچڻُ	پهچائڻُ
رَسڻُ	رسائڻُ
کَپڻُ	کپائڻُ
گهٽڻُ،	گهٽائڻُ
گهٽجڻُ	
لَڏڻُ	لڏائڻُ
نَچڻُ	نچائڻُ
وَڄڻُ	وڄائڻُ
وَڌڻُ	وڌائڻُ
وَرڻُ	ورائڻُ
وَهڻُ	وهائڻُ
هٽڻُ	هٽائڻُ
هلڻُ	هلائڻُ
ٽِڪڻُ	ٽڪائڻُ
رِجڻُ	رجائڻُ
کِلڻُ	کلائڻُ
لِڪڻُ	لڪائڻُ
نِمڻُ، نِوڻُ	نمائڻُ، نوائڻُ

رِيجهڻُ	رِيجهائڻُ
اَڏڻُ	اَڏڻُ
پَچڻُ	پَچائڻُ
پُسڻُ	پُسائڻُ
ڦُنبڻُ	ڦُنبائڻُ
جهُڪڻُ	جهُڪائڻُ
چِٽڻُ	چِٽائڻُ
ڏُڏڻُ	ڏُڏائڻُ
رُسڻُ	رُسائڻُ
رُلڻُ	رُلائڻُ
سُڪڻُ	سُڪائڻُ
ڪُڏڻُ	ڪُڏائڻُ
ڪَٽڻُ	ڪَٽائڻُ
کِهمڻُ	کِهمائڻُ
مُنجهڻُ	مُنجهائڻُ
هُلڻُ	هُلائڻُ
ڊوڙڻُ	ڊوڙائڻُ
موٽڻُ	موٽائڻُ
ليٽڻُ	ليٽائڻُ

٦- لازمي فعل جي پهرئين حرف پٺيان حرف علت 'و' ۽ ٻئي حرف پٺيان حرف علت 'ا' لڳائبو آهي. مثلاً:

اُٻرڻُ	اوٻارڻُ
اُجرڻُ	اوجارڻ
اُسرڻُ	اوسارڻُ
اُلرڻُ	اولارڻُ

٧- لازمي فعل ۾ 'آر' يا 'آءِ' جي اضافي ڪرڻ سان ڪڏ فعل جي پهرئين حرف پٺيان حرف علت 'ي' آڻبو آهي.

مثلاً:

ڦيرَڻُ	ڦيرائڻُ
چِڙَڻُ	چِڙائڻُ
ڏِجَڻُ	ڏيجارڻُ
ڪِرَڻُ	ڪِرائڻُ
وِڙهَڻُ	ويڙهائڻُ
هِرَڻُ	هيرائڻُ

۱- فعل اَمْرُ ۽ نَهِيُ

امر اهو فعل آهي، جنهن ۾ ڪنهن ڪم ڪرڻ جو امر يا حڪم ڪيل هجي ۽ نهي اهو فعل آهي، جنهن ۾ ڪنهن ڪم ڪرڻ جي منع ڪيل هجي.

مصدر جي پڇاڙيءَ 'ڻُ' ڪڍي ڇڏڻ سان امر جو صيغو ٺهندو آهي ۽ امر جي اڳيان تنڪيري يا ناڪاري حرف آڻڻ سان فعل نهي ٺهندو آهي. مثلاً:

مصدر	امر	نهي
چَوڻُ	چَؤُ	نَہ چَؤُ، (١) ڪِيمَ چؤُ، ڪِينَ چؤُ
ڪَرڻُ	ڪَرِ	نَہ ڪَرِ، ڪيمَ ڪَرِ، ڪِينَ ڪَرِ
ڏِسَڻُ	ڏِسُ	نہ ڏِسُ، ڪِيمَ ڏِسُ، ڪِينَ ڏِسُ

امر جون مختلف ترڪيبي صورتون:

١- امر جي پڇاڙي اڪثر 'اُ' يا 'اِ' آواز تي هوندي آهي، جيئن مٿي مثال ڏيئي بيان ڪيو ويو آهي، پر ڪن ٿورين حالتن ۾ امر جي پڇاڙي 'اي' آواز تي هوندي آهي. مثلاً: ڏي، ني وغيره.

(١) حرف 'مَ' به تنڪيري آهي جو عام طرح شعر ۾ استعمال ٿيندو آهي. مثلاً: مَ ڪَرِ، مَ ڏِسُ وغيره.

٢- مصدر جو 'و' امر ۾ همزه (ء) جو آواز ڏيندو آهي، مثلاً:

پَوَڻُ	پَؤُ
چَوَڻُ	چَؤُ
ڏَوَڻُ، ڏَنوڻُ	ڏَنءُ، ڏَنؤُ
لَوَڻُ، لَوَڻُ،	لَنءُ، لَنؤُ

٣- مصدر جي ڪن لفظن مان امر ٺهڻ جي حالت ۾ پهرئين حرف جو 'ا' وارو آواز ڇڏو ٿي 'اي' يا 'اي' ۽ 'آ' وارو آواز ڇڏو ٿي 'او' جي صورت وٺندو آهي. مثلاً:

ڏيڻُ، ڏيڻُ	ڏيءُ
پيئڻُ	پيءُ
جيئڻُ	جيءُ
وِهڻُ	ويهہ
ڌوئڻُ	ڌو، ڌوءُ
روئڻُ	رو، روءُ

٤- جمع جي صيغي ۾ امر جي 'ا' يا 'اي' پڇاڙي مٽجي 'يو' يا 'نو' ۽ 'آ' پڇاڙي مٽجي 'او' ٿي پوندي آهي. امر جي پڇاڙيءَ ۾ جنس جي تبديل سان ڪو ڦيرو نہ ايندو آهي، مثلاً:

'ا' پڇاڙيءَ واري امر جو گردان:
(مذڪر ۽ مؤنث)

واحد	جمع
لَڏِ	لَڏيو
مَٽِ	مَٽيو
آڻِ	آڻيو
ٻاڙِ	ٻاڙيو

چڪ	چڪيو
وڇاءِ	وڇايو، وڇائيو
چيِر	چيِريو
سيل	سيليو
ڪٽ	ڪٽيو
لٽ	لٽيو
ڦوٽ	ڦوٽيو
ڦوڪ	ڦوڪيو
ٻوڪ	ٻوڪيو
روڪ	روڪيو
ڪير	ڪيريو
ليڪ	ليڪيو

'اُ' پڇاڙيءَ واري امر جو گردان:

(مذڪر ۽ مؤنث)

پڙهُه	پڙهو
وڃُ	وڃو
ڪاٽ	ڪاٽو
ڏسُ	ڏسو
ليڪُ	ليڪو
اَٽ	اَٽو
گهمُ	گهمو
موٽُ	موٽو
ڪيڏُ	ڪيڏو
ليٽُ	ليٽو

'اي' پڇاڙيءَ واري امر جو گردان:

(مذڪر ۽ مؤنث)

ڏي	ڏيو، ڏئو
ني	نيو، نئو

٥- امر جو استعمال اصولي طور ضمير حاضر جي واحد ۽ جمع جي صيغي ۾ ٿيندو آهي، پر ان جو اطلاق، خاص طرح حڪم جي معنيٰ ۾، متڪلم ۽ غائب جي حالت ۾ به ٿيندو آهي، مثلاً:

١- 'چئيس ته اچي.'
٢- 'فيصلو ٿيو آهي ته پاڻ ۾ ٺهي وڃون.'

پهرئين مثالي جملي ۾ لفظ 'اچي' ۾ غائب واحد شخص لاءِ امر سمايل آهي ته هو 'اچي' ۽ ٻئي جملي ۾ فعل 'ٺهي وڃون' ۾ متڪلم جمع لاءِ امر ڪيل آهي ته 'اسان ٺهي وڃون'.

٦- امر جي ترڪيب جي هڪ ٻي صورت به هوندي آهي، جنهن ۾ امر واحد جي پڇاڙي 'ج' يا 'جانءِ' ۽ امر جمع جي پڇاڙي 'جو' لڳائبو آهي، پر اهڙي ترڪيب ۾ خواهش يا التماس جو اظهار ٿيل هوندو آهي، مثلاً:

واحد	جمع
چئج، چئجانءِ	چئجو
هلج، هلجانءِ	هلجو
ڏج، ڏجانءِ	ڏجو

امر جي مٿين ترڪيب ۾ ڏسبو ته 'چؤ' ۽ 'هل' امر جي 'اُ' پڇاڙي ۽ 'ڏي' امر جي 'اي' پڇاڙي مٽجي 'اِ' ٿي پئي آهي، البت ڪن حالتن ۾ 'اي' پڇاڙي قائم رهندي آهي، مثلاً: ڏيج ۽ ڏئيج وغيره.

امر جون اهڙيون ترڪيبون گهڻو ڪري شعر ۾ نظر اينديون آهن، جن ۾ واحد جي صيغي ۾ 'ايج' ۽ جمع جي

نوٽ: 'جا' يا 'جاھ' وغيره، اهي پڇاڙيون اصل ۾ پراڪرت جون آهن، جي سنڌيءَ ۾ بعض حالتن ۾ استعمال ٿينديون آهن.

صيغي ۾ 'اِجا'، 'ايجا'، 'ايجاهه' ۽ 'ايجاءِ' پڇاڙيون استعمال ٿينديون آهن. مثلاً:

جمع	واحد
پڙهجا، پڙهيجا، پڙهيجاهه، پڙهيجاءِ	پڙهج، پڙهيج
چئجا، چئيجا، چئيجاهه، چئيجاءِ	چئج، چئيج
سٽجا، سٽيجا، سٽيجاهه، سٽيجاءِ	سٽج، سٽيج
وسائجا، وسائيجا، وسائيجاهه، وسائيجاءِ	وسائج، وسائيج

امر جا قسم

بناوت جي لحاظ کان امر هيٺين چئن قسمن جو ٿيندو آهي:

١- امر يا امر مجرّد
٢- امر استمراري يا مدامي
٣- امر استقبال
٤- امر شرطي

١- امر يا امر مجرّد:

اهو فعل جنهن ۾ ترت ڪنهن ڪم جو حڪم يا هدايت ڏنل هجي، تنهن کي امرمجرّد چئبو آهي. هي امر مصدر جي پڇاڙي 'ڻ' ڪڍي ڇڏڻ سان ٺهندو آهي. مثلاً: اَچُ، وَڃُ ۽ ويھُ وغيره.

هن امر جي هڪ ٻي صورت ب هوندي آهي، جنهن ۾ مصدر جي 'ڻ' جي جاءِ تي واحد جي صيغي ۾ 'جانءِ' يا 'جانءِ' ۽ جمع جي صيغي ۾ 'جو' حرف اچبو آهي. مثلاً: 'اچجان' يا 'اچجانءِ' ۽ 'وڃجو' وغيره. هن ترڪيب ۾ ب حڪم تہ صادر ٿيل هوندو آهي پر فوري تعميل تي زور نہ هوندو آهي، تعميل لاءِ ڪجهہ فرصت يا وقفو ڏنل هوندو آهي.

امر مجرّد جو استعمال:

”اکر پڙهہ الف جو ٻيا ورق سڀ وسار.“
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

”ڪرها ڪسر چڙهہ، وڪون وجهہ وڏنديون.“
(شاهہ: ڪنڀات)

”ماڻهو وهائو وار، ڪڻ پتراڻي پانهنجي،
جيڪي ڏنئي ڏيج ۾، سو سيوئي سار.“
(شاهہ: حسيني)

”هوت مسافر مهربن چانگي تي چڙهي.“
(شاهہ: مومل راڻو)

”اوڏو ٿيءَ الف کي من ميم سين گڏ.“
(شاهہ: رامڪلي)

”لنگها تون ليلاءِ، اڳيان انڙ چام جي“
(شاهہ: پرڀاتي)

”آءُ ڪانگا ٻڌهہ ڪول، سڏيون ڏي ساڃهہ جون،
جي آندئي عجيبن جا سي خط خوشيءَ سان کول،
آءُ سٽان تون ٻول، سنيهو سڄڻ جو.“
(شاهہ: پورب)

”سالڪ مون سيڪار، ڪو ٻڌهہ انهيءَ ٻاند جو.“
(شاهہ: آسا)

”راضي ٿي راڻا، معاف مڙئي ڪر منديون.“
(سچل: راڻو)

”مرد ٿي تون مينڌرا، سوڍو سگ سڃاڻ.“
(سچل: راڻو)

”الله لڳ اڏام، تون سونهي محبوبن ڏي،
وڃي ڏيج پرينءَ کي، پاڄيءَ جا پيغام،
ڪري قدمن تي ڍئي، سو لک ڏج سلام،
اچڻ جو انجام، ڪر سگهو طرف سچل جي.“
(سچل: مالڪوس)
”ساقي ڏجانءِ باقي، ته بقا ٻرهم ۾ تيسان.“
(سچل: پيروي)

٣- امر استمراري يا مدامي

اهو فعل جنهن ۾ ساندهه ڪنهن ڪم ڪرڻ يا ان کي جاري رکڻ جو امر ٿيل هجي، تنهن کي امر استمراري يا مدامي چئبو آهي.

امر جي اڳيان يا پٺيان اسم مفعول آڻڻ سان امر استمراري يا مدامي جڙندو آهي. مثلاً:

روھ ويٺو — ڪنيو وت — بيٺو هج
ڪر پيو — وڻيو وڃ — چڙهيو ڳهم
نچ بيٺو — ويٺو ڳنهه — ڪڍيو ڇڏ

امر جي اڳيان ساڳي جو اسم مفعول آڻڻ سان به استمراري يا تڪرار جي معنيٰ نڪرندي آهي. مثلاً:

لکيو لک — پڙهيو پڙهه
ويٺو وٺ — ڏسيو ڏس
هليو هل — رويو روھ

امر استمراريءَ جو استعمال:
”ڳچيءَ پايو پانهن، ويٺي روءِ وڃن سان.“
(شاھ: سهڻي)
”ويٺو ويٺي ڏي، ڪايا ڪيچ ڪتن کي.“
(شاھ: معذوري)

”وٺيو وڃج واٽ، ڪنڌ مَ ڦيرج ڪيڏهين.“
(شاهه: موسل راڻو)
”ودِيو ڇيريو ڇڇريو ٻـر ۾ اپـو پنچ.“
(شاهه: راسڪلي)
”ٻاهل پيٺي پڇال ٻچـر تـن ٻرين جي.“
(سچل: ڪوهياري)
”سـوئـي لـکيو لـک، سچو اکـر مـن ۾.“
(شاهه: ڪلياڻ)
”ٻاڙيو ويٺي ٻار، جيڪي لـکيو لـوح ۾.“
(شاهه: معذوري).

’الله ڪي پيو ٻاڏاءِ من نہ من راضي ٿئي.‘
’همت نہ هار، ويٺو ڏور.‘

٣- امر استقبال

اهو فـعـل جنهن ۾ ايندڙ وقت لاءِ ڪنهن ڪم کي جاري رکـڻ جـو امر ڪيل هـجـي تنهن کـي امـر استقبال چئبو آهي.

اسم حاليہ جي پٺيان امر جو صيغو ملائڻ سان امر استقبال ٺهندو آهي. مثلاً:

پڙهائيندو ڪر
پڙهندو رهہ
ڪندو وت
هلندو هل

امر استقبال جو استعمال:

”وحـده لاشـريـڪ لـہ چـئُ چوندو آءُ.“
(شاهه: ڪلياڻ)

”هاڻ ڪندو هل تہ ڪجايون ڪرن ڪي.“
(شاهہ: ڪنيات)

”ٻاڙي ٻاڙي پيهہ، وت ڇپندي ڀرينءَ ڪيَ.“
(شاهہ: سسئي)

”ووءِ ووءِ ڪندي وت، مچن ووءِ وسارئين.“
(شاهہ: حسيني)

”ادا ايندو ٿيءَ، والي سڪ سنيهڙا.“
(سچل: پيروي)

”پيرين وجهانءِ گهنگهرو، سي چمڪائيندو وت.“
(سچل: مالڪوس)

٤- امر شرطي

جيڪڏهن جملي ۾ امر جي پٺيان ڪو حرف شرطي، جهڙوڪ: تہ، تان وغيره استعمال ٿيل هجي، يعني امر جي تعميل يا پوئواري ڪنهن شرط تي ٻڌل هجي، تہ اهڙي امر کي امر شرطي چئبو آهي ۽ انهيءَ جي پٺيان هميشہ مضارع جو صيغو استعمال ٿيندو آهي. مثلاً:

آءُ تہ هلون
ڏيس، تہ وڃي
سُڻ تہ ويهان

امر شرطيءَ جو استعمال:

”ڪر اونداهي اڱڻ، تہ ملان محبوبن ڪي.“
(شاهہ: ڪنيات)

”وطن وسائيج تہ سگهارن سڪ ٿئي.“
(شاهہ: سارنگ)

"انسهيءَ راهه رهبيج تہ مشاهدو ماڻئين."
(شاهہ: سهڻي)

"ڪاڪيون ڪتي ڪام، تہ ڪهيوسٽان ڪانگ جو."
(شاهہ: پورب)

"هتان لاهوتي لڏ تہ گرڪي گڏجين ڪاپڙي."
(شاهہ: رامڪلي)

"ٻرين اڪيـن ۾ ٻيهہ تہ آءٌ آڇارو ٿيان."
(شاهہ: آسا)

"اٿـي ڪمر ٻـڌ، لنوچ تہ لهين سپرين."
(سچل: ڪوهياري)

"هيئن ويهہ نہ هل، تان ڪي پڇين پنڌ ڪي."
(سچل: ڪوهياري)

"هيڪر هيڏي آءٌ تہ پيرولي ٻـڌر ٿئي."
(سچل: راڻو)

معنيٰ جي لحاظ کان امر جا قسم:

١- امر
٢- نَهي
٣- امر التجائي، التماسي يا نيازي

١- امر

امر جو بيان مٿي اچي چڪو آهي. امر جي صيغي ۾ گهڻو ڪري اقراري يا ايجابي فرمائش هوندي آهي، يعني ان مان اهو مطلب نڪرندو آهي تہ ڇهل ڪم جي ٻوڌاري ٿيڻي آهي، نهڪار نہ.

۲- نَهِي

اهو فعل جنهن ۾ امتناعي حڪم هجي، يعني ڪم ڪرڻ جي منع ڪيل هجي، تنهن کي فعل نهي سڏبو آهي.

امر جي اڳيان تنڪيري حرف، جهڙوڪ: مَ، نَہ، نا، متان، ڪيم، ڪين ۽ نڪي وغيره آڻڻ سان فعل نهي جڙندو آهي. مثلاً:

مَ ڪَر
نَہ ڊِڄُ
ڪيمَ روءِ
ڪينَ نهار

مَ، نا، متان ۽ ڪيمَ تنڪيري حرف عام طرح شعر ۾ ڪم ايندا آهن. شعر ۾ تنڪيري حرف امر جي پويان بہ استعمال ٿيندا آهن.

فعل نَهِي جو استعمال:

"تون چؤ الله هيڪڙو، وائي ٻي مَ سِڪ."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"محبت جي ميدان ۾ سر جو سانگ مَ ڪر."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"وڃي در دوستن جي ڌانگا ڪيمَ ڏينِ."
(شاهہ: رامڪلي)

"سامي تون سلوڪ کي هٿان هڏ مَ ڇڏ."
(شاهہ: رامڪلي)

"مالها ڦيرج من ۾، ڌڳ کي ڌوڙ مَ لاءِ."
(شاهہ: رامڪلي)

"پيرو پيچ مَ ڪاڙهي، لاهي ويهہ مَ لاڪ."
(شاهہ: سومل راڻو)

"پاڻي هار مَ پڌرو، روءِ منجهان ئي رت."
(شاهه: حسيني)

"اٿـي اور ارڻ سيـن، ويـهڻ نـه ويڳاڻي."
(شاهه: ڪاپائتي)

"ڏکهي آڏ مَ متئين، پکو آڏ مَ لانيءَ."
(شاهه: ڏهر)

"پنـولا پنهوار کي عـمر آڇ مَ تـون."
(شاهه: مارئي)

"هڪي روءِ، مَ رڙڪي، هڪي ڪر دانهون."
(شاهه: مارئي)

"پـت منهنجو بـنـد ۾ قـيـد مَ ڪر ڏيجاهه،
"ماروءَ جـي مقام کسان ڌار مَ ڌريجاهه."
(شاهه: مارئي)

"راڻا رنج نـه ڪر، معافي مومل ڏي ڪٿي."
(سچل: راڻو)

"مومل مهڻي هاب، راڻا ڪر نـه راءِ تون."
(سچل: راڻو)

"پئيءَ ڇيج نه ڇل، منجهه تماشي نه ٻوڙين."
(سچل: آسا)

"خيال بزرگي ريئي ڇڏ تون، هڪ نه تون مخدومي،
"نڪي پير مشائخ ٿيءُ تون، نڪي ٿيءُ نجومي."
(سچل: گجري)

"مريد ڪرڻ جو خيال نه رکجانءِ، عاشق ٿيءُ نرالو."
(سچل: گجري)

"ننگو ڪيج نـه نـدر کي، نمائين ننگپال."
(سچل: سارنگ)

'تون ذڪو ڪوڙ ڳالهاءِ ۽ ذڪي امانت ۾ خيانت ڪر.'

'تون هوندڙ تي راضي رهه، ڪنهن سان ريس ڪين ڪر.'

٣- امر التجائي، التماسي يا نيازي

اهو فعل جنهن ۾ ڪم ڪرڻ جي التجا، درخواست، منٿ يا عرض ڪيل هجي، تنهن کي امر التجائي، التماسي يا نيازي چئبو آهي.

امر جي پڇاڙيءَ ۾ پڇاڙيون، جهڙوڪ: 'اِجِ'، 'اِيجِ' واحد ۾ ۽ 'اِجا'، 'اِيجا'، اِيجاهه ۽ ايجاءِ جمع ۾ ملائڻ سان امر نيازي ٺهندو آهي. مثلاً: آڇج، آڇيج ۽ اڇيجا وغيره.

امر التجائيءَ جو استعمال:

"ٻهرين ڪاتي ٻاءِ، پڇيج ٻوءِ پريتڻو."
(شاهه: ڪلياڻ)

"اندر اِي اهنج، سانڍيج سڪائون ڪري."
(شاهه: ڪلياڻ)

"ٻڙهيا پڙهيجا، سبق انهيءَ سور جو."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"ڪڍج ڪاتي ڪچ کي، ڪوڙ م ڪمائيج،
وٺج وهائيج، سڀ سوداگر سچ جو."
(شاهه: سريراڳ)

"اسان ٻرين ٻاڻ ۾ گهارڻ ڏج گهڙي."
(شاهه: ڪنڀات)

"مون تان وَڙُ وڃائيو، آئين پنهنجو وڙ ڪجاهه."
(شاهه: حسيني)

"آءٌ جي ڏيئين سنيها، نيئي پريان ڏج."
(شاهه: معذوري)

"ٻوٻون لئي پساهه، تہ ڏجاهه مڙهه ملير ڏي."
(شاهه: مارئي)

"ڪري ڪانڪ ڪرنشون پيرين پرين پئيج،
"ليلهِ لڪ لطيف چئي، ڳجهو ڳالهائيج."
(شاهه: پورب)

"ساقي ڏيج سئي، سرڪ صراحيءَ مان ڪڍي."
(سچل: پيروي)

"ڪنڌ اونڌي اويج، اٿئي پهر عجيب ڪي،
اچن اوجاڳن ۾، عينان اوجاريج،
اصلون ڪين ڪهيج، ظاهر هن زبان سان."
(سچل: آسا)

"ويهہ نہ وساريج، متان ماٺ ڪري وهين،
قول اهو پاڙيج، هو جو ڪيڙُئي هوت سان."
(سچل: ڪوهياري)

"الله ڪارڻ اچ، ماڳ وساڻج مينڌرا."
(سچل: راڻو)

"الله لڳ اڏام، تون موٽي محبوبن ڏي،
وڃي ڏيج پرينءَ ڪي، پاڃيءَ جا پيغام،
ڪري قدمن تي پئي، مولڪ ڏيج سلام."
(سچل: مالڪوس)

فعل جا قسم

١- فعل لازمي
٢- فعل متعدّي
٣- فعل اڪرترڪ يا فعل بي فاعل

٤- فعل معطوفي
٥- فعل مرڪّب

فعل لازميءَ جا هيٺيان ٽي قسم آهن:

١- فعل لازمي
٢- فعل ناقص
٣- فعل معاون

١- فعل لازمي

اهو فعل جو جملي ۾ فقط فاعل جو محتاج هجي، يا اهو فعل جنهن سان فقط فاعل جو هجڻ لازمي يا ضروري هجي، تنهن کي فعل لازمي چئبو آهي. مثلاً:

١- هرڻ رڃ کي پاڻي سمجهي ان جي پٺيان ڊوڙندو آهي.
٢- ماءُ وڇڙيل ٻچي کي ڏسي روئي ڏنو.

مٿين جملن ۾ جيڪي فعل ڪم آندل آهن. يعني: "ڊوڙندو آهي" ۽ "روئي ڏنو"، سي لازمي آهن ۽ ڏسبو ته مذڪوره فعلن جو تعلق سڌوسنئون سندن فاعلن سان آهي. جيڪڏهن فاعل کان سواءِ جملي جا ٻيا لفظ ڪڍي ڇڏجن تڏهن بہ فعل اڪيلي سر پنهنجي فاعل سان جملي جو مطلب پورو ڏيئي سگهي ٿو. مثلاً: "هرڻ ڊوڙندو آهي" ۽ "ماءُ روئي ڏنو" وغيره.

فعل لازميءَ جو استعمال:

"ليکي سيخ وجود ۾ سنڌي نيڻهن نٿين."
(شاهہ: يمن ڪلياڻ)

"ساٿي سفر هليا، ٻري جنگ جهاز."
(شاهہ: سريراڳ)

"منهنجو من ميهار ڪي پار وڃي پهتو."
(شاهہ: سهڻي)

"سيکيا محب مِلو ته اونهي منجهان اُکران."
(شاهه: سهڻي)

"قربن جو ڪانگڙو مٿي تار ڏاي."
(شاهه: پورب)

"وڏا سينهن ملير ۾، ٿيو تڙ تڙ تماشو."
(شاهه: مارئي)

"ويڙهيا گهمن ولڙين جهانگي منجهه جهنگن."
(شاهه: مارئي)

"وڃر ويا وهي، ڪالهه تنهنجا ڪونجڙي."
(شاهه: ڏهر)

"جي هتان هوت ويا، سي اچن ته آجي ٿيان."
(شاهه: ڏهر)

"آديسي اٿي ويا، ٻيٺي اڪاهي رک."
(شاهه: رامڪلي)

"پنهر پاڪ وڏي، راڻو ايندو راج ۾."
(شاهه: مومل راڻو)

"آيو ڪالهه قلم، سون ڏي محبوبن جو."
(سچل: ڀيروي)

"پلر سان ڀُني پيا، ٿهوارن پلالَ."
(سچل: سارنگ)

"ڪاريون ٿيون ڪُڏن، سمي جي سهاڳ تي."
(سچل: ڪلياڻ)

۳- فعل ناقص

اهو فعل جو جملي جي مطلب پوري ڪرڻ لاءِ ٻين لفظن جو محتاج رهي، تنهن کي فعل ناقص يا اڻپورو ڇٻو آهي.

مثلاً:

’طوبيٰ بهشت ۾ هڪ وڻ آهي.‘

مٿين جملي ۾ ڏسبو ته ’آهي‘ فعل جو مدار لفظ ’وڻ‘ تي آهي، ڇاڪاڻ ته مذڪور لفظ جيڪڏهن جملي مان ڪڍي ڇڏجي ته فعل اڻپورو رهجي ويندو ۽ جملي جو پورو مطلب نه نڪرندو، تنهنڪري ’آهي‘ فعل کي ناقص سڏجي ٿو. ’وڻ‘ جملي ۾ فعل جو مدار، متمم“ يا پورائو ڪندڙ آهي. ’ٿيڻ‘، ’ٻوڻ‘ ۽ ’هئڻ‘ مصدرن مان جي فعل جڙن ٿا، سي سڀ ناقص آهن. مثلاً: ٿئي ٿو، ٿيا، ٻيو، ٻوندو، آهي، آهن ۽ هئا وغيره.

فعل ناقص جو استعمال:

”آءٌ ٻڻ تڏهانڪون، اڏ ڏکوئي آهيان.“
(شاهه: ديسي)

”هيس هندورن ۾ ٻيئڙ ڪانءِ ٻروڙ.“
(شاهه: ليلان چنيسر)

”راجا جي رنگ محل ۾ هنڌ هنڌ ٻيٺي هوڪ.“
(شاهه: سورٺ)

”نڌرکي نصيب ٿئي شل ٻنهونءَ جو ٻاڙو.“
(سچل: ڪوهياري)

”هٿيا لسئي حورن، عاشق عقبيٰ جا ٿيا.“
(سچل: آسا)

ٻارس ”لڳي سون ٿيون، لوهاٿيون لوريون.“
(سچل: ڪليان)

”نه ڪنهن روءِ نه رنگ، هٿا بيهودا ٻچڙا،
”اڄ پڻ انهن جي ٽيا، پيرن هيٺ پلنگ.“
(سچل: ڪليات)

”مسجد ۽ محراب جي ڪانهي چٽن چاڻ.“
(سچل: متفرق)

٣- فعل معاون

فعل معاون اهو فعل آهي جو ٻئي فعل جي صيغن يا زمانن ڏاهڻ ۾ مدد ڪري ۽ اڻپوري فعل جي معنيٰ کي پورو ڪري يا ان کي اضافي معنيٰ ڏئي. ’معاون‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’مددگار‘، انهيءَ ڪري هن فعل کي مددگار، مددي يا امدادي فعل به چئبو آهي.

عام طرح ’ٿيڻ‘، ’ٻوڻ‘، ’هئڻ‘، ’سگهڻ‘ ’رهڻ‘ ۽ ’وڃڻ‘ مصدرن جا مختلف صيغا فعل معاون جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن. مثلاً:

١- الله وٽ اهو ماڻهو عزيز آهي جو پنهنجي هٿن جو پورهيو ڪري روزي ڪمائي ٿو.

٢- گهٽي ڪم ڪرڻ سان ماڻهو ٿڪجي ٻوندو آهي.

٣- ننڍڙو ٻار هرڪنهن کي وڻندو آهي.

٤- دوست کي خط مليو هوندو.

٥- موت کي ڪوئي مات نٿو ڪري سگهي.

٦- ٻار کي هڪ دفعو ڪنهن بري ڪم جي عادت پئي ته هو وڏي هوندي به اهو ڪم ڪندو رهندو.

٧- فقير انهيءَ کي چئبو جيڪو سدائين پنهنجي اکيان هٿ ٽنگيندو وڃي.

مٿين جملن ۾ ’ٿو‘، ’ٻوندو‘، ’آهي‘، ’هوندو‘، ’سگهي‘، ’رهندو‘ ۽ ’وڃي‘ فعل معاون جا لفظ آهن.

مکيه فعل اگرچه ذاتي طرح پوري معنيٰ ڏيئي سگهي ٿو، پر انهيءَ کي ٻه فعل معاون جي ضرورت پوندي آهي، نه ته ان جا مختلف زمان يا صيغا نه ٺهي سگهندا.

مکيه فعل سان فعل معاون جو گردان هيٺ ڏجي ٿو. مکيه فعل کي ڏنگين ۾ رکيو ويو آهي ته جيئن معاون جو استعمال ظاهر ٿئي.

(١)

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	(ڪريان) ٿو، پيو	(ڪريون) ٿا، پيا	(ڪريان) ٿي، پئي	(ڪريون) ٿيون، پيون، پئون
حاضر:	(ڪرين) ٿو، پيو	(ڪريو) ٿا، پيا	(ڪرين) ٿي، پئي	(ڪريو) ٿيون، پيون، پئون
غائب:	(ڪري) ٿو، پيو	(ڪن) ٿا، پيا	(ڪري) ٿي، پئي	(ڪن) ٿيون، پيون، پئون

(٢)

متڪلم:	(ڪندو) آهيان	(ڪندا) آهيون	(ڪندي) آهيان	(ڪنديون) آهيون
حاضر:	(ڪندو) آهين	(ڪندا) آهيون	(ڪندي) آهين	(ڪنديون) آهيو
غائب:	(ڪندو) آهي	(ڪندا) آهن	(ڪندي) آهي	(ڪنديون) آهن

	مذکر واحد	مذکر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
	(٣)			
متڪلم:	(ڪندو) هوندس	(ڪندا) هونداسون، هونداسين	(ڪندي) هونديس، هونديس	(ڪنديون) هونديون سون، هونديون سين
حاضر:	(ڪندو) هوندين	(ڪندا) هوندؤ	(ڪندي) هوندينءَ	(ڪنديون) هوندؤ
غائب:	(ڪندو) هوندو	(ڪندا) هوندا	(ڪندي) هوندي	(ڪنديون) هونديون
	(٤)			
متڪلم:	(ڪري) سگهان ٿو	(ڪري) سگهون ٿا	(ڪري) سگهان ٿي	(ڪري) سگهون ٿيون
حاضر:	(ڪري) سگهين ٿو	(ڪري) سگهو ٿا	(ڪري) سگهين ٿي	(ڪري) سگهو ٿيون
غائب:	(ڪري) سگهي ٿو	(ڪري) سگهو ٿا	(ڪري) سگهي ٿي	(ڪري) سگهن ٿيون
	(٥)			
متڪلم:	(ڪرڻو) اٿم	(ڪرڻو) اٿئون	(ڪرڻو) اٿم	(ڪرڻو) اٿئون
حاضر:	(ڪرڻو) اٿيئي	(ڪرڻو) اٿوَ	(ڪرڻو) اٿيئي	(ڪرڻو) اٿوَ
غائب:	(ڪرڻو) اٿس	(ڪرڻو) اٿن	(ڪرڻو) اٿس	(ڪرڻو) اٿن

(٦)

متڪلم:	(ڪيم) ٿي، پئي	(ڪيوسون، ڪيوسين) ٿيي، پئي	(ڪيم) ٿي، پئي	(ڪيوسون، ڪيوسين) ٿيي، پئي
حاضر:	(ڪيئَيءَ) ٿي، پئي	(ڪيئوَ) ٿي، پئي	(ڪيئَيءَ) ٿي، پئي	(ڪيئو) ٿي، پئي
غائب:	(ڪيو، ڪيائين) ٿي، پئي	(ڪيائون) ٿي، پئي	(ڪيو، ڪيائين) ٿي، پئي	(ڪيائون) ٿي، پئي

(٧)

متڪلم:	(ڪيو) اٿم	(ڪيو) اٿئون	(ڪيو) اٿم	(ڪيو) اٿئون
حاضر:	(ڪيو) اٿيي	(ڪيو) اٿوَ	(ڪيو) اٿيي	(ڪيو) اٿوَ
غائب:	(ڪيو) اٿس	(ڪيو) اٿن	(ڪيو) اٿس	(ڪيو) اٿن

(٨)

متڪلم:	(ڪيو) هوم، هيئم	(ڪيو) هئو سون، هئوسين	(ڪيو) هوم، هيئم	(ڪيو) هئوسون، هئوسين
حاضر:	(ڪيو) هيئَيءَ	(ڪيو) هيئوَ	(ڪيو) هيئَي	(ڪيو) هيئوَ
غائب:	(ڪيو) هو، هئائين	(ڪيو) هون، هئائون	(ڪيو) هو، هئائين	(ڪيو) هون، هئائون

(٩)

متڪلم:	(ڪندو) هوس	(ڪندا) هئاسون، هئاسين	(ڪندي) هيس	(ڪنديون) هيون سون، هيون سين

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
حاضر:	(ڪندو) هئين	(ڪندا) هيئو	(ڪندي) هئينءَ	(ڪنديون) هيئو
غائب:	(ڪندو) هو	(ڪندا) هئا	(ڪندي) هئي	(ڪنديون) هيون

(١٠)

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	(ڪيو) هوندم	(ڪيو) هوندوسون، هوندوسين	(ڪيو) هوندم	(ڪيو) هوندوسون، هوندوسين
حاضر:	(ڪيو) هوندءِ	(ڪيو) هوندوَ	(ڪيو) هوندءِ	(ڪيو) هوندوَ
غائب:	(ڪيو) هوندو، هوندائين	(ڪيو) هوندن، هونداٿون	(ڪيو) هوندو، هونداٿين	(ڪيو) هوندن، هونداٿون

(١١)

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	(ڪري) سگهيس ٿي، پئي	(ڪري) سگهياسون ٿي، پئي	(ڪري) سگهيس ٿي، پئي	(ڪري) سگهيون سون، ٿي، پئي
حاضر:	(ڪري) سگهئين ٿي، پئي	(ڪري) سگهيئو، سگهيؤ ٿي، پئي	(ڪري) سگهينءَ ٿي، پئي	(ڪري) سگهيئونَ، سگهيؤ ٿي، پئي
غائب:	(ڪري) سگهيو ٿي، پئي	(ڪري) سگهيا ٿي، پئي	(ڪري) سگهي ٿي، پئي	(ڪري) سگهيون ٿي، پئي

(١٢)

متڪلم:	(ڪريان) ها	(ڪريون) ها	(ڪريان) ها	(ڪريون) ها
حاضر:	(ڪرِ ين) ها	(ڪريو) ها	(ڪرِين) ها	(ڪريو) ها
غائب:	(ڪري) ها	(ڪن) ها	(ڪري) ها	(ڪن) ها

(١٣)

متڪلم:	(ڪندُس) پيو	(ڪنداسون، ڪنداسين) پيا	(ڪندَس، ڪنديَس) پئي، پيئي	(ڪنديون سون، ڪنديون سين) پيون، پيئون
حاضر:	(ڪندين) پيو	(ڪندؤ) پيا	(ڪندِينءَ) پئي، پيئي	(ڪنديؤ) پيون، پيئون
غائب:	(ڪندو) پيو	(ڪندا) پيا	(ڪندِي) پئي، پيئي	(ڪنديون) پيون، پيئون

(١٤)

متڪلم:	(ڪندو) رهندُس، وتندُس	(ڪندا) رهنداسون، رهنداسين، وتنداسون، وتنداسين	(ڪندِي) رهندَس، رهنديَس، وتندَس، وتنديَس.	(ڪنديون) رهنديون سون، رهنديون سين، وتنديون سون، وتنديون سين
حاضر:	(ڪندو) رهندين، وتندين	(ڪندا) رهندؤ، وتندؤ	(ڪندِي) رهندِينءَ وتندِينءَ	(ڪنديون) رهنديؤ، رهنديؤ، وتنديؤ

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
غائب:	(ڪندو) رهندو، وتندو	(ڪندا) رهندا، وتندا	(ڪندي) رهندي، وتندي	(ڪنديون) رهنديون، وتنديون

(١٥)

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	(ڪري) سگهندُس	(ڪري) سگهنداسون، سگهنداسين	(ڪري) سگهنديَس، سگهنديس	(ڪري) سگهنديونسون، سگهنديونسين
حاضر:	(ڪري) سگهندين	(ڪري) سگهندؤ	(ڪري) سگهندينءَ	(ڪري) سگهنديئؤ
غائب:	(ڪري) سگهندو	(ڪري) سگهندا	(ڪري) سگهندي	(ڪري) سگهنديون

(١٦)

	مذڪر واحد	مذڪر جمع	مؤنث واحد	مؤنث جمع
متڪلم:	(ڪرڻو) پوندُم	(ڪرڻو) پوندوسون، پوندوسين	(ڪرڻو) پوندُم	(ڪرڻو) پوندوسون، پوندوسين
حاضر:	(ڪرڻو) پوندُءِ	(ڪرڻو) پوندُوَ	(ڪرڻو) پوندُءِ	(ڪرڻو) پوندُوَ
غائب:	(ڪرڻو) پوندُس	(ڪرڻو) پوندُن	(ڪرڻو) پوندُس	(ڪرڻو) پوندُن

فعل معاون جو استعمال:

”ڪوهه تو ڪاغذ ڪورئين، ويئو وڃائين مس.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
”رهيا آهن روح ۾، نت جني جا نيڻ.“
(شاهه: ڪنيات)
”مون ٿي ڄڃيءَ ڪانڌ، پتي ٻاڙ مَ مڪڙي.“
(شاهه: سريراڳ)
”جن ڏٺا تن چيا تم اجهي ٿا اچن.“
(شاهه: سريراڳ)
”ڪانڌين ٽانڊين ٻاريا، پچان مر ڀيٺي.“
(شاهه: يمن ڪلياڻ)
”ويچاريءَ وڻڪار، اڳ نه ڏٺو هو ڪڏهن.“
(شاهه: سسئي)
”پيرين ۾ ڀيٺي، اکيون آريءَ ڏي ڪئي.“
(شاهه: معذوري)
”ٻريان پير پري، تو لئي آئيو آهيان.“
(شاهه: سورٺ)
”ڪري نه سگهان ڪاهه، انهين سندي ڳالهڙي.“
(شاهه: ڪاهوڙي)
”تني ڪي ٻوڙي، ساهڙ سگهي ڪين ڪي.“
(شاهه: سهڻي)
”اڪر لکن نه دل تي، ٿا ڪاغذ ڪارا ڪن.“
(سچل: آسا)
”ڏيو ٻاري سج ڪئي، ٿي ڏاهر ين ڏٺو.“
(سچل: آسا)

"ابرو ڪش ڪمان، مارن ٿـا محتاجن کي."
(سچل : پيروي)

"اوتـي آکـڙيـن مان پيو، باراني بـحـر."
(سچل : پيروي)

"السـي پـهـر اٺ، ٿـو اوڳـو اوڳـاري."
(سچل : پيروي)

"هڪ واڇوڙا واٽ تي، ٻي وسي ٿـي واري."
(سچل : ڪوهياري)

"مر سـريـلا سوز جا، سارنـگ ٿو سوري."
(سچل : سارنـگ)

"جن ٿـي پاليا پيٽ، ڪمن ڪالورن سان،
"سي تا تيل ڦليل سان، ٿيون ملائن ميٽ."
(سچل : ڪلياڻ)

"مـڪـڻ ۽ ماکين جـا چـٽـن ٿـا چـاٽـا."
(سچل : ڪلياڻ)

"ڪاريون ٿيون ڪڏن، سمي جي سهاڳ تي."
(سچل : ڪلياڻ)

"سـورٺ مٿان منگتي، گهوران ٿـي گهوري."
(سچل : سورٺ)

"عـمـر سـون ڏي آيـا، ابـاڻـون عـتـاب،
"ڪيئين محلين مارئـي، ٿيي قورما ڪباب."
(سچل : ڪنيات)

"وس نه ويڙهيچڻ جو، ٿـو لـکيو لوڙائي."
(سچل : ڪنيات)

"آنسدو اڱڻ پاڻ سان، نيهُن پرديسو ناٿ."
(سچل: مالڪوس)

"ويٺو آهيان وکونڙجي، ڪنين ڪين ڪوڙي."
(سچل: مالڪوس)

"سنيهن ۾ سور، جسوي ٿـو چهنب سان."
(سچل: مالڪوس)

"ڏار چڙهيو ڏاهو، ٿو ڏيم دلاسا دل کي."
(سچل: مالڪوس)

٢- فعل متعدّي

اهو فعل جنهن جي مطلب ظاهر ڪرڻ لاءِ فاعل سان گڏ مفعول جي ضرورت پوي، تنهن کي فعل متعدي چئبو آهي، مثلاً:

١- الله هر جيوَ کي رزق پهچائي ٿو.
٢- سج سارو جهان روشن ڪري ٿو.
٣- شيطان انسان جي دل ۾ وسوسا پيدا ڪندو آهي.

مٿين جملن ۾ 'پهچائي ٿو'، 'روشن ڪري ٿو' ۽ 'پيدا ڪندو آهي' متعدي فعل آهن. 'پهچائي ٿو' فعل جو فاعل آهي. 'الله' ۽ فقط فاعل سان فعل جو مطلب واضح نه ٿو ٿئي، تنهن ڪري جملي ۾ مفعول آندو ويو آهي، جو آهي 'رزق'. ساڳي طرح ٻئي ۽ ٽئين جملي ۾ فاعل آهن 'سج' ۽ 'شيطان' جي پڻ مطلب جي وضاحت لاءِ مفعول جا محتاج آهن، انهن جا مفعول جدا جدا آهن 'جهان' ۽ 'وسوسا'. هن مان معلوم ٿيو ته فعل متعدي جو لاڳاپو فاعل توڙي مفعول ٻنهي سان هوندو آهي.

فعل متعدي جا هيٺيان قسم آهن:

١- متعدي معروف.
٢- متعدي مجهول.
٣- متعدي بالواسطه يا فعل سببي.

1- فعل متعدي معروف

متعدي معروف اهو فعل آهي جنهن جو فاعل ڄاڻايل هجي. هيٺ ڏنل جملن ۾ ڪم آندل فعل: 'پهچائي ٿو'، 'روشن ڪري ٿو' ۽ 'پيدا ڪندو آهي'. متعدي معروف جا مثال آهن.

بعضي عبارت ۾ فاعل ڄاڻايل نه هوندو آهي، تڏهن به فعل معروف ئي سڏبو آهي، ڇاڪاڻ ته فاعل يا ته ڳجهو هوندو آهي يا وري فعل ۾ خود فاعل جو مفهوم سمايل هوندو آهي. مثلاً:

١- تو ڏي جلد خط لکندس.

٢- ڪجهه پاڻي ڏيکاءِ ته پيئڻ وسندي ڪم آڻي سگهين.

مٿين جملن ۾ فاعل استعمال ٿيل ڪونهي، پر ڪم آندل فعل: 'لکندس'، 'ڏيکاءِ' ۽ 'ڪم آڻي سگهين' متعدي معروف آهن، ڇاڪاڻ ته 'لکندس' فعل جو مطلب آهي 'مان لکندس'. ۽ 'ڏيکاءِ' ۽ 'ڪم آڻي سگهين' فعلن جو فاعل آهي 'تون'، جو ڳجهو آهي.

فعل متعدي معروف جو استعمال:

"چانگا چندن نه چرين، ميا پٽين نه موڪ."
(شاهه: ڪنڀات)

"ڏنگيءَ ۾ داڻا وٺي وجهه وکر جا."
(شاهه: سريراڳ)

”جيڪي ڏٺئي تار ۾ ڪنڌيءَ سو ڪهيج.“
(شاھ: سهڻي)

”اڄ ٻڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا.“
(شاھ: بروو)

”آءٌ ڪيئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏينهان.“
(شاھ: مارئي)

”سوريءَ سارو ابر ۾ لوئين ڪين لڪو.“
(سچل: آسا)

”عشق اهو آئيءَ ڪان سکيو ساميڙن.“
(سچل: آسا)

”روز ازل استاد اسان کي سٽ پريت جي پاڙهي.“
(سچل: ڪجري)

”عاشق پيڻ زقوم هٿان حبيبن جي.“
(سچل: پيروي)

”پڙهي پروانو، مون کي جلد جواب ڏي.“
(سچل: مالڪوس)

”آئي ڪانگ ڏنياس، ڪتابت قريب جي.“
(سچل: مالڪوس)

”ڪانگا ڪتابت، ساري ساڻيج ساھ سين،
اها امانت، ٻي ڪنهن عام نه آچئين.“
(سچل: مالڪوس)

”نندڻ ۾ نهاريان، پکڙا ۽ پنهوار.“
(سچل: ڪنيات)

”اوڏهن اڏاريام، ڪل لهڻ لاءِ ڪانگڙا.“
(سچل: ڪنيات)

۴- فعل متعدي مجهول

اهو فعل متعدي، جنهن جو فاعل ڄاڻايل نہ هجي ۽ ان جو مفعول فاعل جو قائم مقام هجي، تنهن کي فعل متعدي مجهول چئبو آهي. مجهول جي معنيٰ آهي: 'اڻڄاتل'.

مثلاً:

۱- ڪائنات کي هڪ مقرر عرصي لاءِ خلقيو ويو آهي.
۲- مغرور انسان کي دوزخ جي باھ ۾ وڌو ويندو.
۳- زمين هر سان کيڙبي آهي.

مٿين جملن ۾ 'خلقيو ويو آهي'، 'وڌو ويندو' ۽ 'کيڙبي آهي' متعدي مجهول جا صيغا آهن، جن ۾ اصل فاعل: 'ڪائنات جو خالق'، 'باھ ۾ وجهڻ وارو' ۽ 'زمين کيڙڻ وارو' ڄاڻايل ڪونهن ۽ انهن جي جاءِ تي مفعول جي لفظن: 'ڪائنات'، 'انسان' ۽ 'زمين' کي نمايان ڪيو ويو آهي.

فعل متعدي مطلق هجي يا مشتق، ان جي صورت معروفي توڙي مجهولي ٿي سگهي ٿي.

مجهول جي صيغي جو استعمال خاص طرح چئن حالتن ۾ ٿيندو آهي:

۱- جڏهن فاعل جي حيثيت غيرمعمولي يا اعليٰ درجي جي هوندي آهي.

۲- جڏهن فاعل جي خبر نہ هوندي آهي.

۳- جڏهن فاعل کي هرويرو لڪايو يا ڳجهو رکيو ويندو آهي.

۴- جڏهن مفعول کي فاعل کان وڌيڪ نمايان ڪرڻ جو خيال هوندو آهي.

متعدي مجهول جون ترڪيبون:

۱- اسم مفعول جي پٺيان 'وڃڻ' مصدر جو گهربل صيغو جنس ۽ عدد مطابق آڻڻ سان متعدي مجهول ٺهندي آهي. مثلاً:

مذڪر: واحد	مذڪر: جمع	مؤنث: واحد	مؤنث: جمع
پڙهيو وڃي ٿو	پڙهيا وڃن ٿا	پڙهي وڃي ٿي	پڙهيون وڃن ٿيون
پڙهيو ويندو آهي	پڙهيا ويندا آهن	پڙهي ويندي آهي	پڙهيون وينديون آهن
پڙهيو ويندو هوندو	پڙهيا ويندا هوندا	پڙهي ويندي هوندي	پڙهيون وينديون هونديون
پڙهيو ويو	پڙهيا ويا	پڙهي وئي	پڙهيون وئون
پڙهيو ويو آهي	پڙهيا ويا آهن	پڙهي وئي آهي	پڙهيون وئون آهن
پڙهيو ويو هو	پڙهيا ويا هئا	پڙهي وئي هئي	پڙهيون وئون هيون
پڙهيو ويو هوندو	پڙهيا ويا هوندا	پڙهي وئي هوندي	پڙهيون وئون هونديون
پڙهيو ويندو هو	پڙهيا ويندا هئا	پڙهي ويندي هئي	پڙهي وينديون هيون
پڙهيو ويندو	پڙهيا ويندا	پڙهي ويندي	پڙهيون وينديون

٢- متعدي مجهول جي مصدر جا صيغا جنس ۽ عدد مطابق آڻڻ سان فعل متعدي مجهول ٿيندو آهي. عام طرح متعدي معروف جي مصدر جي پوئين 'ڻ' جي اڳيان حرف 'ج' آڻڻ سان متعدي مجهول جي مصدر ٿيندي آهي. مثلاً:

متعدي معروف جي مصدر	متعدي مجهول جي مصدر
پَڙهڻ	پَڙهجڻ
چَنڊڻ	چَنڊجڻ
سَگهڻ	سَگهجڻ
گَنڍڻ	گَنڍجڻ
وَٽڻ	وَٽجڻ
وَڍڻ	وَڍجڻ
ڪاهڻ	ڪاهجڻ
ڪاٽڻ	ڪاٽجڻ
مارڻ	مارجڻ
هارڻ	هارجڻ
ڏِسڻ	ڏِسجڻ
سِبڻ	سِبجڻ
لِکڻ	لِکجڻ
چيرڻ	چيرجڻ
ليڪڻ	ليڪجڻ
ڪُٽڻ	ڪُٽجڻ
گهُرڻ	گهُرجڻ
لُٽڻ	لُٽجڻ
چُوسڻ	چُوسجڻ
لُٽوپڻ	لُٽوپجڻ
ڪولڻ	ڪولجڻ
ڳولڻ	ڳولجڻ

لوڻُ	لوڻجڻ
ليکڻ	ليکجڻ
ويڙهڻ	ويڙهجڻ

مجهول جي ڪن ترڪيبن ۾ معروف جي مصدر جا ڪي حرف، جهڙوڪ، 'ڏ'، 'ر'، 'هه' ۽ 'ء' جدا جدا 'جهه'، 'ج'، 'ي' يا 'س' ۽ 'پ' يا 'ڄ' ۾ تبديل ٿيندا آهن. مثلاً:

ڀَڏڻ	ڀَجهڻ، ڀَڏجڻ
رَڌڻ	رَجهڻ، رَڌجڻ
ڪَرڻ	ڪَجڻ
ڏَهڻ	ڏَيڻ
لَهڻ	لَيڻ
ڪَهڻ	ڪَسڻ
ڳَهڻ	ڳَسڻ
ڪاڻڻ	ڪاڄڻ
ڏوڻڻ	ڏوپڻ، ڏوڻجڻ

گردان:

مذکر — واحد	مذکر — جمع	مؤنث — واحد	مؤنث — جمع
لکجي ٿو، پيو	لکجن ٿا، پيا	لکجي ٿي، پيئي	لکجن ٿيون، پيئون
لکجي سگهجي ٿو	لکجي سگهجن ٿا	لکجي سگهجي ٿي	لکجي سگهجن ٿيون
لکجي ويو آهي	لکجي ويا آهن	لکجي وئي آهي	لکجي وئون آهن
لکجي ويندو آهي	لکجي ويندا آهن	لکجي ويندي آهي	لکجي وينديون آهن
لکجي ويو	لکجي ويا	لکجي وئي	لکجي وئون
لکجي ويو هو	لکجي ويا هئا	لکجي وئي هئي	لکجي وئون هيون
لکجي ويندو هو	لکجي ويندا هئا	لکجي ويندي هئي	لکجي وينديون هيون
لکجي ها	لکجن ها	لکجي ها	لکجن ها
لکجي وڃي ها	لکجي وڃن ها	لکجي وڃي ها	لکجي وڃن ها
لکجي ويندو	لکجي ويندا	لکجي ويندي	لکجي وينديون

٣- مجهول جي هڪ ٻي صورت، مجهول جي مصدر جي حرف "ج" "ب" ۾ تبديل ڪرڻ سان ٺهندي آهي، جا جنس ۽ عدد ۾ ڦري سگهندي آهي. مثلاً: ڇٻبو، ڳولبو ۽ ليکبو وغيره. مجهول جي هن ترڪيب سان مستقبل ۾ ڪم ٿيڻ يا ھلندڙ يا گذريل زماني ۾ هميشه جاري رهڻ جي معنيٰ نڪرندي آهي، جيئن هيٺ ڏنل گردان مان معلوم ٿيندو:

مذڪر		مؤنث	
واحد	جمع	واحد	جمع
ليکبو	ليکبا	ليکبي	ليکبيون
ليکبو آهي	ليکبا آهن	ليکبي آهي	ليکبيون آهن
ليکي سگهبو آهي	ليکي سگهبا آهن	ليکي سگهبي آهي	ليکي سگهبيون آهن
ليکبو هو	ليکبا هئا	ليکبي هئي	ليکبيون هيون
ليکي سگهبو هو	ليکي سگهبا هئا	ليکي سگهبي هئي	ليکي سگهبيون هيون

٤- متعدي معروف جي مصدر جو حرف علت ڪيڻ سان مجهول جو صيغو ٺهندو آهي. مثلاً:

متعدي معروف جي مصدر	مجهول جو صيغو
ٻارڻ	ٻرڻ
تارڻ	ترڻ
ٿاهڻ	ٿهڻ
ٺاهڻ	ٺهڻ
ڇارڻ	ڇرڻ
چاڙهڻ	چڙهڻ
ڍاهڻ	ڍهڻ
ڪارڻ	ڪرڻ
ڳارڻ	ڳرڻ
لاهڻ	لهڻ
مارڻ	مرڻ
ٻورڻ	ٻُرڻ
جوڙڻ	جُڙڻ
جهورڻ	جهُرڻ
ڇورڻ	ڇُرڻ
ڇوڙڻ	ڇُڙڻ
سورڻ	سُرڻ
لوڏڻ	لُڏڻ
لوڙهڻ	لُڙهڻ
موڙڻ	مُڙڻ
ٽيڙڻ	ٽِڙڻ
ڦيرڻ	ڦِرڻ
ريڙهڻ	رِڙهڻ

ڪيرڻ	ڪيرڻ
ڪيڙڻ	ڪيڙڻ
ميڙڻ	ميڙڻ
هيرڻ	هيرڻ

٥- متعدي معروف جي مصدر جو وچون حرف جيڪڏهن 'و' هوندو، ته مجهولي صورت ۾ اهو منجي 'ه' ٿي پوندو. مثلاً:

چٽوڻ	چٽيجڻ
ڏنوڻ	ڏنيجڻ
لٽوڻ	لٽيجڻ

فعل متعدي مجهول جو استعمال:

"توڻي ڪُسن ڪات، ته به سا ڪي سلن ڪين ڪي."
(شاهه: يمن ڪلياڻ)

"چٽان جي نه چُرن، الا ان مَ وسران."
(شاهه: ساموئڊي)

"صباح سيڻي، پسبيون پاتار ۾."
(شاهه: سهڻي)

"هتان لاهوتي لڏ ته گرسين گڏ جبين ڪاپڙي."
(شاهه: رامڪلي)

"جي پائين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام،
ته ناڻگا تنهنجو نام، لسڪجي لاهوت ۾."
(شاهه: رامڪلي)

"طالب العقبا مخنث، مرد نہ سي چئجن."
(سچل: آسا)

”حبيبن ڏنهن هينءَ، اديسون لڪجي آيو.“
(سچل : پيروي)

”ويندي وير چانگن جو چڙيو ڪين چڙو.“
(سچل: ڪوهياري)

”مارڪ ھرن جي، ور تني ڪسي ويجھڙو.“
(سچل : ڪوهياري)

”مون کي گهرجين تون، لوڪ رڏوئي گهوريو.“
(سچل : ڪوهياري)

”تنبوءَ جا طناب، اڄ ڪتا ڪينجهر ڪنڌئين.“
(سچل : ڪلياڻ)

”جوڳي جال ڏڻام، پر ڪوڪو ليي ڪاپڙي.“
(سچل : جوڳ)

”سي لانگوٽيا لعل، پيش پاڪ ھرن مون.“
(سچل : جوڳ)

”سچل ساميڙن تي سحبت وسي موڪ.“
(سچل : جوڳ)

”سچن ڏانهن سنجهي، ڏاهو ڏڪجي آيو.“
(سچل : مالڪوس)

’جنگ ۾ بيشمار ماڻهو قتل ٿين ٿا.‘
’انسان جا روز مره جا ڪرتوت لڪيا آهن.‘
’گنهگار ماڻهو، دوزخ ڏانهن نڙيا ويندا.‘
’جبلن جي اتاهين چوٽين تي برف ڪرندي آهي.‘

۳- فعل متعدي بالواسطہ يا فعل سببي

اهو فعل متعدي، جنهن جو فاعل پاڻ ڪم نہ ڪري، ٻئي جي وسيلي يا واسطي سان ڪم ڪرائي، تنهن کي متعدي بالواسطہ يا فعل سببي چئبو آهي، سببي انهيءَ ڪري چئجي ٿو جو فاعل ڪم ڪرائڻ جو سبب بڻجي ٿو.

فعل بالواسطہ يا سببي ٺاهڻ جا طريقا هيٺ ڏجن ٿا:

١- متعدي فعل جي مصدر جي پوئين 'ڻ' جي اڳيان الف ممدود ساڻ همزه (آء) آڻڻ سان متعدي بالواسطہ جي مصدر ٺهي پوندي. مثلاً:

متعدي فعل جي مصدر	متعدي بالواسطہ جي مصدر
اَڏڻ	آڏائڻ
پَڏڻ	پَڏائڻ
چَوڻ	چَوائڻ
چَڏڻ	چَڏائڻ
ڪَرڻ	ڪَرائڻ
ڪَٽڻ	ڪَٽائڻ
پارڻ	پارائڻ
چاڙڻ	چاڙائڻ
چارڻ	چارائڻ
سارڻ	سارائڻ
مارڻ	مارائڻ
چِڪڻ	چِڪائڻ
سِبڻ	سِبائڻ
ڪِيهڻ	ڪِيهائڻ
لِيڪڻ	لِڪائڻ
پيڙڻ	پيڙائڻ

پيهڻ	پيهائڻ
چيرڻ	چيرائڻ
ليکڻ	ليکائڻ
پڇڻ	پڇائڻ
ڏهڻ	ڏهائڻ
کُهڻ	کُهائڻ
کهڙڻ	کهڙائڻ
ٿوڻ	ٿوٿائڻ
ٿورڻ	ٿورائڻ
چوسڻ	چوسائڻ
کوڙڻ	کوڙائڻ
ٻوڙڻ	ٻوڙائڻ
ٻوڪڻ	ٻوڪائڻ
کوٽڻ	کوٽائڻ
ڳولڻ	ڳولائڻ
ڦيرڻ	ڦيرائڻ
ڪيرڻ	ڪيرائڻ
ميڙڻ	ميڙائڻ
هيرڻ	هيرائڻ

٢- متعدي فعل جي مصدر جي پوئين ’ڻ‘ جي اڳيان الف ممدود سان حرف ’ر‘ آڻڻ سان متعدي بالواسطه جي مصدر جڙندي آهي. مثال:

متعدي فعل جي مصدر	متعدي بالواسطه جي مصدر
ٻڌڻ	ٻڌارڻ
ڏيڻ	ڏيارڻ

٣- متعدي فعل جي مصدر جي اصل فعل پٺيان حرف 'ر' جو اضافو ڪرڻ سان متعدي بالواسطه جي مصدر ٺهندي آهي، مثلاً:

آڏائڻ	آڏرائڻ
چَوائڻ	چَورائڻ
ڇَڏائڻ	ڇَڏرائڻ
ڇِڪائڻ	ڇِڪرائڻ
سِبائڻ	سِبرائڻ
ڪَڍائڻ	ڪَڍرائڻ
لَٿائڻ	لَٿرائڻ
لِکائڻ	لِکرائڻ
وَڍائڻ	وَڍرائڻ

٤- متعدي بالواسطه جي مصدر جي اصل فعل پٺيان الف (ا) ملائڻ سان ٻٽي بالواسطه جي مصدر ٺهندي آهي، جنهن کي ٻٽو بالواسطه چئبو آهي. ٻٽي بالواسطه جو مطلب آهي ته فاعل، جو ڪم ڪرائي ٿو، اهو ڪنهن ٻئي جي مدد سان ڪرائي ٿو، جو خود وري ٻئي جو سهارو وٺي ٿو، مثلاً:

متعدي بالواسطه جي مصدر	ٻٽي بالواسطه جي مصدر
آڏرائڻ	آڏارائڻ
ٻَڌرائڻ	ٻَڌارائڻ
پَچرائڻ	پَچارائڻ
چَورائڻ	چَوارائڻ
لَٿرائڻ	لَٿارائڻ
لِکرائڻ	لِکارائڻ
مَچرائڻ	مَچارائڻ
نَچرائڻ	نَچارائڻ

وَڇرائڻ	وَڇارائڻ
وَڏرائڻ	وَڏارائڻ
هلرائڻ	هلارائڻ

٥- متعدي فعل يا بالواسطہ جي مصدر جي پوئين 'ڻ' جي اڳيان الف ممدود سان همزه (آءِ) آڻڻ سان ٻئي بالواسطہ جي مصدر ٺهندي آهي، مثلاً:

آٿارڻ	آٿارائڻ
ڏُٿارڻ	ڏُٿارائڻ
سُڌارڻ	سُڌارائڻ
وِسارڻ	وِسارائڻ

فعل متعدي(١) بالواسطہ جو استعمال:

"اسان ڏکشي ڏيل ۾، تون ٻيارئين ٿيج."
(شاهہ: ڪلياڻ)
"سميون ڪري سينگار، راهہ ريجهائڻ آئيون."
(شاهہ: ڪاموڏ)
"سي مڙهايان سون سين، ڍڪي تنهنجا پير."
(شاهہ: پورب)
"جن جو تونهين تون، سي پياد يون ڇهڇائيين."
(شاهہ؛ ديسي)
"يار سڌائي سيڪو جاني زباني."
(شاهہ: بروو)
"ڪنيءِ ڪرايان تو سندا، سان جواهرن جڙاءَ."
(سچل: مالڪوس)

(١) مٿين مثالن ۾ ڏنل فعل اگرچہ ظاهري طرح متعدي معروف جي صورت ۾ آهن، پر جيئن تہ انهن ۾ بالواسطہ جو مفهوم سمايل آهي، تنهنڪري انهن کي بالواسطہ ڪري ڏيکاريو ويو آهي.

'ملڪيت هٿ ڪرڻ لاءِ ڪڏهن پنهنجا پنهنجن کي مارائيندا آهن.'

'اٺڙهيل ماڻهو خط ۽ دستاويز وغيره ٻين کان لکرائيندا آهن.'

'حاڪم جڏهن ضد تي چڙهندو آهي ته هن کي مشڪل کو هٽارائي سگهندو آهي.'

٤. فعل اڪرترڪ يا فعل بي فاعل:

اهو فعل جو جملي ۾ ڪنهن فاعل جو محتاج نه هجي، تنهن کي اڪرترڪ يا فعل بي‌فاعل چئبو آهي. هي فعل هميشه مجهولي صورت ۾ هوندو آهي.

فعل اڪرترڪ وارا جملا اڪثر اصطلاحي فقرا هوندا آهن، جن ۾ پهاڪا، عام چوڻيون، نصيحت جا نڪتا ۽ حقيقت جا ڪلما بيان ڪيل هوندا آهن، مثلاً:

١. موسم آهر لباس ڍڪڻ گهرجي.

٢. تندرستي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي ته هڏ هلائجي ۽ سادو کاڌو کائجي.

٣. ڪيترو به پڄبو ته موت کان بچي نه سگهبو.

مٿين جملن ۾ 'ڍڪڻ گهرجي،' 'هلائجي،' 'کائجي،' 'پڄبو،' ۽ 'بچي نه سگهبو،' فعل اڪرترڪ جا مثال آهن.

فعل اڪرترڪ جو استعمال:

"گهٽو پڄجي تن کي، جن وٽان هوت وڃن."
(شاهه: ڪوهياري)

"انت نه ڏجي عام کي، لوڪان ڪجي لڪ."
(شاهه: سريراڳ)

'هر ڪنهن سان چڱائي ڪجي ۽ برائيءَ جو بدلو ڀلائيءَ سان ڏجي.'

'نه ٻئي جي ڪتي کي هٿ لائجي، نه پنهنجو پٽ ڦاڙائجي.'

'محنت ڪبي ته ڦل پائبو.'

'پائيءَ ۾ گهڙجي ته ڦهنگن ٻئي نه ٻڄجي.'

'ٻو ڏائي کان قرض نه کڻجي.'

'ڪنهن جو عيب ڏسجي ته ان جي اپٽار نه ڪجي.'

'جهڙي ٻوڪ ٻوڪبي تهڙي لڻبي.'

'مايا ۽ حسن تي ڀانور نه ڪرڻ گهرجي.'

٥. فعل معطوفي :-

اهو فعل جو جملي ۾ عطف جو ڪم ڏئي، يا فاعل جي هڪ ڪم جو ٻئي سان سلسلو ڳنڍي، يا هڪ ڪم جي پڄاڻيءَ تي ٻئي ڪم جو اجراء ظاهر ڪري، تنهن کي فعل معطوفي چئبو آهي.

فعل معطوفي پنهنجي سر اڻپورو هوندو آهي ۽ چاڪاڻ ته عطف جو ڪم ڏيندو آهي، تنهنڪري هر فعل ۾ فعل جي هر زمان سان لڳندو آهي ۽ جنس يا عدد سان نه مٽبو آهي.

فعل معطوفيءَ جا مثال:

١. ٻار آهستي آهستي وڌي جوان ٿيندو آهي.

٢. انسان جڏهن ڪم ڪري ٿڪبو آهي تہ آرام ڪندو آهي.

٣. ڪي ڪاروباري ساٿهو جايون ٺهرائي وڪڻي ڇڏيندا آهن.

۴. انسان جڏهن هن دنيا مان لڏيندو آهي ته سڀڪجهه هت ڇڏي پاڻ سان فقط پنهنجا اعمال کڻيو ويندو آهي.
۵. بخيل ۽ لالچي ماڻهو مال ميڙيندو رکندو ويندو آهي.
۶. جهاز اڏندي ڪري پوي ته ڏاڍو نقصان ٿيندو آهي.
مٿين جملن ۾ 'وڏي'، 'ڪري'، 'ٺهرائي'، 'ڇڏي'، 'کڻيو'، 'ميڙيندو' ۽ 'اڏندي' فعل معطوفيءَ جا مثال آهن.
فعل معطوفي هيٺين طريقن سان ٺهندو آهي:

۱. امر جي پوئين حرف تي جيڪڏهن پيش (ُ) هوندو ته ان جي پڇاڙيءَ حرف 'ي' سان زير (ـِي) ملائڻ سان ۽ جي امر جي پوئين حرف تي زير (ـِ) هوندي ته ان جي پڇاڙيءَ حرف 'ي' ملائڻ سان فعل معطوفي ٺهندو آهي، مثلاً:

امر جو صيغو	فعل معطوفي
اچُ	اچِي
وٺُ	وٺِي
ڄاڻُ	ڄاڻِي
ڏسُ	ڏسِي
لڪُ	لڪِي
ٻيهُه	ٻيهِي
ڀڄُ	ڀڄِي
ڊُڪُ	ڊُڪِي
ڊوڙُ	ڊوڙِي
ليٽُ	ليٽِي
ڍڪِ	ڍڪِي
ڪرِ	ڪرِي
آڻِ	آڻِي
لاهِ	لاهِي

مارِ	ماري
وِسارِ	وساري
پيڙِ	پيڙي
چيرِ	چيري
ڦرِ	ڦري
ڪٽِ	ڪٽي
چوسِ	چوسي
ڪوڙِ	ڪوڙي
ٻوڪِ	ٻوڪي
ڏورِ	ڏوري
سورِ	سوري
پيٽِ	پيٽي
ميڙِ	ميڙي
هيرِ	هيري

٢- اسم مفعول بہ فعل معطوفيءَ جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي، مثلاً:

١- چوپايو مال سڄو ڏينهن جهنگ مان چَرِيو شام جو وٿاڻ تي ورندو آهي.

٢- حشر ويل هرڪو پنهنجا ڏوهہ ڏسيو پيو ڏرندو.

٣- محنت نہ ڪندڙ ماڻهو قرض وٺيو يا پِنيو پيا گذر ڪندا آهن.

٤- سست پار ڪايو پيئو پيا ايندا آهن.

مٿين جملن ۾ 'چَرِيو'، 'ڏسيو'، 'وٺيو'، 'پِنيو' ۽ 'ڪايو پيئو' اسم مفعول جا لفظ آهن.

٣- اسم حاليہ بہ فعل معطوفيءَ جو ڪم ڏيندو آهي، مثلاً:

١- نانڙي ڇٽ ۾ هاري زمين کيڙيندا پيچ ڇڻيندا ويندا آهن.

٢- ڪانيرا ڇلر ۽ ڇهنب هڻندا مڇي ڪائيندا ويندا آهن.
٣- ڪيترا ٻار ڇمندي مري ويندا آهن.
٤- شڪاري شڪار ڪندي ڪهڙو ٻري نڪري ويندا آهن.
مٿين جملن ۾ 'ڪيڙيندا'، 'هڻندا'، 'ڇمندي' ۽ 'ڪندي' اسم حاليه جا لفظ آهن.

فعل معطوفيءَ جو استعمال:

"گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻوڙيائين ٻانهون."
(شاهه: سهڻي)
"ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق ايو آهون ڪري."
(شاهه: سهڻي)
"پُنهون اٿي پس، سر پر هلي سسئي."
(شاهه: سسئي)
"مري جيءَ تہ ماڻين جانب جو جمال."
(شاهه: معذوري)
"واجهائيندي ورهہ ٿيا، هڏ نہ ڪڏيم هوت."
(شاهه: معذوري)
"روجهہ ڏٺائين رات، هوت ڳوليندي ڇنب ۾."
(شاهه: ديسي)
"ستن لڏيندي ساٿ جي، ڏيرن ڪانہ ڏني."
(شاهه: ديسي)
"پسنديئي پنهونءَ کي اکين ڪيو آرام."
(شاهه: ديسي)
"ڏونگر مون سين رو، ڪيري ٻار پنهونءَ جا."
(شاهه: ڪوهياري)
"پرسان ٻير ٻري، تولئي آيو آهيان."
(شاهه: سورٺ)
"سڪي مون سڳ ڪيو، لڪي وڃان لوڪ."
(شاهه: حسيني)

"شمع ٻاريندي شب، ٻرهه ٻاڪون ڪيون."
(شاهه: مومل راڻو)

"وٽ ٻوريندي ولهه، ويو تيل ٻري،
سوٽ مسافر سپرين چانگي تي چڙهي،
راڻي لاءِ رڙي، وِڃي وهامي واتڙي."
(شاهه: مومل راڻو)

"روز نهاريان نڪري، راڻا تنهنجو راهه."
(شاهه: مومل راڻو)

"ٻسيو آسڻ انجا اڃي نه آرام."
(شاهه: رامڪلي)

"سامي ڪاهي پرينءَ لئي ڪُسي ٿيا ڪباب."
(شاهه: رامڪلي)

"جي ٻانئين جوڳي ٿيان ته مڙهي ٻاري مر."
(شاهه: رامڪلي)

"جوڳي جڳ ڇڏي، ٻُريا ٻورب ٻنڌ ڏي."
(شاهه: رامڪلي)

"ساري سناسين ڪي، رنس ٻاري رات."
(شاهه: رامڪلي)

"ڏڪي ڪندي ڏار، ماڪ ڏيئي مٿ ۾."
(شاهه: پرڀاتي)

"ڪالهه ڪلاچيءَ ويا، ڇنيون ڪٽي ڇڳير."
(شاهه: گهاتو)

"مون ڪي مون پرين ٻڌي وڏو ٻار ۾."
(شاهه: آسا)

"ٻانڌي ٻرديسءَ سين روئي ڪج رهاڻ."
(شاهه: مارئي)

"هاڃيوءَ ڪيو همير، بالله ٿئي تو ٻند ۾."
(شاهه: مارئي)

"آڏيو وجهن آهر بن روڙيو رتا ڳل."
(شاهه: مارئي)

"سارو ساريو سير، ديئي ڪوڙها ڳاڙيان."
(شاهه: مارئي)

"سٽهر ڇنيي سومرو ڏکيي ويو ڏيهي."
(شاهه: مارئي)

"سونهن وڃايم سومرا هيتي اچي هان."
(شاهه: مارئي)

"چيڙ آءُ چئوبي، سڪ لاهيندس سومرا."
(شاهه: مارئي)

"ڪليو ڪنياتو خبرون ڪيرون ڏيو ڪلي."
(شاهه: پورب)

"سمي سڱاڻيءَ ٻيڙو ٻڌس ٻانهن ۾."
(شاهه: ڪاموڏ)

"نيڻن سين ناز ڪري، ريجهايائين راهه."
(شاهه: ڪاموڏ)

"روئي زاروزار پرزو پريءَ ڏي لکيوم."
(سچل: پيروي)

"وٺي هليو خط، پانڌي پار پريءَ جي،
روئي روئي رت، تنهن هلندي حال وڃايو."
(سچل: پيروي)

"ست پڙهندي سرتيون منهنجو ساهه سڪو."
(سچل: پيروي)

”اٺي وڃا اوٺار، ڪٺي سات سوڀل جو.“
(سچل: ڪوهياري)
”ڪيچان اچي قافلو، سون وٽ ٿيو مهمان.“
(سچل: ڪوهياري)
”مومل ماڙيءِ مينڌريءَ، ڪاهي ڪاڪ وڃي.“
(سچل: راڻو)
”پر مسان ٻاهر نڪري، ڪاري ڪنيا ڪر.“
(سچل: ڪاريهر)
چڙهيو سا چوڊول ۾، ٿي حڪم هلائي حور.“
(سچل: ڪلياڻ)
”نوريءَ نات نوايو، آئي منجهه اڪل.“
(سچل: ڪلياڻ)
”روجهون رڻ ڦلو ڪري، لاهه لهي آيون.“
(سچل: پهاڙي)
سڪهي ايندڙ ايڏهين، لاهي لاڪنايو.“
(سچل: ڪنيات)
”پورب ۾ ڌهي وڃي واصل ٿيا وصال ڪي.“
(سچل: جوڳ)
”پڙهي پروانو، مون کي جلد جواب ڏي.“
(سچل: مالڪوس)
”ساري ڪالهه، سچي اچي ڪانگي ڪئي قريب جي.“
(سچل: مالڪوس)
”پکي سوڳي پر، اچ اڏائو اوڏهين،
خاص وٺي خبر، مونيو مٺا ڪنهن پانهنجي.“
(سچل: مالڪوس)

٦. فعل مرڪب:

سنڌي زبان ۾ اڪثر اهڙا فعل استعمال ٿيندا آهن، جن ۾ هڪ کان وڌيڪ مصدرن جا فعل شامل هوندا آهن؛ اهڙن فعلن کي فعل مرڪّب سڏبو آهي، مرڪب فعلن ۾ ڪم آندل فعلن مان پهريون فعل گهڻو ڪري معطوفي صورت ۾ هوندو آهي. مرڪّب فعل ڪم جي ٿيڻ يا پوري ٿيڻ وچڻ جي يقيني معنيٰ ظاهر ڪندا آهن؛ مثلاً

مُفرد فعل	مرڪّب فعل
ماريو	ماري وڌو
(١) لکيو آهي	لکي ڇڏيو آهي
(٢) کنيو هو	کڻي آيو هو
رئندو	روئي ڏيندو

مٿين مرڪّب فعل جي مثالن ۾ ڏسبو ته ڪٿي ٻن مصدرن ۽ ڪٿي ٽن جي فعلن جا صيغا ڪتب آيل آهن.

مثلاً: 'ماري وڌو' ۾ مارڻ ۽ وجهڻ، ۽ 'لکي ڇڏيو آهي' ۾ لکڻ، ڇڏڻ ۽ هئڻ مصدرن جا مختلف صيغا هڪ ئي فعلي ترڪيب ۾ شامل ڪري ڪم آندا ويا آهن، جن ۾ پهريون فعل 'ماري' يا 'لکي' معطوفي صورت ۾ آهي، انهيءَ سان گڏ مفرد فعل ۽ ساڳئي قسم جي مرڪب فعل جي ڀيٽ سان معلوم ٿيندو ته مفرد فعل اگرچه پنهنجي سر معنيٰ ۾ مڪمل آهي، پر مرڪب فعل اهڙي تڪميل جو يقين ڏياري ٿو. مثلاً:

---

(١) ۽ (٢) مفرد فعل جي هنن ترڪيبن ۾ به هڪ کان وڌيڪ مصدرن جا فعل ڪم آيل آهن. پر ڇاڪاڻ ته انهن فعلن ۾ مسڪيه فعل هڪڙو ئي آهي جنهن سان گڏ فعل معاون استعمال ڪيو ويو آهي، تنهنڪري معنيٰ جي لحاظ کان اهڙي ترڪيب کي مفرد فعل ليکيو آهي.

'لکيو آهي' فعل مان معلوم ٿئي ٿو تہ لکڻ جو ڪم ڪيو ويو آهي، پر فعل مرڪب جي ترڪيب 'لکي ڇڏيو آهي' مان پتو پوي ٿو تہ لکڻ جو ڪم يقيناً پورو ڪيو ويو آهي.

فعل مرڪب جون ترڪيبون:

١. فعل معطوفيءَ جي پٺيان ڪنهن ٻئي فعل جو صيغو آڻڻ سان فعل مرڪب ٺهندو آهي، مثلاً:

ويهي رهي ٿو	اچي نہ ڪري
ڪري ڇڏيو آهي	ڊوڙيو ايندو آهي
اچي ويو هوندو	ٻڌو نهاريندو هوندو
ڏسي ورتو	هليو ويو
پڙهي نہ ڪيو هو	ڪنيو بيٺو هو
لکي ونندو	ويٺو ليلائي پيو

٢. مطلب تي زور ڏيڻ ۽ ڪم ڪسي ترت نباهڻ خاطر مکيہ فعل جي اڳيان،ڪٿڻ مصدر جو فعل معطوفي آڻبو آهي، مثلاً:

ڪٿي ترس	ڪٿي جواب ڏي
ڪٿي چؤ	ڪٿي ٻک وڌو مانس
ڪٿي کول	ڪٿي ٽڪڙ ڪيائين
ڪٿي مچ	ڪٿي گهٽو ڏنائينس
ڪٿي هاڻو ڪر	ڪٿي ٻنڌ پيا

٣- فعل معطوفيءَ جي پٺيان 'جائڻ' مصدر جو فعل لڳائڻ سان فعل مرڪب ٺهندو آهي. اهڙي فعل مرڪب مان امڪان ۽ استعداد جي معنيٰ نڪرندي آهي. مثلاً:

لکي جائي ٿو
وڙهي جائندو آهي
پڙهي نہ جاتو
ڳالهائي جائندو هو

٤. فعل معطوفيءَ جي پٺيان ساڳي مصدر جو ٻيو فعل آڻڻ سان فعل مرڪب جي صورت ٺهندي آهي، مثلاً،

پڙهيو پڙهه
ڇڏيو ڇڏي
رويو روءِ
لکيو لک
هليو هل
هليو هلندو

٥. فعل مرڪب ۾ فعل معطوفيءَ جي جاءِ تي مصدر به استعمال ٿيندي آهي، مثلاً:

پڙهڻ وڃي ٿو
کڻڻ ويندو آهي
ڏسڻ لڳو
رئڻ ويهي رهيو
ملڻ آيو هو
ڪيڏڻ ويو هوندو
وٺڻ ايندو

فعل مرڪب جو استعمال:

”وڃون وسڻ آئيون، سارنگ سينگاري.“
(شاهه: سارنگ)
”هيڪر حبيبن سان مون کي نيڻئي گڏ.“
(شاهه: ڪنيات)
”رڙي وتائون، هو جو وڻ هٿڻ جو.“
(شاهه: سسئي)

"مزمانن سهسريءَ آئي جهوڪيا جهوڪ ۾."
(شاھ: ڪوھياري)
"هاڃو ڪري هسوءِ، آڏيءَ رات اٿي ويا."
(شاھ: ڪوھياري)
"اڇي عجيبن جو اورانگهڻ اڱڻ."
(شاھ: پورب)
"اڇيو اڇيو ٻون، واڪا ڪيو وڻن ۾،
سنيها سيڻن جا چوٽيءَ چڙهيو چون."
(شاھ: پورب)
"چارڻ چنگ ڪلهي ڪري زهي رهيو رات."
(شاھ: سورٺ)
"مون وٽ مون پرينءَ جي ويهي ڪو وائي."
(شاھ: مارئي)
"سارو ساريو ميرءِ، ويني ڳوڙها ڳاڙيان."
(شاھ: مارئي)
"عمر آندئي مارئي منجهان جهنگ جهلي."
(شاھ: مارئي)
"مون ڪي مون پرين پڌي وڌو ٻار ۾."
(شاھ: آسا)
"پنني ۾ پيغام، لکي مڪا سڄڻن."
(سچل: پيروي)
"مو ڍا سنڌ ماءِ، آءُ ويني ڪانگ اڏائيان."
(سچل: رائو)

”ڪيچان اچي قافلو، مون وٽ ٿيو مهمان.“
(سچل ڪوهياري)

”ڀاڻ وڃائي ڀاڻ، ڳولي لهج ڀاڻ کي.“
(سچل: آسا)

”ڪو نئون سبق پڙهي، اڄ ٻن آيو او ڏهون“.
(سچل: مالڪوس)

”چڙي رڻ راهي ٿي روهن متي روجهه.“
(سچل: پهاڙي)

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڃوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڌِ
کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.
شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيکي بہ ڪٺين، جيکي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَر جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٽَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)